# ڪينجهر

(۸)

سنڌي شعبو
سنڌ يونيورسٽي
۲۰۰۲ع




تنوير عباسيءَ جي ورسي جي موقعي تي ڊاڪٽر قمرجهان مرزا،
ڊاڪٽر قاضي خادم، آغا سليم، مظهرالحق صديقي وائيس چانسيلر،
ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ ڊاڪٽر هدايت پريم



سنڌي شعبي جا استاد ۽ شاگرد ڪراچيءَ ۾ سمنڊ ڪناري

# ڪينجھر

# ٨

**سنڌي شعبو**

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

2002ع

# ڪينجهر

## (تحقيقي جرنل)

## (٨)

سرپرست اعليٰ

مظهرالحق صديقي
وائيس چانسيلر
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

سرپرست

پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم
ڊين فيڪلٽي آف آرٽس

نگران ايڊيٽر

ڊاڪٽر هدايت پريم
چيئرمين
سنڌي شعبو

ايڊيٽر

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو
آزاد قاضي

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| پيش لفظ | ڊاڪٽر هدايت پريم | |
| حصو پهريون: | | |

## پروفيسر محرم خان

| | | |
|---|---|---|
| پروفيسر محرم خان | ڊاڪٽر قاضي خادم | ٨ |
| شاعريءَ جي شروعات ۽ قديم سنڌ | | ١١ |
| قديم سنڌي شعر ۽ شاعري | | ٥١ |
| پراڪرتي شاعريءَ جي شروعات ۽ قديم سنڌ | | ٩٠ |
| سمنگ چارڻ | | ١٨٠ |
| وائي (سنڌ جي قديم سرائتي صنف) | | ٢٠٤ |
| حصو ٻيو: | | |

## ٻيا مقال

| | | |
|---|---|---|
| سنڌي ڏوني وگيان جو اڀياس | ڊاڪٽر غلام علي الانا | ٢٢٥ |
| آزاد نظم | ڊاڪٽر تنوير عباسي | ٢٥٠ |
| سچ ترٽيءَ هيٺان جو اڀياس | ڊاڪٽر قاضي خادم | ٢٦٦ |
| محمد ابراهيم جويو | ڊاڪٽر هدايت پريم | ٢٧١ |
| مرتضائي ٺٽوي جا همعصر شاعر | ڊاڪٽر ديدار حسين شاهه | ٢٨٠ |
| سنڌي شعبي جي استادن جي ڪيل تحقيق جو جائزو | ڊاڪٽر قمرجهان مرزا | ٢٩٦ |
| آغا سليم: بحيثيت ناول نويس | ڊاڪٽر نور افروز خواجه | ٣٢١ |
| غريب جي سخنوري | ڊاڪٽر انورفگار هڪڙو | ٣٣٤ |
| علامه غلام مصطفيٰ قاسمي | ڊاڪٽر عبدالجبار عابدلغاري | ٣٦٧ |
| لواريءَ جا لالَ -هڪ مطالعو | آزاد قاضي | ٣٨٦ |

# پيش لفظ

اسان جي يونيورسٽين ۾ تحقيق جو معيار ان سطح جو ناهي، جنهن جي دنيا جي ٻين يونيورسٽين سان ڀيٽ ڪجي. اسان اهڙي ڪنهن مقابلي جو سٽ ساري نٿا سگهون. تحقيق جي معيار جي ڪرڻ جا ڪارڻ گهڻا ئي هجن، اسان ڪي مڃڻ گهرجي ته اسان جي ڪوتاهين سبب ائين ٿيو آهي. يونيورسٽين ۾ ٿيندڙ تحقيق جي اهميت آهي. استادن ڪي پڙهائڻ سان گڏوگڏ تحقيق ڪرڻ جي ذميواري پڻ عائد ٿيل آهي. تحقيق لاءِ مناسب سهوليتون، جهڙوڪ ڪتاب، رسالا، ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ ۽ اي ميل وغيره به يونيورسٽيءَ پاران مهيا ڪيل آهن. استادن جو فرض آهي ته تحقيق جي ميدان ۾ اهم ڪردار ادا ڪري، پنهنجي يونيورسٽي ۽ وطن عزيز جو مان مٿانهون ڪن.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ناميارا استاد پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي ويا آهن ۽ هن وقت به موجوده استاد پنهنجي وس آهر تحقيق جي اعليٰ ۽ ارفع مقصد ۾ مصروف آهن. اسان ڪي فخر آهي ته اسان جا بزرگ استاد پروفيسر علي نواز جتوئي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، پروفيسر محرم خان ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو سنڌ واسين ڪي پنهنجون تحريرون پيش ڪري چڪا آهن. انهن جو ڪافي ڪم سنڌي شعبي جي مخزنن جهڙوڪ، پورب، پرک، سوکڙي ۽ ڪينجهر ۾ شايع ٿيل آهي. موجوده وائيس چانسيلر محترم مظهرالحق صديقي صاحب جي پهرين دور ۾ ١٩٨٧ع کان ڪينجهر تحقيقي جرنل سنڌي شعبي پاران شايع ٿيڻ شروع ٿيو. هن وقت تائين ٧ پرچا ڇپجي چڪا آهن ۽ هيءُ اٺون پرچو پڙهندڙن جي هٿ ۾ آهي. اعلان ٿيل هو ته اٺون پرچو شيخ اياز نمبر هوندو پر ڪن اٽر مجبورين سبب اسان شيخ اياز نمبر ڪڍي نه سگهياسون.

هن پرچي ۾ پروفيسر محرم خان جا تاريخي مضمون جيڪي ٽه ماهي مهراڻ ۾ ڇپيا هئا. تن جي اهميت جي پيش نظر اسان انهن کي هتي شايع ڪري رهيا آهيون. استادن ۽ شاگردن لاءِ هي مضمون، اميد ته فائديمند ثابت ٿيندا.

سنڌي شعبي ۾ ١٩٨٧ع ۾ شاهه عبداللطيف ريسرچ سيل قائم ڪيو ويو هو. پر سيل ٻه ڪن مجبورين سبب پنهنجي ڪارڪردگي ڏيکاري نه سگهيو. جناب مظهرالحق صديقي صاحب ٻيهر سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ٿي آيو آهي ته ريسرچ سيل لاءِ هڪ تحقيقي جرنل "ڪلياڻ" منظور ڪيوويو آهي. اميد ته جلد ئي ان جو پهريون پرچو شايع ٿيندو. جنهن ۾ حضرت شاهه عبداللطيف جي فن، فڪر، حياتي ۽ موسيقي وغيره تي مشتمل مقالا شايع ڪيا ويندا.

پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض آهي ته ڪينجهر-٨ ۾ ڏنل مقالن تي پنهنجي راءِ ڪان اسان کي آگاهه ڪرڻ فرمائين ته جيئن اسان پنهنجي جرنل کي بهتر کان بهتر بنائي سگهون.

**ڊاڪٽر هدايت پريم**
چيئرمين
سنڌي شعبو

حصو: پهربون

# پروفیسر محرم خان

- پروفيسر محرم خان
- شاعري جي شروعات ۽ قديم سنڌ
- قديم سنڌي شعر ۽ شاعري
- پراڪرتي شاعري، جي شروعات ۽ قديم سنڌ
- سمنڪ چارڻ
- وائي (سنڌ جي قديم سرائتي صنف)

ڊاڪٽر قاضي خادم

# پروفيسر محرم خان

پروفيسر محرم خان ولد محمد يوسف وڳهامل جو تعلق هالا تعلقي جي ڳوٺ وڳهامل سان هو. جتي سندس جنم ١٨ جولاءِ ١٩١٨ع تي ٿيو. ابتدائي تعليم ڳوٺ ۾ حاصل ڪري. انگريزي پڙهڻ لاءِ نور محمد هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو ۽ تعليم مڪمل ڪري، ان ئي اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. جتي سن ١٩٤١ع کان ١٩٥٤ع تائين استاد ٿي رهيو. پوءِ ١٩٦٢ع تائين سينٽ ميريز ڪانوينٽ ۽ نصرت ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو. ١٩٦٣ع کان سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار ٿيو. سنڌي شعبي ۾ تدريسي فرائض سرانجام ڏيڻ کان علاوه تحقيق ۽ تجسس جي عمل ۾ به سرگرم رهيو. هن جي تحقيق جو خاص موضوع سنڌ جي قديم شاعري ۽ ان جي ارتقا رهيو. جنهن تحت ٽماهي مهراڻ ۾ مقالن جو هڪ سلسلو لکيائين. جنهن ۾ "سمنگ چارڻ" جي عنوان هيٺ ١-١٩٦٦/٢ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ لکيائين ته: "هو قاضي قاضن کان گهٽ ۾ گهٽ به صديون آڳاٽو آهي. سومرن جي صاحبيءَ کان ئي سندس غوغاءُ سنجي پيو. هو اصل سنڌ ۽ ڪڇ جي سرحد لڳ "ڪيراڪوٽ" جو رهاڪو هو ۽ "ڄام لاکي" جي راڄ جو مڱڻهار هو"

پروفيسر محرم خان جو ٻيو مقالو قديم سنڌي شعر ۽ شاعري (تاريخي جائزو) مهراڻ جي ٣-١٩٦٦/٤ع جي شماري ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ سنڌ جي پهرئين تخت گاهه الور يا اروڙ متعلق لکيو اٿس ته: "مهاڀارت جي زماني ۾ 'الور' تي مهاراجا جئدرٿ 'وير' جو خاندان

حڪمران رهيو. اتان هڪڙو پراڻو پراڪرت سلوڪ پروفيسر سلوين ليويءَ تمام گهڻي کوجنا کان پوءِ ڳولي هٿ ڪيو آهي، جنهن موجب 'اروڙ' يا "روڙوا" (روڙڪ) سؤوير پرڳڻي، يعني بهاولپور، ملتان ۽ (جيسلمير) وغيره جي گادي آهي".

ونت پرم ڪلنگانام، اسڪا نانچ پوتنم،

ماهستي اونتي نام، سؤويرا نانچ روڙڪم.

ٽيون مقالو: "شاعريءَ جي شروعات ۽ قديم سنڌ" جي عنوان هيٺ (مهراڻ، ١، ١٩٦٧ع) شايع ٿيو. جنهن ۾ لکيائين ته: تحقيقات مان معلوم ٿيو آهي ته عرب اول آزاد نثر کان مسجع نثر ڏانهن مائل ٿيا، پوءِ اتان وري مقفيٰ نثر جي طرف قدم وڌايائون. آخرڪار مسجع ۽ مقفيٰ وناں بتدريج ترقي ڪندي رجز تائين اچي پهتا. انهيءَ ڪري شعر جي سڀ کان پهرين شڪل مسجع نثر ئي هئي".

چوٿون مقالو: "پراڪرتي شاعريءَ جي شروعات ۽ قديم سنڌ" جي سري هيٺ 'مهراڻ' جي ۴-١٩٦٨ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي لکيو اٿس ته: "قديم قومن کي اگرچ آوازن ۽ اچارن جي هڪجهڙائي سان نسبت ۽ انهن جي پاڻ ۾ توازن بابت ڪا به تميز ڪانه هئي، تڏهن به هو هيٺ يا مٿي جي ڪنهن به سر سان ڪونه ڪو اکر جنبڙائي ان کي آلاپيندا ۽ لوندا رهندا هئا. اهوئي سندن اوائلي 'ڳيو' (ڳيچ) هو، ۽ شروعاتي شاعري به".

اهڙي طرح پنجون مقالو: "وائي- سنڌ جي قديم سرائتي صنف" آهي. جو سنڌي شعبي جي تحقيقي جرنل 'پرک' ۾ شايع ٿيل آهي. جنهن ۾ هن ميين شاه عنات رضوي کي وائي جو پهريون شاعر ڪوٺيو آهي. پروفيسر محرم خان جو هڪ ڪارنامو "دودو چنيسر جو مهاڀ" هئو جنهن ۾ هن سنڌ جي عظيم تاريخي جنگ نامي بابت پنهنجا تحقيقي رايا بيان ڪيا آهن.

پروفيسر محرم خان پاڻ خود به سگهڙ هو، ان ڪري جو سندس

ڳوٺ ۾ ڪيترائي سگهڙ هئا جن سان سندس رهاڻ رهندي هئي ۽ خود سندس خاندان ۾ به ڪيترائي سگهڙ پيدا ٿيا هئا. لوڪ ادب ۽ لوڪ سنگيت تي سندس وڏي دسترس هئي. هو موسيقيءَ جو وڏو ماهر هئو ۽ سُر ۽ ساز جو ڄاڻو هو. سندس علمي قابليت سان گڏوگڏ هو هڪ انسان دوست شخص هو ۽ پنهنجن ساٿين توڙي شاگردن سان نهايت پيار ۽ همدردي سان پيش ايندو هو.

پروفيسر محرم خان جي مقالن ۾ تاريخي شعور، موضوع سان دلچسپي توڙي حقيقتن جي حصول ۽ گهرائي جو بخوبي اعتراف ڪرڻو پوندو. هو وسيع مطالعو رکندڙ هو. جنهن جي بنياد تي ئي هن مٿين اهم، دلچسپ ۽ ضروري موضوعن کي ڪنيو آهي، انهن مقالن پيش ڪرڻ جو مقصد آهي ته، انهن مان استاد ۽ شاگرد استفاده حاصل ڪري، سندس قابليت جو قدر ڪن.

اهي سڀ اوائلي انسانن جي آنت لاءِ اول وندر ۽ ورونهہ جو بهانو بڻيا، جنهن مان ايندڙ زماني جي شاعريءَ لاءِ پڻ ميدان مهيا ٿيندو رهيو. اهڙيءَ طرح، ايران جي اوائلي زبان 'زند' ۾ شاعريءَ لاءِ 'سَرود' (Surood) لفظ آهي، اهو پڻ بنيادي طرح ڳائڻ جي ئي معنيٰ رکي ٿو؛ جيڪو رقص و سرود جي علاوه سخن ۽ ترنم جي معنيٰ ۾ بہ استعمال ٿيو. سنڌ ۾ بہ مجوسين ۽ آتش پرست ايرانين جي اثر کان 'سَروز يا سَروج' لفظ عام ٿي ويو آهي، جو ساز-سرود (Instrumental Music) جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو. ان کان سواءِ" پارس جي پراڻي پهلوي ۽ زند زبانن ۾ خود شاعر کي بہ 'گوسم' (Gosam) يعني ڳائڪ، گويو ۽ ڳائڻو چوندا هئا[1]. انهن ڳالهين مان اندازو ٿئي ٿو تہ لفظن کي ڳائڻ ڪري، انهن ۾ جيڪا ازخود ترتيب آئي، سا ئي شاعريءَ جي اوائلي ۽ فطري صورت هئي. ايشيا ۽ يورپ جي ٻين قديم تهذيبن وانگر خود اندو-پاڪستان جي پراڻين ٻولين ۾ بہ موسيقيءَ لاءِ 'سنگيت' جو لفظ آهي. انهيءَ جو بنياد يا ڌاتو 'گيت' آهي، جنهن ۾ 'ٻول' يا شاعريءَ جو مفهوم سمايل آهي. 'سم' ان جي اڳياڙي (Prefix) آهي، جنهن جي مراد آهي 'سريلو يا سنو ڳائڻ'. انهيءَ هڪڙي ئي گفتي ۾ راڳ ۽ ڪويتا ٻئي گڏوگڏ، هڪ ئي وقت موجود آهن. اهي سڀ ڳالهيون موسقي ۽ شاعريءَ جي ساڳئي سرچشمي ۽ هڪڙي ئي بنياد يا اصل جو اعلان ڪري رهيون آهن. مطلب تہ شاعريءَ جي شروعات يعني اُن جي آغاز جو نقطو هر طرح سان سُر ۽ سَرواد آهي، جو ئي انساني ڪائنات جو اوائلي آهنگ ۽ آواز آهي. اسان کي سنڌي شاعري جي شروعات بہ انهيءَ ڪري 'ڳائڻ' مان ئي ڳولي لهڻي آهي. انهيءَ کان الڳ ٻيو ڪو بہ اهڙو چُومنتر ڪونهي، جنهن اڄ يڪايڪ شاعريءَ کي وجود ۾ آڻي ڇڏيو هجي. انهيءَ ڪري مٿي ڏسيل پارپتا، تاريخ مان تلاش ڪري، ان جو منڍ معلوم ڪرڻو آهي. ان جي جنم، نيپاج، پالڻيءَ ۽ جوانيءَ جا سڀ سلسليوار مرحلا انهيءَ اصول

(١) پروفيسر ڊاڪٽر قاضي نبي بخش، صدر شعبہ فارسي، سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد کان. زباني ٻڌي قلمبند ڪيل.

ماڻي رهيا هئا؛ جيڪي ساڳئي وقت سندن سياسي اڳواڻ به. ته وري مذهبي پيشوا به هئا. پر وهت جو ساڳيو ئي گهر. هڪ ئي وقت، مرڪزي آفيس، مندر، محلات، ڪلب، ڪورٽ، آشرم ۽ ناچ-گهر هوندو هو ڇاڪاڻ ڪاهن جو مسڪن جو ٿيو! منجهنس اپسرائون ۽ ديوداسيون، ناچ ۽ نرت، وڄت ۽ ڪيرت، ڀڄن ۽ ڀڳت مطلب ته هر قس جي حرفت جو سامان موجود هو. وقت گذرندي 'نٽ راج' (Dancing-God) يعني 'ناچ جو ديوتا' جيڪو آريائي شِو مهراج جو به ڪو پڙ-تڙ ڏاڏو هو. هتي جو مکه ديوتا مڃيو ويو. جنهن جي ريجهائڻ ۽ مڃائڻ لاءِ مٿيان سڀ ماندڻ منديا ويا. هن ڪان پوءِ ڳائڻ وڄائڻ ۽ نچڻ جو هنر، هاڻي پرستش جي پوشاڪ پائي، سوسائٽيءَ جي سمجهدار ۽ ذهين ماڻهن جي اڄي. ڪلهي چڙهيو. هيءُ آرين جي آمد ۽ سندن وٺدڪ ڪال ڪان به ڪيئي صديون اڳ وارو دراوڙي دؤر يعني قبل از تاريخي زمانو هو. جنهن جي ڪلا ۽ ڪوَت، ادب ۽ ساهت سڀ ماضيءَ جي اٿاهه ساگر ۾ غرق ٿي، هميشه لاءِ نيست ۽ فنا ٿي ويا.

هاڻي هن سنجڳ جي سرواد ۽ ناد، پڪار ۽ تنوار، فقط تصور ۾ ئي سٽي سگهجي ٿي. بيءَ حالت ۾ هزارين سالن جي تاريخ جي هن اونداهي دؤر ڪان سانگ ۽ سرود جي سهاري، انساني آواز جي آغاز ۽ شاعريءَ جي شروعات يعني ڪهنيءَ ڪلا جو ڪاٿو ڪرڻ ئي ڪنن ڪم آهي. بلڪه مٿي آيل موسيقيءَ جي اهڙن ازانگن امڃاڻن ۽ پارن پٽن پنيان لڳي پنڌ پوڻ، هڪ حد تائين جيئرو جاڳندو جنون پڻ آهي ۽ انديشو به آهي ته اهڙي انڌي عشق اختيار ڪرڻ تي عاقل ڪوئي ڠناب نه ڏين پر اهڙي پنڌ ۾ پير پائڻ ڪان پوءِ پڇتائڻ پڻ ڪانئر پڻو ۽ مورڪائي آهي. تنهنڪري 'همت بندا مدد خدا'، رب تي توڪل رکي فضا ۾ تحليل ٿيل انهيءَ الست جي ابدي آواز ۽ انهد جي انادي آلاپ کي ڪَنائيندي ڪترائيندي، ڪنهن نه ڪنهن حد ڪان انهيءَ جي ابتدا معلوم ڪرڻي آهي ۽ اتان هن ڪهاڻيءَ جو قافلو پوءِ ڪلجڳ ڏانهن پاٺهي پيو هلندو. خواجه نظام الدين اولياء رحمته الله عليه ته اهو الست

آواز بندو بشيو. اها ئي سندس پهرين گويائي آهي ۽ شاعري به. اڄ انهيءَ جي قدامت اسان جي اندازي منجهه نٿي اچي سگهي. ڊاڪٽر برني (Dr. Burney) جي تحقيقات آهي ته "آوازي سر ايترو ته قديم آهن، جو انهن جي شروعات به انساني ارتقا سان متوازي معلوم ٿئي ٿي. پيو جي نه؛ تذهن به درد، دک، محبت ۽ مسرت جا سريلا آواز ۽ ڊار وارا ڏکيا سر، دنيا جي هر ٻوليءَ، راڳ ۽ شاعريءَ جو مهاڳ آهن. جذباتي ۽ امنگ وارن آوازن ۾ صاف، قدري خاص لهجي ۽ جهيل وارو سر ڪيي، جو منڍ ۾ سڄي انسانذات لاءِ ساڳيو ئي رهيو هوندو؛ سواءِ ان امتياز جي، جيڪو عمر، جنس، نرڙيءَ جي اثر ۽ انداز ۾ اچي سگهيو ٿي. ....ويندي جيسين مختلف قومن جي مخصوص عادت آهر الفاظ مقرر ٿيا[1]." خود لفظن جي تقرر ۽ ٻوليءَ جي ارتقا شروع ٿيڻ کان به اڳ، جيئن ڊاڪٽر ڪرٽ سڪس (Dr. Curt suchs) جي دعوا آهي ته "انسان ڳائيندا هئا. ڪين ڪونه ڪو آواز يا ڪو به سر، جيڪو به ور تي چڙهي ويو ته ان کي سڌي گس ئي تنوارنيدا رهندا هئا. ان ۾ سڪٿو سر ئي سندن امنگ جو اظهار ۽ جذبي جي تسڪين لاءِ ڪافي هو. .... هيڪر سندن آواز چالو ٿيو ته يڪدم تيز ڪائي وڃي متي گهمسان جي ٽيپ تي پهچندو هو ۽ اتان نرڪي هيٺ ڪرندو، قسم قسم جا جهنگلي جذباتي ۽ خوفناڪ آواز ۽ واڪا ڪندو رهندو هو[2]." هن حوالي مان اها ڳالهه آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي ته بي معنيٰ، ڊگها ۽ جهيل وارا آواز (Long-vovels) جهڙوڪ: آ، هو، او، ها، اي، هي وغيره، انسان جا ابتدائي ۽ اوائلي 'ڳيا' آهن. غالباً اهڙي اڪيلي ئي آواز کي هر وقت ڳائيندو رهڻ سپوجهن کي سٺو نه لڳو هوندو. تنهن ڪري ممڪن آهي ته باشعور ۽ جدت پسند سگهڙن پوءِ ان ۾ اضافو آڻي اندازاً اڌ لک سالن کان ٻنا حرف علت ڳائڻ شروع ڪيا ويندا! جهڙي طرح آهو، اهو هو، آهي، ها اي، اوها هي او... وغيره، جيڪي آوازن جي صورت ۾ گويا بي معنيٰ ننڍڙا لفظ آهن. تن مان هرهڪ پنهنجيءَ جاءِ تي هنن لاءِ پورو ڳيت يا ڳيو هوندو. رڳو اڄ ئي ڏسو،

(1) Prajnananada: Historical Development of Indian Music: p. 49.
(2) Prof: O. Gosvami: The Story of Indian Music. (1961) p. 2.

جهنگ ۾ ڳنوار ۽ ڏراڙ. مال کي هونڪار ڏيندي بلند آواز سان جيڪو (سر پهاڙيءَ ۾) آلاپ ڪندا آهن. تنهن جي متن ۾ اڄ تائين بہ اهڙا بي معنيٰ، ڊگها ۽ ٻٽا حرف علت هوندا آهن. اهو هونڪارو ڪجهہ هن طرح هوندو آهي. 'هو (اون) هو، اَ هو هو، آ هو، هو آ هو، هو هو، اَ هو... وغيره اها هونڪار اڄ بہ قديم شڪارين جي 'آوازي ڳيت' جي چڻ تہ ياد ڏياري رهي آهي. پروفيسر ايڊورڊ مئڪڊوويل (Prof: Edward Macdowell) جو دليل آهي تہ "تهذيب جي شروعاتي تاريخ مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ منڍ ۾ انسان ڪو بہ آواز يا سر چٽو ڪڍي نہ سگهندا هئا. انهن جو آواز مختلف مقامات ڏانهن ترڙندو رهندو هو. انهيءَ سبب ڪري، سندن سُر لاشعوريءَ ۽ بيخبريءَ ۾ مقرر آستان کان هڪڙو ڏاڪو هيٺ يا مٿي، چڙهندو ۽ ڪِرندو رهندو هو[1]."

مٿين حوالي مان هي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ انهيءَ سبب انسان لاءِ هاڻي 'هڪ سري' راڳ کي ٽن مختلف سرن ۾، يا ڳهٽ ۾ ڳهٽ هيٺ مٿي جي ٻن آوازن (کرج ۽ رکب) ۾، جهونگارڻ جو اوائلي آزمودو اتان ٿي ٿيو هوندو! ڊاڪٽر بوشر (Dr. Bucher) جي انڪشاف مطابق "ظاهر آهي تہ اهي لاتيون، جهيلون ۽ جهونگارون ڳائڻ جي ٻالجتيءَ واري زماني جو هڪڙو ابتدائي خاڪو، هڪڙو پيرو يا ڍانچو هيون. انهن ۾ لئي تال جي مطابق اجا لفظن جو پراءُ ٿيئو هو. جن جي سرائتي صورت ايندڙ ڳيت سنگيت جي پيڙهہ رکڻ ۾ مک وسيلو ثابت ٿي. اها ايندڙ زماني ۾ جتي ڪٿي غنايت جي بناءُ بڻي[2]."

(ب) سرائتو لفظ (Word poem):

ڊاڪٽر ڪرٽ سڪس (Dr. Curt Suchs) ٻڌائي ٿو تہ "انهيءَ سان گڏوگڏ پيو بہ هڪڙو سلسلو اسري رهيو هو. ڪي سچاڻ، شروعاتي ٻوليءَ جي ڪن اچارن جا ماهر ٿي چڪا هئا. انهيءَ ڪري هڪڙو بي معنيٰ لفظ ١ هڪ تمام ننڍڙو بي مطلب گفتگو. بطور متن جي اهڙي جهونگار ۾ مڙهيو ويندو هو ۽ اهو لفظ يا گفتو، اهڙن ٻن، (ٽن؟) سُرن جي وچ ۾ آلاپيو ويندو هو. جيڪو هڪبئي کان ڪيتري بہ

(1) Prajnananada Swami: Historical Development of Indian Music: p. 46.

(2) Prof: O. Gosvami: The Story of Indian Music-Bombay. p. 3.

۾ ايڊورڊ مئڪڊو ويل وڏيڪ ايترو به ٻڌايو آهي ته: اهي آلاپ ۽ لاتيون يا تنوارون به لفظي محاوري يا فقري (Word sentence) سان موافق ۽ متوازي هونديون هيون"[1] اهڙيءَ طرح، اندازاً ست هزار ق. م. کان، چراگاهي دؤر ڏاري، ٻن لفظن جي ننڍڙن فقرن يا محاورن (Phrase-songs) جي ڳائڻ جو دؤر چالو ٿيو، جي فقط ٻن-ٽِن سُرن جي ميلاپ سان ڳايا ويندا هئا. اهڙا ڇوٽڙا فقرا ۽ ننڍڙا محاورا پوءِ جيتوڻيڪ پوري ڳيت جي حيثيت ڪڏهوڪي وڃائي ويٺا، تڏهن به راڳن ۾ زائد يا ثانوي حيثيت سان پوءِ به ڪنهن ڪنهن شڪل ۾ ايندا رهيا. اهڙا سريلا فقرا ۽ ٻول (Phrase Tunes) جن جو مٿي حوالو آيو آهي، ڪجهه مٿيل شڪل ۾، ڪنهن ڪنهن صورت ۾ ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان ٽڪندا آيا آهن. مٿين محاورن جي مترادف ڪي ٻول هتي پيش ڪجن ٿا، جي مقفيٰ، مسجع يا سادا آهن. مثال: اڄڪلهه راڳ چالو ڪرڻ وقت عقيدت وچان جيڪو 'سبحان الله'، 'هريرام' وغيره چوندا آهن، تنهن جو مطلب ته صاف آهي. پر ڳائيندي ڳائيندي وچ ۾ جو 'ٻلوڙي ٻلو، ٻلوڙي يار، ٻلو ٻيلي، ٻلو ميان، الو ميان، الو الو، وو وو...' وغيره چوندا آهن ۽ پنجاب جي ٻيلوا ڳيتن ۾ وري 'هلابيليا، هلابيليا' ۽ مرزا صاحبان جهڙن رومانوي داستانن ڳائيندي وچ ۾ جيڪي ڏگها ڏار وارا ۽ سريلا 'سڏ' وجهندا آهن 'او ٻيليا هو' يا پنجابي جاٽن جون 'ٻوليون' جيڪي ناچ جي مستيءَ ۾ جڙواڳ تي ٻوليندا آهن؛ اهڙي طرح پشتو 'ٽپي' (لنڊيءَ) جي ڪٿيءَ ۾ پختون جوان، ويهن ٿي نَهن جو زور لڳائي چوٽ تي چوندا آهن 'ياڪه زار' ۽ 'ياقربان' وغيره؛ اهي سڀ قديم آوازي فقري (Phrase Tone) ۽ پراڻي ٻول (Word sentence) جو ئي ميل معلوم ٿين ٿا، جو ته جديد شاعريءَ توڙي معياري ٻوليءَ ۾ انهن جو ٻيو ڪو به مفهوم يا ڪا به معنيٰ ڪانه آهي.

**(د) ڳائڻ ۽ ڳالهائڻ (Poetry & language):**

قديم شاعريءَ جي قافلي جو مٿين منزل تي اچڻ کان اڳ، استادن جو هڪڙو وڏيڪ ويچار پڻ ورجائڻ جهڙو آهي. "جڏهن بي

---

(1) Prajnananada: Historical Development of Indian Music, pp. 44-46.

اچار ۽ غير مرتب بولي، ڪن علامتن ۽ اچارن جو سهارو ورتي، خيال جي اظهار ڪرڻ لاءِ قابل ٿيڻ لڳي، تڏهن ڏکهن ۽ سرائتن آوازن واري اظهار جو طريقو ترڪ ڪري، پنهنجي جداگانہ حيثيت قائم ڪرڻ لڳي ۽ اتان ئي بوليءَ جي امتيازي شروعات ٿي. لفظن ۽ معنيٰ جي ترتيب ۾ هيءَ هڪ وڏو فني ۽ لساني ڪارنامو هو. هن ئي حد تان ڳيچ يا ڳيتو بہ انساني امنگ ۽ جذبات جي ترجمانيءَ لاءِ مخصوص ٿي ويو ۽ رواجي گفتار کان هميشہ جي لاءِ ممتاز بڻجي ويو[1]." هن کان پوءِ وارا انسان بي تہ ساري ڳالهہ بولهہ لفظن، گفتن، محاورن ۽ فقيرن ۾ نباڻيندا رهندا هئا، پر جڏهن بہ ڳائڻ جو امنگ اٿندو هونِ تڏهن پنهنجا احساس ۽ مشاهدا وري بہ جهيل ۽ ڍار يا سُر ۽ تار ۾ ئي پلٽيندا هئا[2]." - "هاٿي اهو ڳائڻ يا ڳيت جيڪو هزارين سالن کان رواج ۾ اچي چڪو هو، سو وڌندو ويجهندو ترقي جي هڪ اهڙي فنيءَ منزل تي اچي پهتو هو؛ جتان علحده بنيادن تي ان جا بہ مختلف حصا معلوم ڪيا ويا. انهن مان 'پهريون' پاڳو، مئڪدو ويل جي چوڻ موجب، 'خالص اعتقادي بنياد وارو هو، جيڪو ديوتائن يا بزرگن جي واتان نڪتل وائيءَ (وائيءَ) جو رسمي پڙاڏو يا ڏرمي روپ هو، ۽ خطابت جو فن بہ انهيءَ حصي مان اسريو- جنهن ۾ جوش وارو ڳالهاءُ، ان وقت جي نفسياتي طرح اظهار جو تقريباً مڪمل طريقو هو، تنهن ۾ آواز جي لات وري ان کي ابدي اولاٿو عطا ڪيو.' (ان ۾ اول تڪون ۽ ڪليون، بول ۽ جملا ڳائجڻ شروع ٿيا، جن پوءِ پڄن ۽ پڳتيءَ جو بنياد وڌو.) ڳائڻ وڄائڻ جو ٻيو مک پاڳو وري 'تخميني يا اندازي' هو، جيڪو هٿن پيرن جي حرڪتن يا جسم جي جهومڻ ۽ جهولائڻ مان پيدا ٿيو. تنهن گهربل تڙپ ۽ ولولو پيدا ڪيو. ناچ، نرت ۽ رقص جو رواج اتان ئي اسريو[3]:" انهن ٻنهي پاڳن مان هيل تائين فقط پهرئين اڌ يعني ناد يا سُر (Air) جي پڇار ٿيندي پئي آئي آهي، جنهن ۾ آوازن ۽ لفظن، گفتن ۽ محاورن، فقرن ۽ تُڪن، ڪلين ۽ بولن يا جملن ۽ مصراعن جي ڳائجڻ تائين بيان ٿي آيو

---

(1&2) Prajnananada: Historical Development of Indian Music: p. 43.
(3) Historical Development of Indian Music: pp. 48-49.

اوائلي انسان، رات جي رهاڻ ۾، جيڪڏهن سڄيون راتيون، باهه جي چوڌاري ويهي ڳائين ۽ تاڙيون ٺهڪائين، ته صبح جو سندن هٿ ضرور سور ڪندا يا سُڄي پوندا هئا. تنهنڪري سياڻن انهن جو بدل سوچيو ۽ ڪاريگرن کي موسيقيءَ جي آله سازيءَ جي ڪارخانن قائم ڪرڻ جو خيال آيو. اول انهيءَ مطلب لاءِ پنج هزار ق. م. ڌاري، ٺڪريون آزمائي ڏٺائون. پر اهي اوچتو ڀڄيو پون. ته بزم جو سارو ئي رنگ 'شُونُ' ڪري اپ ڏي اڏاميو وڃي ۽ ڳائڪ نائڪ وات ڦاڙي وائڙا ٿي ويهو رهن! هاڻي ڪلاڪار وڏي ويچار ۾ پئجي ويا. آخرڪار استادن هوش هلائي، ڪاٺ جي ٻن چپڙين مان 'ڪرڙتال' (Castanets) جهڙو انوکو ۽ عجيب ساز ايجاد ڪري ئي ڏيکاريو! هاڻي ته ڳائڻ لاءِ مڪمل وڄت (Jazz-Drums) وجود ۾ اچي ويئي. (پوءِ ته ڏاڍو مزو ٿيو هوندو!) سنڌو ماتريءَ جي کيترن ئي کهنڊرن مان به ڪرڙتالون هٿ آيون آهن.[1]. ڪرڙتال لفظ جي معنيٰ به هٿ جي تري (Palm) آهي. گهڻو پوءِ، ٻه هزار ق. م. ڌاري، جڏهن مسترين ٽامون ۽ ڪنجهو (Bronze) ڪمائڻ شروع ڪيو. تڏهن ڪي شوقين شاعر ۽ ٺٺراڄ ٻنهنجي لاءِ پتل جا گول ڪرڙتال (جانجهه) ۽ ٽالهيون (Cymbals) ايجاد ڪرڻ لڳا. تلفظ جي اعتبار کان ٽالهي يا ٽالي لفظ به تالي يا تاڙيءَ مان نڪتل معلوم ٿئي ٿو. آثار قديمه وارن کي به اهڙيون ننڍڙيون ٽاليون (جانجهه) مليون آهن. اهڙو انڪشاف پروفيسر اسٽوئرٽ پگٽ به ڪيو آهي. هنن نون سازن وري ڇيڄ هڻڻ لاءِ جادو جاڳايو. جو ته ناچ ۽ تال اول کان ئي هڪٻئي جي جند ۽ جان آهن. سماع جي وجد ۾ جهولڻ جهومڻ، ۽ تار تي پيرن جي پنبي هڻڻ سان ئي هيءُ لطيف فن جاري ٿيو. انهيءَ ڪري ساهت، سنگيت، چند ۽ ڳائڻ ودِيا ۾ اڃ به 'چرن' (Foot) لفظ جي معنيٰ ٺڪ يا ٻول يا گفتو ڳائيندا هئا. انهيءَ کي اول 'چرن' چوندا هئا. (پيرن جي ٺمڪ تي 'ٺمري تال' به ٺهيو آهي، انهيءَ تال ۾ جيڪي ڳايو ويو سو به 'ٺمري' سڏجڻ ۾ آيو.) جهمر ۽ رقص

(١) "واديءَ سنڌ کي تهذيب": ص ١٥٥ ۽ ١٩٠ محمد ادريس صديقي. محڪمه آثار قديمه پاڪستان.

جو رواج وادي مهراڻ ۾ موسيقيءَ جي بلڪل پهرينءَ پڪار يا اولين صدا (The first cry) سان گڏ ئي شروع ٿيو.

موسيقيءَ وانگر نرت ۽ رقص پڻ شاعريءَ جو بنيادي محرڪ آهي ۽ انهيءَ جي پرورش ۽ پالنا ۾ پڻ پورو حصو ورتو اٿس. رقص جي قدامت بہ ڪٿڻ کان ٻاهر آهي. دنيا جي پراڻن پهاڙن ۽ انهن جي غارن ۾ هزارين سال اڳ وارن جهنگلي انسانن جي ڪماڻ سان شڪار ڪرڻ ۽ ناچ جون تصويرون جبلن ۽ غارن جي پٿرن تي نڪتل مليون آهن. تنهن کان سواءِ "هڪڙو هو بادشاهہ... وغيره" اهڙيون اڻ لکيل يا زباني لوڪ ڪهاڻيون، جي دنيا جو اوائلي ادب توڙي تهذيب ۽ تمدن جي تاريخ جو منڍ آهن؛ انهن آکاڻين ۾ عاشق (سورمون) اڪثر پرين جي ملڪ ۾ پهچي ٿو. يا ڪنهن بادشاهزاديءَ جي باغ ۾ وڃي ٿو نڪري. تلاءَ جي ڪناري تي ڪماريءَ جون سٺ سهيليون مڙن ٿيون، يا پرين جي ڪا ٽولي اوچتو لهي اچي ٿي. پريون چانڊوڪيءَ ۾ ناچ ڪن ٿيون، يا راجڪماريون باغ ۾ گڏجي ڳائين ۽ نچن ٿيون. اتي آکاڻيءَ جو سورمون سائن 'سنگت' ڪندي، سدائين ڊولڪ وڄائيندو نظر ايندو آهي. اسان جي اڪثر آکاڻين ۾ مٿين منظر جو هجڻ، سنڌ ۾ ناچ جي قدامت جو چٽو دليل آهي. ڏيڍ هزار ق. م. کان گهڻو اڳي، اهو فن هتي وڏي عروج کي پهتو.- "موهن جي دڙي مان ديوداسيءَ يا 'نرتڪيءَ' (رقاصہ) جو ڪَنجهي مان ٺهيل پتلو ۽ هڙپہ مان پٿر جو پتلو، جنهن ۾ 'نٽ راڄ' يعني ناچ جو ديوتا عالمِ رقص (Dancing-pose) ۾ مجسم ڪري ڏيکاريو ويو آهي. انهيءَ ڳالهہ جو ڪليل ثبوت آهن، تہ واديءَ مهراڻ ۾ ناچ کي انهن قديم ماڻهن جي مذهبي رسمن ۾ مک جڳهہ هئي ۽ پوڄا جو خاص حصو سمجهيو ويندو هو[1]." ڪاٿي ميئر (Kathi meyer) قديم مذهبي رقص لاءِ چيو آهي تہ "ڪافي مدت تائين ڳائڻ جو دارومدار ئي ناچ تي هو. جو ڪڏهن بہ ان کان الڳ نہ رهيو. ڇاڪاڻ تہ تمام آڳاٽي زماني ۾ انسانن جي زندگيءَ تي ريتن رواجن جو

(١) "واديءَ سنڌ جي تهذيب": ص ١٥٥ ۽ ١٧٤. محمد ادريس صديقي، محڪمہ آثار قديمہ پاڪستان.

هڪ تمام ڏکيو چار جانيل هو. جيڪي گويا انهيءَ زماني جون مذهبي رسمون هيون. بلڪ هي جڻ تہ نچ پوڄائون هيون. جيڪي بلڪل سچيءَ دل سان مجيون ملاميون ويندڙيون هيون. انهن ۾ دعائون ۽ گيت رڳو ناچ جي ساٿ ڏيڻ لاءِ هئا ۽ جن کي فقط ثانوي حيثيت هوندي هئي. ناچ انهن سڀني تي حاوي هوندو هو. ڇاڪاڻ تہ ان کي ئي ڪرشمي ۽ ڪرامت جو راز سمجهيو ويندو هو. انهيءَ ڪري ئي آڳاٽن گيتن ۾ هر هنڌ سنگيت جو هنر هيٺئين درجي تي ئي رهيو. هري هري مذهب جي رغبت جذهن لفظي اظهار ڏانهن وڌندي ويئي، تڏهن دعائون ۽ منتر بہ ڏرمي ناچ جي برابر ابري آيا. پر دنياوي جشن ملهائڻ ۾. وندر جو ڳائڻ ۽ بوءِ بہ ناچ جوئي پانهون رهجي ويو[۱]."

مٿي جيٽرين نڪرين تڪرائڻ جو اشارو اڃي چڪو آهي. دراصل، ڪانيءَ ۽ ڪنجهي ڪمائڻ ڪان گهٽو اڳ، واديءِ سنڌ جا رهواسي اٽڪل ۵۰۰۰ ق. م. ڌاري، مٽيءَ مان مَٽ ۽ دلو (ڊمبرُو) بنائي باهہ ۾ پچائڻ سکيا هئا. گهٽو پوءِ گهڙي جي منهن تي هٿ هڻڻ سان کنهن کي 'گهمڪ' جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. سو ڪٿي اڃي مندر جي مقدس تبرڪات ۾ شامل ڪيائينس تہ ڪيرت ۽ ڀڄن ۾ ڀيڙو ٿئي. ديوان جيرامداس دولترام جي کوجنا آهي تہ "انهيءَ کي گهٽ ۾ گهٽ بہ ۳۰۰۰ سال ق. م. تہ ضرور ٿيا هوندا[۲]." - "پراڻي زماني جا اهڙا گهڙا بہ مليا آهن، جن جي منهن تي کل مڙهي انهن کي وڄائيو ويو هو. انهيءَ هڪ- منهين گهڙي تان کنهن کي وري بہ-مهين گهڙي بنائڻ جو خيال آيو. انهيءَ لنبوتري گهڙي کي ٻنهي پاسن کان مڙهي 'مِرڊنگ' (Mirdang) تيار ڪيائون[۳]." انهيءَ ڪري مرڊنگ لفظ جي معنيٰ ئي آهي 'مٽيءَ جو نهيل'. جيڪو اڃا تائين مهاراشٽر ۾ 'گهومٽ' جي نالي سان جيئرو آهي ۽ آگرين سان وڄائڻ جي بجاءِ هٿ جي ترين سان وڄائڻ جو ساز آهي.

---

(1) Prof: O. Gosvami: The Story of Indian Music. p. 20.

(۲) هندواسي. مئي ۱۹۵۷ع

(۳) "هماري موسيقي": صفحو ۱۰۸. اداره مطبوعات پاڪستان. (انٽرنيشنل پريس ڪراچي)

ڪنهن خوفناڪ ۽ خونخوار درندي جي حملي کان بچڻ لاءِ. اگر سان انهيءَ ڏور کي وڄائي، هڪٻئي کي فوري خطري کان خبردار ڪندا هئا[1]. گويا هيءَ سندن مخفي سخن گوئي (Code-word) هئي. ٻاڻ جو ٻرندڙ آواز (wave sound) جو اهڙيءَ طرح انهن جي حالياتي ٻڌيو ۽ سڃڻ ثابت ٿيو تہ سندن ڪنّ کي هونءَ بہ سيبائڻ لڳو. واندڪائيءَ ۾ بہ وڄائي ان جو حظ حاصل ڪرڻ لڳا ۽ رات جي رهاڻ ۾ بہ ان سان آواز ملائڻ لڳا. انهيءَ جو آواز گهري ۽ گنڀير هئڻ ڪري، پهريائين فقط انهن کي 'آس' (Drone) جو ڪم ڏيندو هو. پانڇي ٿو تہ هاٿوڪي سرگم جي ستن سرن ۾ هيٺئين ۾ هيٺيون آواز يا پهريون سُر 'سَ' (سَڊَجَ)، جنهن جي سوامي سنڪرانند جي چوڻ موجب معني آهي هيٺ 'پٽ تي پيل'، سو اول انهيءَ گهري ۽ گنڀير آواز تي مقرر ٿيو[2]. انهيءَ 'ٻاڻ' يا 'واڻ' کي ئي پوءِ 'اِڪتانتري واڄ' يا 'اِڪتاره ويڻ' (يعني يڪتارو) چيو ويو. جيڪو دنيا جي سڀني ڪُهنين قومن جو قديم ترين ساز آهي. آواز کي وڌيڪ گونجائڻ لاءِ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ جدا جدا قسم جو ڪوڪو (Frame) ان سان شامل ڪيو ويو ۽ بتدريج تندن جو تعداد بہ وڌايو ويو. هينري بئلفور (Henry balfour) 'موسيقانہ ڪماڻ جي ارتقائي تاريخ' (١٨٩٩) ۾. انهيءَ ڳالهہ کي واضح ڪري ٻڌايو آہ تہ شڪارين جي ڪماڻ ئي اصل ۾ سڀني تند وارن واڄن جي پيدا ٿيڻ جو سبب ۽ وسيلو بڻي آهي[3]." جنهن مان پوءِ ستار، سرندا، رباب ۽ تنبورا وغيره بنايا ويا. موهن جي دڙي واري تصويري خط ۾ بہ چنگ ۽ هارپ مهرن تي نقش ٿيل مليا آهن. *

"مصر ۾ ٤٠٠٠ ق. م. جو مصري ساز 'بو هارپ' (Bow harp) معلوم ڪيو ويو آهي. جو هندستان ۽ ايشيا جي ٻين

(1) Historical Development of Indian Music: p. 358.

(2) Prof: O. Gosvami: The Story of Indian Music. p. 7.

(3) Historical Development of Indian Music: p. 365.

* واديءِ سنڌ کي تهذيب": ص ١٥٥. محمد ادريس صديقي محڪمہ آثار قديمہ پاڪستان .

شروعاتي 'شاعريءَ' سان آهي. ڳائڻ وڄائڻ کي تہ هڪ وسيلو ۽ بهانو بڻائي، انهيءَ جي رهبري هيٺ ڪويتا جا ڪهنا پڙا ء ڪندر ڪوتيا ويا آهن. ٻيءَ ڪنهن بہ طرح سان اسان وٽ آرين کان اڳ وارين قومن (Tribes) ء 'جاتين جي ادبي تاريخ تہ موجود آهي ئي ڪانہ!

**جاتيون** ('The tribal tunes' or 'The Airs'):

متي اڳي ئي ڊاڪٽر ڪرٽ سڪس جو حوالو ڏنو ويو آهي تہ:

منڍ ۾ هرهڪ جاتيءَ يا قبيلي جا ڳيا ۽ ٻول پنهنجي پنهنجي نموني سان ڳائبا هئا. انهن جي نوعيت جيتوڻيڪ ٻين سڀني جاتين کان علحدي نموني جي هوندي هئي؛ پر ساڳئي گفتي يا ٻول (Phrase song) ۾ خاص طرح ۽ ساڳئي جاتيءَ جي مڙني جهونگارن (Tribal Air) ۾ عام طرح 'ڳائڻ' جي شڪل ساڳئي هوندي هئي. هتي جاتي لفظ، جيئن ظاهر آهي، اصل ۾ انهن ٻاڳين ۽ مالوند قبيلن (يا ٻوءِ زراعتي دؤر ۾ ساٿن گڏ وچڙ ٿيل ٻين ڪيتي ڪندڙ هارين) ء مالدارن جي جدا جدا ذاتين (Clans) واسطي ڪتب آيو آهي. انهن مان اٺن-ڏهن ذاتين جا نالا اڳي ئي متي ڄاڻايا ويا آهن. ۽ ٻيا نالا هيٺ بہ ايندا. پر انهن جو پورو تعداد معلوم نہ آهي. جدا جدا شاسترن ۾ جاتي ڳيتن جو تعداد ارڙهن ڄاڻين بہ آيو آهي. اهو غير آريائي قبيلن جو تعداد سمجهڻ گهرجي. ايندڙ زماني جي اجنبي آرين ساڳيو لفظ قديم قبائلي ڳيتن ۽ پراڻن ٻولن جي مجموعي نالي وانگر پڻ ڪتب آندو آهي. اهو ٻنيءَ معنيٰ وارو منجهائيندڙ لفظ، ٻوءِ جي سنسڪرتن ساهت ۽ سنگيت ۾ بہ ٻنهي معنائن سان ڪم ايندو رهيو. انهيءَ طرح انڊو-پاڪستان جي 'شروعاتي شاعريءَ' ۾ اسان کي براتي ۾ پراڻيءَ جنهن شاعرائي صنف جو نالو معلوم ٿي سگهيو آهي، سو بہ اهوئي 'جاتي' لفظ آهي. اهي 'جاتي ڳيا' آرين جي اچڻ کان گهٽو اڳ ست هزار ق. م. ڌاري، چراگاهي دؤر کان ئي چالو ٿيا هوندا. جيڪي زراعتي زمانو بہ گذاري ء عبور ڪري، آريائي آمد تائين باقي رهيا. - "جاتي ڳيو، ڪو اڃوڪيءَ معنيٰ وارو 'ڳيت' ڪونہ هو. پر ان جو خالي هڪڙو ابتدائي خاڪو يا

بہ سوراخن جو ڳاڻيٽو هر حالت ۾ پنجن کان گهٽ ٿي بيهي ٿو. هتي بانسريءَ جي بنيادي آڪاٽي فقط ڊيگهہ ٿيڻ جي ڊپ کان نہ ڏني ويئي آهي. دراصل بانس جي ٻيلن ۾ طوفان لڳڻ سبب، اوائلي انسانن کي سيٽين جهڙا سُر ٻڌڻ ۾ آيا. (بشنو از نئے چون حڪايت مي ڪند!.) انهن آوازن ٻڌڻ ڪري انسانن کي بانسريءَ بنائڻ جو خيال آيو. بانسري بہ دنيا جو پراڻي ۾ پراڻو ساز آهي. منڍ ۾ بانسري فقط 'آس' (Drone) جو سُر ڏيندي هئي. پوءِ جيئن جيئن وڌيڪ سُر معلوم ٿيندا ويا، تيئن تيئن سوراخن جو تعداد بہ وڌندو ويو. واديءَ سنڌ ۾ بانسريءَ کان علاوه ٻيا ساز پڻ ايجاد ٿيندا رهيا، جن مان ڪن جو احوال تہ مٿي تفصيل سان بہ اچي چڪو آهي. انهن ۾ وڄت جا ساز: ڪرتال، ٿالهي، جهانجهہ، گهڙو، مردنگ، پکواج ۽ ڍولڪ، ناچ ۾ ٿاپ ڏيڻ لاءِ ضروري هئا، تن سان گڏ ويڻا ۽ بانسريءَ جي بہ سنگت ٿيندي هئي. شڌ جاتي ڳين جا جيڪي ڳڻ ٻڌايا ويا آهن، انهن ۾ هڪڙو هيءُ بہ آهي تہ "جاتي ڳيا الڳ الڳ تال ۾ ورتايا ويندا هئا[1]." "جاتي ڳين جو ٻيو وڏي ۾ وڏو ۽ مک ڳڻ جيڪو ليکيو ويو آهي، سو هيءُ آهي تہ جاتي ڳين جو بنياد نرت ۽ ناچ تي هو[2]." جاتي ڳيا، نرت کان سواءِ سانگ (ناٽڪ) ۾ بہ خاص طرح سان لاڳو هوندا هئا[3]." پوءِ ڇاڪاڻ تہ جاتي سنگيت گهڻو ڪري سانگ رچائڻ جي ئي ڪم ايندو هو، تنهن ڪري ان کي 'نتيہ ڳيا' (نرتيا ڳيت Stage song) چوندا هئا. جنهن جي معنيٰ آهي تہ اهي سريلا ڳيت جيڪي ناٽڪ سان لاڳو هجن[4]." دراصل، اهڙ ڳائڻ وڄائڻ توڙي تال ۽ ناچ اوائلي انسانن جي لاءِ رات جي فرصت ۾ ايڏو تہ عام هو، جو اهو گويا انهن جي عادت بڻجي چڪو هو. اها بہ پڪ آهي تہ انهيءَ پنيان ضرور ڪو ڌرمي ۽ مذهبي پس منظر بہ هوندو، ۽ ڪي وهم ۽ وسوسا بہ پوشيده هوندا! "مذهب جي ارتقائي مطالع مان بہ پتو پوي ٿو تہ سڄيءَ دنيا ۾ مذهبي رسومات جي ادائگيءَ لاءِ ڳائڻ ۽ نچڻ نہ فقط عام هو، پر بيحد ضروري پڻ

(1 & 2) Historical Development of Indian Music: p. 344. & p. 170.
(3 & 4) Historical Development of Indian Music: p. 130. & p. 67.

هو[1]." شروع ۾ ڳائڻ- وڄائڻ فقط مذهبي رسمن (Rituals) بندگي (Worship) ۽ دعائن (Prayers) لاءِ مخصوص هو. جيڪو پوءِ (زراعتي دؤر ذاري) وسين ۽ واهڻ ۾ به ڳائجڻ لڳو. انهيءَ کي پوءِ 'گرام ڳيا' ڪوٺيو ويو[2]." گرام ڳيا اڳتي جدا عنوان سان بحث هيٺ ايندا. في الحال جاتي ڳين جو بيان ٿي رهيو آهي. "جاتيون انهيءَ ڪري گرام ڳين (۽ راڳ-ڳيتيءَ پنهي) جو اصل يا اڳواڻ آهن[3]." - جاتي ڳيا، ڳائڻ وديا جي شروعات ۾ پڻ نج پدري (جٽبندڙ = Parent) قسم جا ڳيت مڃيا ويندا هئا ۽ اهي ست بنيادي 'لوڪيڪا' (Loukika) يا ديسي راڳ سمجهيا ويندا هئا[4]." جدا جدا شاسترن ۾ انهن جو تعداد گهٽ-وڌ ڄاڻايل آهي. جنهن جو سبب هيءَ ٿي سگهي ٿو ته نوان آيل آريه، پهريائين ته اهڙن سيني ڳين کي شايد هڪ ئي نموني ۾ 'رڍون مڙيئي بوڪ ڪاريون' سمجهندا هئا ۽ پوءِ هري هري هنن ۾ ڪڏهن گهوڙي جي تميز آئي هوندي! پهريائين ته بلڪل مک ۽ وڏين قومن جا ڪي مقبول عام ڳيا سڃاڻي سگهيا هوندا. پوءِ جيئن جيئن ڪين جدا جدا ذاتين ۽ قبلين جي نرالن ڳيتن ٻڌڻ جو وارو ملندو رهيو ۽ انهن جي وچ ۾ ويڇي ڪرڻ جي ساڃهه منجهن وڌندي آئي؛ تيئن تيئن انهن جو تعداد به وڌائيندا، چار، ست، ڏهه، چوڏهن، ارڙهن، ويندي ويهن تائين به مڃيو اٿن. جن ڪتابن ۾ انهن جو تعداد مختلف مليو ٿو، انهن جو وچور ڏيڻ جي هت ضرورت نه آهي. باقي اهڙي فرق ڄاڻائڻ لاءِ هت هڪڙو هاٿوڪو مثال پيش ڪجي ٿو: 'ڳيا' لفظ اسان وٽ اڄا به موجود آهي، جيڪو شاديءَ جي ڳيچن جو اصلي نالو آهي. اهي شادين جا ڳيا، اسان جي غنائي شاعريءَ جي تمام پراڻي ۾ پراڻي جنس آهي، جا پاڻ بچائيندي، ويس مٽائيندي، ڪنهن طرح سان سلامت رهندي آئي آهي. انهيءَ ۾ به ڏسبو ته جدا جدا ذاتين ۽ نياتين جا، يعني 'سماٽ' جا ساڻ ڳيا پنهنجا، 'پروچن' جا ڳيت پنهنجا، اهڙيءَ طرح 'ٿري' ۽

(1) Prof: O. Gosvami: The Story of Indian Music. p. 5.
(2) Prof: O. Gosvami: The Story of Indian Music. p. 89.
(3 & 4) Historical Development of Indian Music: pp. 68 & 68.

'ڏاني' لوڪن. توڙي 'سرائڪي' ڳالهائيندڙ ذاتين جا ڳاچ اڄ به هڪبئي کان مختلف شڪل جا آهن. اهڙوئي اختلاف، ڊاڪٽر ڪرٽ سڪس جي چوڻ موجب، پراڻين قومن جي ڳائڻ منجهه به هو. انهيءَ ڪري ئي جاتي ڳيا الڳ الڳ نڪن ۽ ڀاڱن تي ڳنڍيا ويا. اهي علحديون نڪون ۽ نياتيون، جڏهن هڪبئي سان لهه وچڙ ۾ آيون، تڏهن انهن جي ميل مان ڪهڙو ئي گڏيون ذاتيون پوءِ وڌي. وڌي پيماني تي پکڙجڻ لڳيون. (جن سيني تي دراوڙ نالو پيو.) انهن ڳاڏڙ ذاتين ۽ جاتين جا گڏيل ڳيا. جن کي 'سمڪيرڻ' (Mixed) جاتي ڳيا چيو ويندو هو، ڪجهه اوڙئي رنگ جا هئا. انهن ڳاڏڙ جاتي ڳين جي سڌريل صورت، پوءِ 'گرام ڳيا' جي نالي سان مشهور ٿي ويئي.

جاتي ڳين جا اصلي ٻول ته اڄا ملڻ ممڪن نه آهي، البت انهن جي موضوع ۽ مضمون لاءِ اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو ته اهي اصل ۾ شڪارين ۽ ڌراڙن جا ڳيت هئا. تنهن ڪري انهن ۾ ناچ جي دوران جانورن جي ڦاسائڻ، هيرائڻ، ڌارڻ ۽ مارڻ متعلق ئي ڪي وهمي عقيدا ۽ جذبات دهرايا ويندا هوندا! هيئت جي باري ۾ ته پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته جاتي ڳيا ٽن لفظن واري، هڪ سادي ۽ مفرد جملي کان وڌيڪ ٻي ڪا شئي نه هوندا. مٿي پارت، به چيو آهي ته "جاتي ڳيو 'ورت'. (پد = Bar) مان اُسريو آهي ۽ ورت (پد، لفظ) وري جدا جدا اکرن جي جوڙ يا ميلاپ کي چئبو آهي. اهڙي طرح هرهڪ جاتيءَ ۾ ٽي ورت يعني پد (لفظ يا گفتا) هوندا هئا[1]."

## گرام ڳيا (The village folk singing):

پراڻن پستڪن ۾ لکيل آهي ته: ڳين جو سڌارو ۽ واڌارو سلسليوار ۽ درجي بدرجي ٿيو آهي. ڀهريائين پراڻا ۽ اصل جاتي ڳيا هوندا هئا. اُنهن جي باهمي ميل ميلاپ سان مخلوط يا گڏيل (Mixed) جاتي ڳيا پيدا ٿيا. انهن پنهي شڌ ۽ ڳاڏڙ جاتي ڳين جي سنجوڳ سان 'گرام ڳيا' يعني ڳوٺاڻا ڳيت اسريا. آخر انهن ڳوٺاڻن يا ديهاتي ڳين ۽

(1) Historical Development of Indian Music: pp. 170-171.

تهذيب وڏي اوج تي پهچي چڪي هئي. ڪوٽ ڏيجي، هڙپہ، موهن جو دڙو، آمري، ٽئڪسيلا ۽ ٻيا ڪيترائي وسندڙ ۽ وڏا شهر 'واديءِ مهراڻ' ۾ موجود هئا. اهڙن عاليشان شهرن ۾ ڇا ڇا نہ هوندو؟ درٻاريون ۽ رهاڻيون، پوڄائون ۽ ٻڳتيون، ڳائڪ ۽ نائڪ، سگهڙ ۽ سبوجهہ، رس ۽ رنگ سڀڪجهہ موجود هو. مطلب تہ هتي جي ماڻهن جي مذهبي ۽ تهذيبي، سياسي ۽ سماجي، توڙي ثقافتي ۽ ادبي زندگي، انهيءَ زماني ۾ اعليٰ درجي تي پهتل هئي. پر، 'ٻَري تہ هارِي' سنڌيءَ ۾ اها عام چوڻي آهي. ساڳيءَ طرح هن تمدن جي جوڀن جو پيالو بہ ٻُر ٽي چڪو هو. جنهن جو چلڪي هارجڻ هاڻي فطري ڳالهہ هئي. انهيءَ زماني کان پوءِ سگهوئي هن تهذيب جي تباهي اچڻ لڳي. راڄ ۽ راڄڌانيون سڀ اُجڙ ٿي چڪيون هيون. پراڻي سپينا جي سچ ٿُبي ڌُني ۽ تاريخ بہ پنهنجو پراڻو پنو اٿلايو. هتي سنڌ جي ديوتا سروپ راجا. 'راءِ سمبارا' جو راڄ پورو ٿيو ۽ ان سان گڏ ٿي، ستجڳ بہ پورو ٿي ويو ۽ ڪلجڳ اتان ٿي چالو ٿيو[1]. هيءَ آريائي آمد جو اوائلي زمانو هو. اندر ديوتا جا پرستار، آريائي سورما پنهنجيءَ سوڀ جي گهمنڊ ۾ گهمي ڦري رهيا هئا. هو پنهنجيءَ ڏاڍِ مڙسيءَ کي ئي سڀڪجهہ سمجهندا هئا. انهن جي اڳيان اٽڪل ۽ ڏاهپ، سمجهہ ۽ سياڻپ تہ ڪا بہ شئي ڪانہ هئي. اصلي رهاڪو سندن دسيہ ۽ دشمن هئا. جن جي هر ڪنهن ڳڻ کي هي اوڳڻ سمجهندا هئا. اهڙي حالت ۾ جيڪر اشراف ويچارا ڪيڏانهن وڃن. ڀڙهيل ۽ پوڄارا تہ سورمن جي سايي کان بہ سؤ ڪوهہ پري ڀڄڻ لڳا: پوڄائون ۽ ڪلائون سڀ وسري وين. عبادتگاهن جا ڳاٽا ۽ ڳهير، راءِ، 'سمبارا' جي رهاڻ ۽ ورسي ونت ڪرشڻ جي ڪچهريءَ جا ڪوڏيا ڪلاڪار ۽ سنگيت ڪار، سگهڙ ۽ سجاڻ سڀ، جيڪي اڳي وڏي ماڻ ۽ شان سان رهندا هئا، سي سڀ نڌڻڪا ٿي ويا ۽ جهنگ مُنهن ڪري گم ٿي ويا. هڙپہ، موهن جي دڙي ۽ وچ وارن ٻين شهرن (ڪوئيتا علائقي؟) جي اهڙن ڌتڙيل سگهڙن کي ئي آرين 'گندرا ڪلاونت'

---

(١) "واديءِ سنده کي تهذيب": صفحو ٢٤٤. محمد ادريس صديقي، محڪمہ آثار قديم پاڪستان.

ڪوٺيو آهي. جيڪي سڄي مغربي پاڪستان جي پرڳڻن: سرحد، بلوچستان، سنڌ ۽ پنجاب جي ڳوٺن ۾ بيگانہ ٿيو پيا پتڪندا هئا." سمي پٺي انهن سگهڙن جا وڏا ٽولا. جيڪي گندرا يعني 'پيشہ ور پَٽ' ڪوٺبا هئا، نڪري نروار ٿيا. هي ساري ڏيھہ ۾ چوڏاري پکڙجي پيا ۽ پنھنجن ڳيتن کي سڄي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکيڙي ڇڏيائون. انهيءَ ڪري هي ڳيت انهن ماڻهن جي ئي نالي سان مشهور ٿيا ۽ متن گدروا جو نالو پئجي ويو(۱)."

هيءَ دراوڙي تمدن جي مُنجهڻ وارو دؤر هو ۽ آريائي سڀيتا جي اُسرڻ جو عهد هو. اهڙي زماني ۾ هي گندري پٽ پنھنجيءَ ڪلا کي ڳائي وڄائي ملڪ ۾ مشهور ڪن، ۽ انهيءَ جي اهميت آرين کان بہ مڃارائين. سا ڏاڍي عجب جهڙي ڳالھہ ڇئبي. پر هي حقيقت بہ آهي، تہ "گندري رشين هڪ اهڙي ڊنگ جي ڳيتن جو بنياد وڌو، جن اڳتي هلي تمام سٺو قل پيدا ڪيو(۲)." آرين نہ رڳو سندن ڪمال کي ئي تسليم ڪيو آهي، پر خود انهن جو بہ ايڏو تہ مانُ رکيو اٿن، جو ڪين نيم-ديوتا (Semi-devine) يعني مهاتما ۽ مهاپرش ڪري مڃيو اٿن. هاڻي تہ هيڪاري هيءَ حيرت جو مقام معلوم ٿئي ٿو. ڇئبو تہ آرين ۾ بہ ايتري تہ ساڃھہ هئي، جو هو پنھنجن مات ڪيل ماڻهن جا ڳڻ مڃين. جي پيو نہ، تڏهن بہ اهڙين ڳالھين کي رگ ويد ۽ ٻئي سنسڪرت ساهتيہ: ويدن، پراڻن ۽ شاسترن ۾ ساندڻ لاءِ تہ انهن کي جس ئي جڳائي ٿي. ٻئي طرف خود هنن ڳين ۾ بہ اهڙو ڪو تہ جادو ڀريل هو، جو ڏاريا، ياڻون ڏاڍا ۽ دشمن بہ داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيا. هنن ڳيچن لاءِ آريائي 'يارت برهما' آکيو آهي تہ "پد (Stanza) ڇند (Metre) ۽ سُر (Dilect) جو هڪٻئي سان پورو پورو ميل ميلاپ ئي گندروي ڳين جي ايرڻ ۽ اُسرڻ جو مک ڪارڻ هو. پر گندري ڳيتن جي سڏرڻ ۾ جاتي ڳين جو بہ وڏو هٿ هو. جهڙوڪ: دِرووا، پرهم، ڪپال، پرِتلا ۽ سَمپاوت وغيره. جيڪي جاتيون آهن. تن گندرون کي بيحد پرپورر بڻايو(۳)." پد ۽ ڇند ۾ پوري جوڙجڪ هئڻ ڪري هي ڳيت

(1-2) Prof: O. Gosvami: The Story of Indian Music. p. 24. & p. 42.
(3) Historical Development of Indian Music: p. 113.

آهي. آريائي ادبيات ۽ سنسڪرت ساهت جي سڙڪ وري 'پُڌ ڪال' سوڌو سڌي اوري اچي ٿي. جتان ان جون وانون ويهه ٿيو وڃن ٿيون. آريائي عهد جي ادبيات توڙي تاريخ جو ڪيترو ئي ڪچڪول. برهمڻن (لکت ۾) ڪنو ڪري ڇڏيو آهي. انهي جي آڌار تي 'آرين جي شروعاتي شاعري' جو تفصيل. خدا گهريو آهي تہ ٻئي وقت ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. (اول خير)

### ضميمو

مٿي ذڪر ڪيل ديوتا، جنهن کي عام طرح 'نٽ راج' وغيره ڪوٺيو ٻئي ويو آهي؛ تنهن جي اصلي حقيقت ڇا ٿي سگهي ٿي؟ ۽ ان جو مذهبي پس منظر ڪهڙو هوندو؟ انهيءَ باري ۾ ڪن عالمن جا چند رايا هتي پيش ڪجن ٿا:

موهن جي دڙي ۽ هڙپہ وغيره ۾. جيتوڻيڪ آريہ لوڪن جي حملي وقت بہ هڪڙو بزرگ گهورانگيرس (Ghora Angirasa) نالي هتي موجود هو. جيڪو ان زماني جو مجيل مذهبي پيشوا هو؛ پر مٿين ديوتا وارو ذڪر ڪيل پنلو انهيءَ ڪان گهڻو اڳي جو گهڙيل هو. (سوامي پراجننہ نند، ص ٢٦٦ ۽ ڏرمانند، ص ١٢) آريہ لوڪ، جيڪي مئڪس مولر جي چوڻ مطابق، ويدن واري زماني جي پڇاڙيءَ تائين بہ اڃا بت پرستي نہ سکيا هئا، تڏهن بہ سندن ٻهرئين پستڪ رگ ويد (منڊل پيو ٣٣، ٩) ۾ ئي انهيءَ بُت (پُتلي) جو ذڪر آهي، جيڪو پوءِ هندن ۾ رُدر (شيو؟) جي روپ ۾ مڃيو ويو. (قديم سنڌ، ص ۴٦۴)

قبل مسيح چوٿين صديءَ وارو چندرگپت موريہ، جنهن کي مسٽر ٽئمبي (Toymbee) موهن جي دڙي ۽ هڙپہ وغيره جي حڪمرانن جو پونيَر نهرائڻ جي دعوا ڪئي آهي. (سٽوئرٽ پگٽ، ص ٢٩٠) تنهن جي سرڪاري دفتر مان، يوناني عالم مئگسٿنيز قديم سانئامن جي وچور سان کي شاهي شجرن جون تختيون معلوم ڪيون هيون. انهن جي آڌار تي هن لکيو تہ: ست هزار سال قبل مسيح ڌاري ٻهريون ئي دفعو هندستان جي ماڻهن بندگي ڪرڻ چالو ڪئي ۽ ڏئيونيسس

(Dionysos) ٿي اول انهن کان پنهنجي پوڄا ڪرائي ۽ ديوتائن جي به پوڄا ڪرڻ کين سيکاري. انهيءَ مطلب لاءِ اول ماڻهن کي 'ڪڙتال' وڄائڻ سيکاريائين ۽ پوءِ 'گهومٽ' وڄائڻ سان گڏ هڪڙو ابتدائي، جهنگلي قسم جو ناچ ٻن جاري ڪيائين. جيڪو گهڻو پوءِ يونان ۾ 'ڪورڊيڪس' جي نالي سان چالو ٿيو. (ڏسو ڪائونٽ بجورنسٽجرنا: ٿياگني آف هندو، ص ۴۵)

" قديم يوناني شاعر جيڪي انڊو-پاڪستان کان وٺي، ايشيا کي دئيونيسس (بئڪوس) جي پاڪ سرزمين يا مقدس ملڪ مڃيندا هئا، سي هيءُ به اعتقاد رکندا هئا ته ڳائڻ-وڄائڻ جو بنياد اصل ايشيا منجهان چالو ٿيو. پنهنجي شاعريءَ لاءِ به ڪو چوندو هو ته 'آءٌ ايشيائي تنبوري جي تند ٻرايان پيو.' اهڙيءَ طرح قديم دنيا جي سڀني ڪهنين قومن وٽ، هتي جي رقص و سرود جي اوليت مڃيل هئي."

استرابو پاڻ اعتراف ڪيو آهي ته: وڏن سنگيت ٺهي صورتن (ڳائڻ، وڄائڻ ۽ نچڻ) سان ايشيا کان آيو آهي. (جغرافيه استرابو x-١١-١٧) ايئرين به سندس ڪتاب 'انڊڪ' ۾ لکيو آهي ته: جڏهن بئڪس (دئيونيسس) ۽ سندس پوئلڳ سنڌ (Ind) ۾ ابتدائي جهنگلي ڏرم 'بئڪاناليه' ڪڙو ڪيو. تڏهن کان هتي جا ماڻهو سڀي انسانذات ۾ ڳائڻ-وڄائڻ جا وڏا شوقين مڃيا ويا ۽ ناچ کي ته هنن ماڻهن پوريءَ پريت سان ٿي نڀايو.- تاريخ قديم سنڌ مان به ثابت آهي ته هتي بئڃوس (بئڪوس) جي نالي پوڄا ٿيندي هئي. (پيرومل: ص ١٧٧)

مئگستنيز مٿين سالنامن جي پترين پٺاندر اسان کي ٻڌائي ٿو ته: هتي جا ماڻهو دئيونيسس کان وٺي چندرگپت موريه تائين جملي ١٥٣ گهراڻا سنيالين ٿا. جن جي ڪل مدت ٦٠۴٢ ورهيه ڳڻي اٿن. پلني ايلڊر پڻ ساڳي ڳالهه ڪئي آهي ۽ بئڪس (Bachhus) جو زمانو به ٦۴٥١ سال ق. م. ڄاڻايو اٿس.

ڪيترين قديم تاريخون دئيونيسس يا بئڪس لاءِ چون ٿيون: هو هند يعني سنڌ جي سرزمين تي رهندو هو. مختلف پراڻن

شاسترن ۾ شمار ڪيل شاهي گهرائن ۽ يونان جي قديم تاريخن ۾ شمار ڪيل سالن جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪندي، ڪيتريون ڪوششون ڪيون ويون آهن ته هي ديوتا، قديم هندستان جي ڪنهن ڪهني تاريخي شخصيت ۾ سڃاتو وڃي. خاص طرح ڪيس منو ۽ ڪرشن وغيره جي روپ ۾ سڃاڻي سگهجي. عام روايتن جي هڪجهڙائي ۽ ڏند-ڪٿائن جي ڀيٽ ڪرڻ مان جيڪو به نتيجو نڪري سگهي ٿو، ان موجب شِو مهراج ئي اصل ۾ دئيونيسس يا بئڪس هئڻ گهرجي. شِو پراڻ ۾ سندس مک اوتار ڏارڻ واري واقعي مان به اهوئي مطلب ٿو نڪري- ساري هندستان ۾ مشهور آهي ته شِو مهراج ڳائڻ ۽ نچڻ جي هڪڙي تمام بنيادي ۽ اهم روايت 'شِومَت' جو موجد ۽ ان جو پهريون استاد به پ ۽ ئي هو. اها شِومَت، پوء جي ساري ويدڪ زماني ۾ به 'سوم سنگيت' کان بلڪل ممتاز پئي رهي آهي. سنسڪرت سنگيت جا به ڪيترائي شاهڪار (جن مان شايد ڪي اڄا به هجن) شِو مهراج ۽ سندس چيلن ڪي منسوب ڪري مستند ٻڌايا ويا.

(مٿيون سڄو احوال، الائن ڊئنيلو جي ڪتاب: 'نارٿ انڊين ميوزڪ'، ص ٢١ کان ورتل آهي.)

## ڪتابن جي فهرست:


1. The Dawn of Civilization: By Thames & Hudson London.
2. Northern Indian Music: Vol: I by Alain Danielou London. (1949)
3. Historical Development of Indian Music, By Prof: Swami Prajnananada, Calcutta. (1960)
4. The Story of Indian Music' (its growth and synthesis) by Prof: O. Gosvami (Asia Publishing House) 1961.

٥. "هماري موسيقي" - اداره مطبوعات پاڪستان (پوسٽ باڪس ١٨٣) ڪراچي (١٩٦١ع).

٦. "تاريخ ادبيات عربي": پروفيسر احمد حسن 'زيات' قاهره (مصر). اردو ترجمو عبدالرحمان طاهر سورتي. (علمي پرنٽنگ پريس لاهور) ١٩٦١ع.

٧. "وادي، سنڌه کي تهذيب": محمد ادريس صديقي. محڪمه آثار قديمه، پاڪستان، مڪتبه نيا راهي ڪراچي -٢ (١٩٥٩ع).

8. Prehistoric India. Prof: Stuart Piggott 1950.

9. Encyclopaedia Britannica, Vol: 16. Music P. 3 to 19.

A پروفيسر ڊاڪٽر قاضي نبي بخش صاحب، صدر شعبہ فارسي، سنڌ يونيورسٽي، شفقت فرمائي. پراڻي پهلوي ۽ زند زبانن مان قديم شاعري ۽ موسيقيءَ جا آثار ٻڌايا.

B. مسٽر غلام علي الانا جي مهربانيءَ سان سنڌي اڪيڊميءَ (انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي) ۾ هر وقت ڪتابن پڙهڻ جو وجهہ تمام آسانيءَ سان ملندو رهي ٿو.

# قديم سنڌي شعر ۽ شاعري

## (تاريخي جائزو)

### تاريخي پس منظر:

سيني لکيل تاريخن موجب، عيسوي پنجين صديءَ جي خاتمي کان سنڌ جي باقاعدي حڪومت جو احوال ملڻ لڳي ٿو. انهيءَ کان اڳ جا واقعات سنڌ جي ڪنهن بہ تاريخ ۾ سلسليوار نٿا ملن. سنڌ جو ٻهريون درالحڪومت، جيڪو تاريخي طور اسان کي معلوم آهي، سو الور[1] جو تخت - شهر آهي. انهيءَ شهر ۾ ئي سنڌ جي ٻهرئين حڪمران خاندان، "راءِ گهراڻي" جي حڪومت سن ۴۹۵ع يعني پنجين صديءَ کان شروع ٿئي ٿي. "الرور' جي راڄڌاني هوئڻ تہ راءِ خاندان جي صاحبيءَ کان بہ تمام گهڻو اڳي قائم ٿي آهي. "ايوڌيا جي چندر بنسي ۽ کتري راجائن مان (رامچندر جي پوٽي سموترا جي اولاد مان)، يارهن سؤ قبل مسيح ڌاري، راجا بليڪا[2] انهيءَ شهر جو بنياد وڌو ۽ سندس پٽن اتي حڪومت شروع ڪئي[3]." مهاڀارت جي زماني ۾ "الروڙ" تي مهاراجا جئدرٿ "وير" جو خاندان حڪمران رهيو[4]. اتان هڪڙو پراڻو پراڪرت سلوڪ، پروفيسر سلوين ليويءَ، تمام گهڻي

---

(۱) الور، الرور، الروڙ، اروڙ، روڙ، روڙوا، روڙڪا ۽ روڙڪ، ساڳئي نالي جون بدليل صورتون آهن.

(۲) راجا بليڪا جو زمانو تيرٿ وسنت ڇهين صدي ق.م. ٻڌايو آهي "چشنگون"؛ ص ۰۲.

(۳) "تاريخ جنت السند": رحيمداد مولائي شيدائي، ص ٦٩ ۽ "تاريخ راجستان"؛ ڪرنل جيمس ٽاڊ جلد ٻهريون، ص ٦١.

(۴) "قديم سنڌ"؛ مرزا قليچ بيگ ص ۲۰۱. "قديم سنڌ": مولوي نور محمد نظاماڻي ص ٦٧. "قديم سنڌ": ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، ص ۲۴۵ ۽ ٻيا.

ڪوجنا ڪان پوءِ ڳولي هٿ ڪيو آهي. جنهن موجب "اروڙ" يا "روڙوا" (روڙڪ) "سؤوير" پرڳڻي، يعني بهاولپور، ملتان ۽ جيسلمير) وغيره جي گادي آهي:

ولت پرم ڪلنگا نام، اسـڪـا نانچــ پوتنم،
مـاهستي آونتي نام 'سؤويرا' نانچــ "روڙڪم"[1].

انهيءَ قسم جا ٽڙيل پکڙيل پراڻا اهڃاڻ ڀيا بـ ڪيترائي ملن ٿا، جيڪي تاريخ جو ڪو بـ سلسلو نٿا جوڙين، ۽ نـ وري انهن مان قديم زماني جو ڪو خاطريءَ جهڙو ادبي مواد ٿي ملي سگهي ٿو. تنهنڪري، وري بـ موٽي راءِ گهراڻي جي راڄ ڪان ئي هي سلسلو شروع ڪجي ٿو، ڇاڪاڻ تـ انهيءَ زماني ڪان ئي تاريخ جو ڪجهـ لاڳيتو احوال ملڻ لڳي ٿو، ۽ شاعريءَ جو ڏس پتو بـ انهيءَ زماني ۾ ئي ملي ٿو.

سنڌ ۾ هيءُ ٻڌ ڌرم جي عروج وارو زمانو آهي. راءِ گهراڻي جا چندرونسي راجائون بـ ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ هئا، ۽ سندن مائٽي بـ راجپوتانا جي پوڏي راجائن سان هئي[2] راءِ خاندان جي بادشاهن جي حڪومت، ڇهين صدي عيسويءَ جي شروع ٿيندي ئي چالو ٿئي ٿي، جا اٽڪل ڏيڍ صدي جاري رهي ٿي ۽ ستين صديءَ جي وچ ڌاري ختم ٿئي ٿي. راءِ ديوجي، راءِ سهاسي راءُ ۽ ٻين جملي پنجن راجائن جا نالا ملن ٿا، جي سڀ پاڻ کي "راءُ" ڪوٺائيندا هئا. سندن انهيءَ شاهي لقب جي ڪري ئي سڄي خاندان تي "راءِ گهراڻي" جو نالو پيو آهي (راءِ معنيٰ راجا ۽ گهراڻو معنيٰ خاندان، يعني بادشاهي خاندان). ستين صديءَ عيسويءَ (٦٣٢ع) ۾ هيءَ حڪومت برهمڻ- راڄ ۾ تبديل ٿي ويئي. برهمڻ راڄ بـ اڌ-مَني صديءَ تائين مس هليو، تان جو اٺين صديءَ جي شروع (٧١٢ع) ۾ عرب سنڌ ۾ داخل ٿيا. هن زماني کان گهڻو اڳي جيڪو چراگاهي دؤر شروع ٿيو هو، سو اڃا بـ هلندو پئي آيو. چوپايو

(١) "آريہ ورت": گنگارام سمرات، ص ٣٦٦. ۽ "سنڌ جو پراچين اتهاس"، دوارڪا پرشاد روچيرام شرما (ٻاگو پيو) ص ١٥٧.
(٢) "تاريخ تمدن سنڌ": مولائي شيدائي، ص.١٢٦.

مال چارڻ ۽ ڌارڻ ماڻهن جو مک ڌنڌو هو. ۽ تنهن ۾ به ڳائو مال مک ملڪيت سمجهيو ويندو هو. سنڌ جا مالوند ماڻهو ۽ پاڳيا، توڙي ڌراڙ پهنوار. جي اڪثريت ۾ هئا. سي سڀ اپير (ڳنوار) ڪوٺيا هئا (پهنوار يا پرمار، مارو يا موريه، سانگي يا سانڪلا. اهير يا اپير ۽ گجر يا ناگر. سيئي ڌراڙ يا مالوند قبيلا آهن). انهن ڳنوار اهيرن (اپيرن) جي ٻوليءَ کي "اپيرن پاشا" (اپيرنش) چيو ويندو هو[1]. چاڪاڻ ته تن ڏينهن فقط سرڪاري (علمي) ۽ مذهبي زبان سنسڪرت کي ئي مهذب ۽ شائسته (ادبي) زبان سمجهيو ويندو هو؛ ۽ ان جي ڀيٽ ۾ عوامي زبان کي ڌراڙن ۽ ڳوارن جي ٻولي (اپيرنش) سڏيو ويندو هو. "سنڌيءَ کي به اپيرنش دفعي جي ٻولي شمار ڪري سگهجي ٿو"[2]. اپيرنش زبان ۽ ان جي شاعريءَ جي سنڌ جي تاريخ ۾ تلاش ڪرڻ به، انهيءَ ڪري، قديم سنڌي شاعريءَ جي ڳولا آهي.

مارڪنڊيه، اپيرنش جا ٽي نمونا ٻڌايا آهن: وراچڊ-اپيرنش، ناگر- اپيرنش، ۽ اپناگر-اپيرنش، جن مان وراچڊ-اپيرنش ته خاص سنڌ جي ئي ٻوليءَ ٺهرائي اٿس. يعقوبيءَ جو چوڻ آهي ته "وراچڊ ٽنهي ۾ زياده قديم آهي." هو "وراچڊ" کي "وِرج" لفظ مان نڪتل مڃي ٿو. 'ورج' معنيٰ ڳنوارن جو مسڪن[3]. سنڌيءَ ۾ ڳنوارن جو مسڪن معنيٰ وراڙي، وٺاڻ، واڙي، واڙ، واڙو، ويڙهو يعني ڳوٺ، جنهن جي معنيٰ واهڻ يا وسينءَ به آهي، 'وراڙي' جي معنيٰ ويجهي چڪ، جُوءِ، ترُ، ويڙهه، وغيره. مٿيان سڀ لفظ اچار ۾ 'ورج' وانگر ئي شروع ٿين ٿا. ۽ معنيٰ پڻ ساڳي ورج واري اٿن.) "ورج" لفظ جي اشتقاق جي 'برج پاشا' جي نالي مان به تائيد ٿئي ٿي[4]. (برج- ورج-پرڳڻي يا بندرابن جي معنيٰ به وراڙي يا مال جي جُوءِ، وڏي هُڙي، ٻيلو يا جهنگل آهي.) ڊاڪٽر وولنر جي راءِ آهي ته 'اپير پاشا'، يعني اپيرن جي ٻولي، اهائي

(١) "اردو زبان ڪا ارتقا": ڊاڪٽر شوڪت سبزواري، ص ٣٦ ۽ "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ": ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، ص ٦٥.
(٢) "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ": ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ص ١٨.
(٣) "اردو زبان ڪا ارتقا": ڊاڪٽر شوڪت سبزواري، ص ٣٧.
(٤) "اردو زبان ڪا ارتقا": ڊاڪٽر شوڪت سبزواري، ص ٣٧.

'وراچڊ' (براچڊ) اپڀرنش آهي[1]. ڊنڊڻ تہ هن کي ادبي ۽ ڪتابي زبان تسليم ڪري ٿو[2]. پنهنجي ڪتاب "ڪاويہ درش" ۾ بہ ڄاڻايو اٿس تہ سنڌ جا اهير، هن ٻوليءَ (وراچڊ) ۾ گيت جوڙيندا هئا ۽ اهي ہ-ٺڪا هوندا هئا[3]. ناگر يا گوجر اپڀرنش جو آستان گجرات آهي. ناگر گيتن جي ثابتي ڊاڪٽر ڀنڊارڪر جي ڪتاب، "ولسنس فلالاجيڪل ليڪچرس" (Wilson's philological lectures) مان ملي ٿي[4] ابناگر- اپڀرنش، شام سندر جي راءِ ۾، "هيءَ سنڌ جي وراچڊ- اپڀرنش ۽ گجرات جي ناگر-اپڀش جي گاڏڙ صورت آهي، جا ڏکڻ-پنجاب، اتر-گجرات ۽ الهندي-راجستان جي وچ واري ٻولي آهي"[5]. ٿر جي علائقي (جيسلمير-بيڪانير) ۾ هن کي 'پونگل ڀاشا' بہ چيو ويندو هو. قديم زماني جا سانگي ۽ ڀاٽ، پنگل ۾ بہ گيت جوڙيندا هئا. جن مان ڪي "پراڪرت پنگل" ناگي ڪتاب ۾ بہ ملن ٿا. هيءَ ڪتاب راجستاني اپڀرنش ٻولين ۾ ڇڻ ڇند (عروض) جو ڪتاب آهي.[6] پروفيسر جهمٽمل ڀاوناڻيءَ جو چوڻ آهي تہ "اهو ڪتاب 'پنگل' نالي، جيسلمير جي هڪ آڳاٽي عالم جو جوڙيل آهي[7]." دراصل 'پنگل' يا 'پوڳل'، جيسلمير جو هڪ ڪهنو شهر آهي، ۽ اڳي هن سڄيءَ رياست تي اهو نالو پيل هو. مٿيون ڪتاب، انهيءَ شهر جي ڪنهن جهوني اديب جو مرتب ڪيل آهي، جنهن مان هيمچندر بہ شايد اپڀرنش جا مثال ورتا آهن.

اپڀرنش ڪوتائون ستين صديءَ عيسويءَ کان ملن ٿيون[8]. سنڌ جي تاريخ ۾ اهو راءِ گهراڻي جي حڪومت جو زمانو آهي. اپڀرنش دؤر جي شاعريءَ جا موضوع ڌرم ۽ رزم هئا. دربار سان وابستہ

(١) "اردو زبان ڪا ارتقا": ڊاڪٽر شوڪت سبزواري، ص ٣٧.
(٢) "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ": ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ص ١٢.
(٣-٤) "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ": ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، ص ٦٥-٦٦.
(٥) "اردو زبان ڪا ارتقا": ڊاڪٽر شوڪت سبزواري، ص ٣٧.
(٦) "اردو زبان ڪا ارتقا": ڊاڪٽر شوڪت سبزواري، ص ٣٨.
(٧) ""چند سگند": جهمٽمل خوبچند ڀاوناڻي، ص ١.
(٨) "هندي ادب جي تاريخ": ڊاڪٽر محمد حسن، علي گڙهہ يونيورسٽي، ١٩٥٥ع ص ١٦، ١٧ ۽ ٢٥.

شاعري رجزيہ رنگ ۾ رڱيل هئي. دربار کي، سياسي اقتدار سان گڏ، مذهبي اهميت پڻ حاصل هوندي هئي. مذهب زندگيءَ جي هر شعبي تي پنهنجي ڇاپ هڻي رهيو هو[1]. اپڀرنش جا پراڻا ٻول (گاٿا) هيمچندر (١٠٨٨-١١٧٢ع) پنهنجي ڪتاب "سڌ هيمچندر" ۾ اڳئين زماني جي تصنيفن مان گڏ ڪيا آهن[2]. اوائلي اپڀرنش جو نمونو هيءَ آهي:

يــلا هُئــہَ جُــہ مــاريہ. ڀــيڻ مُــهــارو ڪانڌ،
لَڄي جِـڻن تہ وِنڙِ سَـئَـهَن. جِـئِـہ ڀڳا گــهـرانڌ[3].

عرب حڪومت ٧١٢ع کان شروع ٿي آهي، جڏهن اڪثر عوام صلح پرست ٻڌ ڌرم جو پيرو هو، پر حڪومت برحمڻ جي هئي. "چچنامي" موجب، سما قبيلي جي ماڻهن، محمد ابن قاسم وٽ اچي ڳايو وڄايو هو. انهيءَ مان ان وقت جي شاعريءَ جو پتو پوي ٿو. ڪي لسانيات جا ماهر هن دؤر کي بہ اپڀرنش واري دؤر ۾ شمار ڪن ٿا، ۽ "ياد رهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي شروعات پڻ اپڀرنش مان ٿي آهي"[4].

عربن جي عهد حڪومت ۾ پهريون ئي دفعو هڪ اهڙي شاعر جو تذڪرو ملي ٿو، جنهن کي تاريخي اهميت بہ حاصل آهي. هيءَ هباري اميرن جي واري جي ڳالهہ آهي. عرب حاڪمن ۾ هباري قبيلو سنڌ جو پويون حڪمران گهراڻو آهي، جنهن جي بانيءَ، عمر هباريءَ (٨٥٤)، بانيہ ۾ پنهنجي خودمختار حڪومت جو بنياد وڌو. سندس پٽ، عبدالله (٨٩٢ع)، بانيہ کي ڇڏي، اچي منصوره تي قبضو ڪيو. انهيءَ عبدالله هباريءَ کي اروڙ جي راءِ ٨٨٣ع ۾، اسلامي عقائد جي سمجهاڻي گهري، ۽ منصوره جي مذڪور شاعر ڪيس قصيدي ۾ منظوم ڪري اها سمجهاڻي ڏني. جيتوڻيڪ انهيءَ شاعر جو نالو يا سندس ڪلام معلوم ناهي، تہ بہ شعر جي ميدان ۾ هو هڪ تاريخي شخصيت

(١-٢) "هندي ادب جي تاريخ": ڊاڪٽر محمد حسن، علي ڳڙهہ يونيورسٽي، ١٩٥٥ع ص ١٦، ١٧ ۽ ٢٥.

(٣) "هندي ادب جي تاريخ": ڊاڪٽر محمد حسن، ص ٢٤؛ "قصو ڍولا مارو": پروفيسر جهمٽمل خوبچند ڀاوناڻي، ص ٧٦.

(٤) مضمون "هندي ۽ سنڌي شاعريءَ جو لاڳاپو": ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، رسالو مهراڻ، سيارو ١-١٩٥٥ع، ص ١٠٨.

آهي ۽ سنڌ ۾ شاعريءَ جي جاري هجڻ جو اهو بہ هڪ تاريخي ثبوت آهي. عبدالله ٩١٥ع ۾ وفات ڪئي. ۽ پٽس ابو منذر (عمر) منصوره جو والي ٿيو. هيءُ سنڌ جو آخرين عرب حاڪم آهي. هن ڪان پوءِ بہ ممڪن آهي تہ ڏهين صديءَ جي ڪجهہ حصي تائين، منصوره ۾ هبارين جو وجود باقي رهيو هجي؛ پر تاريخن ۾ هن بعد ڪنهن بہ عرب امير جو نالو ڪونہ ٿو ملي. ڏهين صديءَ جا سياح، منصوره جي والين جي وضع قطع هندن جهڙي، يعني لباس ۾ گوڏ، ڏگها وار ۽ ڪنن ۾ ڏگها والا وغيره پڌائين ٿا. هي پرڪار سومرن جا ئي لڳن ٿا. ۽ هن بعد سگهوئي سومرن جو وارو اچي ٿو.

مٿي، تمهيد طور، سنڌ جي قديم ترين دؤر جي شاعريءَ جا اهڃاڻ پيش ڪيا ويا آهن. پراڪرت توڙي اپڀرنش واري زماني جي شاعريءَ جا ڪي نمونا ڪتابن مان مهيا ڪري، ادبي تاريخ ڪي علمي طور ماضي بعيد سان ملائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. پر انهيءَ جو نج سنڌي شاعريءَ سان لاڳاپو نہ آهي؛ خالص سنڌي شاعري، سومرن جي عهد حڪومت سان ئي واسطو رکي ٿي. سومرا حڪومت جو آغاز ئي اصلي ديسي شاعريءَ جي شروعات آهي. سومرا حڪومت جو سجوئي عهد، قديم مقامي شاعريءَ جو بنيادي ۽ اوائلي دؤر آهي. سندن حڪومت جي پڄاڻيءَ سان گڏئي، پراڻي سنڌي شاعريءَ جي دؤر جي بہ پڄاڻي ٿئي ٿي. مطلب تہ جهوني سنڌي شاعريءَ جو دائرو، سومرا راڄ جي اسرڻ ڪان وٺي، سندن زوال جي حدن تائين پکڙيل آهي. اهڙي حقيقت جي بناءَ تي، 'قديم سنڌي شاعريءَ' جي تحقيق خاطر سومرن جي مڪمل معلومات هئڻ بہ هڪ بنيادي شيءِ آهي.

سومرا ڪير هئا، سندن سماجي ۽ سياسي لاڙا ڪهڙيءَ ڪيفيت جا هئا، سندن مذهبي ۽ معاشرتي رغبت جي ڪهڙي شڪل هئي، ڪڏهن ۽ ڪيئن اُسريا ۽ ڪيئن اقتدار حاصل ڪيائون، وري ڪيئن سندن زوال آيو ۽ ڪڏهين خاتمو ٿيو، وغيره. انهن ۽ ٻين اهڙن سوالن جا ڪي علمي ۽ تاريخي انگ - اکر ئي صحيح جواب پيش ڪري سگهندا. سومرن جي اصل نسل جي باري ۾ ڪوجنا ڪندي، تاريخدان

تمام پري نڪري ويا آهن. مولانا حڪيم نجم الغني صاحب، تاريخ "وقائع راجستان" ۾ هنن کي هزارين سالن جي کترين جي"سورج وني" گهراڻي سان وچي ملايو آهي، پر وري ڪين آئوڌ جي راجا رامچندر جي پٽ سپومتر جي شاهي نسل مان، 'چندربنسي' کتري به ثابت ڪيو اٿس.[(١)] محترم مولائي شيدائيءَ جي دعويٰ آهي تہ سومرن متعلق مولانا جي مٿين راءِ ايبٽ صاحب کان به وڏيڪ محققانہ آهي.[(٢)] مولوي صاحب جي راءِ جي پٺ تاريخن مان به تائيد ٿئي ٿي. علامہ سيد سليمان ندويءَ به لکيو آهي تہ "سومرن کي اصل 'سوم-راءِ' چوندا هئا. هنديءَ ۾ 'سوم' معنيٰ 'چنڊ'. اهڙيءَ طرح، 'سنگهار' کي 'سنگهہ-راءِ'، ۽ 'پونگر' کي 'پنگا-راءِ' سمجهڻ گهرجي"[(٣)]. سيد نجم الغني جو به اهوئي چوڻ آهي تہ 'سومرا' لفظ اصل ۾ 'سوم راءِ' آهي، جيئن 'دود راءِ'، 'دلو راءِ'، 'ٻاٽو راءِ' ۽ 'کنراءِ' وغيره[(٤)]. ڪن وري سومر کي مهاراجا چندر گپت موريا جي شاهي خاندان مان شمار ڪيو آهي[(٥)]. ڪرنل جيمس ٽاڊ جو چوڻ آهي تہ "'موريا' چندر گپت جا پويان آهن، جن کي 'موري' يا 'مارو' به چوندا آهن، ۽ انهن تان ئي 'مارو' ديس تي (مارو-ويڙهہ، مارو-واڙا) 'مارواڙ' نالو پيو آهي. راجستان ۾ رهندڙ سيئي کتري 'مارو' سڏبا آهن[(٦)]. کترين کي 'اپنشد' جڳ ۾ 'راجنيہ'، (راءِ-جٽيہ) يعني راجائي جڻ، راجائن جا ڄڻيل (اولاد) چيو ويندو هو. اهو لفظ پوءِ ڦري 'راءِ پوترا' يا 'راجہ پوت' (راجائن جا پٽ) ۽"راجپوت" ٿيو آهي[(٧)]. انهيءَ ڪري سومرن کي به "راجپوت" يعني شاهي خاندان جا فرد چيو ويو آهي. پر راجپوتن جا به ڪيئن گهراڻا آهن؛ انهن مان سومرن جو ڪهڙو گهراڻو آهي، تنهن باري ۾

(١) "وقائع راجستان": مولانا حڪيم نجم الغني، ص ٥١-٥٢.
(٢) تاريخ "جنت السند": مولائي شيدائي، ص ٣٠٧.
(٣) "تاريخ و سياست" (اردو): سيد سليمان ندوي، ص ٢٢.
(٤) "تاريخ سنڌ" (اردو)، مولانا سيد ابوظفر ندوي، (ريسرچ اسڪالر ورنيڪيولر لٽريچر ڪميٽي) ص ٢٨٤.
(٥) "وقائع راجستان": مولانا حڪيم نجم الغني، ص ٥١-٥٢.
(٦) "ڍولا - مارو": پروفيسر جهمٽمل ڀاوناڻي، ص ٧.
(٧) "تاريخ ريگستان": رائچند هريجن، ص ٢٨-٣٠-٥٤.

ڪن جوچوڻ آهي تہ "سوڍا راجپوتن ۾ 'امرا سؤمرا' جي نسل واريءَ شاخ کي سومرن جو خاندان چيو وڃي ٿو"[١]. ڪن وري سومرن کي ياد و راجا بلند جي پٽ 'ساما' جو اولاد. پڻ راجپوت ڄاڻايو آهي.[٢] پر، "سنڌ گزيٽيئر" (صفحو ١٧٩)، ڪرنل ٽاڊ، ايبٽ صاحب، مرزا قليچ بيگ، ۽ ٻين ڪيترن ئي، سومرن کي پرمار راجپوت مڃيو آهي، ۽ گهڻو ڪري سڀ تاريخون انهيءَ تي متفق آهن. راجپوتن جا ڇٽيهہ گهراڻا آهن، جن مان چار وڏا گهر- پرمار، پرهياڙ، سولنگي ۽ چوهاڻ- بنيادي ۽ اصل آهن. وري انهن چوندڻ ڇٽن گهرن ۾ بہ، اوچي ذات پرمارن جي آهي.[٣] سورٺ سورمِي بہ پرمار شهزادي هئي، جنهن لاءِ چيو اٿن تہ:

سورٺ ساگر ديپ جي، جات اوچي پرمار،
بيٽي راجا يوج ڪِي، پالي رتن ڪنيار،
پرڻيو راءِ کنگهار، مڱ انيراءِ چوهاڻ جي.

پرمارن جاوري پنجتيہ پاڙا آهن- اومرا سمرا، مارو يا موريا، پڻ ۽ سوڍا وغيره. جنمان "اومرا سمرا" پهرياڻين مسلمان ٿيا.[٤] راجستان ۾ پرمار جون عرصي دراز تائين وسيع حڪومتون رهيون. "پرٿوي پرمارن جي آهي"- هيءَ سندن عروج واري زماني جي گونج آهي. هنن ستلج کان وٺي دکن تائين چوڏهن حڪومتون قائون ڪيون: اجين، ڌارا، آبو، چيتور، مالوا، پٽن، لوڊرو، اومرڪوٽ ۽ بکر سندن مشهور تختگاهہ هئا. منجهائن 'امره سمره' جي خاندان اسلام قبول ڪيو، جي سومرا ڪوٺجن ٿا.[٥] سر هينري ايلئٽ، تاريخ طاهريءَ جي حوالي سان، سومرن کي اروڙ جي شاهي خاندان جا حڪمران راجپوت ثابت ڪيو آهي، جي پوءِ مسلمان ٿيا آهن.[٦] اروڙ جي 'راءِ خاندان' وارا

(١) "ڍولا- مارو": پروفيسر جهمٽمل ڀاوناڻي، ص ٧.
(٢-٣) "تاريخ ريگستان": رائچند هريجن، ص ٢٨، ٣٠، ٥٤.
(٤) "تاريخ ريگستان": رائچند هريجن، ص ٢٨-٢٩.
(٥) "تاريخ جنت السند": مولائي شيدائي، ص ٢٠٧-٢٠٨.
(٦) "هسٽري آف انڊيا": حوالو، جلد ١ ص ٤٨٤. "تاريخ سنڌ": عبدالغني ميمڻ، مسلم ادبي سوسائٽي، ص ٩٥.

به 'چندر ونسي' هئا، جيئن مٿي آيو آهي. ممڪن آهي ته اهي به پرمارن مان هجن! سومرن متعلق مٿي پيش ڪيل حقيقتن مان ايترو ته معلوم ٿيو ته 'صل هوسنڌ ڪان اپرندي طرف راجستان جا پرمار راجپوت آهن، جي پوءِ مسلمان ٿيا ۽ عربن کان پوءِ سنڌ جا حاڪم ٿيا آهن. پر اهي ڪيئن مسلمان ٿيا ۽ ڪڏهن حڪومت هٿ ڪيائون؟ سا ڳالهه به غور طلب آهي.

تاريخن ۾ عام طرح ١٠٥٠ع کان سومرن جي حڪومت ليکجي ٿي، جا ڳالهه صحيح نه آهي. هن سلسلي ۾ آڳاٽي ۾ آڳاٽو احوال شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ مرحوم 'تاريخ قديم سنڌ' ۾ ڏنو آهي ته "سومرا عيسوي اٺين صديءَ کان سنڌ جا والي بنيا"(ص ٣١٢). وري ٻئي هنڌ ساڳي ڳالهه وڌيڪ چٽي ڪري لکي اٿس ته "بني اميه خليفن جي وقت (٧١٢-٧٤٩ع) ۾ راجا دلوراءِ سومرو اروڙ جو حاڪم هو، اروڙ کي ان ڪري دلور به سڏيندا هئا".[1] هن سلسلي ۾ مٿي پيش ڪيل ايلئٽ صاحب جي تحقيقات مان به ساڳيو مطلب ٿو نڪري. مرزا قليچ بيگ جي اها دعوا ٻيءَ طرح به تاريخ مان ثابت ٿئي ٿي. "غازي محمد بن قاسم ثقفيءَ کان پوءِ، ڏهه-پندرهن سال اروڙ ۾ اموي امن سان رهيا، پر خليفي هشام (٧٢٣ع) جي ڏينهن ۾ دارالخلافت دمشق ۽ ان جي ماتحت علائقن ۾ فساد ٿيا. اروڙ ۾ ان وقت تميم بن زيد عتبي ناظم مقرر ٿي آيو، ۽ بدقسمتيءَ سان اروڙ ۾ به يمني ۽ حجازي عربن جي باهمي نااتفاقيءَ ڪري خانه جنگي شروع ٿي ويئي. تميم پنهنجي ڪمزور جماعت يمنيءَ جو طرفدار ٿيو، پر حجازي (نزاري) غالب پئجي ويا ۽ ملڪ ۾ بدنظمي پکڙجي ويئي. تميم عتبي ٻي ڪا واهه نه ڏسي، اروڙ خالي ڪري عراق ڏانهن روانو ٿيو. پنيان اروڙ ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ بدامني پکڙجي ويئي. سنڌ جي باغين هر طرف غلبو ڪرڻ شروع ڪيو؛ عرب پنهنجا مرڪز خالي ڪري سنڌ مان هجرت ڪرڻ لڳا. اهي مرڪز

(١) "قديم سنڌ" (ان جا شهر ۽ ماڻهو) مرزا قليچ بيگ، ص ٣٠٩.

بقول بلاذريءَ جي وري آباد نہ ٿي سگهيا. گهڻا نومسلم مرتد ٿي ويا ۽ باجگذار خودمختار ٿي ويا"[١] هيءَ سن ٧٢٩ع جو واقعو آهي. جنهن ۾ اروڙ خودمختياري حاصل ڪئي. انهي ڪري عمرو بن محمد ثقفيءَ، عربن جي علحده رهائش لاءِ منصوره شهر جو بنياد وڌو. جو پڇاڙيءَ تائين سنڌ ۾ عربن جو دارالحڪومت رهيو. هن وقت ڪان ئي ملتان ۽ منصوره جون ٻہ علحديون عرب رياستون قائم ٿيون. ۽ ٻنهي جي وچ ۾ اروڙ جي ڏيهي رياست قائم ٿي. مٿينءَ بدنظميءَ مان ناجائز فائدو وٺي، چندر ونسي راون، اروڙ تي قبضو ڪري ورتو. انهيءَ وقت ڪان ئي سندن اڱواڻ دلو راءِ ٻهريون (٧٢٣-٧٢٩ع)، اروڙ جو خودمختيار راجا ٿيو. دلوراءِ ٻئي يا ٽئين جا نالا بہ تاريخن ۾ ملن ٿا. جن ٺنهي جو تعلق ڏومڻ سوناري، مورڙي ملاح، سيف الملوڪ ۽ ڄُتي همراڻي وارن قصن سان آهي. هڪڙي دلوراءِ جي حڪومت جي سرحد اتر ۾ ديري غازي خان ڪان، ڏکڻ ۾ نيرون ڪوٽ تائين هئي (ابوظفر ندوي ص ٣٠٨). هن ڪان پوءِ سومرن جا ڪي نہ ڪي نالا ۽ حالات ملندا ٿي رهن ٿا: ءِجڏهن سندن سياسي طاقت يا سلطنت ۾ ڪو اضافو ٿيندو رهيو آهي. جدا جدا تاريخن اهوئي سال سندن ابتدا جو نهرايو آهي. تحفته الڪرام هن ڪان هڪ صدي پوءِ (٨٤٦)، سندن حڪومت کي تسليم ڪيو آهي. (جملي حڪومت جا ٥٠٥ سال ١٣٥١ع تائين ڳڻيا اٿس). مولانا سيد ابو ظفر ندويءَ جي تحقيق مطابق، عمر هباريءَ جي ڏينهن ۾، ٨٦٠ع ۾، حڪومت شروع ڪيائون ۽ ١٠١٠ع ۾ منصوره تي قبضو ڪيائون.[٢] پر منصوره ۾ شايد اروڙ واري زلزلي (٩٥٢-٩٦٢ع) جي تباهيءَ بعد اچي قبضو ڪيائون. ڏولا مارو جي قصي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٩٦٧ع ۾ ٺريم

(١) "تاريخ سنڌ" (اردو) مولانا سيد ابوظفر ندوي، ص ١٣٦-١٣٧ ۽ "تاريخ سنڌ". عبدالغني عبدالله ميمڻ، ص ٣٤. ۽ "جنت السنڌ": مولائي شيدائي. ص ١١٨.

(٢) تاريخ سنڌ" مولانا ابوظفر ندوي، ص ٢٨٥.

(٣) "قصو ڏولا-مارو" پروفيسر جهمنمل خوبچند ڀاوناڻي، ص ٥.

'اومرو' نالي تمام کو زبردست سومرو راڄ ڪندو هو.[٢] اهڙي طرح ١٠٢٠ع ۾ سنڌ جو مشهور معروف سومرو بادشاهه همير، منصوره جو حاڪم هو، جنهن پونڳل جي راجا کان اومرڪوٽ ڪسيو. وير ويهاس گجر کي ماريو، پونٽري چام جي ڌيءَ پرٽيو ۽ جاسل کي پڃائي آيو. محمود غزنويءَ جي ڏينهن (١٠٢٤ع) ۾ جيڪو 'خفيف' سومرو منصوره جو والي هو، سو هن ئي راءِجو حرفتي نالو هو- چاڪاڻ ته سومرن کي قرامطي شيعن کان سبق مليل هو ته ڳجهه ڳوهه ۾ ئي هر طرف قبضو ڪجي، ۽ وڏين سلطنتن اڳيان پاڻ ڏنو نه ڪجي ۽ نڪي ڪنهن سان کليو مقابلو ڪجي، متان رهندو هٽ آيل طاقت ڪسجي وڃي. قرمط لفظ جي معنيٰ ئي آهي 'ڳجهي سناءَ' اٺلکو ليکو، يا خفيف نشان. انهيءَ ڪري ڏهين صديءَ جي پڇاڙيءَ سوڌو، جڏهن هبارين جو قبضو فقط منصوري جي شهر تي وڃي رهيو، ته به اٺڪلي (قرامطي) سومرا، مٿينءَ دليان، پاڻ کي بغداد جي سُني خليفن جو حواري چوائيندا آيا. هيءَ به قرامطين جي هڪڙي رمز هئي. مٿئين همير (١٠٢٠-١٠٥٠ع) جو رمز وارو نالو خفيف هو. مٿيان انگ اکر انهيءَ ڳالهه جي چٽائيءَ لاءِ پيش ڪيا ويا آهن ته سومرن جي حڪومت دراصل ٧٢٣ع کان شرو ٿي آهي، نه ڪ ١٠٥١ع کان، جيئن عام طرح سمجهيو وڃي ٿو.

سومرن جي اوائلي مذهبي ڪيفيت به هڪ دلچسپ ڳجهارت آهي. سومرا مسلمان هئا يا هندو، جي مسلمان هئا ته ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿيا ۽ اسلام جي ڪهڙي گروهه ۽ فرقي جا پوئلڳ هئا؟ انهيءَ جو ڪجهه اندازو ته مٿئين بيان مان به معلوم ٿي وڃي ٿو ۽ باقي سوالن جا سڀ جواب قرمط لفظ جي'تقيہ' هيٺ ڍڪيل آهن. اروڙ واري حادثي مان پڌرو آهي ته اول قرامطي شيعن سان ئي سندن واسطو پيو. ان بعد فاطمي خلافت جي عبدالله اشتر (علوي) سنڌ ۾ عباسين جي خلافت کي ڪمزور ۽ بي اثر بنائڻ جي منصوبي سان ٧٥٨ع ۾ بصري کان آيو. هيءَ گرفتاريءَ جي خوف کان يا سندس سازش ظاهر ٿيڻ جي انديشي

ڪان، درياهہ (پُراڻ) جي اپرندي پار جنوبي ريگستان (ڍٽ) جي راجا وٽ (٧٦٨ع تائين) ڏهہ سال سام رهيو. اتي ڳجهہ ڳوهہ ۾ عباسين خلاف چار سؤ راجپوتن سندن هٿ تي بيعت ڪئي.[١] غالباً اهو راجا بہ سومرو ئي هو. تنهن ڪان سواءِ عبدالله ميمون (٩٠٠ع) جا "ڳجها خط" بہ عباسين خلاف بغاوت اڀارڻ لڳا. اهڙي هنگامي ماحول ۾ سومرن جو سياسي مذهب، قرامطي يا اسماعيلي هجڻ لازمي هو، ۽ سياسي مصلحت جي بناءَ تي هو اهڙو اظهار بہ ڪندا رهيا. سومرن کي پڪو مسلمان بنائڻ وارو بهاءُ الدين زڪريا ملتاني هو. هن موقعي جي نسبت ۾، سومرن کي رڻ پٽ ۾ پاڻي پيارڻ واري، غوث جي مشهور ڪرامت آهي. انهيءَ ڪري حڪمران قوم جي ڪيترن ئي خاندانن تي، اسلام جي حقيقت ۽ سچائيءَ جو پختو يقين ويهي ويو، پر خاص پڳدار گهراڻو، دودي-چنيسر واريءَ جنگ (١٣٠٠-١٣١٢ع) تائين بہ، وڏن جي پر تي قائم رهيو. اُچ جي فرمانروا سومري، گستاخي ڪري، مخدوم جهانيان (١٣٩٧ع) کي مسجد مان لوڏائي ڪڍيو. مخدوم فرمايو تہ "سومرو ديوانو آهي!" بادشاهہ سچ پچ چريو ٿي پيو، جنهن جي والده مخدوم کان معافي ورتي ۽ سومرو هوش ۾ اچڻ کان پوءِ اسماعيليت کان تائب ٿيو.[٢] وري ١٤٧١ع ۾ گجرات جي محمود بيگڙي سلطان، ڍٽ ۽ ٿر جي سومرن کي گهيري ۾ آڻي تنگ ڪيو، تڏهين سندن قوم جي مکي (پڳدار) عاجز ٿي اعتراف ڪيو تہ "اسين آهيون تہ مسلمان، پر جاهل هئڻ ڪري، مرٽي پرٽي هندن سان رلي ملي ويا آهيون." سلطان بيگڙي کي مٿن قياس آيو ۽ هڙان خرچ ڪري، سندن تعليم لاءِ علماءَ مقرر ڪيائين.[٣] اهڙيءَ طرح سومرن جا مختلف قبيلا جدا جدا وقتن تي اسلام قبوليندا پئي آيا آهن، جن مان پوءِ جنهاٽي شهر جا سومرا علماءَ

(١) "تاريخ جنت السند"، مولائي شيدائي، ص ١٢٣(١٧٠. ۽ "تاريخ سنڌ" (اردو)؛ مولانا سيد ابوظفر ندوي، ص ١٥٠-١٥٦.

(٢) "تاريخ سنڌ" مولانا ابوظفر ندوي، ص ٣١٧ ۽ "تاريخ جنت السند": مولائي شيدائي، ص ٣١٢.

(٣) "تاريخ سنڌ": سيد ابوظفر ندوي، ص ٣٢٣ ۽ تاريخ ريگستان": رائچند هريجن، ص ٥٩.

مشهور ٿيا آهن. پوءِ تہ سنڌ جي سومرن، اسلام جي اشاعت ۽ تبليغ ۾، سڄيءَ سنڌ جي رهبري ڪئي آهي ۽ عوام کي زبردست روحاني فيضُ رسايو اٿن. مخدوم نورالله، مخدوم اسماعيل، درويش صادق فقير صوفي، شيخ رهاڻ ۽ ٻيا ڪيترائي مشهور اولياءَ ۽ خدا رسيده بزرگ ۽ علماءَ ڪرام، سومرا خاندان مان ٿيا آهن. جن جون ملتان کان ڪڇ تائين وڏيون درگاهون ۽ گاديون آهن.

هيءَ بہ عجيب ۽ حيرت انگيز حقيقت آهي تہ سومرن جي، اسلام سان عقيدت ۽ صداقت جو عين اهو زمانو آهي، جيڪو سندن ڪمال عروج وارو زمانو پڻ آهي. سندن سلطنت جي وسعت ۽ عظمت جو اندازو ڪجهہ تہ ذڪر ڪيل حدود اربع مان ٿي چڪو هوندو ۽ ڪجهہ ايندڙ احوال مان بہ ثابت ٿيندو. تہ اتر ۾ ديرو غازي خان، ملتان، اُچ، پٽن، سبي، اروڙ، سيوهڻ، بکر وغيره؛ ۽ اڀرندي ڏي راجستان، لوڏيرو (لڊاڻو) جيسلمير، ڊٽ، پونگل، بيڪانيرْ ٿر، برهمڻ آباد ۽ عمرڪوٽ وغيره؛ ڏکڻ ڏي گجرات، مالوه، ڪاٺياواڙ، ڪڇ، سورت، وڳهہ ڪوٽ ۽ روپاهہ ماڙي وغيره؛ ۽ الهندي ڏي ڪڇ، مڪران، لسٻيلو، قلات، جهالاوان، ڪاڇي؛ ۽ اتر اڀرندي بلوچستان، سبيءَ کان ڦري ديري غازي خان تائين؛ جيئن هيٺ ڏنل احوال مان بہ ثابت ٿيندو. ايترا پرڳڻا ۽ انهن جا ايترا تختگاهہ معلوم ڪرڻ کان پوءِ، ممڪن نٿو لڳي تہ ڪو هڪڙو ئي بادشاهہ، ساڳئي وقت ايڏي ساري سلطنت سنڀالي سگهيو هوندو؛ جيڪا ڏکڻ پنجاب کان وٺي، هيٺ سمنڊ تائين ۽ مشرقي بلوچستان جي روهہ کان وٺي اڀرندي رڻ ۾ ڪنهن نامعلوم رڃ جي حدن تائين پکڙيل هئي. ٿي سگهي ٿو تہ جدا جدا وقتن تي مختلف بادشاهن کي پاسا والاريا ۽ خالي ڪيا هجن؛ يا ساڳئي وقت هڪ کان گهڻا سومرا بادشاهہ هڪٻئي جا دنگئي يا پاڙيسري هجن. پر اثبت صاحبؒ، تاريخ طاهري، چچنامي، تحفتہ الڪرام ۽ منتخب تواريخ وغيره کان علاوه گجراتي تاريخن جي خوب ورق گرداني ڪئي آهي ۽ ثابت ڪري ڏيکاريو اٿس تہ ڪو زمانو ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات ۽ سورت تي جيڪا راجپوت قوم حڪمران هئي، سا

سومرن جي قوم هئي. منگرپيڻ واري قصي ۾ پير درويش جي بيگناهه قتل ٿيڻ واري واقعي مان بہ پڌري پٽ ثابت ڪيو اٿس تہ ان وقت ڪڇ، گجرات، سورت ۽ ڪانياواڙ تي اهڙو هڪ زبردست سومرو حاڪم راڄ ڪندو هو، جنهن جي مچتا ڪيچ مڪران ڪان ويندي، بکر ۽ ملتان تائين هوندي هئي.(١) ازان سواءِ قلات ڏي ڪڇي ۽ جهالاوان بہ سندن ماتحت هئا.(٢) مطلب تہ ريگستان جي علائقي کان وٺي بلوچستان جي ڪيچ ۽ مڪران، ڪاڇي ۽ جهالاوان تائين سومرن جي حڪومت پکڙيل هئي.(٣)

ايڏي وسيع ۽ عظيم سلطنت ڪيئن ۽ ڪڏهن ختم ٿي؟ ان جو ٿلهي ليکي جواب تہ اها ١٣۵٠ع ۾ سمن جي هٿان ختم ٿي. هيءَ ڄام انڙ جي هٿان، سيوهڻ جي ملڪ رتن جي مارجڻ جو واقعو آهي: جڏهن انڙ ڄام درياهہ جي الهندي، ٺٽي ۽ دادو ضلعن ۾ سمن جي طاقت جو بنياد رکيو. هيءَ ڪو سومرن جي خاتمي جو قطعي واقعو نہ آهي. هن واقعي کان پوءِ سومرن پنهنجيءَ حڪومت جو فقط ڪجهہ حصو ئي ڇڏيو آهي. هن کان پوءِ بہ هڪ- پہ صديون سومرن جي حڪومت اڀرندي سنڌ ۽ راجستان ۾ باقاعدي هلندي رهي آهي. سومرا حڪومت جو پهريون دؤر ڄام انڙ جي سوڀ کان ڪجهہ اڳيرو پورو ٿيو هو، جڏهن هن الهندي لاڙ واري مرڪز کي ڇڏي ڏنو ۽ سمن کي اسرڻ جو موقعو مليو. هن کان پوءِ سومرن ۽ سمن جون بہ متوازي حڪومتون الهندي ۽ اڀرندي سنڌ تي گڏوگڏ هلنديون رهيون آهن (پر سومرن جي پيٽ ۾ سما حڪومت فقط صدي- ڏيڍ صدي هلي آهي، سا بہ اولهہ- ڏکڻ سنڌ تي). سومرن جا تختگاهہ هميشہ ڦرندا ئي رهيا آهن. محمد طور سومري (١٢۵٦-١٠٧١ع)(۴) جي وسايل شهر "محمد طور" کي ڇڏي، هُن وري ٻيو پيرو عمرڪوٽ گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪيو. سومرا

(١) "تاريخ سنڌ": عبدالغني ميمڻ، مسلم ادبي سوسائٽي، ص ٩٦. ۽ ايبٽ صاحب جي "سنڌ": ص ٨٩ ۽ "جنت السنڌ": مولائي شيدائي، ص ٣١٨.
(٢-٣) "تاريخ جنت السنڌ": رحيمداد خان مولائي شيدائي، ص ٣١٢-٣٢٠.
(۴) "قديم سنڌ" (ان جا شهر ۽ ماڻهو) شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، ص ٣٧٢.

حڪومت جو هيءُ ٻيو دؤر ١٣٥٥ع کان شمار ٿئي ٿو. عمر-مارئي، نيلان - چنيسر، مومل- راڻو، نيرل رائي، عمر ۽ گنگا وغيره جا واقعا بہ هن ٻئي دؤر ۾ ئي گذريا آهن. عمر سومري (١٣٥٥-١٣٩٠ع) کان پوءِ پونگر ٿئين، ڏهہ سال عمرڪوٽ تي حڪومت ڪئي ۽ ١٤٠٠ع ۾ وفات ڪيائين. پوءِ همير (راڻي مينڌري جو ڀيٽويو) تخت تي ويٺو، جنهن کان همير سوڍي (١٤٣٩-١٤٤٠ع) ۾ عمرڪوٽ هٿ ڪيو.[1] هيءُ واقعو ڄام انڙ کان هڪ صدي پوءِ جو آهي ۽ اهڙي صدي کن پوءِ بہ سومرا حڪومت تاريخن مان ثابت ٿئي ٿي. گجراتي محمود بيگڙي سومرن جي مذهبي روش کان خفا ٿي سانئن تر ۽ ڏيٿ ۾ لڙايون ڪيون. جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي، هيءُ سن ١٤٧١ع جو واقعو آهي. ان کان ڏهہ ويهہ سال پوءِ، معروف نالي بکر جي قاضيءَ (جو سومرن جي حڪومت ۾ هو) ڄام سنجر وٽ شڪايت ڪئي تہ سومرن مون کي گذران لاءِ معقول وظيفو نہ ڏنو آهي، تنگدستيءَ سبب ڏرين کان 'بخشش' وٺڻي پوي ٿي. ڄام سنجر جو زمانو ١٤٨٤-١٤٩٠ع ٿائين آهي.[2] تنهن کان پوءِ جا بہ ڪي سومرا حاڪم پنهنجن مرڪزن ۾ قلعن جي مرامت ڪرائيندا معلوم ٿين ٿا. بيڪانير، بهاولپور سرحد وٽ، هاڪڙي جي ڪناري تي، مروٽ جو قلعوبہ سومرن جو مرڪز هو. ان جي مرمت سومري حاڪم سنبت ١٥٤٨ بڪرمي (١٤٩١) ۾ ڪرائي آهي. انهيءَ سال جو هندي ڪتبو قلعي جي دروازي تي لڳل آهي.[3] سورهين صديءَ جي اوائل ۾ بہ محمد نالي سومرن جو ناليرو سردار هو، جو مصر ۽ شام تائين مشهور هو. انهيءَ محمد سومري وٽ، مصري امام جو داعي، شام کان پڇائيندو پڇائيندو اچي سنڌ ۾ پهتو هو. پر محمد سومري ڪيس پير ئي نہ ڪوڙڻ ڏنا.[4] مٿين حوالن مان ثابت آهي تہ سنڌ ۾ سومرن جو زور پندرهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين.

(١) "تاريخ ريگستان" رائچند هريچن، ص ٦٩.
(٢) "تاريخ سنڌ" عبدالغني ميمڻ سنڌ مسلم سوسائٽي، ص ١٦١.
(٣) "سنڌي ٻوليءِ جي مختصر تاريخ" ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ص ٨٢ (۽ فوٽ نوٽ ص ٩٦ جي هيٺان).
(٤) "تاريخ سنڌ" (اردو)؛ مولانا سيد ابوظفر ندوي، ص ٣٢٤.

بلڪ سورهين صديءَ جي شروع تائين باقي رهيو آهي. عام معلومات وارو سال ١٣٥٠ع سومرن جي خاتمي جو نہ، پر سندن انتهائي عروج وارو زمانو آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ سومرا دراصل هڪ اهڙي پراسرار قوم آهي، جن جي حڪومت، زماني جي ڪنهن خفيف نشان وٽان شروع ٿئي ٿي، سندن عروج ۽ ڪمال جي ڏاڪ شام ۽ مصر تائين وڃي ٿي، ۽ سٺ-اٺ صدين جي ڊگهي حڪومت ڪرڻ کان پوءِ وري بہ سندن ستارو وقت جي ڪنهن اڻلکي نقطي ۾ غروب ٿي وڃي ٿو. هن هيٺ، انهن اٺن صدين (اٺين صديءَ جي شروعات کان پندرهين صديءَ جي خاتمي تائين) جي ڊگهي عرصي جي بنياد ي ۽ تعميري دؤر تي "قديم سنڌي شاعريءَ" جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

مٿي سومرن جي زماني کان اڳي واريءَ اوائلي اپڀرنش ٻوليءَ جي هڪ جهوني ڳاهہ (ڳاٿا) مثال طور پيش ڪئي ويئي آهي. "لجي جين تہ وڻ سڻ... انت". جنهن جو ٿلهي ليکي ڪجهہ مطلب تہ سمجهہ ۾ اچي بہ ٿو ۽ ڪجهہ نہ بہ، پر ان جي ٻوليءَ ۽ اڄوڪي زماني جي ٻوليءَ ۾ فرق آهي. موجوده 'زماني' جي ٻولي جو مثال هي آهي:

پکو آءٌ نہ ڇڻان، ڇڻ ماريو تہ وسهان،
تہ پڻ لڄ مران، جي هونس پٺ ۾.[1]

انهيءَ 'زماني' جي فرق کي ئي لسانيات جا ماهر ٻوليءَ جي 'تاريخي ارتقا' سڏين ٿا. ٻوليءَ جو اهو 'زماني فرق' ئي آهي، جنهن تاريخي ورڇ موجب قديم ٻوليءَ کي اپڀرنش جي دفعي ۾ شمار ڪيو ويو آهي. اپڀرنش جو زمانو جدا جدا ماهرن، لڳ ڀڳ عيسوي سن کان بہ-ٽي صديون پوءِ مقرر ڪيو آهي. انهيءَ زماني کان ڪجهہ پوءِ جي هن قديم سنڌي ڳيت (ڳيچ)[2] جي ٻولي بہ ملاحظہ فرمايو:

"ڇنڙيءَ وارو، ڇيرڙي وارو، لوڏ ڳاهيلو ڙي!
سانول ٻائي، ڊوليو پالر جهلي، راڻو منڌ سين ڪلي.

(١) ڪيدارو، داستان ٣.

(٢) لوڪ ادب سلسلي جي سورهين ڪتاب "ڳيچ" مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. مان سڀ مثال ورتل آهن.

(٣) "ڳيچ"، مرتب ڊاڪٽر بلوچ، جلد ١-باب ٥، ص ٢٢١.

ڳائڻين جي ايجاد آهي، نہ تہ 'ٿالهي' ٿي ڳانح جو شروعاتي ساز آهي. مطلب تہ ڳانچ ڪنهن اهڙي پراڻي زماني جو يادگار آهن، جڏهن ٿالهيءَ يا جهانجهہ کان سواءِ ٻيو ڪو ساز ٿي اجا ايجاد نہ ٿيو هو.

مٿين ڳيچن جي ٻوليءَ جي اڀرنش سان قريبي مناسبت؛ مضمون ۾ منتر، ڪامڻ، پرپ ۽ نڪت؛ وٽن ۽ ٻڪين جي طلسمي حيثيت؛ گهوٽ کي زالاٿو ويس ۽ ڪائڻ ۽ ٿالهيون وڃائڻ؛ ۽ ٻيا اهڙا ابوجهائيءَ واري دؤر جا اهڃاڻ ۽ بدويانہ قبائلي زندگيءَ جا آثار، تمام ڪنهن قديم زماني ڏانهن اسان جي تصور کي اڏائي رهيا آهن. پر وري بہ سوال اٿي ٿو تہ آخر ڳيچن جي قدامت ڪڏهن کان ڪٿڻ ڪپي؟ جيتوڻيڪ "ڳيا" لفظ تہ پراڻن هندو شاسترن ۾ بہ ملي ٿو، پر راءِ گهراڻي کان اڳ جي تہ اسان وٽ تاريخ ئي ڪانهي! ڊندڻ جي اشاري مان بہ ان کان پوءِ ئي اهڙو سلسلو شمار ڪري سگهجي ٿو. ٻلا راءِ گهراڻي جو ڪو ڳيت جي هوندو بہ ڪٿي تہ بہ اهو هن وقت تائين نانگ وانگر ست ڪلون مٽائي، جديد ٻٽجي چڪو هوندو. تنهن هوندي بہ راءِ جي نسبت وارو هڪ اڌ ڳاچ اجا باقي آهي. شاديءَ رات گهوٽ کي جيڪي اعزازي لقب ڏنا ويندا آهن، تن ۾ اڳي راجائي نسبت واريون تشبيهون ايندڙيون هيون. اهڙي هڪ ڳيچ جي وراڻي اجا تائين سالم حالت ۾ ٽڳندي اچي: "راءُ رُتو، راءُ رُتو، راول رات". (ج ۱، ص ۳۷۸). (جديد ڳيچن ۾ 'سنڌ جو صاحب' 'ناري جو نواب' ۽ 'ولات جو وزير' وغيره گهوٽ جا لقب هوندا آهن). مٿيون 'راءُ' جيڪڏهن راءِ ديوجي (۴۹۵ ع) يا ستين صديءَ وارو راءِ سهاسي راءِ (۶۳۲ ع) نہ آهي، تہ انهن مان ڪنهن جو پاڇو يا پڙاڏو ضرور آهي. انهيءَ کان پوءِ "سوم راءِ" يعني سومرا پڳدار جو بہ لقب 'راءِ' هو، جو راجا جو مخفف آهي. گهوٽ کي مانَ ڏيڻ لاءِ اڄ تائين 'گهوٽ راجا' چئي خطاب ڪبو آهي. بهرحال، ڳيچن کي لٿي ٻٽي بہ سومرن جي بلڪل شروعاتي وقت کان تہ اٿيچو شمار ڪري سگهجي ٿو. مٿي سومرا حڪومت جو آغاز اٺين صديءَ جي شروعات (۷۲۳ ع) کان ثابت ڪيو ويو آهي. انهيءَ وقت کان وٺي سومرن راجائن جا نالا، نشان، لقب ۽ ٻيا تاريخي آثار

ڳيچن ۾ ملڻ شروع ٿين ٿا. هينئن ڳيچ ۾ ڪنهن اوائلي سومري سردار جي عام رواجي ماڻهن جي گهران پرڻجڻ وارو موقعو هڪ تاريخي يادگار بڻجي ويو آهي.

سنگهارن گهر سومرو ڙي، موتي پائي ٿار ۾.
سات سنگهاريون ڪن، موتي پايو ٿار ۾.[1]

انيءَ-نائينءَ صديءَ کان اڳ، توڻي پوءِ، ڄمير نالي سان سومرن ۾ ڪي ناليرا راڄ ٿيا آهن. هينيون ڳيچ انهن مان ڪنهن ڄمير جي نسبت سان شروع ٿيو آهي. "ٻڙو ڄمير هلائيو، جنهن تي لڳڙو لک سوا" (ص ٢١٥). سومرن ۾ دودو پهريون 'نهري دودو'، دودو پيو توڙي ٿيون، پنهنجن امتيازي ڪارنامن کان نمايان آهن. 'دورو ۽ چنيسر' ته تمام مشهور آهن. انهن ۽ ڪن ٻين سومرن جي نالي سان ٻه گهڻا ڳيچ شروع ٿيا آهن.

(الف) سردار سومرن جو ڙي؛ اڳ ۾ ٿي آيو.
ڪلي: گهوڙو دودل گهوٽ جو، آهي گهڻو اڙٻنگ.
سردار سومرن جو ڙي؛......[2].

(ب) مالها گهڙائج نهري. ونهيان دودل ڙي؛
ليلا ماڻڻ ٻلي چنيسر اچي.
وڏڙي راڄ منجهان، سُرهي راڄ منجهان.
ليلا ماڻڻ ٻلي چنيسر اچي.[3]

(ت): ٻچين ليلان جا ور، سونن قلن وارو ڪنجرو.
ويندو کهڙائي آڻ چنيسر.[4]

جن ڳيچن ۾ 'ڄام سمون' يا 'ڄام جراڙ' وغيره جي ساراهه آهي، سي يقيناً سمن جي اقتدار جي پيداوار آهن ۽ سندن رسوخ واري دائري (لاڙ) ۾ مقامي طرح رائج ٿيا. بدين پاسي جي هڪ

(١) 'ڳيچ': جلد ١. باب ٤. ص ٢١٩.
(٢) 'ڳيچ': جلد ٢. ڀاڱو ١. باب ٩. ص ١٦٠.
(٣) 'ڳيچ': جلد ١. باب ٣. ص ١٧٦.
(٤) 'ڳيچ': جلد ١. ص ٢٥٣.

ڳيچ جي ورائي آهي: "توکي نکڙيو چام جراڙ" (ج ٢ ص ١٥٩) يا 'سمون چام جهلو، زي سمون چام جهلو' (ج ١ ص ٢٢٢). اهڙا ڳيچ به سومرن جي ئي ٻوئين دؤر (١٣٥١-١٥٠٠ع) ۾ شمار ٿي سگهندا. مطلب ته سومرن جي زوال تائين ڪجهه ڦير گهير سان نوان ڳيچ ٺهندا رهيا آهن.

ڳيچن جي قدامت ۽ انهن جي دؤر دريافت ڪرڻ کان پوءِ، وري هيءُ سوال ٿو اٿي ته اهي ڪيئن ٺهيا ۽ ڪنهن ٺاهيا؟ انهيءَ جو صاف جواب هيءُ آهي ته اهي ڪنهن به سڃاڻ سگهڙ يا ڪنهن ڳهير مائيءَ هاسيڪار ڪونه ويهي جوڙيا آهن. اصل ڳالهه هيئن آهي ته اڳئين زماني جا انسان، مرد توڙي زالون، پنهنجيءَ موج جي حالت ۾، يا ڪنهن خاص خوشيءَ جي موقعي تي، پنهجيءَ دل جون آسون ۽ امنگ، وهم ۽ وسوسا، ۽ ان جي عمل يا ردعمل ۾، منتر ۽ دعائون اڪيلي سر توڙي گڏجي آلاپيندا ۽ ڳائيندا آيا آهن؛ ۽ ڪافي ڊگهيءَ مدت تائين لاڳيتو ڳائبي رهڻ سان انهن باقاعدي ڳيچن جي شڪل ورتي آهي. انهيءَ ڪري، ڳيچن ٺاهڻ ۾ مردن توڙي زالن جو هڪجيترو حصو آهي. چاڪاڻ ته هي جماعتي نوعيت جا راڳ آهن، ۽ اوائل ۾ نه رڳو زالون، پر انهن سان مرد به انهيءَ خوشيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيندا هئا. اهڙي ثابتي خود ڳيچن مان به ملي ٿي. "پائر چون ٿا ڳيچ ڳايو هر هر!" (جلد ١، ص ١١٩) ظاهر آهي ته گهوٽ جا ويجها عزيز اهڙي خوشي ڪندا هوندا. منگتا ۽ مڱڻهار ته اڄ به ڳيچ ڳائي 'لاڳ' گهرندا آهن. "منگتا مڱن لاڳ، مر ٻانهن لوڏي" (ص ٣٧۴).

مرد مائهن کي جيئن ته ٻاهرينءَ دنيا جي هوا لڳندي رهي آهي ۽ ان جو اثر به فوري طرح ٿيندو رهي ٿو. انهيءَ ڪري ڳيچ ڳائڻ ته ڇا، پر ٻيون به ڪيتريون ئي تهذيبي ڳالهيون منجهانئن اڄ حرف غلط وانگر مٽجي چڪيون آهن. اهي اسان جون مائون ڏاڏيون آهن، جي اسان کي اڳئين جڳ جون آڪاڻيون ۽ ڳيت ٻڌائينديون اچن، ۽ اصل 'مادري ٻوليءَ' جو وجود ۽ سلسلو سلامت رکنديون اچن؛ اهي اسان

جون مائرون ٿي آهن، جن ڪنهن بہ ڏاريءَ ٻحار ڪي جانٺث جي اندر اچڻ نہ ڏنو آهي. (هينئر ڳيچن جا جلد ڇپجي رهيا آهن. سي بہ انهن سگهورين جي ميڙيل ميراث آهن).

"ڳيچ" لفظ، جيئن هن وقت مروج آهي، معنيٰ شاديءَ جا 'لاڏا'. پر اهو لفظ ڪنهن پراڻيءَ زبان پالي، پراڪرت، اپڀرنش يا ماڳهين 'زند' ٻوليءَ جو لفظ گاٿا (گيتا) آهي. حضرت مسيح کان اڳ، ٻڌ مذهب جي عروج واري زماني ۾، ٻوڌي ڀڪشو گاٿائون ڳائيندا هئا، جن ۾ 'ساڪيا منيءَ' جي مهما ڪيل هوندي هئي. اهي گاٿائون ٻوڌي ڪتابن ۾ اڄ بہ موجود آهن. ان کان ڪجهہ پوءِ پَرو 'اوستا' جون گاٿائون وجود ۾ آيون، سي بہ عيسوي سن کان اڳ جون ٿي آهن. ايراني مجوسين جون اهي گاٿا، توڙي ٻڌ مذهب جون گاٿائون، سنڌ ۾ بہ ڳايون ويون آهن. ٻنهي جو مک مضمون آهي، بزرگن جون تعريفون، نصيحتون ۽ هدايتون. انهيءَ گاٿا جو اچار، سنڌي "ڳاهہ" ۽ "ڳيچ" ۾ موجود آهي. سنڌي ڳيچ اسان وٽ پراڻي ۾ پراڻي شاعراڻي صنف آهي، ۽ "ڳاهہ" ان کان جان تان صدي- بہ صديون پوءِ پيدا ٿي آهي. ڳيچن ۾ ڳاهن جي پيٽ ڪرڻ مان بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ٻنهي جي وچ ۾ هڪ اهڙو ڏور اچي ٿو، جڏهن ڳيچ اوائلي بہ-ٽي صديون گذارڻ کان پوءِ پختہ چمار بنجي وڃي ۽ ڳاهہ اتان ٿي ڦٽي پنهنجي ٻالجتيءَ جي واٽ تي اچا ابتدا ڪري رهي آهي. ان کان پوءِ ڳهون ۽ ڳيچ بہ-چار صديون گڏوگڏ هلندا رهيا آهن. انهيءَ وچ واري مخلوط ڏور جون ڳاهون بہ ڳيچن جهڙيون آهن. نيرل راڻيءَ' جي آکاڻيءَ ۾ هيءَ ڳاهہ انهيءَ جي ثابتيءَ لاءِ آهي.

اچي مـــڙو ڏاڏي پوٽيـــون، ســـاٺ ڪريوســـاري،
نيـــرل وڃي ٿي ســـاهرين، عـــمـــر اڏاري.[1]

ڳيچ جي مختلف صنفن ۾ جيئن ڪامڻ، ساٺ ڳيا ۽ لاڏا وغيره ٿين ٿا، تيئن "هيرا" بہ ٿيندا آهن. جي شاديءَ ۾ خوش طبعيءَ خاطر ڳايا وڃن ٿا. پر انتهائي خوشيءَ جي ڪري هيرن ۾ ڇڙواڳي ۽ ڪچيون

(١) "لوڪ ڪهاڻيون": (ڳاهن سان ڳالهيون)، جلد ٧، ص ٢٨٩.

ڦکيون ڳالهيون بہ اچيو وڃن. جيئن فارسي 'هزل' ۾. ڳاهن ۾ ڳيچن جي مشترڪ دؤر ۾ هيري جهڙيون ڳاهون بہ ملن ٿيون.مثال وير ويهاس کي همير سومري، ان لڙائي ۾ ماريو. جنهن لاء چار پونئري سڱ ڏيئو کيو هوس، پر لڙائيء ۾ سندس ڏند بہ ڀڄي پيو. شاديء ۾ جڏهن راجڪماريءَ سندس ماءُ سينگارجي آيون، تڏهن هڪڙي مگهار گهوٽ جو ڏند ڀڳل ڏسي، هيرو ڳايو تہ:

جهڙو اٺهر ڦرو، تهڙو جي ور هوءِ،

تہ ڪجو نہ ڪري ڪوءِ، سس ڀلين سينگار ڪري.[1]

مٿيون مثال انهيءَ جو ثبوت آهي تہ انهيءَ عبوري دؤر واريون ڳاهون، ڳيچن جي مطلب واريون آهن. اهڙي طرح ڪن ڳيچن ۾ ڀڻ ڳاهن وارو رجحان ڏسي سگهجي ٿو، جنهن جو مثال ڳاهن جي اڀار سان اڳتي ايندو.

آکاڻيون ڳاهن جو بنياد آهن ۽ ڳاهون آکاڻين جا اهم جُز آهن. انهيءَ ڪري هر هڪ ڳاهہ کي پنهنجو پنهنجو پس منظر ٿيندو آهي. انهيءَ پس منظر جي ڀچار سان ئي ڳاهہ جو ڳجهہ صاف طرح سمجهہ ۾ ايندو آهي. جيئن مٿين ڳاهن جو مثال ڏنو ويو آهي. "ڳاهہ" لفظ جي معنيٰ آهي ڳائڻ. ڳيچن وانگر ڳاهون بہ ڳائبيون آهن. پر ڳاهن جي لفظ جوڙجڪ ٺڪن جي ٻڌٺيءَ، توڙي ڳائڻ جي ڍنگ ۾ فرق آهي. ڳيچن ۾ لفظ تڪرار يعني ڏهر (Repetition) لازمي يا بنيادي شرط آهي: ان جي پيٽ ۾ ڳاهہ جي رڳو پڇاڙيءَ ۾ ٽيڪ يا وراڻيءَ جي هڪ فالتو "لنڊي تڪ" هوندي آهي. سائي جهيل خاطر ورائي ورائي ڳائبي آهي. انهيءَ ٽيڪ کي ڇڏي ڪري، خود ڳاهہ هڪ سٽ ڪان وٺي، ٻن-ٽن (يا ان ڪان وڌيڪ سٽن جي بہ ٿئي. وير ڳاهون تہ خاص طرح ڊگهيون آهن، جي 'تڪميل' واري دؤر ۾ جڙي راس ٿيون آهن. ڳاهن جو واسطو آکاڻين سان آهي.

جهوني جڳ ۾ ڪن اکٺين ڏنل واقعن يا ڪنين ٻڌل ڪهاوتن ۽ ڪهاڻين جا اهم پهلو، اول عام گفتگو جو دلچسپ عنوان بڻيا. انهن

(١) "لوڪ ڪهاڻيون": (ڳاهن سان ڳالهيون)، ص ١١٦.

او متان كات.....(٢)

جيسلمير جي پدمڻيءَ آيل كماريءَ تي كنراءِ موهت ٿي. رڻ جهاڳيندو اچي انهيءَ كوهه تي پهتو. جتان آيل جون سهيليون ۽ پانهيون ۽ گوليون راند رونشا كنديون ۽ گهٽ-وڌ پاڻي به ڀرينديون رهيون. كنراءِ سڀ ساڳئي نظاري ۾ ڏسي، منجهي پيو. سو سيني جي هكجهڙي خوشامد كندي، پدمڻيءَ پڇڻ لاءِ ڳاهه ڳايائين ته:

گهاٽي گهاٽي جل ڀريو ۽ آهيو به هكڙيءَ نها!
پوءِ كهڙي آيل جي پانهي آن ۾، كهڙي لال كنوار؟
اوڻي، كهڙي آهه كنوار(١).

متي جن ڳاهن جا مثال ڏنا ويا آهن، تن جو دائرو انين-ڏهين صديءَ جي درميان آهي.

ڳاهن جو تاريخي دؤر ٻارهين صدي عيسويءَ كان شروع ٿئي ٿو، جو ٻه-ٽي صديون اڳتي هلي ٿو. هن زماني كي سورهيائيءَ جو عهد سڏيو وڃي ٿو. ڇاكاڻ ته هن كان پوءِ ٻه-چار صديون لاڳيتو لڙاين جو سلسلو جاري رهيو آهي، جن ۾ اهي وير جيكي ميدان ملهائي ويا، يا جن ويرن پاڻ موكيو، تن كي سنڌ جي ڀٽن آپاري آپاري اٿي آسمان تي چمكايو آهي. راجستان ۾ هن جڳ كي 'وير گاٿاكال' يعني 'سورمن جي سوڀ وارو سمون' (Minstrel ballad age) قرار ڏنو ويو آهي. "ويرس رس كَوتَ" جي شروعات راجستان جي 'پنگل' شاعريءَ كان ٿي آهي. وير ڳاهن جا وري ٻه جدا جدا نمونا آهن. پهريون، ڇوٽيون ۽ منتشر ڳاهون، جيئن 'آلها اودل' جي بهادريءَ جا ڳيت. (هي ڳاهون سنڌي ڳيچن جهڙيون آهن.) ٻيو قسم ڊگهين ڳاهن جو آهي. جن جو مثال 'پرٿويراج راسو' آهي، جنهن جا ستر (٧٠) باب آهن. محقق چون ٿا ته هيءُ چندر بردئي ڀاٽ (١١٩١-١١٩٦ع) ڏانهن منسوب آهي. اهڙا ٻيا به جنگناما آهن، جي سڀ 'راسو' كوٺجن ٿا. "رسائيه" معنيٰ جنگي نظم ۽ "راهسه" معنيٰ جنگي واقعات. ("هندي ادب" ص ٠٣٣) سنڌي ۾ دودي-چنيسر جو كيڏارو "دودل-راسو" به انهيءَ ٻئي

(١) "لوك كهاڻيون": ص ١٤٩.

قسم (Form) جو مثال آهي. وير ڳاهن جي پڇڙيءَ ۾ فالتو ٽڪ (Coda) ڇهتل نہ هوندي آهي. يارهين صديءَ جي هن تاريخي دؤر کان راجائي گهراڻن ۾ سگن- بندن جي چڪتاڻ، لڙاين جا تفصيل، بهادرن جي تعريف ۽ سخين جي ساراهہ. ڪانڍرن ۽ ڪنجوسن لاءِ ڪوار ۽ سٺون، شهيدن جا پار ۽ اوسارا، منگتن ۽ مڱڻهارن جي ڏکهي پهچ ۽ هلندي وغيره. انهيءَ زماني جي ڳاهن جا نمائندا موضوع آهن. هن دؤر ۾ سنڌ ۽ راجستان جا ڀاڱ ۾ سياسي ۽ سماجي توڙي تمدني ۽ تاريخي تعلقات تمام گهرا ۽ گهاٽا آهن. جنهن جو اثر سنڌ جو جذبو نياڻين ۾ بہ اتم درجي تي پهتل هو. "منهنجي ٻابل ٻول ڀڏا. سگ ڏارين ڪي نہ ڏيندو" (ڳيچ ص ٠٣٩٥) هن دليريءَ جي دؤر جو اثر عورتن ۾ بہ عام طرح نظر اچي ٿو. هن دؤر جي ڳيچن ۾ 'وير ڳاهن' جو روح متحرڪ آهي.

سرويچ لشڪر ۾. آءُ دودا راءِ،
سو تہ سونهي لاڏل امر سان.
جوهردار ترار سان. آءُ دودل ڄام،
سا تہ سونهي لاڏل هٿ ۾.
سونيءَ مٺ ڪاتيءَ، آءُ دودا راءِ،
سا تہ سونهي لاڏل ٻيٺ سان.
وراڻي: دودل دودل ڪن، آءُ دودا ڄام،
اسان جو دودل وڏڙيءَ ڄمار.[1]

'ڇوٽيون وير ڳاهون' بہ سنڌيءَ ۾ سوين تڙيل پکڙيل ملنديون. هتي انهن سڀني جا مثال ماپي سگهجن، سو ممڪن نہ آهي. البت ڪجهہ نمونا پيش ڪري سگهجن ٿا. ٽيرهين صديءَ ڏاري، ابڙو 'اجيت' وڏسر جو والي هو. جو جنگ ۾ شهيد ٿيو. سندس لاش لڪائي اچي ڪوٽ ۾ قابو ڪيائون. ويري سندس سر وڍڻ لاءِ آيا تہ ڏنائون تہ 'ابڙي ابڙائيءَ' جو نڊبو پٽ، ڏهن سالن جو 'ڏونگر راءُ' پالا بڙڇيون ڪنيو. پٺس تي پهرو ٻينو ڏئي. سندس ڏيا ڏسي دشمن دهلجي ويا.

(١) "ڳيچ": جلد ٢، ڀاڱو ١. باب ٩. (ڳيچ نمبر ٨٣)، ص ١٥٩.

وارو ڏنو. جنهن گرز سان همير جي سر تي گهاءُ هنيو. راڻيءَ سمجهيو ته همير پورو ٿي ويو، پر هو ڏک پچائي اٿي ڪڙو ٿيو.

گهاءُ لڳو گهڻج جو، ڇڻيو ڇٽ مٿان،
راڻيءَ اٿين پڪاريو، ته همير ويو هٿان.(١)

آخر همير سوڀ ڪئي، سڱ ڪيئون ۽ ڪڇ جو ملڪ ڪٽيو. 'اڳهاٽ همير وارا' جو ٽپو تڏهن کان ڪڇي جي سرڪاري ڪاغذن تي لڳڻ شروع ٿيو. (جيو وڃي ٿو ته مٿيون هيرو انهيءَ همير جي شاديءَ ۾ مڱڻهار ڳايو هو.) اهي جنگي ڳاهون ترقي ڪندي، دودي-چنيسر جي عهد ۾ اچي عروج تي پهتيون، جي موقعي سر ايندءيون.

## ڳاهن جو آخر دؤر (١٣٠٠-١٥٠٠ع):

هيءَ ڳاهن جو تڪميلي زمانو آهي، جنهن کي ڳاهن جو 'ادبي دؤر' يا (Literary ballad age) چوڻ کپي. جو ته هيل تائين جيڪي ڳيت ۽ ڳاهون مٿي اچي چڪيون آهن، تن ۾ ڪنهن به سگهڙ جو نالو نه آهي؛ جيڪڏهن ڪنهن جو نالو ٻڌڻ ۾ آيو به آهي، ته ان جا ٻول موجود نه آهن، ۽ جي ڪي ڳيت مليا آهن ته انهن جا ناهيندڙ معلوم نه آهن. هينئر تاريخ جو پهريون ڀيرو دفعو اهڙن سگهڙن جو تذڪرو هلندو، جي ڄاتل سڃاتل ۽ مڃيل ادبي شخصيتون آهن. اهڙن سڄاڻن جا سرواڻ، سمنگ چارڻ ۽ پاڳويان ٿي آهن. انهن کان پوءِ سلسليوار پير پنو ديبلي (شاهه حسين اپلاڻي)، درويش نوح هوٿياڻي (ڪيبرن وارو)، شيخ حماد جمالي (گجي وارو) ۽ اسماعيلي تحريڪ جا پرچارڪ ۽ داعي ستگر نور، صدرالدين وغيره جا نالا قابل ذڪر آهن، جيڪي ڳاهن جي هن سلسلي تي آخري مهر لڳائي ويا آهن. مٿين سگهڙن يا ڳهيرن جي تذڪري کان پوءِ، قديم سنڌي شاعريءَ جو تذڪرو به پورو ٿيو. مٿين روشن زماني جا اهي املهه رتن، نمبروار هيٺ ڏجن ٿا. سمنگ چارڻ ۽ پاڳويان جي احوال ڏيڻ کان اڳ هيءَ پڌرائي ضروري آهي ته جهڙيءَ طرح سما ۽ سومرا هڪٻئي جا حريف رهيا آهن تهڙيءَ

(١) "لوڪ ڪهاڻيون": (ڳاهن سان ڳالهيون)، ص ١١٥.
(٢) ناڻو، پنڊ، پان، پاٽ، ٻارٽ.

مهربان ٻيي ياعلي تون ئي تون؛
رب تون رحمان تون؛
يا علي اول آخر قاضي تون ئي تون.[1]

(ج) پير صدرالدين عرف 'ٻارگر' ١٤٠٩ع جا ناهيل "گنان" اڄ تائين ڳائبا اچن، جن ۾ عروضي تڪلف ۽ تصنع کان وڌيڪ موسيقيءَ جي 'غنا' موجود آهي ۽ جن جو مضمون هدايتن ۽ نصيحت وارو آهي. ڪي ٻول هيٺ ڏجن ٿا:

ڪيڙيون اڏائين گڊ ماڙيون، تين تي ڪيڙا رڪائين چٺ،
نيهي نينڊ ڊوڙ ۾، توتي لتون ڏيندا مٺ؛
سڻ وڻجارا، هو يار! من هروئڙو تو جيهولي.
هتي 'وڻجارا هو يار' وراڻي (Burden) آهي، جا لئہ ۽ سُر جي ڍار لاءِ هڪ ضروري ٽيڪ آهي.

(د) ان بعد پير حسن ڪبير (٤٩-١٤٥٠ع) پڻ مٿئين قسم جا گنان چيا آهن. اهي بہ اڄ تائين بدستور جهونگاريا ۽ آلاپيا وڃن ٿا. مطلب تہ پندرهين صديءَ جي پڇاڙيءَ سوڌو، ڪن شاعرن جو اهڙو ڪلام ملندو رهي ٿو، جنهن جو مضمون مذهبي، سياسي ۽ تبليغي وغيره آهي.

پڇاڙيءَ جو دودي-چنيسر جون ڳاهون، ٻاڱويان جي زبانيءَ ڏجن ٿيون. هي ڳاهون 'ڪبت' جي هيئت (Form) ۾ آهن، جي راڳ همير (۽ ڪيڏاري يا سورٺ) ۾ ڳائبيون آهن. ڳاهن جو انداز بہ گهڻو آهي، ۽ انهن مان ڪهڙي موقعي جون ڳاهون ڏجن ۽ ڪهڙي موقعي کي نظرانداز ڪجي، سو بہ هڪ مسئلو آهي. تنهن ڪري قصي جي منڍ کان ڪٽي، وچان بہ-ٽي ڳاهون ڏجن ٿيون:

(١) ٻونگر جي وفات، ۽ پڳ لاءِ چڪتاڻ:

ٻاتي ٻاتي ڏينهڙا، لڳا ٻونگر راوَ سُتي،

(١) "سومرن جي دور جي سنڌي شاعري" (مقالو): خواجا غلام علي الانا. 'رسالو مهراڻ' جلد ٩. نمبر١ ۽ ٢. سال ١٩٦٠ع. ص ١٤٨ کان ١٥١ تائين.
(٢) ميرائي فقير نواز علي ۽ دوست علي جي زباني.

ڪري، جڏهن دودو راڻ پڻ سر پڙ تي پلٽيو آهه- "آت ذرتي ٿي ڏان ڏان ڪري!" افغان اڪثين دوزخ ڏسن ٿا، جن لاءِ دودي قيامت ڪري ڇڏي. مسوپرڳڙيءَ جا ميراثي، هيءَ ڳالهه سُر حسينيءَ ۾ ڪندا آهن، ۽ ٻڌندي، حساس طبع وارن کي آسمان لرزندي محسوس ٿئي ٿو. جن به هيءَ رزم ڳائيندي ٻڌي هوندي، تن کي لڪيل ڳاهون ڪجهه بيجان ۽ ڦڪيون لڳنديون.

هن سربستي ڪيڏاري ٻڌڻ ڪان پوءِ، اعتراف ڪرڻو پوي ٿو ته ڀانَ جو گهر هن سڄي دؤر جي سگهڙن (توڙي پوءِ جي ڪن رزم گو شاعرن) ۾ اتانهون آهي. سندس ڪئين تڪون، جن ۾ جنگي محاورا ۽ رزمنامي جا اصطلاح آهن، پوءِ جي شاعرن وٽ ضرب المثل آهن. مطلب ته 'ڀاڳو' سومرن جي دؤر ۾ عظيم الشان هستي آهي.

## پڇاڻي:

پندرهين صديءَ جي خاتمي سان گڏوگڏ، سومرن جي سٺن-اٺن صدين جي ڊگهي حڪومت به ختم ٿي، ۽ انهيءَ سان گڏ ٿي "قديم سنڌي شاعري" جو لڳ ڀڳ هزار سالن جو پراڻو عهد پڻ پورو ٿيو.

سنڌي شاعريءَ جو هيءُ اوائلي دؤر، موضوع توڙي مفهوم جي لحاظ کان، سڌو سنئون ۽ سادگيءَ وارو دؤر آهي. هن ۾ نه الاهي راز آهن ۽ نه باطني رمزون؛ نه عشق مجازيءَ ۽ حقيقيءَ جي ڇڪتاڻ، ۽ نه وري شريعت ۽ طريقت جو بحث. هن دؤر جي شاعريءَ ۾ اهي ڳالهيون ڳولڻ ٿي اجائي خوشفهمي آهي. هن دؤر بابت ٻي ڳالهه هيءَ به ڌيان ۾ رکڻ کپي، ته پراڻي سنڌي شاعري 'سنگيت رس' جي ٿي اصولن تي ٻيٺل آهي. ڪيترا گيت جڙيل ٿي ائين آهن، جيڪي ڳائڻ وديا جي لئي تال ۾ بلڪل پورا نهڪي اچن ٿا. هن ۾ چند وديا کي به ڪو دخل ڪونهي. تنهنڪري هتي چند جا اصول آزمائڻ ۽ ماترائون ڳڻي ليکو ٻڌڻ، سڪي سوداءُ پڇاڻي آهي. ڇند جو پنهنجو الڳ دؤر آهي، جنهن ۾ ئي اهي قاعدا قانون ۽ پابنديون عائد ٿين ٿيون. اجا هيءُ راڳ رس جو ئي دؤر آهي، جنهن ۾ شاعريءَ کي پنهنجي آزاد حيثيت آهي، ۽ اهڙي

آزادي پندرهين صديءَ جي ختم ٿيڻ تائين قائم رهي آهي.

سورهين صدي عيسويءَ جي شروع ٿيڻ سان ئي، سنڌي شاعريءَ ۾ هڪدم ڦيرو اچڻ شروع ٿيو آهي. سادن ۽ بيترتيب ڳيچن ۽ ڳاهن جي جڳهه تي دوهي ۽ سورٺي جهڙيون ماپيل ۽ تُربيل پڪيون پختيون صنفون اڀري آيون ۽ نکري نروار ٿيون، جن ۾ پوريءَ طرح چند جا نيم نيايل آهن. هن دؤر جي موضوع ۽ مضمون تي، سينگار رس يا عشقيه شاعري (تغزل) جو رنگ غالب آهي. سنڌي شاعريءَ جو هيءُ 'پيو' دؤر شروع ٿيو آهي، جنهن کي 'دل جي سجاڳيءَ' يا 'روحاني بيداريءَ' وارو دؤر چئي سگهجي ٿو. "جوڳيءَ جاڳايو، ستو هوس ننڊ ۾!" انهيءَ جَڳ جا جوڳي آهن: سنڌنو سالڪ (سيوهڻ طرف جو)، اسحاق آهنگر (لهار)، درويش راڄو 'دَلّ'، ڪامل مجذوب، سيد علي ٺٽوي قاضي قاضن وغيره. اهي صاحب سڀ پندرهين صديءَ کان پوءِ جا آهن: هن کان اڳ متئين مضمون جو دائرو محدود ٿي چڪو آهي، تنهن ڪري هي سالڪ ۽ تارڪ پنهنجي علحده روحاني دؤر جو ئي افتتاح فرمائيندا.

هيڪيو جو اکر ونگڙو، جوگر تُسي ڏي،
انڌاري گهر ڏيولا، ڦرڦر جوت ڪري.

# پراڪرتي شاعريءَ جي شروعات ۽ قديم سنڌ

## تاريخي پس منظر

گذريل مقالو[1]، جيئن تہ صرف آريا لوڪن جي اِتهاس ۽ تاريخ تائين محدود رکيو ويو هو، تنهن ڪري ان ۾ نہ رڳو ٻين ٻاهرين قومن کي نظرانداز ڪيو ويو؛ پر خود مهاتما گوتم ٻڌ، جنهن خاص هندستان جي ڏُن مان ٿي عوامي اصلاح جي تحريڪ اٿاري ۽ عالمي انقلاب آندو، تنهن کي ٻئي ڇاپي ۾ ڇڏي ڏيڻو پيو (جيئن اڪثر ٿيندو آيو آهي.)

**ايراني حڪومت:** ٻاهرين قومن ۾ آريہ لوڪن کان پوءِ، اول ايراني هتي آيا. ڪن قديم روايتن موجب: مهاڀارت واري زماني (٨٠٠ ق. م.) کان بہ اڳي، ايران مان 'سيميراس' (Semiramis) سنڌ تي ڪاهہ ڪئي، جنهن ۾ هن عراق ۽ ايران جا سپاهي بہ آندا هئا. انهن کي سنڌ جي بادشاهہ 'بروبيٽس' (Staurobates)* پڇاڙي ڪڍيو، جيڪي مڪران جو ڪنارو ڏيئي پنهنجي ملڪ پهتا. اهڙوئي ٻيو

(١) سماهي مهراڻ ١٩٦٧ع، جلد ١٦، نمبر ٢.

* محترم ڊاڪٽر قاضي نبي بخش صاحب: صدر شعبہ فارسي (سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد)، شفقت فرمائي ڪيترن ئي مستند ڪتابن مان مٿين مسئلي جي وضاحت ڪندي فرمايو تہ راجا جو صحيح نالو ويرسين (Verasen) ۽ سندس لقب استوريتي (Sthavarpati) آهي. پر يونانين انهيءَ کي بدلائي استبروبيٽس (Stabrobates) بنايو، ۽ سيميراسيس جي سنڌ تي حملي جو سال ٨١٠-٨٠٥ ق. م. ٻڌايو اٿن.

حملو (ستين صدي ق.م ڌاري) هوشنگ 'پيشداديہ' پڻ ڪيو هو. تاريخي حقيقتن مطابق ايران جو سنڌ تي قبضو، ڇهين صدي قبل مسيح ۾ ڪياني شهنشاهہ 'سائرس اعظم' (۵۵۸-۵۳۰ ق. م.) کان شروع ٿئي ٿو. ڪياني ڪسرائن دنيا جي تاريخ ۾ نہ فقط پهرين منظم شهنشاهت قائم ڪئي، پر قديم دنيا جي تختي تي اها وسيع ترين سلطنت پڻ هئي. دارا اعظم جي عـــهــد (۵۳۰-۴۸٦ ق. م.) ۾ هن حڪومت جون حدون هڪ طرف تہ مصر جي ماٿريءَ ۾ نيل نديءَ تائين پکڙيل هيون، تہ ٻئي پاسي وري مهراڻ ندي اُڪري راجستان جي رڻپٽ تائين بہ سندس سِڪو هلندڙ هو. ايڏي وسيع دنيا جو انتظام رکندي، هن جي هٿان هڪڙو عظيم ڪارنامو ٿـي گذريو: 'پنجن سالن جي پيادي پنڌ جيڏو ڊگهو ملڪ'. تنهن ۾ آمد و رفت کي آسان بنائڻ ۽ ان جي دائمي سلسلي قائم ڪرڻ لاءِ، دنيا جي تاريخ ۾ پهريون ٿي دفعو پيچرا دريافت ڪيا ويا ۽ انهن کي سڌاري سرڪاري سڙڪون بنايون ويون[1]. انهي ڪري قديم زماني جا مڙيئي متمدن ملڪ ۽ مهذب قومون پاڻ ۾ ڪڙجي هڪ ٿي ويا. اهڙي عالمگير اتحاد ۾ سنڌ جو ملڪ پڻ عام سطح کان مٿي ايري، بين الاقوامي معاملن ۾ اڳواٽي ڪرڻ لڳو. دارا جي پُٽ زرڪيسز (Xrxes 486-465 B.C.) جيڪا يونان تي چڙهائي ڪئي، تنهن لاءِ پڻ مهراڻ جي ماٿريءَ مان ٿي جنگي جوڌا ميڙي جمع ڪيائين. هيروڊوٽس جي چوڻ موجب: سنڌ جي سپاهين توڙي سوارن کي سوٽي ڪپڙا پاتل هئا. هنن جي هٿن ۾ بانس جون ڪمانون ۽ بيد جا تير هئا، جن جي ڇهنبن تي وري فولادي ڦار چڙهيل هئا[2]. هيءَ پهريون دفعو هو، جڏهن يورپ وارن سندن ٿي سرزمين تي سنڌي سورما وڙهندي ڏٺا هئا. انهيءَ ايراني- سنڌي اشتراڪ جا احوال تہ سڪندر جي ڪاهہ تائين، بلڪ ان کان پوءِ بہ مفصل طرح سان ملندائي رهن ٿا؛ مگر هن مقالي جو مول مقصد فقط ٻُڌ مذهب ۽ ان جي نمائنده شخصيتن جي تاريخ ٿي ڏيڻ آهي، انهيءَ سبب ايران جي ايتري احوال تي اڪتفا

(1) Michael Rehta Martin: A Graphic Guide to World History- New York, 1959.

(2) George Woodcock: The Greeks in India. London 1966-p. 20.

ڪندي، مهاتما ٻڌ جي واقفيت ڏجي ٿي، جيڪو هن مضمون جو مرڪزي مانجهي آهي.

## مهاتما گوتم ٻڌ:

مهاتما "گوتم ٻڌ" - ڪرشن، رام، راوڻ ۽ لڇمڻ وانگي ڪو فرضي ڪردار يا ڪائي خيالي ڏند ڪٿا نہ آهي؛ پر هي هڪ اهڙي حقيقي ۽ تاريخي شخصيت آهي، جنهن جا ذاتي آثار اڄ بہ دنيا جي عجائب- گهرن ۾ محفوظ آهن. پاڻ نيپال جي شاڪيہ گهراڻي مان، راجا سڌوڌن جو وليعهد هو. سندس جنم (۵۵۸ ق. م.)* ڪپل وستو شهر کان پندرهن ميل پري لمبنيءَ واري باغ ۾ ٿيو، جنهن کي هاڻي لمبني ديوي سڏيندا آهن[1]. انهيءَ ڏينهن تي آسيت نالي هڪڙي ساڌوءَ هماليہ پهاڙ تان اچي، هن جي جڳت-گرو ٿيڻ جي اڳڪٿي ڪئي هئي. تنهن کان پوءِ ستين ڏينهن تي سندس والده مايا ديويءَ جهان ڇڏيو؛ جنهن جي نندي ڀيڻ (ماتا گوتمي) ٻار جي نيپاج خاطر سڌوڌن سان پرڻائي ويئي. اهائي پوءِ عام طرح سان سڌارت ڪمار جي ماءُ ليکي ويئي آهي. ٻوڌيستو جي ٻالجتيءَ کان ئي هيءَ عادت هئي، جو باغ ۾ لڪي اڪيلو ويهي ويچار ڪندو هو. سندس انهيءَ ايڪانت پسنديءَ جو آخري علاج هيءُ هو تہ هن کي دنيا جي جار ۾ جڪڙيو وڃي: تنهنڪري هن جي شادي سندس سڳيءَ سوٽ يشوڌرا ڪماريءَ سان ڪرائي ويئي. انهيءَ مان راهل نالي پٽ ڄائو، جنهن جي ستين ڏينهن تي ٻوڌيستو شاهي محل ڇڏي ڪٺي جهنگ مُنهن ڪيو. سندس تارڪ الدنيا ٿيڻ جو اصلي سبب اهو نہ هو، تہ هن ڪو مريض، مڙدو يا پيرسن پهريون ئي دفعو ڏٺا هئا؛ پر جنهن ڳالهہ هن کي حڪومت تان هٿ ڪشايو، سا هندومت جي هٺ ڌرمي هئي.

---

* مٿيون سن، ديوان بهادر سوامي ڪنوپلي تازي تحقيقات ڪري ڳولي ڪڍيو آهي. ديپ ونش پراڻ (عيسوي چوٿين صدي) ۽ مهاونش پراڻ (پنجين صدي) جي آڌار تي انهيءَ کي پوٺتي ڌڪيندي، ڪن تاريخن ۾ اهو سن ۵۸ کان ٦۵ سال اڃا بہ اڳاٿو ٻڌايو ويو آهي، تنهن ڪري تاريخن ۾ مونجهارو پيدا ٿي پيو آهي.

(۱) ڌرمانند ڪوسمبي، ٻڌ ڀڳوان مترجم: پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻي، نئين دهلي ۱۹۵٦ع، ص ۱۰۳. (۲) ايضاً، ص ۱۲۷.

ويدڪ زماني جا کتري آريا، درندن وانگي هڪٻئي جو چڪين ماس پٽي رهيا هئا. ٻگيہ ڪائينڊز برهمڻ وري پاڻ کي نوراني نسب مڃائڻ خاطر، کترين کي بہ خدا جي خوني بازُن جو مظهر مڃي، ويتر قتل جي بازار گرم ڪري رهيا هئا؛ مگر سڌارٿ ڪمار خود کتري هوندي بہ انهيءَ ڏرميءَ ٻڌ، ٻگيہ ۽ وڏيرڪي ٻڻ جي بنهہ برخلاف ٿي بيٺو. -"مون ۾ ويراڳ ڪيئن جاڳيو، سو ٻڌو: ماڻهن کي درندن وانگي وڙهندو ڏٺم... منهنجيءَ دل تي سخت چوٽ لڳي" (گاٿا-٢). - پنهنجن پيارن کي ڍورن وانگي ڪسندو ڏسي، هن جي دل کي ڌڌڪو آيو، سو هٿين خالي وڃي ڌرين جي وچ ۾ بيهو ۽ انهن کي ايلاز آزيون ڪري پاڻ ۾ پرچائڻ لڳو. اڳيان هو بہ ڪي کتريٽي جي هٺ ۾ ورتل هئا، سي نہ مڙيا. "مون محسوس ڪيو تہ گهر-گرهست گندو ۽ تڪليفن جو آستان آهي، هتي رهي ڪا بہ مڪمل نيڪي حاصل ڪرڻ ممڪن ٿي نہ آهي، تنهن ڪري ڪکن جا ڪپڙا ڪري، وڃي...[1]؛ پر پنهنجي پيءُ ماءُ، ڪنوار ۽ پُٽڙي جي پريت جو ڳٽ اڃا سندس ڳچيءَ ۾ قائل هو، سو "اي ڀڪشو! آءٌ پڻ مرض، مصيبت ۽ موت جي چنبي ۾ هوندي بہ، ڏک ڏهاڳ ۽ ڏولائي ۾ ورتل وٽن جي ور چڙهي ويس! تڏهن دل ۾ آيم تہ انهن (ڏکائيندڙ شين) کان پاڻ ڇڏائي، ڪوئي جڳ جو ڇوٽڪارو ڳولي ڪڍجي"[2].

سندس سرچائڻ واسطي ڪيتريون ئي ڪنيزون ۽ ڪماريون محلات ۾ موجود هيون. سي جڏهن ڳائي وڄائي سمهي پيئون، تڏهن ڪنهن جي وات مان ڳگ وهڻ لڳي تہ ڪا وري ٻڇڙو منهن ڪري (خواب ۾) وِڦلڻ لڳي. سو ڏسي، ٻوڌيسٽو کي ٻيٽي ٻجان آئي. پنهنجي ڪوچوان 'ڇن' کي جاڳائي ڪَنٿَڪ گهوڙو ڪاهي نديءَ تي آيو. اتي پنهنجن وارن جو چوٽو ترار سان ڪپي، شاهي لباس، ڳهڻا، لٽا ۽ گهوڙو ڇن کي ڏيئي، پاڻ درياهہ ۾ ٽپي پيو ۽ سالن تائين وري سندس ڪو پتو ڪونہ پيو.[3]

(١) ڏرمانند ڪوسجي؛ ٻڌ ڀڳوان، ص ١٢٩. (٢) ايضاً، ص ٣٠.
(٣) ايضاً، ص ١٣٤.

حق جي تلاش ۾ هن کي ڪيترائي ڏرمي پنڊت منهن پيا، تن سان بحث مباحثا ڪندي بہ ڪيس ڪو اطمينان ڪونہ ٿيو. آخر وڃي اُرويلا (گيا) جا سُجا جهنگ وسايائين. "اي اگوسين! جيڪي جهنگل بلڪل پوائتا سمجهيا هئا، اتي گگهہ اونداهين ۾ بہ آءٌ اڪيلو وڃي ويهندو هوس. هوا ۾ پن کڙڪڙ ڪندا هئا، ڪو مور وڻ تان ڪا سڪل ڏانڊي ڪيرائيندو هو، يا ڪو هرڻ اکين اڳيان ڊوڙي ويندو هو تہ سمجهندو هوس تہ شايد انهيءَ کي ئي ڊپ ڪوٺيندا آهن"[١]. "اي سچڪ! آءٌ ڏند ڏندن تي پيهائي، زبان تارونءَ تي چمائي، خيال قبضي ۾ ڪري، جڏهن فڪر ۾ غرق ٿي ويندو هوس؛ تڏهن منهنجي ڪڇن مان پگهر ريلا ڪري وهي نڪرندو هو... ڏيان لڳائڻ ۾ ساهہ بہ روڪي ڇڏيندو هوس تہ وري ڪنن مان ساهہ نڪرڻ جهڙا آواز پڌندو هوس"[٢]. اهڙيءَ طرح ڪک پن کائي بہ ست سال ساندهہ سخت رياضتون ڪندو رهيو." اي اگوسين (سچڪ)! آءٌ هڪڙو پير کائي بہ ويلو ٽاري ڇڏيندو هوس، مگر منهنجو ڏيک نهايت ئي ڏبرو ٿي ويو هو: ڪَچي ڪدوءَ وانگر منهنجي کل گهنج ڪري سڪي نوٽ ٿي ويئي. وَل جي ڳنڍين وانگر سنڌن جا ڳنڊ پيا ڏسبا هئا. ڇت جي ٽِڙڪيل پٽين وانگر منهنجيون پاسريون پيون لڙڪنديون هيون. اٺ جي پير وانگي منهنجي ڊونگري ٿي ويئي هئي. اپ جا تارا جيئن اونهي کوهہ ۾ ڏسبا آهن، تيئن منهنجو اکيون ڪوپريءَ ۾ ڏسبيون هيون. پيٽ تي هٿ گهمائيندو هوس تہ پٺيءَ جو ڪنڊو هٿ کي لڳندو هو. مٿي تي هٿ ڦيريندو هوس تہ وار ڇڻي پوندا هئا. پيشاب يا پائخانو ڪرڻ ويهندو هوس تہ اتي ئي پٽجي رهندو هوس"[٣] . اهڙيءَ نازڪ حالت ۾ وري شيطان (مار) اچي، ڪيس حياتيءَ ڪَٽڻ جو خوف ڏيئي برغلايو.

انهيءَ ڪان ٿورو اڳي مائي سُجاتا نالي، ڪنهن مالوند جي زال، بوڌيستو کي ڀوت سمجهي، کير ڇڪو اچي پيئا رکيو. اهو ورتائي وري بہ پوري اعتماد سان رياضت ۾ لڳي ويو. تان جو مار (شيطان) سان

(١) ڌرمانند ڪوسجي: ڀڳ ڀڳوان، ص ١٥٢. (٢) ايضا، ص ١٤٥. (٣) ايضاً، ص ص ٧٧ ۽ ١٤٦.

مقابلو ڪندي گهٽي رات گذر ٿي ويئي. اها ويساک جي چوڏهين تاريخ هئي، جنهن جي پوئين پهر تي سنڌس اندر ۾ الهام آيو ۽ ڪيس نئين روشنائي نصيب ٿي. چئن اعليٰ حقيقتن جو هن کي علم حاصل ٿيو. انهن جي بنياد تي وري اٺن وصفن وارو روشن رستو پڻ معلوم ٿيس ۽ پوڌيستو مان چڙهي ٻُڌ (عارف) ٿيو. انهيءَ معرفت مان ڪيس ايڏو اطمينان ۽ سڪون سريو، جو ستا سارا ست هفتا، انهيءَ سرور قلبيءَ جي ڪيفيت ۾ ئي محو رهيو. انهيءَ سان گڏ ئي، هن ذميداريءَ جو احساس به سنڌس اندر ۾ اڀرندو آيو ته هيءَ گيان جو ڏکهي انتظار ۽ ڪيتري ڪشالي ڪڍڻ بعد مون کي مليو آهي: سو هن لاءِ آهي ته انهيءَ جو لاڀ عام لوڪن کي ضرور ملڻ گهرجي، تنهن ڪري باقي زندگي ٻين جي ڀلي ۽ سک لاءِ صرف ڪرڻ جو هن فيصلو ڪيو ۽ موٽي انساني آبادين ڏانهن پنڌ پيو. آکاڙ جي مهيني ۾ ئي اچي سارناٿ ۾ سهڙيو. اتي پهريون دفعو (٥٢٢ ق. م.) پنجن پنڊتن کي اچي تلقين ڪيائين. اهڙيءَ طرح ئي اول 'ڌرم چڪرورتن' (قانون جو ڦيٿو ڦرڻ) چالو ٿيو.

"اي ساڌئو! هي چار اعليٰ حقيقتون ياد رکجو: هيءَ حياتي ۽ ان جون گهرجون، بيماري ۽ ٻڍاپو، محتاجي ۽ موت سو سڀ ڏک ۽ ڏک آهي، اها پهرين بنيادي حقيقت اٿو. دائمي حرص و هوَس ۽ ان مان اٿندڙ تمنائون به عذاب آهن، سا ٻي سچي حقيقت اٿو. انهيءَ حرص و هوَس کي صبر ۽ قناعت سان دٻائي ضابطي هيٺ آڻڻ، ۽ انهيءَ کان بي نياز رهي پاڻ تان عذاب ٽارڻ، اهو ٽيون حقيقي سچ سمجهو. ۽ چوٿين اعليٰ حقيقت هيءَ آهي ته مٿين مڙني مصيبتن جو آسان علاج، اٺن اصولن واري 'معتدل مذهب' ۾ آهي. هاڻي اهي اٺ نيم (نڪتا) ڪهڙا آهن، سو ٻڌو: صحيح سمجهه، صحيح حافظو، صحيح قول، صحيح فعل، صحيح عبادت، صحيح پرهيز ۽ صحيح روزي." اهو آهي مهاتما گوتم ٻڌ جو پهريون وعظ جنهن کي 'مذهبي چرخي جو چُرڻ' چيو ويو آهي. انهيءَ جاءِ تي پوءِ سارناٿ يونيورسٽي قائم ڪئي ويئي.

چند مهينن ۾ سنڌس سگهه (انجمن) جو انداز سٺ تائين پهچي ويو. اتي مهاتما جي من ۾ آيو ته جڏهن سارو جڳ اڇاٽائيءَ جي

اوندهه ۾ غرق هجي، تڏهن اسين پنهنجي سک ۾ ساءُ سمجهون؛ انهيءَ ڪان هلڪي ڳالهه ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي! تڏهن تٿاگت (تِتي پُهل) چيو: "اي ڀڪشو! هاڻي سڀني جي سک ۽ ڀلائيءَ خاطر اٿي ڪڙا ٿيو. عوام تي شفقت ڪريو ۽ سچ جي پرچار لاءِ سندرو ڪشيو... ٻه ساٿي واٽ سان هڪ ڄڻا نه وڃو[1]". انهن جا اپديش ٻڌي، ڪٿان ڪٿان جا ماٺهو تٿاگت وٽ رجوع ٿيڻ لڳا. ٿورن ئي سالن ۾ پنج سؤ ڀڪشن جو سنگهه (جماعت) مختلف ملڪن ۾ پرچار ڪندي پکڙجي ويو. مگڌهه جي مهاراجا بمبسار ۽ ڪوشل جي راجا پسيند پڻ ٻڌ مذهب مڃيو.

ڀاڳونت ٻڌ پرچار ڪندي ڪپل وستوءَ ۾ ٻکيا وٺڻ آيو ۽ پنهنجي ئي گهر اڳيان اچي سَٽيَن هنيائين. يشوڌرا ديويءَ يڪدم پنهنجي پتار کي سجاتو ۽ راهل ڪمار کي سڏي چيائين "پٽ! اهو تنهنجو ابو اٿيئي، وڃي ڪانئس ورثو گهر." راهل ڪمار سندس پاڇي ۾ بيهي چيو "ڀڳونت! توهان جي ڇانوَ سک واري آهي!" تٿاگت اتان ئي پويان پير ڪيا. راهل ڪمار به سندس پاڇي سان لڳو آيو. آستاني تي اچي، اول راهل کان وچن ورتائين. "پاڻ کي پيغمبرزادو سمجهي ڀيکارين جي بي ادبي ته نه ڪندين؟" اها پڪ وٺي، پوءِ سنگهه ۾ داخل ڪري، ڪيس ساريپت جي سپرد ڪيائين.

اتي ماتا گوتمي پڻ محلات ڇڏي، اچي سنگهه جو سهارو وٺڻ چاهيو. مهاتما ٽي دفعا ان جي ڳالهه اٿبڏي ڪري، وئشالي (بهار) ڏي هليو ويو. ماتا مايوسيءَ ۾ مٿو منائي، گيڙو ڪپڙا ڪري، سندس پٺ ورتي. ايتري پنڌ هلڻ ڪري سڄي ڌوڙ ۾ پيوت ٿي ويئي ۽ سندس پير سڄي ڦاٽي پيا. اتي آنند اچي مهاتما کي منٿ ڪئي ته: جنهن ماسيءَ اوهان کي نپائي اپڏو ڪيو، ان کي عورت ذات جي ڀلائي خاطر، چاڪريءَ جو موقعو ملڻ گهرجي. مهاتما وري به انڪار ڪندي چيو ته "اي آنند! استرين لاءِ جي هن پنٿ" ۾ ڪا به جڳهه نه هجي ها، ته هي مذهب هميشه هلي ها؛ پر هاڻي فقط هڪ هزار سال هلندو. سو به پنجن

(١) ڌرمانند ڪوسجي: ٻڌ ڀڳوان، ص ١٨٢.

صدين کان پوءِ ڪرڻ لڳندو. تنهن هوندي بہ ماتا کي هي شرط منظور هجن، تہ سدا اچي سيوا ڪري: 'ٻيڪارڻ (Nun) ساري ڄمار بہ ڪٽي سنگهہ ۾ گذاري، تڏهن بہ ڪنهن ڀڪشوءَ سان بي ادبيءَ ۽ بي حجابيءَ سان نہ ڳالهائيندي؛ پر پاڻ سڀني کي هٿ جوڙي، هنن کان نيم سکندي رهندي... هر چوماسيءَ بعد پنهنجي ڪوتاهين جو ساري سنگهہ اڳيان ڪليل اعتراف (Confession) ۽ پڇتاءُ ڪندي وغيره". ماتا اهي سڀ ڳالهيون خوشيءَ سان مڃي، سنگهہ ۾ داخل ٿي[1]. پوءِ تہ وٽس ڪيتريون ئي ڪُراڙيون ۽ بيواهيون اچي گڏ ٿيون. وِساکا نالي اوڏ جي سيٺاڻيءَ سڄي ملڪيت وقف ڪري، خاص زالن واسطي وهار ٺهرايو ۽ پاڻ بہ ماتا سان گڏجي شيوا ڪرڻ لڳي. تنهن ڪري پوءِ علحدو 'ڀڪشٽي سنگهہ" (Convent) ٺهيو.

جڏهن معتبر ماڻهو بہ سوَن جي انداز ۾ اچي ڀڪشو ٿيا، تڏهن مهاتما کي سندس سڳو سؤٽ ديودت ڦري آيو. چي: توهان جو حقي وارث مان ئي آهيان، تنهنڪري توهان پنهنجي جيئري ئي مون کي جماعت جو اڳواڻ مقرر ڪري وڃو، تہ جيئن توهان کان پوءِ سڄو سنگهہ سنڀالي سگهان[2]. مگر مهاتما مائٽيءَ جو ڪو بہ لحاظ نہ رکي، سندس رٿ کي ريٽي ڇڏيو. ديودت انهيءَ کان اڳيئي اجاتسترو راجا تي دوستيءَ جو دام وجهي چڪو هو. راجڳرهہ جي راءِ بمبسار جڏهن اجاتسترو کي پنهنجو وليعهد ٿاپيو، تہ ديودت اچي هن کي هڪدم زوريءَ حڪومت هٿ ڪرڻ لاءِ هرکايو هو. - "اي راجڪمار! پٽهين کي پورو ڪري، راجائي ماڻي وٺ. توکي الائي ڪڏهن تخت ملي، تيسين تہ ڄمار ڳري ويندي!" ديودت جي اهڙيءَ ٻڄ ڪرڻ تي ئي پنهنجي پيءُ کي منهن سامهون ماري، پاڻ مگڌهہ جو مهاراجا ٿيو هو[3]. هاڻي ديودت جو وارو هو. هن لاءِ پنج سؤ پيارن جي ماني تہ محلات مان منظور ٿي چڪي هئي، سو ڪيترائي ڀيڪو راجڳرهہ ۾ ڪٺا ڪري

(۱) ڌرماننده ڪوسمبي: ٻڌ ڀڳوان، ص. ص ۲۰۸-۲۱۰. (۲) ايضاً، ص ۲۰۱.
(3) Dr: Radha Kumud Mookerji: The History and Culture of the Indian People. Vol: II. "The Age of Imperial Unity." Bomboy. 1935. (Edted by: Dr. R. C. Majumdar) p. 22.

برغلائي رهيو هو[1]. هٿي وري پنهنجي حق تلفي سمجهي، وچي اجاتستروءَ سان اورياڻين. - "سڌارت گوتم جي چمار پوري ٿي پوي ته آءٌ هڪدم سندس جاءِ نشين ٿي وڃان." راجا پنهنجا رهزن جلاد روانا ڪيا، پر اهي پاڻ وڃي ڀڪشو بڻيا[2]. پوءِ پهاڙ تان هڪڙو پٿر مهاتما جي مٿان ڪيرايائون، اهو به ڪسي ويو[3]. نيٺ "نيلگري" نالي هڪڙو مست هاٿي مٿس ڇيڙيائون، جنهن مهاتما جي اڳيان مٿي ڪٽي پنهنجي مٿي تي مکي ۽ هميشه لاءِ مستي ڇڏي، موٽي اچي محلات اڳيان ويٺو. اجاتسترو ته اهو چمتڪار ڏسي، پشيمان ٿي اچي پيش پيو. ديودت وري اچي مهاتما مهندان هيءَ حجت هلائي ته جماعت جي رياضت لاءِ تلخ آزمائشون تجويز ڪريو. جڏهن اها دعوا به رد ٿي، ته ڳيا ۾ وڃي ڀڪشن کي گمراهه ڪرڻ لڳو[4].

ٻئي طرف پاڻ کي 'پاڪيزه نسل' چوائيندڙ ۽ يڳيه ڪائيندڙ برهمڻ حو خانداني ڍونگ به ڪلي چڪو هو. اهي پنهنجيءَ پر ۾ ته ڄڻ ڄمندي ئي ڄام هئا ۽ ساري انسانيت کان الڳ، پاڻ کي هڪ اشرف ۽ اعليٰ مخلوق تصور ڪندا هئا. مگر مڙني انسانن جي طبعي توڙي فطري صورت ۽ حالت هڪجهڙي هئڻ ڪري، جو انهن کي به عام انساني حيثيت سان سڃاتو ويو، سي سندن "پيرن جي پيدائش' خاڪي پڪشن، توڙي پينار گوتم جي پنيان ڇتا ٿي لڳا. مگر مهاتما انهن مڙني کان بي نياز، چاليهه سال سانده خدا جي بندن جي خدمت ۾ لڳو رهيو. البت پوين ڏينهن ۾ بعضي، مهين جا مهينا به ڪنهن غار اندر لڪي (جتي ڪيس ڪو به سڃاڻي نه سگهي)، وڃي سماڌي (مراقبي) ۾ ويهندو هو. اها ريت اڃا تائين به اوڙيا، آسام، برما، سيام ۽ سلون ۾ عام آهي، پر تبيٽ ۾ ته ويتر وڌاءَ سان به چالو آهي. اتي جا 'لاما' *

(١) ڌرمانند ڪوسجي، ٻڌ ڀڳوان - ص ٢٠٢.
(2) Dr. Ragha Kumud Mookerji: The Aje of Imperial Unity. p 27.
۽ ڌرمانند ڪوسجي ٻڌ ڀڳوان، ص ٢٠١.
(٣) ڌرمنند ڪوسجي، ٻڌ ڀڳوان ص. ص ٢٠١ ۽ ٢٨٠.
(٤) ايضا. ص ص ٢٠٢ ۽ ٢٠٤.
* اسان جي عوامي آکاڻين ۾ جو "هڪڙو ديو ڇهه مهينا جاڳندو هو ۽ ڇهه مهينا ننڊ ڪندو هو" - سو شڪ نه آهي ته هماليه پربت جو ڪوئي لاما خيال ۾ آندل هجي.

سچاڻ ۽ وڏا بيڪاري گڏجي ويهو تہ تٿاگت جي تعليم کي هڪدم ڪٺو ڪجي، نہ تہ ٻيا ڀڪشو بہ سيدر وانگيان ڇڙواڳ ٿي ويندا"[1]. انهيءَ چوماسيءَ ۾ پوءِ پنج سؤ پڙهيل ڀڪشو چونڊيا ويا. تن ۾ جهوني 'ڳاهہ پتي' آپاليءَ کي مهاتما جون مڙيئي ڳاهون ياد هيون. جيڪو پوءِ 'ڏرمپال' مجيو ويو. تنهن جي تصديق سان اول انتظامي اصول (ونيہ) جمع ٿيا. آنند اڪثر مهاتما جي خدمت ۾ ٿي رهندو هو. تنهن وري عقيدي ۽ عبادت جا 'سُت' سٽايا، سي، سڀني جي صلاح سان صحيح مڃيا ويا[2]. انهن ٻنهي جي سمجهاڻيءَ ۾ سوال-جواب، جيڪي مهاتما پاڻ پنڊتن سان ڪيا هئا: سي وري ساريپت نالي هڪڙي سنت (رهل جي گروءِ)، پنهنجي پيارن کان پڇندي، اهي 'اڀدرم' گڏ ڪيا[3]. تيسين، راءِ اجاتسترو ڀڪشن کي بکيا موڪليندو رهيو ۽ ديودت وري بہ وڏيرپ لاءِ ور وجهندو ۽ نفاق آڻيندو رهيو.

پنڊت پنهنجا پستڪ پوست يعني چمڙي تي ٿي لکندا هئا. پر ٻڌ مذهب ۾ تہ ماس ورتائڻ جي منع هئي، سو پليت کلن تي پوتر وچن وري ڪيئن لکبا؟ تنهن ڪري اهي سُت ۽ وچن وڻ جي پن تي لکي، جدا 'پِٽڪ (پنڊي يا ڇبيءَ) ۾ سانڍيندا ويا. اها ٽِپٽي ٽُپ ٿي ويئي، تہ وري ٻي ڇليءَ ۾ 'ونيہ' وڌا ويا. آخر 'ابدرم' سميت جڏهن ٽيئي ٽوڪريون نمتار ٿيون تہ 'ترپٽڪ' تيار ٿي ويا.

ڪن جو چوڻ آهي تہ اهي ابدرم، سُت ۽ ونيہ وارا صحيفا اول زباني صورت ۾ هئا. جيڪي مهاڪاشيپ جي نگرانيءَ هيٺ سڄو ساوڻ سچاڻ ڀڪشو هڪٻئي کي صحيح ڪرائيندا رهيا؛ ۽ ٻيءَ ڪانفرنس تائين بہ پارت ۾ اجا ڪا لکت ٿي موجود ڪانہ هئي! ٻئي طرف انڊيا جي آرڪيالاجيڪل کاتي وارن کي تہ پنجين صديءَ (ق. م.) کان ٿي لکت جو ثبوت مليو آهي. - "پارت ۾ برهمي لپيءَ جو جهوني ۾ جهونو روپ، نيپال مان مليل بستي ضلعي جي وپروا ٽِبي تي ۽ اجمير

(١) ڏرمانند (بومڪا): ص ٢٤.
(٢) ايضاً. ص ص ٢٤-٢٥.
(٣) ايضاً. ص ١٨٨.

ضلعي جي بڙلي ڳوٺ واريءَ لڪت مان مليو آهي. شري اوجها ثابت ڪيو آهي تہ اهي اکر عيسوي سن کان بہ ۴٨٣ ورهيہ اڳ ۾ لکيا ويا آهن"[١]. پھرينءَ ڪانفرنس جو بہ تہ اهو ساڳيو ئي زمانو آهي! ويد شاستر تہ شايد انهيءَ کان بہ اڳ ڇهين صديءَ قبل مسيح کان ئي لکجڻ لڳا هوندا! يا تنهن ثاني اهي بہ زباني حالت ۾ هوندا؟

## ٻڌ مذهب جي ٻي مجلس:

ٻڌ مذهب جي ٻي مشهور ميٽنگ يا مجلس وئشالي جي سسئناگ راجا ڪالاسڪ 'ڪاڪورٽيءَ' (٣٨۴-٢۵۴ ق. م.) ڪوٺائي هئي. هن ۾ 'پورب توڙي پڇم' جا سڀ پينارا پاڻ ۾ مليا. تن ۾ تتاگت جي زماني جا آٺ 'بزرگ ڀڪشو' بہ پاڻ سان ڪٺي آيا. يَشہ نالي هڪڙي عالم ڀڪشو کي صدر چونڊيو ويو. (اهڙيءَ چونڊ ۾ ڀڪشو سنهڙيون ڪائيون ووٽ وانگر ڪم آڻيندا هئا). ديودت گذاري چڪو هو، پر هلڪا سلڪا اختلاف تہ موجود هئائي. 'وِنيہ پٽڪ' مان ڏهن خسيس نڪتن تي ڇڪتاڻ ٿي: جهنگ ۾ رات جو آستانو ڪجي تہ ان کي دائرو (رک) ضروري آهي يا نہ. مانيءَ جي مٿان لَسي ٻي سگهجي ٿي يا نہ. تڏي تي ويهي سگهجي ٿو يا نہ. پاڻ سان لوڻ رکي سگهجي ٿو يا نہ. ٻکيا ۾ روڪڙا سِڪا ملن ٿا تہ (وهار لاءِ) وٺجن يا نہ... وغيره[٢]. وڏي ڳالهہ تہ سنسڪرت جي برعڪس پراڪرتي (پالي ڀاشائن کي مذهبي حيثيت سان ٻکراءِ تسليم ڪيو ويو. -"حقيقت ۾ 'پالي' لفظ، ڪنهن بہ ٻوليءَ جو خاص نالو ڪونهي. ٻڌ گهوش آچاريہ جي زماني ۾ سِينِ (ڏرمي) ڪتابن کي پالي ڪري سڏيندا هئا. جيئن پاڻنيءَ جي 'ڇندسي' لفظ مان (ڏرمي) ويدن ڏي ۽ "ڀاشايام" لفظ مان سنسڪرت ڏي اشارو آهي، تيئن ٻڌ گهوش آچاريہ 'پالي' لفظ، پهريائين ترپٽڪ جو (ڏرمي) نالو ڪري ورتو آهي. ماڳڌي لٽريچر کان سواءِ، سلون جي

(١) پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي: ڀاشا شاستر (بمبئي) ص ص ١٧٠-١٧٣.
(2) Dr: Nalinaksha Dutt: The Age of Imperial Unity. Bombay. 1953. (General Editor, Dr: R. C. Majumdar.) pp. 378-379.

'سنهالي' ڪتائن کي ٻڻ پالي چوڻ ۾ آيو"(١). مطلب ته پالي لفظ، ٻوليءَ کان وڌيڪ ٻوڌي ادب جو نالو آهي، جو ڪنهن به ڏيهي زبان ۾ هجي.

## سڪندر اعظم ۽ سنڌ جا پيِنار:

منٿين ڪالاسڪ 'ڪاڪورٿيءَ' جي وفات (٣٥٤ ق. م.) کان ويهارو-ٽيهارو ورهيه پوءِ (٣٢۴ ق م.) سڪندرِ سِنڌ تي فوجي قبضو ڪيو. پر سنڌ ۾ ٿي سڪندر کي ذهني ۽ روحاني شڪستون به آيون هيون. پهرين بيمزتي آچاريه ڊنڊيءَ (Dandamos) کان سنائين. سڪندر هن سواميءَ جي ساراهه. پائرهو ۽ اونسڪريٽس جهڙن عالمن کان ٻڌي هئي، سو پنهنجي سفر جي هيءَ انوکي سوغات پاڻ سان نين چاهيائين. انهيءَ ڪري اچي ساڌوءَ جو سلامي ٿيو ۽ نذرانو آڇڻ لڳو. پينو ٻيپرواهيءَ سان چيو. "مون وٽ ته اڳيئي سيڪجهه آهي. تون ڪو وڌيڪ به ڏيئي سگهندين ڇا؟" هن کي جڏهن هلڻ لاءِ چيو ويو ته ساڌو سنئين جواب ڏيڻ جي بجاءِ اٿلو آڏيءَ پڇيا ۾ اچي پيو. - "اي سڪندر! ايڏو پري پهچڻ جو ڀلا ڪيئن سوچي سگهيو آهين!" سڪندر اهڙا-سوال سهي نه سگهيو ۽ ڪٿي پٺ ورايائين(٢). آخر اروڙ کان هيٺ هلندي ڪلياڻ (Calanus) نالي سان ڪو ٻيو سنت سجهندو هوس، تنهن کي ڪنيي ڪنبائين. سو ساٿس گڏ سوسا ڏي هلندي، واٽ تي ناساز ٿي وجي ڏاڪهه چڙهيو ۽ ڳاهون ڳائيندي، باهه جي ڀيڙ ۾ ڏوڪي پيو. اتان سڪندر کي سڏي چيائين، "پاڻ وري بابل ۾ ملنداسون." بيڪاريءَ جي روحاني طاقت اڳيان آڻ مڃيندي، سڪندر سجو ڪنڌ ڪلو ڪري، پنهنجي سر ڪيس فوجي سلامي پيش ڪئي(٣).

اروڙ ۾ راجا موشڪن کي مارائڻ بعد، لاڙ جي پاتال بندر ۾ سمي جام (سامبس) سان صلح ڪري، سڪندر ساموندي ساحل تي

(١) ذرمانند ڪوسجي، ٻڌ ڀڳوان، ص ص ٢٢ ۽ ٢۴.

(2) George Wood Cock: The Greeks in India. P. 33.

(3) G. W. Cock: Greeks in India. p. 34.

گهٽو وقت گذاريو. تڙ جي تعمير ڪرائي، ان جي آبادي ۾ زبردست اضافو آندائين. پوءِ پيٿان (Peithon) کي پاتال جو والي بڻائي بابل پهتو، جتي (٣٢٣ ق. م.) ڪليانڻ جي پيشنگوئي پوري ٿي ۽ سڪندر وچي ساٿس مڪيبو. سنياسي ڊنڊيءَ وارو سوال پڻ هتي سمجهه ۾ آيو. پيٿان پوءِ پوري مغربي پاڪستان (قديم سنڌ) جو والي بڻيو. پر سندس سڀني مقبوضات مان سڀ کان اول (٣٢١ ق. م.) سنڌ مان ئي آزاديءَ جي لهر اٿي ۽ اها پاتال کان پيدا ٿي هئي. چندرگپت موريا جون گوريلا سرگرميون به ڏکڻ سنڌ (لاڙ) مان ئي شروع ٿيون[1] پيٿان درياهه ٽپي وڃي، بلوچستان ۾ دم پٽيو ۽ اتانارڪوشيا (قنذار) ڏي ڀڄي ويو. يوناني حڪومت ستن سالن اندر (٣١٦ ق. م.) پوري ٿي. ڏهن سالن بعد (٣٠٦ ق. م.) سيليوڪس نڪيٽر، سنڌوءَ جي ڪناري تي اچي موريا مهاراجا سان صلح ڪيو ۽ پنهنجي ايرانڻ ڏيءَ (افغانستان سميت) بندوسار موريا کي ڏنائين. انهيءَ مان اشوڪ اعظم ڄائو. جنهن تيون مشهور ميڙ ڪوٺايو[2].

## اشوڪ موريا ۽ ٽين ٻوڌي مجلس:

بندوسار موريا جي مرڻ وقت (٢٧٣ ق. م.) اشوڪ افغانستان جو وائسراءِ هو. اتان اچي، ڀائرن سان چار سال جوٽون ڪائي، زوريءَ حڪومت هٿ ڪيائين. وري ارڏائيءَ سان ڀيرون وجائيندو، اچي ڪلنگا تي ڪڙڪيو ۽ خونريز جنگ کان پوءِ اتي جو به قبضو ورتائين. نيٺ جڏهن نگروڌ نالي ڀڪشوءَ جي منهن چڙهيو، تڏهن توبهه تائب ٿي، اهڙين ارڏاين کان هميشه لاءِ هٿ ڇڏائيو. -"جنگي ڀير جو وڄڻ هاڻي هميشه لاءِ خاموش ڪيو ويو ۽ انهيءَ جڳهه تان هاڻي وري مذهب جي منادي گونجائي ويئي آهي. هاڻي لڙائيءَ لاءِ نه ڪنڪ ۾ ڪو به ناد ڪونه وڄندو، باقي ديونمپيا (اشوڪ)، فقط چال سڌارڻ جو سڏ وڏو آهي. "IV Major Rock Edict"[3]. منيءَ ۾ ٻارهن مهينا، پالڻهار وٽ

(1) Dr. Radha Kumud Mookerje: The Age of Imperial Unity. p. 58.
(2) G. W. Cock: Greeks in India. pp. 41, 42, 44.
(3) Dr: Radha Kumud Mookerji: Age of Imperial Unity. p. 83.

وهار ۾ ويهي، بيڪو سنگهہ ڪان وِنيہ (سکيا) ورتائين. -" هاڻي پريہ درشن (اشوڪ) کي پلي تہ ڪير ڪيترو بہ ڪٿي ڏکوئي؛ پر ديونپميا اهو سڀڪجهہ صبر سان سهندو؛ "Minor Rock Edict"(۱).

اشوڪ جيڪو بہ قانون ڪڍندو هو. انهيءَ تي اول پاڻ ئي عمل ڪندو هو تہ مڙني لاءِ مثال بڻجي. -"اڳي شاهي دعوت ۾ روزانو ڪئين جانور ڪسندا هئا. پوءِ هڪڙو هرڻ ۽ بہ مور سڀ محلات لاءِ محدود ڪيا ويا. هاڻي اهو هرڻ تہ ڇڏيو، پر آئيندي لاءِ تہ اهي موربہ ڪين ڪسندا. راجا پريہ درشن اوهان کي بہ ساهوارن جي جيئندان لاءِ ساڳي صلاح ڏئي ٿو." ڀڪشو بڻجڻ بعد، ڌرمپال آپگپت جي پٺيان لڳي، لمبني، گيا ۽ سارنات وغيره جون زيارتون ڪندي، ڌرم پرچار لاءِ پڻ پاڻ پتوڙيندو رهيو. -"پيءُ ماءُ جو حڪم مڃو. نيڪ ماڻهن کي ماڻ ڏيو. پوڙهن جي خدمت ڪريو ۽ پاڙيوارن سان نهي هلو." انهيءَ اپگپت جي ئيي صلاح تي، پاٽنا ۾ ٽين ٻوڌي ڪانفرنس (۲۵۴ ق. م.) ڪوٺايائين. ڀڪشو مؤد گلپتر 'تِشيہ'، انهيءَ جو صدر چوندبو ويو. ٻين ڀڪشن مان هڪ هزار چوند بزرگن، لاڳيتا نَوَ مهينا نهايت ئي زوردار مباحثي ڪان پوءِ، 'ڪٿاوٿو' نالي ڪتاب لکي، ڌرم جو اصلي روپ اشوڪ اڳيان آندو. اهوئي پوءِ عالمي تبليغ لاءِ هن استعمال ڪيو.

-"سڀيءَ دنيا جي بهتري هاڻي منهنجو مکي فرض آهي. پر انهيءَ جي ڪاميابي وري ڪشالي ڪڍڻ ۽ ڪم جي اڪلاءَ ۾ آهي. آءٌ ڪيتري بہ ڪٿي جاکوڙ ڪريان. پر مون کي تسلي نٿي ٿئي. انهيءَ لاءِ مون هيئن ڪيو آهي تہ هر وقت ۽ هر جڳهہ تي؛ توڙي آءٌ گهوڙي تي سوار هجان يا پيادو هجان، دسترخاني تي هجان يا حرمخاني ۾... خلوتگاهہ ۾. ڌرم متر (خابرو) کي ڪيي تہ هو اتي سڏي 'جي عوام جو حال سڻائي؛ "IV Majnor Rock Edict"(۲). اهي ڌرم متر سدائين

(1) Ibid. p. 74.
(2) Dr. Radha Kumud Mookerje: The Age of Imperial Unity. p. 76.

رعيت کي نيڪيءَ جي ترغيب ڏين ۽ رڌل رهندا هئا. -"جيئن ڪو پنهنجن ٻارن لاءِ نيڪ ۽ سڄاڻ دائي ٻيهاريندو آهي، تيئن مون رعيت جي بهتريءَ لاءِ اهي (ڌرمپال) مقرر ڪيا آهن"[1]. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ اشوڪ پنهنجي مُک راجائي فرض کان غافل نہ هو. -"سڀيئي ماڻهو منهنجو اولاد آهن. پنهنجن ٻچن لاءِ جيئن ڪو چاهي تہ 'اهي دنيا توڙي آخرت ۾ هر طرح جي نيڪي ۽ سک ماڻين'، تيئن آءٌ سڀني ماڻهن کي چاهيان ٿو"[2].

سندس اهڙا چوڏهن مُک ڪتبا (Major. R. E.) وڏن ٻهاڙن تي، ڏهہ ڇوٽا ڪتبا (Minor. R. E.) ڇپن تي، ست فرمان وڏن ٿنڀن تي، ٽي ننڍن ٿنڀن تي (Pillor-Edicts) ۽ ڪي وري غارن جي منهن تي بہ آهن. اهي عبارتون ڪجهہ ڦير گهير سان تہ سؤ کن بہ ٿي وڃن ٿيون[3]. اهي احڪام، تڪر تاڪي اُڪرايا اٿن. -"هي انهيءَ لاءِ آهن تہ گهڻي تائين جٽاءُ ڪن، جيئن منهنجا پُٽ پوٽا ۽ پڙ تڙ پوٽا بہ، جڳ جي ڀلائيءَ لاءِ ساڳي منهنجي پيروي ڪندا رهن"[4]. اهڙا ڪتبا افغانستان تائين بہ مليا آهن، جيڪي خروشتيءَ کان سواءِ آرامي خط ۾ پڻ اڪريل آهن[5]. انهيءَ مان اشوڪ جي پرڏيهي پرچار جو پتو پوي ٿو ۽ اهوئي سندس عظيم ڪارنامو آهي. تيرهين وڏي ڪتبي موجب: پريہ درشن جا پرچارڪ سِريا، سائرن، مصر، مقدونيا، ڪارنٿ اپيرس (Epirus) ۽ اتر بلقان تائين بہ تبليغ ڪرڻ ويا[6]. ٻلنيءَ بہ شام توڙي مصر ۾ ٻڌ ڀڪشن جي موجودگي مڃي آهي. سر فلنڊر پيٽر (Sir Flinders petrie) تازو مصر جي سڪندريہ بندر مان پٿر تي اُڪريل 'ڌرم چڪر' ۽ ٻيراڳڻ ڳولي لڌا آهن[7]. اشوڪ ٻئي هنڌ ڪتبي

(1) Ibid p. 80.
(2) Ibid p. 76.
(3) Ibid p. p. 71-72.
(4) Ibid p. 77
(5) Ibid. p. 77.
(6) G. Wood Cock: Greeks in India. p 56.
(7) G. W. Cock, Greeks in India. p 156.

۾ پڌائي ٿو تہ: نہ فقط مٿين ملڪن ۾ مذهب پکڙيو (جتي سندس پرچارڪ پهتا)، پر انهن ملڪن جي معرفت ٻين ڏيهن ڏي بہ اهو مذهب وڌيو[1]. چين، منگوليا، تبيٽ، ٿائلنڊ، برما ۽ سيام ڏي پڻ اهڙين سفارتن جو وڃڻ ثابت آهي. ٻئي نمبر مک ڪتبي موجب؛ اهي پرچاري ڀڪشو هيءَ خدمت پڻ ڪندا رهيا تہ بيمار انسانن توڙي حيوانن جو هر هنڌ علاج ٿئي ۽ دوائون مفت ملن. انهيءَ لاءِ اٿليءَ ۽ قيمتي ٻوٽن جا ٻج ڪٿان جو ڪٿي آڻي پوکائيندا هئا[2]. اهي تبليغي انجمنون تجارتي شاهراهن تان پکڙيون. اشوڪ انهن رستن لاءِ پڌائي ٿو تہ: هر هنڌ کوهہ کوٽائي، ميويدار وڻ پوکايا ويا تہ مسافر ميوو کائي، پاڻيءَ ڍَڪ پي، ٿڌيءَ ڇانوَ ۾ فرحت ڪن.

نہ فقط خشڪي راهن سان، پر پاڻيءَ رستي پڻ اهو پرچار ڏيساورن ۾ پهتو. اشوڪ انهيءَ لاءِ پنهنجو پُٽيلِيءَ جو پُٽ (وليعهد) مهيندر ڪمار ۽ پنهنجي وڏور نياڻي 'سنگهمترا' ٻيئي تبليغ لاءِ وقف ڪيا؛ جيڪي سلونِ جي سفر ۾ سمنڊ جهاڳي پار پهتا. انهن جي پٽ جو ڪمار، جالوڪ پڻ ڀڪشو بڻائي ڪشمير ۽ تبيٽ ۾ موڪليائين. تنهن کان ننڍو ڪمار ڪستن (Tivara)وري چين ڏي، خوتان جي خاڪ ڇائيندو رهيو. باقي ننڍو پٽ 'ڪنال' سو معذور هو. هيءَ حسن عقيدت جي حد چئبي، ڇي؛ "اولاد پلا ٻيو ڇالاءِ آهي"؟

برهمڻ جيڪڏهن سمجهيو هجي تہ اهو سڀڪجهہ اسان کي کيرائڻ لاءِ ڪري رهيو آهي تہ اها سندن مورڪائي هئي. ٻارهون وڏو ڪتبو، نہ فقط مڙني مذهبن کي برداشت ڪرڻ لاءِ هڪ درد ڀري اپيل آهي، پر انهن سڀني جي احترام لاءِ پڻ پرزور التجا ڪري ٿو. -"مڙني مذهبن جو روح هڪڙي ئي عام اصول تي بيٺل آهي، ان کي ئي فضيلت ڏيو. مذهبي اتحاد جي محابي، ڪنهن بہ فرقي تي ڪنهن بہ نڪتہچينيءَ ڪرڻ کان عملي طرح پرهيز ڪريو. مختلف طريقن جا پيشوا پاڻ ۾

(1) Dr: Radha Kumud Mookerji, The Age of Imperial Unity. p. 84.
(2) George: W; Cock: Greeks in India. p. 56.

پائر بنجي، باهمي مجلسون ڪن، ۽ متفرقہ مذهبن جي معلومات لاءِ انهن جي غير جانبداريءَ سان مطالعو ڪريو"(١).

اشوڪ جي اڪثر ڪتبن جي ٻولي ايتريقدر تہ صداقت ڀري ۽ درد واري آهي، جنهن مان نهايت گهري سچائيءَ جي سگنڌ اچي ٿي. ڄاڻن جو انهيءَ ڪري فيصلو آهي تہ خود شهنشاهہ پنهنجي سر ٿي انهن عبارتن کي ترتيب ڏني آهي. "جڳ جي ڀلائيءَ کان مٿي ڀلا ٻيو بہ ڪو فرض آهي ڇا؟... هيءَ ٿوري گهڻي ڪوشش جا آءٌ ڪري رهيو آهيان، سا ڇا لاءِ آهي! هن لاءِ تہ آءٌ مخلوق جي قرض مان آجو ٿيان... تہ آءٌ هتي بہ هنن کي ڪو سک ڏيئي سگهان ۽ اهي آخرت ۾ بہ بهشت ماڻين"(٢).

اشوڪ اهڙي تہ مذهبي جمهوريہ قائم ڪري ويو، جنهن کي سندس معذور (نابين) پٽ ڪال بہ ڪاميابيءَ سان هلائي سگهيو. اشوڪ جا وڏا پٽ جيتوڻيڪ ڏور ڏيهن جي ذميداري سنڀالي چڪا هئا، تڏهن بہ جمهوري مرڪز جي احترام خاطر اهي سدائين سندن نندي ۽ بابين پاءُ جا فرمانبردار رهندا آيا. سندن اولاد پڻ ساڳيءَ طرح ٿي مرڪز سان وفادار رهندو آيو.

ٻئي طرف، ٻڌ مذهب جي مساوات ۽ ان جي اهنسا کان برهمڻن جي دنيا تنگ اچي چڪي هئي. هنن جو پراڻو ڪينو، ناسور وانگيان پرجي نيٺ مرڪز ۾ ٿي ڦاٽو. سندن اڳواڻ پيشيہ متر نالي هڪڙو نمڪحرام برهمڻ جيڪو پاڻنا دربار جي اوبر تي ٿي پليو هو. تنهن آخري شهنشاهہ برهدرٿ موريا کي (١٨٧ ق. م.) قتل ڪري، شاهي خاندان جو ڏيو ٿي گل ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ پاڻنا جو فوجي ڊڪٽيٽر (سمراٽ) بڻيو ۽ ساڳيا پگهہ وري چالو ڪيائين.

مورين جي مرڪزي جمهوريت ٽٽندي ٿي هند ۽ سنڌ (اندو-پاڪ) جو عارضي اتحاد پڻ پورو ٿيو ۽ اهي هزارين سالن تائين وري بہ هڪٻئي کان الڳ ٿي رهيا. پاتال بندر پوءِ سدائين لاءِ سنڌ

(1) Dr. Radha Kumud Mookerje: Imperial Unity. pp. 82-83.
(2) Dr. Radha Kumud Mookerje: Imperial Unity. p. 76.

(موجوده مغربي پاڪستان) جو سرڪاري مرڪز رهيو ۽ پاٽنا وري پورب ديس (پارت) جي راڄگدي رهي. چالوڪ موريا جو پڙ پوٽو، سياڳسين ان وقت افغانستان جو آخري وائسراءِ هو. اشوڪ جي جمهوري راڄ، ڌرم جي پخي اوچي ۾ امڙو تہ ڳتيل هو، جو انهيءَ جي هڪ تند بہ مرڪز کان ٽٽڻ مشڪل هئي. پر مرڪز جي مَندي ٿي سياڳسين بيسهارو ٿي پيو ۽ بلخ (بختر) جي يونانين پيشقدمي ڪرڻ شروع ڪئي، جيڪي مورين جي آخري علائقي (افغانستان) سان سرحدي هئا.

## بختر جا يوناني:

انهن مان پهريون اڳرائي ڪندڙ ڊيميتريس اول، (Demetrius 186 B. C.)* هو، جيڪو خيبر کان سياڳسين جي سامهون اچڻ بدران، قنڌار وٽان وچي بولان درو لنگهيو ۽ بلوچستان فتح ڪندو مڪران ۾ آيو ۽ اتان عربي سمنڊ جو ڪنارو ڏيئي اچي پاتال بندر تي پهتو ۽ ان کي ٿي پنهنجو مستقل مرڪز بڻايائين، جتان ڪڇ- ڪاٺياواڙ تائين بہ هن سويون. ڊيميٽريس (توڙي سياڳسين) جي وفات اندازاً ١٦٥ ق. م. ڌاري ٿي[1]. هن جو پٽ اڳاٿو ڪلس (Agathocles) گجرات ۽ ڪنپات کي بہ فتح ڪري، سنڌ جي اتر ڏانهن چڙهيو ۽ وچي ڪشمير تائين پهتو. سندس سِڪن تي ٻڌ مذهب جا پاڪ نشان: پپر جو پن، مهاٻوڌي وڻ، ڪنول جو گل ۽ استوپا جا آثار اُڪريل آهن. اهي ٻہ-ٻوليا سِڪا آهن، جن جي هڪ پاسي يوناني ۽ ٻئي طرف خروشتي اکر آهن. تن سان گڏ ڪن تي برهمي اکر پڻ آهن. جيمس پرنسيپ (J. Prinsep 1930 A.D) انهن اکرن کي پيٽيندي اشوڪا جا ڪتبا پڙهي سگهيو**، جن جو ترجمو مٿي اچي چڪو

.* The Grete Emetreus. The King of Inde (Chaucer's Knight's Tale) 81.
(1) G. W. Cock: Greeks in India. pp. 78-86.
** امڙيءَ ڪوشش فيروز تغلق بہ ڪئي هئي.

آهي[1]. اڳاٿوڪلس (١٦٠ ق. م.) پنهنجي نياٽي، شهزادي اڳاٿو ڪليئا (Agathocleia) تخت جي اڪيلي وارث ڇڏي، جنهن ڪابل جي جنرل مينادر سان شادي ڪري، حڪومت هن جي حوالي ڪئي.

## مينادراعظم:

مينادراعظم، مذڪوره ملڪ پرٽجڻ ڪري قديم سنڌ (ڪانياواڙ- ڪشمير سميت) جو مالڪ بڻيو. بهادريءَ، دانائيءَ، علم ۽ انصاف جي ڪري سندس نالو (ملندرا=ميندرا) مهاڀارت، وايوپراڻ، گارگي سمهتا ۽ مهاڀاشا توڙي ڪاليداس جي ناٽڪن ۾ پڻ مشهور آهي. هن قنڌار کان ڪُرو کيتر تائين قبضو قائم ڪيو. پوءِ پنهنجي اڪوٺي پٽ اپولوڊوٽس (Apollodotus) کي پاتال ۾ پنهنجو جانشين بڻائي سنڌ، سوراشٽر، ڪڇ، ڪانياواڙ، ڀڙوچ، ڪنڀات ۽ گجرات وغيره سندس سنڀال ۾ ڏنائين. انهيءَ کان مطمئن ٿي، اپرندي ڏانهن متوجهه ٿيو.

پورب (پاٽنا) ڏي پشيه متر ٻڌ مذهب کي مٽائڻ وارين ظلمي ڪاررواين ۾ الوٽ هو. هن وهار ڊهرايا ۽ 'هڪ ڀڪشو کي مارڻ لاءِ سؤ روپيا انعام' جو عام اعلان ڪيائين[2]. اهي احوال سنڌ کان سيستان تائين پريشاني پيدا ڪري رهيا هئا. پنهنجي ٻوڌي رعيت جي دانهن اونائڻ جو وجهه ونئي، هن هڪدم حملو ڪيو. يوگ پران موجب: مترا، چتور ۽ اجين فتح ڪري، گنگا، جمنا جي پنچال راج ۽ اتوڌ جي ساڪيتا راج کي مات ڪندو، اچي پاٽنا ۾ پهتو[3]. ٻڌ مذهب جو مٽائيندڙ، پشيه متر ته پاڻ ئي پهرئين حملي (١٥١ ق. م.) ۾ هميشه لاءِ ميٽجي ويو ۽ پٺس اگني متر اچي پيش پيو. -" پرڏيهي راجا پٽاليگرام جو استوپا اڏائيندو" مهاتما جي اها اڳڪٿي سچي نڪتي. پاڻ اگر ٻڌ مذهب ۾ نه هو، پر پاٽنا ۾ رهي، برهمڻي راج جي سيني تي

(1) G. W. Cock: Greeks in India. p. 87.
(2) Dr: R. K. Mookerji: Imperial Unity. p. 97.
(3) G. W. Cock: Greeks in India. pp. 100-191.

هڪ عاليشان اسٽوپا اڏايائين.(١) آخر اوڙيسا جي راجا کروال جي ستائڻ تي پاٽنا ڇڏي متراڏانهن موٽيو(٢).

مينادر جي اصلي عظمت فقط انهن فتوحات ۾ نہ آهي، پر سندس دماغي صلاحيت ۽ علمي قابليت ڪري ئي آهي. ڊاڪٽر راڌاڪمد مڪرجي وارو چوڻ تہ 'هو ويهہ علم ڄاڻندو هو'(٣). تنهن ۾ تہ ڪٿي ڪو وڌاءُ بہ هجي، مگر ماليات، اقتصاديات، سياست، قانون، ڪيميا، نجوم، طب، تاريخ، رياضي، فلاسافي، شاعري ۽ موسيقيءَ جو وڏو ماهر هو. تنهن ۾ تہ ڪو شڪ نہ آهي(٤). تنهن هوندي بہ مذ ب متعلق ڪيس وڏا وهم ۽ وسوسا هوندا هئا. سندس وهم مٽائڻ لاءِ اڪر ڪو بہ دانشور هن جي دربار ۾ ايندو هو تہ هيءُ ان جو آڌرڀاءُ ڪندو هو. انهيءَ ڪري سيني عقيدن جا اڳواڻ ۽ وڏا عالم سائس مذهبي مباحثو ڪرڻ ايندا هئا. جن سان بحث ڪندي ڪيس خوشي ٿيندي هئي. مذهب جي معنيٰ ۽ مراد متعلق انهن کان عالماڻي ڍنگ تي اهڙي تہ آڏي پڇا ڪندو هو، جو هو سڀ عاجز ٿي، ڪيس پنهنجي ئي حال تي ڇڏي شڪست کائي موٽندا هئا. آخر (١٥١ ق. م.) بڪشڪ ڪاڪ (ٿائلنڊ) جي ڀڪشو ناگسين، پنهنجي عقيدي جي سچائيءَ سان هن کي ايڏو تہ مطيع ڪيو؛ جو تخت ڇڏي، پوريءَ دربار ۾ ڀڪشوءَ جي اڳيان ادب سان ڪنڌ جهڪائي اچي هن جي پناري پيو(٥). ناگسين سان سندس مٿيون مناظرو، ميناڊر ڪانئس ئي لکائي بروقت محفوظ ڪيو. انهيءَ ڪتاب جو نالو ئي پوءِ "ملنڊا پنهو" (ميناڊر پڇيو) پئجي ويو. اهو ڪتاب اڄ بہ چين، جپان، سلون، سيام، ٿبيٽ، ٿائلنڊ ۽ برما جي ٻوڌين وٽ، ترپٽڪ کان پوءِ سڀ پالي ساهت ۾ اتم آهي. ان ۾ روح جي اصليت ۽ ڪائنات جي ڪيفيت وغيره بابت، جيڪو ناگسين جي گفتگو جو عالماڻو انداز آهي، تنهن ۾ سقراط وارو منطقي طريقو

(1) G. W. Cock: Greeks in India. pp. 99-100.
(2) Ibid: p. 102.
(3) Dr. Mookerji: Imperial Unity. p. 586.
(4) Ibid: p. 586.
(5) G. W. Cock: Greeks in India. pp. 112 - 113.

نهايت ئي قابليت سان ڪم آندو آهي. انهيءَ زماني ۾ ٻوڌي صحيفا ترجمو ٿي، مغرب جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ پکڙيا. مثنين ڪتاب جو يوناني ترجمو پڻ، ميناڊر جي مرڻ کان اڌ صديءَ اندر، مصر جي مشهور ڪتبخاني سڪندريه ۾ پهتو[١].

اشوڪ، اجاتسترو ۽ ڪالاسُڪ جيان، اگرچ ميناڊر ڪا به ڪانفرنس ڪانہ ڪوٺائي؛ تڏهن به پنج سؤ جوند ڀڪشو عالم هر وقت هن جي دربار ۾ هڪيا هوندا هئا. انهن ۾ آنَنتڪيہ، ديومَنتيہ، مڪوڙا ۽ سياڏنہ وغيره وڏا وزير هئا. انهن ئي هن کي 'ڌرم راج' (Soter) جو لقب ڏنو هو[٢]. ميناڊر پنهنجي قوم جا به سوين يوناني ڀڪشو بڻايا. اشوڪ وانگر انهن جو هڪڙو وڏو سنگهہ (١٢٧ ق. م.) پاتال بندر کان سلون ڏي موڪليائين[٣].

سنڌ جي يوناني بادشاهن ۾ ميناڊراعظم عالمگير شهرت جو مالڪ ٿيو آهي. سندس سونا سِڪا، جن تي هن 'ڌرم جه ڦيٿو' يا ڪنول جو گل ڇاپيو هو، سي عالمي تجارت جي ڪم آيا. سنڌ جي سوداگرن اهي انگلنڊ تائين به پهچايا. جيڪي ويجهڙائيءَ ۾ ويلس جي ڪنارن تان لڌا آهن[٤]. پوين سالن ۾ هو پنهنجي حڪومت تان هٿ کڻي، دنيا ترڪ ڪري، وڃي بيڪارين جي سنگهہ ۾ گڏيو هو نہ فقط ڀڪشو بڻيو، پر ڀڄاڙيءَ (١٣٠ ق. م) ۾ ' پرنرواڻ' (نجات) حاصل ڪري، پنهنجي رب ڏي راهي ٿيو. يوناني سندس لاش سـاڙي، ان جي رک بختر ڏانهن کڻي ويا ۽ ان جي مٿان وڃي استوپا اڏاياڻون[٥]. انهن مان بلخ جو نَو بِهار (نئون وهار) ۽ انهيءَ جا ڀڪشو (برمڪ) مشهور آهن. ٿائلنڊ ۾ تہ اڄ تائين به هن جو پُتلو پوڄيو پيو وڃي[٦]. هر جو قائم ڪيل راڄ پوري صدي پوءِ به، سندس ئي نالي تي سندس پرين وٽ سلامت رهيو.

(1) Ibid: p. 95.
(2) G. W. Cock: Greeks in India. p. 104.
(3) Ibid: p. 113.
(4) Ibid: p. 94.
(5) Ibid: pp. 113-114.
(6) Dr. D. C. Sircar: Age of Imperial Unity. p. 113.

**مينادر جا پويان:**

مينادر جي مرڻ تي سندس ملڪ پنهنجي صغير پٽ اِسٽريٽو 'اول' (Strato I) کي حڪومت جو حق ڏياري، پاڻ هن سان گڏ حڪومت هلائڻ لڳي. انهيءَ وقت ئي بختر جي سلطنت ٻه ختم ٿي هئي، اتان آنٽيالسيڊس (Antialcidas) خيبر کان اچي (١١٠ ق. م.) ٽئڪسيلا تي قبضو ڪيو. اسٽريٽو. اپرندي ڏي جمنا واديءَ ۾ سلامتي سمجهي، اتي اچي آجهو ورتو. انٽيالسيڊس ٻه اپرندي ڪان، پشيه مترجي پوتي ڀڳاڀدر کي پاڻ سان ملائڻ خاطر، وٽس هيليوڊورس (Heliodorus) ڏوتو موڪليو. انهيءَ وجهه سان اهڙي ته سياسي ڪيڏ ڪئي، جو ٻڌ مذهب جي خلاف پاڻ کي هندو ڌرم جو حامي چوائي، هڪڙي مندر اڳيان انهيءَ اشتهاري ميجنا جو ٿنيو کوڙايائين. ايڏي ساري ڊونگ رچائڻ کان پوءِ ٻه ڪڙ تيل فقط اهوئي نڪتو، جو برهمڻ کيس 'ڪتري' چئي، سندس سجو ئي تورو چڻ ته لاهي ڦٽو ڪيو[1]. هيڏانهن اسٽريٽو، وري جمنا واديءَ ۾ پهچي، ٻوڌي پرچار ۾ لڳي ويو.

پوئتي، سنڌ ۾ وري مينادر جو اڳوٽو پٽ، اپولوڊوٽس، پنهنجي تختگاهه پاتال مان، سيستان، مڪران، ڪچ، ڪاٺياواڙ، گجرات، ڪنبات ۽ متھرا جي مٿان پوري آب و تاب سان حڪومت هلائي رهيو هو. وليعهد اسٽريٽو، انهيءَ کي ئي پرجا جي پارت ڏيئي، پاڻ وجي پٽس (مينادر) وانگي متھرا ۾ (١٠٠ ق. م.) ڀڪشو بڻيو. اپولوڊوٽس اهو ٻڌي، پاتال مان درياهه تي اوپارو چڙهيو ۽ اچي ديري غازي خان وٽ ديرو دمايائين، جتي اڳيئي سنڌ جي سرحدي چاوٽي سندس سنپال هيٺ هئي. تازو اتان اپولوڊوٽس جا ٻه سڙ سونا سڪا ٻه لڌا آهن[2]. اتان اٽڪ پهچي، باغي انٽيالسيڊس کي ڀڄائي، پنهنجا اباڻا علائقا آرڪوشيا ۽ افغانستان واپس ورتائين. پوءِ گنگا-جمنا واديءَ ۾ پهچي، پنهنجي ننڍي ڀاءُ جو چڏيل قبضو اچي هٿ ۾ ڪيائين[3]. هندو شاسترن موجب:

(1) G. W. Cock: Greeks in India. pp. 116-118. Also Dr. D. C. Sircar: Age of Imperial Unity.
(2) G. W. Cock: The Greeks in India. p.
(3) Ibid: p. 122.

راجستان جي مذيہ ميڪا (چتور) ۾ هن فوجي ڪئمپ قائم ڪئي، جتان مترا، اجين، مالوا ۽ ساحلي علائقن جو انتظام هلندو هو. پيرپياس موجب: هن جهونا ڳڙهہ (يوناگڊ = ياونانگر) جو وڏو وهار نهرايو ۽ آخري دم (٩٠ ق. م.) اتي ئي گذاريائين[١].

هن جي گذرندي ئي سيستان ڪان سٿين بہ سنڌ جو رخ ڪيو. اپولوڊوٽس جا ٽيئي پٽ لاڳيتا ڏهہ سال سٿين کي روڪيندي، سندن سوٽ سميت مڪران ۾ مارجي ويا. آخر (٨٠ ق. م.) ۾ اسٽريٽو 'اول' جو صغير پوٽو اسٽريٽو 'ثاني' (Strato II) بادشاهہ بڻايو ويو. اسٽريٽو 'اول'، جيڪو ويهہ ورهيہ اڳي سنڌ جو باحشمت بادشاهہ هو، سو هاڻي هڪ ڏبرو ۽ پيڙو ساڌو وجي بچيو هو. انهيءَ کي وري بہ هن لاءِ وني آيا تہ پنهنجي پوٽي (اسٽريٽو 'ثاني') جو 'راج گرو' ٿي رهي. انهيءَ کي بہ آخر (٧٠ ق. م.) سٿين ختم ڪيو[٢]. پوءِ مينادر جو پڙ پوٽو هپوسٽريٽس (Hippostratus) هزارا ڪان ڪي همدرد حاصل ڪري، خيبر ڏانهن موٽيو. ڪابل جي يوناني سردار هرمائيس (Hermaeus) هن سان صلح ڪيو. شهزاديءَ ڪئليوپ (Calliope) جي سڱ سان اتحاد پڪو ٿيو. پوءِ پيئي جٿا گڏجي ٣٠ ق. م. تائين، خيبر دري جي واپار تان بہ-طرفو ڏن اڳاڙيندا رهيا، تان جو سٿين جو وارو آيو[٣].

## ساڪ يا سٿين (Sacians or scythians):

اصل ۾ هي روسي ترڪستان جا تاتاري ترڪ هئا. هنن هرات ڪان دجلہ تائين ايرانين سان لڙايون ڏينديِ، آخر ايرندي ايران يعني سيستان (ساڪستان) ۽ بلوچستان ۾ اچي غلبو حاصل ڪيو. تن ڏينهن مينادر جا تڙ پوٽا خيبر جو تجارتي گهٽ جهليو بيٺا هئا. سٿيا انهيءَ سبب گڊروشيا (مڪران) جي ساحل ڪان (٢٠ ق. م.) سنڌ ۾ سرڪي آيا. هنن ايندي ئي پنپور کي بندرگاهہ بڻايو ۽ ان ڪان ابرندي

(1) Ibid: p. 123.
(2) Ibid: p. 124.
(3) Ibid: pp. 125-127.

مينانگر* نالي شهرآباد ڪري، اتي دائمي دارالحڪومت قائم ڪيائون. اتان اڳتي وڌي هنن ساڪاديپ (ڪڇ)، ڪونڪن، سؤراشٽر ۽ مهاراشٽر تائين ملڪ والاريو. اتي پنهنجي پيرن پختي ڪرڻ بعد، اهو سڄوئي علائقو اپير آفيسرن کي سنڀال هيٺ ڏيئي، پاڻ (ابولودوتس وانگي) مهراڻ ڏيئي مٿي چڙهيا، رواجي يوناني سردارن کي تابع ڪندا، ڪشمير، ڪمبوج ۽ ڪافرستان تائين چانئجي ويا. سوات کان سمنڊ تائين سڄو ملڪ 'سنڌو-سٿيا' سڏجڻ لڳو.

سٿين مان سنڌ جو پهريون بادشاهه مؤئيس (Maues or Moga or Moa. 20 B.C.) هو، جنهن سن ٢٠ع ۾ وفات ڪئي. سندس سِڪي جي عبارت "راجادي راجا مهاتس موئيس" خروشتي ۾ آهي. پوءِ سن ٢٩ع تائين ايزس (Azes) حڪومت ڪئي، جنهن وري مينادر جا سِڪا نقل ڪرائي، انهن تي "مهاراجاس مهاتس 'ڌرم رڪس' راجادي راجا ايس" لکرايو. هن جو پٽ ايلش (Azilses) سن ۴٠ع ۽ ان جو پٽ ايزلس ۵٠ع ۾، آخري بادشاهه هو.

سٿين جو اندو-پاڪستان جي تاريخ تي اهو احسان آهي، جو هنن ئي 'سنبت' يعني سن سنيالڻ جو هتي رواج وڌو. ايراني شهنشاهه وِنون (Vinones) جي تخت نشينيءَ جو سال ۵٨ ق. م.)، هنن هتي سرڪاري طرح جاري ڪيو. وڪرماجيت (گپتا) جيڪو عيسوي سن کان ٻه پنج صديون پوءِ ٿيو آهي، تنهن جو نالو سنبت مٿان مڙهڻ، تاريخ سان انياءُ آهي[1]. سٿين کي پتنجليءَ 'صاف سٿرا سودر' سڏيو آهي ۽ منوسمرتيءَ ۾ وري کين 'ڪريل کتري' ڪوٺيو ويو آهي.

**پهلوا (Parthians):**

ايف. ڊبليو ٿامس جو چوڻ آهي ته: اهي قبيلا، جن ايرندي ايران کان سنڌ تي ڪاهيو، سي پاڻ ۾ ايترو ته مخلوط ٿيل هئا: جو انهن ۾ اها تميز ڪرڻ ته 'هي يقيناً ساڪ آهن ۽ هو پڪ سان پهلوا

* ڪن جو چوڻ آهي ته مينانگر اصل ۾ مينادر جي پراڻي ڇاوڻي هئي. پوءِ انهيءَ پڊ تي سٿين نئون شهر ٻڌو.

(1) Dr. R. C. Majumdar: The Age of Imperial Unity. pp. 154-158.

آهن. اهو مشڪل آهي[1]. پارٿين مان حقيقت ۾ فقط گندوفر هڪڙوئي هتي آيو آهي. سن ٢١ع کان هو خراسان (پارٿيا) مان آيو. ايزلس جي زماني ۾ اتر کان اچي، هن خيبر جي واپاري ناڪي تان يونانين جو ٻه-طرفو قبضو ڇڏايو. مسيحي روايتن مطابق: حضرت عيسيٰ عليه السلام جي حوارين مان، سينٽ ٿامس (St: Thomas) سن ٢٩-٣٣ع ڌاري گونافر کي ڪرستان ٺهايو هو[2]. ٿامس حقيقت ۾ هڪڙو ڪاريگر واڍو هو. جنهن سن ٣٧ع ۾ اچي گندوفر جو محلات اڏيو هو. سينٽ ٿامس جي قبر مدراس ۾ فرض ڪيل آهي[3]. گندوفر جو ڪتبو، جيڪو سن ٤٤-٤٥ع جو آهي، اهو يوسف زعي (ضلع مردان) جي تخت باهيءَ مان مليو آهي. سن ٤٦ع اندر هن سنڌ کان اتر ڏي سڄو ملڪ سٿين کان کسي ورتو. ڏکڻ ڏي (سنڌ جا) سٿين پڪا ٻوڌي ۽ 'ڌرم رکش' هئا، مگر هيءَ وري مجوسي مت جو مڃيندڙ هو. ٽئڪسيلا جي ڀرسان 'جنڊيال' وارو آتشڪده هن ئي جوڙايو هو[4]. تاريخ ۾ هيءَ هڪڙوئي گبر، اهڙو اجنبي حاڪم آهي، جنهن ٻڌمذهب جي سرپرستي نه ڪئي. پر سندس حڪومت به ستت ئي (سن ٥٠ع ۾) ڪوشان قوم اچي ختم ڪئي.

## يوچي ۽ ڪوشان:

چينائي ترڪستان ۾، يُوچي (Yueh-chi) قوم جي سردار قبيلي پاڻ کي ڪوچانگ (Kouei-chouang) ڪوٺايو. اهي باختر کي اجاڙيندا، تبيت مان ٿيندا چترال کان ڪشمير تائين پکڙجي ويا ۽ ڪوشان (Kuei-shuang) ڪوٺجڻ لڳا. سندن سردار ڪادفيسس 'اول'، هتي ايندي ئي ٻڌمذهب اختيار ڪيو، جو ڪُجلا (ڪش لوڪا) ڪوٺيو ويو. هن جي سِڪن ۽ پنجتر واري 'گوشان' ڪتبي (٦٥ع) جي عبارت "مهارايہ، رايہ تي رايس، ڪَيُلا ڪاڦسسَ، سچا ڌرم ٿِت، ڌرم تي داس" خروشتي ۾ آهي[5]. هن اسي ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي.

(1) F. W. Thomas: Journal of royal asiatic society 1906. p. 25.
(2) G. W. Cock: Greeks in India. pp. 129-130.
(3) Ibid: p. 132. (4) Ibid: pp. 130-132.
(5) Dr. D. C. Sircar: Imperial Unity. pp. 136-138.

هن جي پٽ ويما ڪادفس 'ٻئي' (٦٥-٧٨ع)، سڄي سنڌو ماٿري قبضي ڪري، هندستان ڏي حڪومت وڌائي. سندس سِڪن، توڙي ٽئڪسيلا واري ڪتبي (٧٨ع) تي خروشتيءَ ۾ "مهاراجاس، راجادي، راجاس، ساروالوگ اِسَ ورسَ، مهہ اس ورس، ويما ڪاتقسَس تراتارس" (....سڄو جڳ هن جي وس، ڌرتي بہ هن جي وس،... تنهن کي تارڻ وارو!) لکيل آهي[1]. هن بعد ڪنشڪ اعظم آيو، جنهن ٻڌ مذهب جي چوٿين مشهور مجلس منعقد ڪئي.

## ڪنشڪ اعظم ۽ چوٿين مجلس:

ڪنشڪ (سن: ڪنشتٽ) جا اوائلي رڪارڊ يوپيءَ مان مليا آهن، جتي ويما ڪادفيس جي پاران مترا جو گورنر هو. هن جا گهڻي ۾ گهڻا ڪتبا پڻ مترا مان، هڪڙو سانچيءَ (ڀوپال) مان، هڪڙو سُئي وهار (بهاولپور) مان ۽ هڪڙو ڪابل (واردڪ) وٽ مليا آهن. اوائل ۾ سنڌ، گجرات، مالوا ۽ راجستان بہ هن ئي فتح ڪيا هئا. ڪلهڻ جي 'راج ترنگڻيءَ' (١١٤٨ع) موجب: ڪنشڪ ٽرڪ ڪشمير جو بادشاهہ ڪونيو ويو آهي. پاڻنا ڪان ساڪيتا سوڌو سندس سوبون تہ چيني ۽ تبيتي تاريخن ۾ بہ آيل آهن. نيپال ۾ سندس سنبت جاري هجڻ، توڙي بينگال ۽ اوڙيسا مان سندس سِڪَن جي لڀڻ مان، اتي بہ هن جي حڪومت ثابت ٿئي ٿي. مطلب تہ ٧٨ع ۾ تخت نشين ٿيڻ کان اڳيئي، انهيءَ سڄي ايراضي جو وائيسراءِ هو. هيون تسانگ جي بيان مطابق: پامير کان وچ ايشيا وارا علائقا بہ هن فتح ڪيا ۽ اتي جو هڪڙو شهزادو پڻ هن وٽ ضمانت هيٺ (يرغمال) هو. چيني ترڪستان ۾ 'شاهہ ڪوشان' جا خروشتي اکرن ۾، پراڪرت زبان جا ڪتبا مليا آهن. اتي سندس ايلچيءَ 'برخو' (بيڪو) ڪونبا هئا. هن هڪڙي حملي ۾ پارٿيا (خراسان) تي بہ سوڀ پاتي ۽ 'شهنشاهہ' جو لقب اختيار ڪيو. ويندي چين جي شهنشاهہ هوتيءَ (٨٩-١٠٥ع) سان مٿ ٿيڻ لاءِ هن جي وارث شَهزاديءَ جو سڱ بہ هن چڪايو. انهيءَ جي حاصلات لاءِ ستر هزار سوارن جو رسالو (٨٧-٨٩ع) پامير مٿان چاڙهي موڪليائين.

(1) Dr: D. C. Sircar: Imperial Unity. pp. 139-140.

جنھن کي جنرل پَنجوءَ مات ڪري موٽايو. -" ٽنهيءَ ڏسين جا ڏيھہ منھنجي اَجھي ھيٺ آيا. رڳو اتريون علائقو انھيءَ ڪان گسي ويو"، ڪنشڪ جا اھي آخري الفاظ آھن[1].

منٿين بيان مطابق، ھن جي وسيع حڪومت الهندي ڏي خراسان کان ايرندي اوڙيسا تائين ۽ اتر ۾ خوتان (ڪاشغر) کان ڏکڻ ڏي ڪونڪن جي ڪناري (عربي سمنڊ) تائين پکڙيل ھئي؛ جنھن ۾ سڄو ھندستان، بلخ ۽ افغانستان اچي ٿي ويا. سندس سِڪن تي، سُمير، ايلم ۽ ايران جا اھڃاڻ اڪريل آھن، جن تي پهلوي زبان ڪم آندل آھي. سندس وقت ۾ سنڌ جو واپار وڏي وڇي روم تائين پھتو. سندس تخت نشينيءَ (٧٨ع) کان ھن پنھنجو سنبت جاري ڪيو، جيڪو گجرات ۽ اڄين جي جينين معرفت دکن ۾ پهتو.

## چوٿين مجلس:

ڪنشڪ (پالي: ڪنڪ) جي عالمگير عظمت. سندس حڪمراني جي پوئين اڌ ٩٠-١٠٢ع) ۾ عروج کي پهتي؛ جڏھن ڌرم سان گڏ، ھن علمي دنيا کي بہ روشن ڪيو. ھن جي ڌرم گروءَ، پارسوَ چيو تہ 'تٿاگت جي تعليم کي ماٿهن منجھائي ڇڏيو آھي، تنھن ڪري وڙول وجهي، قديم قلمي نسخا ڪٺا ڪري، اھي پاڻ ۾ پيتي ڏسڻ کپن'. ڌرم جي کوجنا خاطر ڌن لٽائڻ جو پکشوءَ اڳيان ھن وچن ڪيو. سنگھہ رکشا، ڪنشڪ جو شخصي صلاحڪار ھو، تنھن ۽ پارسوَ گڏجي، ڪاتياينِي پتر نالي ھڪ بزرگ پکشو کي داعي بڻايو؛ جنھن ڪنشڪ جي پاران ھنڌين ماڳين ڪوٺ ھلائي. سڄيءَ دنيا (يوروفريشيا) مان ھزارين فقيھہ ۽ عالم پکشو، قديم ڪتاب کڻي اچي ڪشمير ۾ 'ڪُنڊل واڻ' وھار وٽ ڪٺا ٿيا. واسُومترا پکشو کي سڀني صدر چونڊيو ۽ مشھور مصنف اسواگھوش وري مير منشي مقرر ٿيو. ڪتابن جي پيچيده حصن ۽ انھن ۾ آيل مشڪل مسئلن تي نھايت ٿي باريڪيءَ سان بحث ٿيا. اشواگھوش اھي فيصلا ٽامي جي پترن تي لکي، 'وِڀاشا' نالي شاستر تيار ڪيو، جنھن ۾ ٽي لک ٽڪون ڪنيون

(1) Dr: D. C. Sircar: Imperial Unity. pp. 142-143.

ڪيون ويٺون ۽ سڄا سارا ٻارهن سال انهيءَ ڪم ۾ لڳي ويا[1]. پوءِ تہ سڄي ڪشمير ڪي مذهبي علائقو مڃي، ٻڌ مذهب لاءِ وقف ڪيو ويو. انهيءَ ڪائونسل ۾ ڪَل ڪيترن ڀڪشن حصو ورتو. تنهن لاءِ تارا ناٿ لاما، ٿبيٽ جي تاريخدان لکيو آهي تہ: ٽيهہ هزار ڀڪشن کي ڪنشڪ پوريءَ طرح امداد ڏيندو رهيو[2].

اهڙي امداد نہ فقط مٿين مجلس جي ڪارڪنن تائين محدود رهي، پر هرهڪ عالم فاضل واسطي، شاهي خزاني جي ڪُنجي هر وقت حاضر هئي. اڪابرن جي علمي فضيلتن جو بيدڙڪ اعتراف ڪرڻ، انهن کي هرممڪن خوش رکڻ، تن کي تعظيم ڏيڻ ۽ انهن جا ادبي، علمي شاهڪار دنيا اڳيان آڻڻ، هن جو عظيم ڪارنامو آهي. مٿي اهڙا پنج بزرگ (١- پارسوا ڀڪشو، ٢- واسومتر، ٣- سنگهہ رڪشا، ٤- ڪاتيا يني پترا ۽ ٥- اشوَ گهوش)، اڳيئي اچي چڪا آهن. ڇهون: ناگرجن نالي فلاسفر. جيڪو مهاين فرقي جو باني (امام) آهي. (نالندا يونيورسٽي هن ئي قائم ڪئي.) ستون: چرڪ نالي جڳ مشهور طبيب، (سندس ڪتابُ ئي آيرويدڪ جو بنياد آهن.) اٺون: ماٿر نالي هڪڙو 'حيرت انگيز دماغ' وارو نيتيوان ۽ قانوندان (هيءُ ڪنشڪ جي راڄنيتي وزير هو) ۽ نائون: ايگسياؤس (Agesilaus) نالي هڪ رومي انجنيئر، جنهن جون اڏاوتون ڏسي اڄ بہ دنيا دنگ رهجيو وڃي[3]. اهي نوَ اڪابر، علم جا نوَ روشن تارا هئا، جن ڪنشڪ جي ڪچهريءَ کي چمڪايو. اهو نوَن جو 'تعداد' (Quorum) نقل ڪرڻ، پوءِ جي دربارن لاءِ دستور بڻجي پيو (جيئن وڪرماجيت وارا نوَ رتن ۽ اڪبر بادشاهہ جا نوَ موتي وغيره)

ڪنشڪ، علم ۽ مذهب جي خدمت خاطر، مڙني ملڪن مان ميڙيل خزانو ڳنائڻ ۽ لٽائڻ جو عهد ڪري چڪو هو. شاهہ جيءَ واري ڏيريءَ وٽ سندس عظيم الشان خانقاهہ ۽ ان جو ٦٣٨ فوٽ اوچو ٿل،

(1) Dr: Nalinaksha Dutt: Age of Imperial Unity. p. 384.
(2) G. W. Cock: Greeks in India. p. 168.
(3) Dr: D. C. Sircar: Imperial Unity. p. 147.

(جنهن لاءِ پڻ پيشنگوئي ٿيل هئي) دنيا جي عظيم ترين اڏاوتن مان آهن. ايڏي بلند اڏاوت، انهيءَ ايڪسيلوس انجنيئر جي تجويز سان تيار ٿي هئي؛ جا نہ رڳوپوڏي دنيا ۾ مشهور هئي، پر صدين تائين سنڌ ۽ هند جي ثقافت ۽ ادب جو پڻ مک مرڪز رهي. هاڻي اهو ٿل پوءِ ڏهين صدي عيسويءَ جي زلزلي ۾ تباهہ ٿي ويو. انهيءَ مناري جي پيڙهہ، جا هاڻي تازو هٿ ڪئي اٿن، تنهن جو رڳو قطر بہ ٢٨٦ فوٽ آهي. اتان ڪنشڪ جي تبرڪات واري صندوقڙي بہ لڌي آهي، جنهن تي ڪنشڪ جي تصوير ۽ سندس نالو لکيل آهي. مٿرا مان پڻ هن جي مورتي ملي آهي، جنهن جي شايد اتي پوڄا ٿيندي هئي. انهيءَ ۾ افغاني سلوار پاتل اٿس.

پڇاڙيءَ (١٠٢ع) ۾، مينادر ۽ اسٽريٽو وانگر هيءُ بہ جڳت جي جنجال ڪان جند ڇڏائڻ لاءِ، تخت کي ترڪ ڪري وڃي گوشہ نشين ٿيو. سندس ننڍي پاءُ واسشڪ (Vasishka)، جيڪو عام طرح واجِشڪ (جوشڪ) سڏجي ٿو، پوين ڏينهن ۾ هن جي ذميداري سنڀالي هئي. مٿرا ۽ سانچيءَ مان واجِهشڪ جا ڪتبا، سنہ ١٠٢ ۽ ١٠٦ع جا مليا آهن. ڪنشڪ جي پوين، سندس سنبت ڳڻڻ چالو ڪيو، جيڪو گجرات ۽ اجين جي جين معرفت دکن پهتو.

## ڪنشڪ جا پويان:

ڪنشڪ جي پٽ هُوِشڪ (Huvishka) جي حڪومت، ڪابل (واردڪ) واري ڪتبي مان افغانستان ۽ وچ ايشيا تي بہ معلوم ٿئي ٿي. مٿرا جي هڪڙي ڪتبي ۾ هن پاڻ کي 'سچي ڌرم' واري ڏاڏي (ڪادفيسَسَ) جو اولاد ڄاڻايو آهي. اتي جي ٻئي ڪتبي ۾ سندس 'پڪشو لنگر' (پڇيہ شالا) جو ذڪر آهي، جنهن جي امداد لاءِ 'شاهي هُوِشڪ' جو وچ ايشيا وارو وائيسراءِ، برابر يارهن سو سِڪا موڪليندو رهيو. مٿرا جي ٽئين ڪتبي ۾ هن جي وڏي وهار (هوشيارپور؟) ٺهراڻ جو ذڪر آهي. ڪنشڪ وانگر هن جي سِڪن تي بہ ڪيئين نشان آهن، جن ۾ هڪڙو ايراني ديوتا شهريار بہ آهي.

واسديو* جو بہ لقب شايد هن ئي اول اختيار ڪيو آهي، ڇو تہ هن کان پوءِ واسديو ۽ ڪنشڪ جا نالا. توڙ تائين هڪبئي پٺيان لاڳيتا ايندا رهن ٿا.

هن وري واجِهشڪ (جوشڪ) جي پٽ ڪنشڪ 'ٻئي' (١١٩ع) کي حڪومت ۾ شامل ڪيو. جنهن آرا (Ara) جي ڪتبي ۾ پاڻ کي 'قيصر' ڪونايو آهي ۽ ١٣٨ع کان ١٤٥ع تائين ڪيترا وهار ٺهرايا. ڪنشڪ 'ٻئي' کان پوءِ وري بہ واسديو 'ٻئي' (١٥٨-١٧٦ع) جو وارو آيو. جنهن جا سِڪا ۽ خروشتي عبارتون سوهن جي دڙي واري مٿينءَ سطح تان مليا آهن. ڪوشان خاندان جي تاريخ هن کان پوءِ داٿا داٿا ٿي ملي آهي، تنهن ۾ بہ فقط نالا ۽ سن ملن ٿا ۽ اهي ايراني اقتدار هيٺ ايندي نظر اچن ٿا.

## آخري ڪوشان ۽ ساساني:

ڪنشڪ 'ٽئين' کان پوءِ، واسديو 'ٽيون' وڏو بادشاهہ ٿي گذريو آهي. هن جي ئي زماني ۾ اول ايران جو ساساني شهنشاهہ ارد شير بابڪان (٢٢٦-٢٤١ع)، جنهن جا سِڪا جهلم وٽ مليا آهن، سو خراسان، بلخ ۽ ڪابل فتح ڪندو، خيبر کان لنگهي، ستلج پار اچي سرهند وٽ پهتو. انهيءَ ڪري واسديو 'ٽئين' سنہ ٢٣٠ع ۾ چين ڏي دوستانا سفارت موڪلي هئي. ڪنشڪ 'چوٿون' (٢٣٩ع) ۽ واسديو 'چوٿون' (٢٤٨ع) بہ پنهنجو وارو وجائي ويا. ڪنشڪ 'پنجون' ۽ 'ڇهون' باترتيب ٢٤٨ ۽ ٢٧٨ع ۾ تخت نشين ٿيا. پنهي مان ڪنهن هڪڙي ڪنشڪ جو براهمي ڪتبو، مٿرا مان مليو آهي. واسديو 'ڇهون'، جنهن جي نياٽي ساساني شهنشاهہ هرمزد 'ٻيو' (٣٠١-٣١٠ع) پرڻيو. تنهن جي سِڪن تي پهلويءَ ۾ 'شاهہ ڪوشان ملڪ' يا 'ملڪان ملڪ ڪوشان' لکيل آهي. واسديو 'ستين' جي حڪومت ٣٤٦ع تائين بہ مٿرا تي هئي، جنهن جي دوستيءَ جو دم

* اصل ۾ اهو نالو، موهن جي دڙي واري 'ديوڪيءَ پٽرَ' ديوتا جو آهي، جنهن آريہ اڳوانَ اندر جي اچڻ تي هن جو مقابلو ڪيو هو. ڏسو "آريائي شاعريءَ جي شروعاتَ" مهراڻ ١٩٦٧ع جو ٻيو نمبر ص ٩٨.

هٿندي، راجا سمندر گپت (٣٣٥-٣٧٥ع) اشوڪ واري الهہ آباد جي ٿنڀي تي "شاهہ شهنشاهہ ڪوشان" لکرائي ڇڏيو*. شاپور ’ٻئي‘ جي روم واريءَ جنگ (٣٦٠ع) ۾، سنڌ جي هڪڙي بزرگ بادشاهہ ’ڪوشان ملڪ‘ (ڪنشڪ؟) جي آزمودي سبب، ايران کي اميدا (Amida) واري سوپ سري هئي. ڪاويہ ممانسہ وارو واسديو-’اديب‘، شايد واسديو (اٿون؟) آخري ڪوشان بادشاهہ هو. مٿين حقيقتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ عيسوي چوٿين صديءَ جي آخر ۾ هنن ايراني اقتدار کي قبول ڪيو آهي. پيڪلي (Paikuli) واري ڪتبي ۾ بہ سنڌ جا ڪوشان توڙي سؤراشٽر جا اڀير، ايران جي تابع ڏيکاريل آهن، پوين ڪوشاني سڪن تي پهلوي زبان ۽ ايراني نشان پڻ انهيءَ جو پختو دليل آهن(١). پنجين صديءَ عيسويءَ ۾ تہ هتي سنڌين سڌي ساساني حڪومت ثابت آهي، جنهن سان راءِ گهراڻي وارن (٤٥٠ع) سرڪشي ڪرڻ شروع ڪئي. راءِ گهراڻو ڇاڪاڻ تہ هن مقالي جي حد کان ٻاهر آهي، تنهنڪري سندس تفصيل هتي اچي نہ سگهندو.**

مٿي ڀوڏي زماني جي تاريخ جو فقط اختصار آيو آهي. مگر ڳالهہ کي ڳنڍي لاڳيتي بيهارڻ ڪري اهو بيان بہ ايڏو ٿي ويو آهي، جو خود انهيءَ مذهب جي ارتقائي تاريخ ۽ ان جا علمي ادبي ڪارناما، (جن جو بہ ڏکهو تفصيل آهي،) رڳو سرسريءَ طرح ڳڻي وڃڻ جي بہ گنجائش باقي نہ رهي آهي. تنهنڪري هتي رڳو تاريخ کي ئي نبائي وڃي ختم ڪجي ٿو.

* وساکدت جي تاريخي ڊرامي "ديوي چندرگپتا" موجب: سمندر گپت جي پٽ رام گپت (٣٧٥-٣٨٠ع)، پنهنجي پٽ راڻي ڌروا ديوي، سنڌ جي ساڪا (؟) بادشاهہ جي حوالي ڪري، سائس صلح ڪيو هو. (ڪلاسيڪل ص ١٧).

(1) Dr: D. C. Sircar: Imperial Unity. pp. 151-152. (Later Kushons).

** راءِ گهراڻي وارن کي جو ڪن ليکڪن، ٻڌ مذهب جي مخالف ’هوڻ‘ لوڪن سان وچي ڳنڍيو آهي، سا قوم ئي پوءِ جي آهي. هوڻن جو مهندار ٿور مانڻ (٥٠٢-٥٢٠ع) پهريون ئي شخص آهي، جيڪو اندو-پاڪ ۾ داخل ٿيو. سندس پٽ مهر ڪل جي مرڻ (٥٤٢ع) بعد. ساسانين سندن صفائي ڪري ڇڏي ۽ رهيا کهيا وري راجپوتن ۾ گم ٿي ويا. راءِ گهراڻي جي حڪومت هن کان هڪ صدي اڳي ٤٥٠ع ۾ چالو ٿي چڪي هئي. سنہ ٤٩٥ع کان تہ راءِ گهراڻي جي تاريخ لاڳيتي هلي ٿي. آهي پاڻ ٻڌ مذهب جا پڪا پابند هئا.

پچاڙيءَ وارا ڪوشان جيڪي ايرندي سنڌ ۾ ساسانين جي سايي هيٺ تڳي رهيا هئا. سي ٻڌ مذهب جي خاموش زندگيءَ ۾ آخر گم ٿي ويا. ايرانين عوامي جذبات جي برخلاف هتي ٻڌ مذهب سان ڪا هٿ چراند ڪئي. يا ڪو مجوسي مذهب ماڻهن تي مڙهيو. اهڙو احوال به ڪونه ٿو ملي. سنڌ ۾ ته ستين صدي عيسويءَ جي راءِ گهراڻي تائين به ٻڌ مذهب، پنهنجيءَ اصلي حالت (هِناين مت) ۾ مڪمل آزادي ماڻي، جيڪا برهمڻ حڪومت اچي ختم ڪئي.

## برهمڻ ۽ ڀڪشو:

برهمڻي راڄ نازل ٿيڻ ڪري، چچ جي زماني کان، ڪي راجا ڏاهر جي راڄ ۾، سنڌ جا ڪئين ڀڪشو گجرات ڏي هليا ويا. گجر حاڪمن هنن جي حوصلي ۽ ايمان جي عزت ڪئي، بلڪ همت افزائي ڪئي. شايد اهي به هِناين فرقي جا حامي هوندا. سنڌ جا اهي 'سئنڌو ڀڪشو' پوءِ پرچار ڪندا، پورب پار وڃي پهتا. اتان جي ڪيترن ئي ڀڪشن ڪي هنن مهاين مت مان موٽائي، هِناين فرقي ۾ آندو، جيڪو سندن ميجتا موجب مهاتما وارو مول مذهب هو. هنن جي تبليغي ڪارروائين ايرندي ڏي ايڏو ته تحرڪ آندو، جو راجا ڌرمپال (٧٧٠ع) کي بينگال جي مهاين ماحول ۾ وڳوڙ پوڻ جو انديشو محسوس ٿيو ۽ هنن کي هڪالي ڪڍڻ لاءِ تيار ٿيو. پر پنهنجي راڄ گرو 'ٻڌجن پاد' جي ڏِڍ ڏيڻ تي روڪجي ويو[1].

هوڏانهن 'پوربي' هندستان (ڀارت) ۾، جتي مهاتما پاڻ سر انسانذات جي بهبوديءَ لاءِ جدوجهد ڪندي جمار ڏني، اتي جا برهمڻ پهريائين ته پشيمِ متر جي اڳواڻيءَ ۾ وري به آدمذات کان اتانهان ٿي، پاڻ کي اعليٰ مخلوق مڃائڻ ۾ لڳي ويا. پوءِ ته ساڳيا ڪوس، ساڳيا ڪباب (ڀڳيه) وري چالو ڪيائون. ناگرجن نالي هڪ هوشيار برهمڻ، جنهن لاءِ مهاتما اڳيئي چالاڻ وقت چيو هو ته 'اهو برهمڻ پنج سؤ

(1) Dr: Nalinaksha Dutt: History and culture of Indian people. Vol: IV. "The Age of Imperial Kanauj". (Edited by Dr: R. C. Majundar. Bombay..1955) p. 272.

سالن کان پوءِ پيدا ٿيندو'(۱). سو برار مان ٿي پوڌين جي گيڙو ڪفني ڪري، ڪنشڪ جو اچي نائون 'رتن' ٿيو ۽ بيکو ڪائونسل ۾ پارهن سال ڪم ڪيائين. مگر ڪنشڪ کان پوءِ ساڳئي سنگهہ سان اختلاف ڪندي، نالندا ۾ وڃي 'مهاين' فرقو شروع ڪيائين. اتي ٻين استادن (آشنگ، آريہ ديو ۽ واسوبندو وغيره) ان کي وڌيڪ پيچيده بنائي، 'يوگ چاريہ' مت کي ڦهلايو. اڳتي هلي، پوءِ تہ پيا بہ ارڙهن فرقا: سرواستي واد ۽ سڪتي واد، ڪلاچڪريانہ، سهجيانہ، تنتر ۽ ناٿ پنٿ وغيره وجود ۾ آيا ۽ انهن وري علحده فڪر پيدا ڪيا. 'ڪانءَ کي لڙ ۾ مزو'. تان جو ڪن منافق برهمڻن بہ انهيءَ فرقيبازيءَ مان فائدو وٺي، واماچار ۽ وِيچار جهڙا بدنام فرقا ٻڻ انهن ۾ گڏي ڇڏيا.

وري گذريل هزار سالن ۾، ٻڌ مذهب وارن جيڪو بہ علمي ۽ ادبي سرمايو سهيڙيو هو، سو انهيءَ طبقاتي ڇڪتاڻ هلندي ٿي برهمڻ الٽو ڪري، پنهنجو ڪري ورتو. انهيءَ وچ ۾ سناتن ڌرم کي ٻيڻ سڌاري، سنواري، ۽ هموار ڪري، ٻڌ مذهب جي سطح تي آندائون. آخر، مهاتما ٻڌ کي بہ وِشنو جو نائون اوتار مڃي، سندس مورتيءَ کي ٻڻ 'برهما، شو ۽ وشنو' وغيره سان گڏوگڏ پوڄيو ويو. اهڙي سوديبازي ڪندي، مهاين مت جا بہ ڪيئين فرقا، برهمڻ ٻاڻ سان بت پرستيءَ ۾ ملائي وڌا. تنهن هوندي بہ هناين جهڙ ا کي قديم فرقا، جي انهيءَ فريب اندر ڦاسي نہ سگهيا، تن سان هاٿي لِڪي ڇپي منافقي ڪرڻ جي وڌيڪ ضرورت ٿي ڪهڙي هئي. هاٿي تہ گپتا راج چالو ٿي چڪو هو، سو برهمڻ جو وڏيڻو ٻانءِ تہ ڪٿي نہ چڙهي چڪو هوندو! اهوئي شودر ٻڪشن کي ذليل ڪرڻ لاءِ بس هو. اهڙي " ڪنهن شودر کي اڦٽ ماري وڃهڻ بعد، برهمڻ کي ايترو ٻڇتاءُ ڪرڻو پوندو، جيترو ڪُتي، ٻلي، ڪانءَ، ڪبر، سانڊي، يا ڏيڏر کي مارڻ تي ڪبو آهي"(۲).

سمندر گپت جي واري ۾ تہ راج رشي، باد راين، ڪميٽي ۽ انم انسان جي وچ ۾ ويڇي وجهڻ لاءِ، علي الاعلان اپنشد ۽ ڌرم سوتر

(1-2) Dr: R. K. Mookerjj: Imperial Unity. p. 544.

رچيا. ڪمارل ڀٽ تہ هتي جون صفايون ئي ڪري ڇڏيون. پوءِ وري شنڪر آچاريہ جو وارو آيو. "سندس ويدانيت جي بہ مُک مراد فقط اها هئي تہ گهٽ ذات وارا ودْيا نہ وٺن. جي: شودرن کي پڙهڻ، ٻُرجهڻ ۽ انهيءَ موجب هلڻ کان سمرتين منع ڪئي آهي. ڪو ويد ٻڌي تہ ڪنن ۾ لاک پريوس، اهي ڪو اچاري تہ زبان ڪپي ڪڍوس، ۽ جي ڪوئي ياد ڪري وٺي تہ اڦٽ ماري ڇڏيوس⁽¹⁾. 'ٻلي شنهن پڙهايا، ڦر ٻلي ڪُون ڪاوڻ آيا!' ڏرم رکش پکشن وري حق جي حفاظت خاطر- 'سچ کي ٿي پنهنجو ڏيٺو ٻٺايو' ۽ باطل کي بي بنياد ثابت ڪندي ڏرمپال ڊيگناگ (Dinnag) جهڙن عالمن 'نياءَ' نالي اترممانسہ (Logic) لکي، هتي منطق جو بنياد وڌو.

راجا وڪرماجيت جي واري جو هڪڙو واقعو آهي. جڏهن پنڊتن جو پوريءَ طرح پيٽ ڀريل هجي. -"ايوڏيا ۾ انهن، ويدانيت جي وسيلي ٻڌ مذهب کي مات ڪرڻ جو منصوبو سٽيو. سانکيہ مت جي ماهر، وارشنگنيہ، برهمڻن کي پڙڪائي ڪَنو ڪيو. اتان ويدانت مت جو وڏو ودوان، ونڌياواس، وڪرماجيت وٽ وڃي سهڙيو. مهاراجا، انهيءَ مذهبي ملاڪڙي جو نہ فقط سرڪاريءَ طرح اعلان ڪيو، پر ان جو افتتاح پڻ پاڻ سر ڪيائين. مگر انهيءَ موقعي تي منورٿ پکشو، ڊيناگ ۽ واسوبندو جهڙا پڙهيل پينار تہ پرڏيهن ۾ پرچار پئيان نڪري ويا هئا. باقي ٻڌ متر نالي هڪڙي پيرسن ڳوپ کي ڪچهريءَ ۾ گهلي آيا. تنهن کي پريءَ دربار ۾ پون پون ڪري چنبڙي ويا، ۽ پير مرد پينوءَ تي چترون ڪري، خوب ڪڳيون هنيائون. پوءِ وري وڏي فخر سان انهيءَ ڪيپ ڪٽڻ جو پڙهو گهمائڻ لڳا. اهي پچارون آخرڪار ڊيناگ، ڏرم ڪيرتي، سنگهہ رکشا ۽ ٻڌ پالت ٻارن تائين بہ وڃي پهتيون. واسو بندو تہ اتفاق سان ڪو انهيءَ پير مرد وٽ پڙهيو بہ هجي. تنهن برهمڻ جي سانکيہ مت (ويدانت) جا سيپٽي ور وڪڙ سڌا ڪندي، هڪڙو رسالو 'پرمارٿ سپتتي' نالي سان جوڙي، راجا ڏانهن روانو ڪيو. (جيڪو جپان ۽ چين ۾ اڃا بہ پڙهايو پيو وڃي). وڪرماجيت

(١) ڏرماند ڪوسجي: ٻڌ ڀڳوان. ص ص. ٩٠، ٩٢ ۽ ٩٣.

برهمڻن کي دربار ۾ گهرائي. رسالو سندن اڳيان رکيو، ته سيئي ٽيءَ ۾ پئجي ويا. اتي بيکاريءَ جي علمي فضيلت، خود بادشاهه جي به دل دماغ متان وسي ويئي ۽ يڪدم پنهنجي پٽ جي تعليم خاطر کيس وزيريءَ جو عهدو ۽ ان سان گڏ وڏن وظيفن جي آڇ پڻ موڪليائين. برهمڻن جي برتري اهڙيءَ طرح هڪڙي پينوءَ اڳيان ڪافور ٿي ويئي"[1]. انهيءَ ڪري وڏيءَ ذات وارن جيون اهي وڏيون دعوائون، علمي دنيا مان ته اُڏامي وئيون؛ مگر انهن جي سربراهيءَ ۾ سرڪار جو فوجي ڏنڊو سو اجا موجود هو.

وڪرماجيت جي ئي وقت (٤٠٠ع) ۾ 'فاهين سياح' به هتي آيو هو. هن هندن جي ٻڌ مذهب سان ديناداستي دشمني بيان ڪئي آهي. 'برهمڻن هڪڙي وهار کي ٻاهڻ لاءِ ڪليو لڪايو حملو ڪيو، مگر ڪنهن غيبي ڪرامت جي ڪري هو هارائي موٽيا'. گپتا راڄ ۾ ٻڌ گيا ۽ ڪپل وستوءَ جي تباهيءَ جو ته هن اکئين ڏٺو احوال ڏنو آهي[2]. 'هيون تسانگ' پڻ هندن جي ٻڌ مذهب سان چٽي دشمني بيان ڪئي آهي. اپرندي ڏي سساَنڪ (Sasanka 619-637 A.D.) نالي گپتائن جو گورنر، جيڪو ٻڌ مذهب کي ڏڪاريندو هو، تنهن ته پورب کي پاڪ رکڻ لاءِ گهٽايوئي ڪين. ٻڌ گيا هن مان ٻوڌي گيان وارو وڻ ئي وڍائي ڦٽو ڪيو[3].

گپتائن کان پوءِ ورمن گهراڻي جي ايندئي ٻوڌين لاءِ قيامت اچي ويئي[4]. ڪٽر برهمڻ جو بغض هاڻي چوٽ چڙهي چڪو هو. مگر ٻڌ مذهب ۾ به سهڻ جي طاقت ڪا ڪمال درجي تي پهتل هئي. اهي ايذاءِ عقوبتون ته جڻ ڪو سندن ئي ورثو هو. (ٻڌو جو ٿيا!) سندن اهڙي صبر مان ڪڪ ٿي، نيٺ سينا گهراڻي وارن، ڀڪشن جي برخلاف جلاوطنيءَ جا فرمان ڪڍي، وهارن تي ڏياري موڪليا. هن گهراڻي جو

(1) Dr: Nalinaksha Dutt: History and culture of Indian people. Vol: III. "The Classical Age". (Edited by Dr: R. C. Majumdar, Bombay. 1954), p: 379.

(2) Buddhism in Pakistan "Pakistan Publication" Karachi 1963. p. 29.

(3) Ibid: p. 22. (4) Ibid: p. 59.

راجا ولال سين هڪڙو چتو برهمڻ هو، جنهن ٻڌ مذهب جو مڪمل خاتمو ڪري، ڏاڍن ۽ هيٺن ڪي درجيوار وراهي، مڙني ماڻهن جا ساڳيا چار طبقا مقرر ڪري ڇڏيا[1]. ٻوڌي وهار هن ئي گهرائي وارن خالي ڪرائي، انهن کي هندو ٺڪاڻن ۾ تبديل ڪرڻ شروع ڪيو. انهيءَ جو هڪڙومثال گوڪل ميڌ وارو ٺڪاڻو به آهي، جنهن مان ٻڌ مذهب جا مڙيئي پاڪ اهڃاڻ مٽائي، انهن جي عيوض شِو جو لنگ رکيو ويو[2]. امڙا ڪئين پيا وهار به ويران ۽ اجڙ ڪيا ويا. تان جو جڏهن اختيارالدين محمد بن بختيارالدين (خلجي) اتي پهتو، تڏهن سڀ وهار ويران ۽ سڃا وڃي ڏٺائين، جن ۾ ڪوئي ڀڪشو ڪونه هو.

برهمڻن ته ڀلا ڪٺي پنهنجا اهي لائق به ڪيا، مگر ٻڌ مذهب کي درحقيقت هن ڪان ٻيءَ جيئڻ جو (جڻ ته) حڪم ئي نه هو. 'پنجن صدين کان پوءِ ان ۾ فتور اچڻو هو ۽ هڪ هزار سالن تي ان جي حد ٿيڻي هئي'. اهي ڳالهيون آنند جي اڳيان، مهاتما ٻڌ خود پنهنجيءَ ماتا کي به ٻڌايون هيون. -" هن ڪان پوءِ اجا به ٻيو ڪو 'وڏو ٻڌ' اچڻو آهي. سڀني جو عزيز (متر)، جيڪو ساري انسانذات جي يڪي برادري قائم ڪري، 'سلامتيءَ' جو دؤر شروع ڪندو. اهو مستقبل وارو ٻڌ، ڪو هندستان جو ڪونه هوندو اهو ته 'الهندي' مان ئي اٿندو"[3].* هيءَ جدا ڳالهه آهي ته ٻڌ مذهب، جو مُدي خارج ٿيڻ کان پوءِ به ڄڃان ڪان جاوا تائين اجا جيئرو آهي، پر اهو اٿين آهي جو 'نانگ وڃي نڪري

(1) Ibid: p. 59. (2) Ibid: p. 72.
(3) G. W. Cock: Greeks in India. p. 57.

* ان پيشنگوئيءَ جي چنڊڇاڻ ڪندي، اڳتي هلي، سڀني مذهب وارن 'وڏو ٻڌ' مقرر ڪيو آهي. 'سلامتيءَ وارو متر' ۽ 'وڏو ٻڌ' جي رعايت سان، ٿياسوفيڪل تحريڪ وارن ۽ ٻين مسلمان عالمن، 'سلامتيءَ وارو متر' "پيغمبر اسلام" مقرر ڪيو. "اسلام" جي معني ۾ ئي آهي "سلامتي"! ان طرح 'متر' جو ترجمو 'عزيز' آهي، جو قرآن شريف ۾ رسول ڪريم کي 'عزيز' چيو ويو آهي. ان طرح 'وڏو ٻڌ' مان مطلب 'سيدالمرسلين' (پيغمبرن، يعني ٻڌن جو سردار) ورتو ويو آهي، جو پيشنگوئيءَ موجب ڀارت جي اولهه ۾ مبعوث ٿيو. ان سلسلي تي عيسائين، حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي پيش ڪندي، حجت اٿاري هئي. جا سڀني مذهبي عالمن جي تحقيق ۽ باهمي اتفاق جي سامهون سٽ جهلي نه سگهي. چناچه 'ٻڌ' جي مشهور سوانح نگارن، 'وڏو ٻڌ' ۽ 'متر'، نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم کي تسليم ڪيو آهي. -غ. م. گ.

تہ ليکو پيو ڪَنجي. خير ہِنَ مذهب کي اتي ڇڏي، هاڻي انهيءَ زماني جي شاعريءَ تي اچون ٿا.

## (ب) پراڪرتي شاعريءَ جي شروعات:

هن سلسلي جي گذريل ٻنهي مضمونن ۾*، علمي دليلن ۽ ثابتين، حوالن ۽ حجتن سان 'ڳائڻ' کي شاعريءَ جو اصلي سرچشمو ثابت ڪندي؛ انهيءَ جو آغاز بلڪل ئي اوائلي انسانن جي شروعاتي آواز سان ڪيو ويو آهي.

انهيءَ متعلق آلفريڊ آئن سٽائن (Alfred Einstein) جي بہ اها ساڳي دعوا آهي، تہ "تاريخ جي تمام ڪنهن اونداهي قدامت ۾ 'ڳائڻ' جي جيڪا پهرين شروعات ٿي آهي، اها ٻوليءَ جي شروعات کان بہ تمام گهڻو اڳي چالو ٿي چڪي هئي. انساني زندگيءَ جي ابتدا ۾ اهو ڳائڻ توڙي ڳالهائڻ ٻيئي ڪافي عرصي تائين بلڪل ئي ساڳي ڳالهہ رهندا پئي آيا. اوائلي انسانن گهڻو وقت پوءِ پڻ، سواءِ ڪنهن امتياز جي، انهن ٻنهي کي هڪبئي ۾ منتقل ئي پئي رکيو آهي"[1]. -"قديم قومن کي اگرچ آوازن ۽ اچارن جي هڪبئي سان نسبت ۽ انهن جي پاڻ ۾ توازن بابت توڙي ڪا بہ تميز ڪا نہ هئي، تڏهن بہ هو هيٺ يا مٿي جي ڪنهن بہ سُر سان، ڪونہ ڪو اکر چنبڙائي، ان کي آلاپيندا ۽ لوندا رهندا هئا. - اهوئي سندن اوائلي 'وِڳيو' (ڳيچ) هو، ۽ شروعاتي شاعري بہ"[2].

انهيءَ حالت ۾ اهي ڇڙها آواز جڻ تہ پٽ ۾ لڳل ڪي ڪليون هيون، جن جي مٿان اُهي اکر اٽڪائيندا، جڙيندا ۽ مڙهيندا پئي آيا. اهڙيءَ طرح اهي اکر ۽ اچار، آوازن ۾ اٽيندي ۽ مڙهيندي، ڪن ڪسابن کان پوءِ وڃي ڪو اوائلي 'هڪ - لفظو' ڳيچ (ڳيت) ٺهيو. پوءِ ايامن تائين اهڙا اڪيلا ۽ انفرادي الفاظ ڳائيندي ۽ ورجائيندي، اهي پاڻ ۾ ملائيندي ۽ مَتائيندي؛ آخرڪار پوري ڪَلي يا ٽوڪ ٻٽجي تيار ٿي ۽

* سہ ماهي مهراڻ ١٩٦٧ع. جو نمبر ١ ۽ ٢.

(1) Swami Prajnananand: Historical Development of Indian Music. (1960) Pooran Press Culcutta -4. p. 42.

(2) Ibid: p. 44.

ڳائجڻ لڳي. مطلب تہ انهيءَ ڊگهي عرصي اندر، اهڙن طويل تجربن مان ترتيب وٺي، آخر ڪي سُريلا ۽ چوٽڙا فقرا وجود ۾ آيا؛ جن کي قديم شاعريءَ جي شروعاتي شڪل سمجهڻ کپي.

اسين اڄڪلهہ ادبي ڪتابن اندر: ڪبير شاهہ جا ڪوهن ۾ پکڙيل ڊگها بيت، محمود ڪٺياڻ واريون ساوٽي دريا • جيان ڌڌڪا ڏيندڙ ۽ ساموندي وير وانگيان اٿلي وهندڙ وسيع ڪافيون، توڙي مخدوم گرهوڙيءَ جون طويل ۽ اڻ ڪٽندڙ مداحون پڙهي؛ اڪثر ائين ڀانئيندا آهيون تہ اصلي شاعري تہ ڪا آهي ئي اها. جيڪا هن ڪوتي زماني ۾ پاڻ ڪٽندي ۽ مختصر ٿيندي ٻيٺي وڃي. جيئن يونيورسٽي ماڊل اسڪول جا ٻار سمجهندا آهن تہ: هيءَ تنبوءَ جهڙو ٻڙ جو وڻ جيڪو يونيورسٽيءَ جو سارو اڱڻ ڍڪيو بيٺو آهي، اهو اول کان ئي ڪو ايڏو هوندو: ۽ هاڻي تہ پاڻ ويچارو ٻن ڇاٽيندو، هلڪو ٿيندو ۽ سُسندو پيو وڃي. پر جيئن اسين سيئي ڄاڻون ٿا تہ انهيءَ جي اصلي حقيقت تہ ماڳهين ٻيءَ طرح آهي. نباتات جو طالب (Botanist) تہ انهيءَ جي ارتقائي تاريخ هيئن ٻڌائيندو: هاڻوڪو هيڏو سارو ٻڙ، پهريائين تہ سڄوئي هڪڙي اٽلڪي داڻي (ٻج) اندر بند ٿيل هو. انهيءَ مان اول وار وانگر تند جهڙو سنهڙو سلو ڦٽي نڪتو: جيڪو واڌ ڪائيندو، پريندي هڪ -پنو، ٻہ- پنو، ٻوءِ ننڍڙو ٻوٽو.....، آخرڪار ڪن ايامن کان پوءِ وڃي اهو شاهي درخت بڻيو آهي. بلڪل انهيءَ ساڳي تمثيل مان ئي شاعريءَ جي شروعات ۽ ان جي ارتقائي تاريخ کي سمجهي سگهجي ٿو.

انڊو-پاڪستان جي پراچين اِتهاس (تاريخ) ۾، هند-سنڌ جي سيني کهنين قومن مان، دکن ديس جي دراوڙ لوڪن کي ئي هتي جي قديم ترين قوم قرار ڏنو ويو آهي. اهي اڃا تائين بہ پنهنجين پراچين (پراڻين) ٻوڇائن ۾، پهريائين تہ رڳو ڊگها آواز آلاپيندا ۽ سڪتا سُر ئي ڳائيندا رهندا آهن. تمام گهڻيءَ دير کان پوءِ وڃي ڪو انهن سان گڏ ڪي اکر بہ اچارڻ چالو ڪندا آهن[1]. اهي اوائل ۾ جيڪي ڊگها سر ڪڍن يعني ڳيچ جي آستائي شروع ڪن، ان کي 'ٻلوي' ڪوٺين؛ ۽

(1) Prajna: Historical: p. 385.

انهن سان گڏ جڏهن كي اكر اچارڻ ۽ جهونگارڻ چالو كن، تہ ان كي وري 'آنوُ پلوي' چون. سندن بوليءَ ۾ پَلوي لفظ جي معنىٰ ٿي 'تخم' يا ٻج آهي ۽ انوُ پلويءَ جو مطلب وري انهيءَ ٻج مان ڦٽي نكتل سَلو يا انگور آهي. اها تحقيقات ڊاكٽر فاكس اسٽرانگويز (Dr: Fox Strongways) كئي آهي. پاڻ بہ پلويءَ كي تخم (Germ) مجيو اٿس ۽ انوپلويءَ كي ان جو سلو (Stem or Spout) سڏيو اٿس[1].

اهي انوپلويءَ يا پلويءَ (هڪ ٻَئي ۽ ٻہ ٻنيءَ) جهڙا كي تز مثال تہ سنڌيءَ ۾ شايد ٿي باقي رهيا هجن. اسان وٽ پراڻي كان پراڻا هلندڙ ڳيت يا 'ڳائڻ' (Singings) اهي ٿي آهن، جيكي وهانءَ شاديءَ تي مايون ڳائينديون اجن ٿيون. انهيءَ 'ڳائڻ' ۾ بہ ابتدائي آستائي كان پوءِ، اول جيكا اوچي ٽڪ كڻن، تنهن كي 'كَلِي' كونين، ۽ انهيءَ كليءَ جي معنىٰ ٻڻ ساڳي (مٿين وانگر) مكڙي يا ڳونچ (Bud or Spout) آهي. هتي اهڙيءَ شاعريءَ كي ٿي 'پراكرتي' (اصلي، فطري ۽ بنيادي) شاعري سڏيو ويو آهي، جنهن جي شروعات هن سلسلي جي پهرينءَ قسط ۾ پراڻي پٽر واري دؤر كان كئي ويئي آهي.

اڳوڻين پنهي قسطن جو غور سان مطالعو كرڻ مان هيءَ امكان واجبي نظر ايندو تہ: پٽر واري زماني جي پراكرتي (فطري) شجر مان شجرو چكي، بنيادي شاعريءَ كي روايتي شاعريءَ سان آٿي ملائڻ كا اٿنيٽي ڳالهہ نہ ٿيندي؛ پر جيكڏهن رڳو مروج شاعريءَ جي شاهي شجر كي انهيءَ قديم كَليءَ مان كڍڻ، يا اجا بہ ان كان اڳ جي كنهن انفرادي ۽ بي معنىٰ لفظ (انوپلوي) كي ٿي ان جو اصلي انگور يا مكڙي مجڻ. اسان كي فقط برداشت بہ ٿي سگهي.

پٽر ۽ ان جي اوزارن كي اجا سوڏو استعمال كرڻ بہ تہ كو اسين قطعي طور تي قطع كونہ كري چكا آهيون. جَنڊ، روهيون، كرل، برنيون، كُرنڊ، كونڊا، آكريون، عقيق ۽ ٻيا مٽيا اڄ بہ تہ عام جام

(1) Ibid: p. 176.

ورتا پيا وڃن!. انهيءَ ساڳئي ابدي پٿر جهڙائي کي کهنا ۽ بيجان الفاظ پڻ اچا تائين ڳائبا پيا اچن! انهيءَ جو "هڪڙو مثال 'تيروَت' (Tirvat) بہ آهي. هيءَ تمام قديم زماني وارين انهن ابتدائي لاتين جو هڪڙو يادگار رهجي ويو آهي، جن ۾ ڪوئي بامعنيٰ لفظ اچا داخل ئي نہ ٿي سگهيو هو؛ تنهنڪري رڳو سريلا اکر ئي آلاپيندا هئا. اها ريت چالو رکندي، اڄ تائين بہ انهيءَ ۾ فقط بي معنيٰ جڙها الفاظ ڳائبا پيا اچن. جيئن تہ "جهم، تم، ڏن، ڏي، ڏن،.... تي، ڪي، وغيره. اهي رڳو علتي اُچار آهن. انهيءَ ڪري پوءِ جي زماني ۾ مُني پرت انهيءَ جو نالو 'نِرڳيتا سنگيت' (بي مقصد غنان) تجويز ڪيو آهي[1].

تروٽ جهرو پيو بہ هڪڙو پراڻو پراڪرتي ڳيت 'پربند' پڻ آهي. جيڪو جاتي ڳيچن مان جڙيو يا انهن سان گڏ اسريو. مگر هيءُ هڪڙو کهنو ڳيو هوندو هو. اڳئين پيري بہ ان جو فقط نالو ڳٿايو ويو آهي. انهيءَ جي پوري پچار ۽ ان تي اُچار ويچار تہ اڃا بہ اڳي ايندو، پر هتي موقعي جي مناسبت سان انهيءَ جي ابتدا ڏي اشارو ڪرڻو پوي ٿو. پربنڌ جي پيدا ٿيڻ، سرجڻ ۽ ان جي انگورجڻ جو احوال هيئن آيو آهي. "انڊو-پاڪستاني ڳيو (Singing). بلڪل ئي اوائلي تنوارن ۽ جهونگارن مان اُسري ڪري، ترقيءَ جي مختلف مرحلن ۽ منزلن مان گذرندو آيو آهي. جدا جدا حالتن مان لنگهندي، مختلف صورتون مٽائيندي، آخرڪار اچي پربنڌ جي شڪل ۾ پڌرو ٿيو"[2]. "پربنڌ ڳيت جو پراڻي ۾ پراڻو نمونو سُريتہ يا سُورَت (Swarath) سڏبو هو. ان جي اصلي خاڪي ۾ الفاظ هوندائي ڪين هئا. تنهنڪري خالي آواز هيٺ مٿي ڪري آلاپيا ويندا هئا (جيئن هاڻوڪي سرگم جي آلاپ ۾ ڪندا آهن). پوءِ ان جي ارتقائي دؤر اندر، منجهس ڪي فالتو اُچار بہ آندا ويا"[3]. "اچارن جي وستار يعني اکرن کي جزياتي تفصيل سان تنوارڻ ۽ جهونگارڻ مان اول آزاد نموني جو آلاپ بنيو. انهيءَ مان 'اِستايہ'

(1) Prof: O. Gosvami: The Story of Indian Music, (1961) Asia Publishing House, Bombay I, p. 137.
(2) Ibid: p. 122. (3) Ibid: p. 114.

(Sthaya) يعني سُرائتنا الفاظ ۽ غنائي ٻول ٻَجهندا ويا، تان جو آخر ۾ ازخـود پربنڌ جي پوريءَ تڪ جي ترتيب تي ويئي"[١]. -"انهيءَ اوائلي تڪ کي 'استايہ' يا 'تايہ' (Sthaya or thaya) چيو ويو. استايہ، اصل ۾ پربنڌ جو هڪڙو بنيادي ٻول يا غنائي فقرو هو. اسان جي ڳيت جي اوائلي شڪل اهائي هئي"[٢]. اهي پربنڌ اسلامي حڪومتن جي اچڻ وقت عام هئا. پربنڌ کي پوءِ سازيندي جي محاوري ۾ 'گت' چيو ويو، جيڪو گيت مان گسي وجي گت بيٺو آهي ۽ هاڻي انهيءَ جي معنيٰ 'سُرود، لئي يا ترنم' (Rhythm) آهي[٣]. اهي ڳالهيون اڳ ۾ بہ گهٽي تفصيل سان اچي چڪيون آهن، تنهن ڪري تاريخ کي اتان اڳيرو ڏڪيندي، پوين پراڪرتي ڳيچن جي ٻچار ڪجي ٿي.

-"اندو-پاڪستاني ڳيتن جي تاريخ، قديم زماني کان وٺي ويندي ڪنهن قريبي زماني تائين بہ، پراڪرتي (Indigenous) سنگيت ۽ عوامي روايتن جي گڏيل اوسر پٺي رهندي آئي آهي. انهن جي مسلسل تعمير ۾ قديم رهاڪن توڙي پوءِ جي ٻاهران آيل ڪيترين ئي مختلف قومن جي ٻانت ٻانت جي نغمن جي آميزش ٿيل آهي"[٤]. -"ڌرمي پوجائن توڙي سِڪشائن جي ڏيان سان چڪاس ڪندي ئي، اٿيچيو انهيءَ نتيجي تي اچڻو پوي ٿو تہ: اندو-پاڪستاني ڳيتن جي پيڙهہ، انهن جي اوسر ۽ ارتقا، اصل ۾ ڪن ريتن رسمن جي ادائگيءَ مان ٿي آهي"[٥]. مثلاً، هيءَ هڪڙي عام حقيقت آهي تہ سانوڻ جي مند کي، آبادگار لوڪن جي جياپي خاطر ۽ مال وارن جي گذران سبب، تمام اعليٰ اهميت حاصل آهي. مينهن جي آجيان ۽ استقبال ۾ جشن ملهائڻ جو رواج بلڪل ئي پراڻو ۽ عام آهي. اڄ تائين بہ اندو-پاڪستان جي مختلف علائقن ۾ مڙني مالوند ماڻهن ۽ هارين جون زالون، جيٺ-آکاڙ ۾، مينهن وسائڻ متعلق مخصوص نموني جا لوڪ- ڳيچ ڳائيندڻيون

(1) Prajnananand: Historical development of Indian Music. (Preface). p. XI.

(2) Parj: (Preface) pp. XI & XII.

(3) Prof: O. Gosvami: Story of Indian Music. p. 113. (4) Ibid: p. 69.

(5) Prajnana: Historical Development: p. 372.

رهنديون آهن[1]. ڊاڪٽر بيرائيڊيل ڪيٿ، سنسڪرتن 'سانگ' جي سمجهاڻي ڏيندي لکيو آهي: مهاوت ۾، سنڌن مال جي چاري ۽ پوکن جي سڌاري لاءِ" ڪي ڪماريون (جوان ڇوڪريون) مينهن جو ساٿ (حيلو) ڪندي، باهه جي چوڌاري نچنديون ۽ ڳائينديون رهنديون هيون[2]. اهو ناچ، نه فقط ڪي ڪنئاريون ڏرمي پوڄائن ۾ ڪنديون هيون؛ پر سماجي رسمن ۾ ته سهاڳڻيون ۽ ڪي اڏڙوت ڪراڙيون به ڪنهن جي جهلڻ جون ٿي ڪين هيون. شاديءَ وهاڻ، جهڙن موقعن تي ته سيني سائن سوٽن ۾ سهاڳڻين جو ناچ هلندو ٿي رهندو هو. تنهن سان گڏ وري تاڙيءَ جي وڄت سان ڳائڻ به لاڳيتو ٿي لڳو ايندو هو. اهي احوال سانکيه گرهيه سوترن مان ملن ٿا[3]. اهڙي طرح ڏرمي يگيه ۾ جڏهن پروهت ۽ سنڌن پوءِ لڳ، ڳاهڻ ڳائڻ لاءِ هڪبئي کان وارو وٺندا ۽ ڏيندا رهندا هئا، تڏهن سنڌن زالون وري وڄت واري ناچ ۾ مست هونديون هيون. يگيه ختم ٿيندو ڏسي، پوءِ ته سيئي انهيءَ جهمر ۾ ڪاهي پوندا هئا ۽ پنبيون هٿندي يگيه ختم ٿيندو هو[4].

اهڙي نموني جا ناچ-ڳيت (Ballads) بيان ڪندي، اڳئين پيري به انهيءَ ڳالهه ڏي خاص طرح توجهه ڇڪايو ويو آهي ته اها جهمر، قديم شاعري (پراچين ڳيچن) جو نه فقط لازمي جز هئي؛ پر اصل ۾ ته ان جي ڇٽيندڙ ۽ نپائيندڙ ٿي اها جهمر (ڇيڄ) آهي. قديم رقص جي بنياد تي، اوائلي ڳيت جو ڍانچو کهڙيءَ طرح بيهاريو ويو، اها ڳالهه اڳ ۾ ٿي سمجهائي آيا آهيون. ان تي وڌيڪ ويچار ڪنهن مناسب موقعي سارو اڳتي ايندو. انهيءَ پراڻي ناچ جي پڙناني بهرحال اها پُتلي (Dancer) سمجهڻ گهرجي، جيڪا موهن جي دڙي مان ملي آهي.

## سنسڪرت جو تعلق:

قديم ڳيچن جا اهي آڳاٽا آثار ۽ اهڃاڻ جيئن ته (سنسڪرت وارن) ويد گرنٿن مان به ورتل آهن، تنهن مان اها غلط فهمي نه ڦهلجڻ

(1) Gosvami: The Story: p. 83.
(2) Prajna: Hist: Develop: p. 372.
(3) Ibid. p. 372. (4) Ibid. p. 372.

کپي تہ کو آريہ لوڪ بہ اصلي رهاڪن جي پيٽ ۾ سندن سنسڪرت ڪاويہ کي ساڳيءَ سطح تي آڻڻ ۾ سوڀارا ٿيا هوندا.

-" آريائي ڳيتن جي ادبي ۽ تهذيبي اوسر ۾ جيڪي بہ نيون ڳالهيون پيدا ٿينديون پئي رهيون، اهي ڪي آرين جون پنهنجيون ايجادون ڪين هيون. انهن ۾ بہ اڻ آرين جو هٿ هميشہ ئي رهندو پئي آيو. آريہ لوڪ، انهيءَ ڪري اڻ آرين جا ڪمالات حاصل ڪرڻ لاءِ سدائين سندن محتاج رهندا پئي آيا"[1]. -" آڳاٽن ويد شاسترن جيڪا تهذيب ۽ تمدن جي عاليشان تصوير پيش ڪئي آهي، سا غير آريائي قومن جي ئي علوم ۽ فنون، توڙي تمدن ۽ ثقافت جو عڪس آهي؛ جيڪي هن ملڪ جا اصلي رهاڪو هئا. آريہ لوڪن کي ساڻن اهڙي ثقافتي ۽ تهذيبي ڳنڍ جوڙ ڪرڻ ۾ بہ تمام ڪافي عرصو لڳي ويو. اهڙو سلسلو ويدڪ لٽريچر جي توڙ تائين هلندو آيو. جنهن ۾ اها اصلوڪي اتم سپيتا (پراڪرتي) وري وري پئي اٿل پٿل هيٺ آئي آهي، تنهن ۾ اها ڍهندي ۽ ٺهندي، ٺين سر اسرندي ۽ اپرندي پئي رهي آهي"[2]. اهڙي اٿل پٿل ۽ ڍاهہ ٺاهہ مان هنئون هڪڙو اهڙو اگرو نتيجو نڪرڻ لڳو؛ جو ويد گرنٿ جيڪي عيسوي سن کان پنج-ڇهہ صديون* اڳيئي لکجڻ چالو ٿيا هئا. سي انهيءَ جي ردعمل ۾ پوءِ سنت جي منڌل ڦوري وانگر اهڙيءَ طرح تہ ڳانڊوڙجي وچڙجي ويا؛ جو آخرڪار اهي گمراهيءَ جو هڪڙو گورک ڌنڌو بڻجي پيا. خود هندو ڌرم اندر بہ، انهيءَ زماني ۾ ئي، چارواڪ (Charvak) جهڙا ڪي سياڻا ۽ سنجيدا ماڻهو اکيون پٽي اٿيا. جي: ويدن جي ٻولي سنسڪرت (Gibberish) ۽ انهن جو مضمون سواءِ بڪواس جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي[3].

-" ويدن جو بنيادي مواد توڙي مضمون، اوائل ۾ تہ رڳو انهيءَ ڪري اٿلائي پٿلائي اونڌو ابتو ڪري بيهاريو ويندو هو، جو انهن جي اصلي متن ۽ محاوري ۾ موسيقيءَ جي مزاج توڙي ڳيچ جي انداز جي ڪا

(1) Gosvami: Story. p. 11. (2) Ibid. p. 12.

* تلڪ مهراج، اتي فقط هڪ ٽپڪو وڌائي انهيءَ کي پنج-ڇهہ هزار سال ٻڌايو آهي.

(3) Prof: Bhatacharjee. The Age of Imperial Unity. p. 478.

ٻہ مناسبت ڪانہ هوندي هئي. پر پوءِ جي پنڊتن جي اها ماڳهين عادت ٿيجي پيئي"(۱). انهيءَ عادت سبب، ويدي سنسڪرت جي اهڙيءَ آپگهات واري (خودڪار) نيتيءَ، نيٺ سنڌس انت ئي آندو ۽ پوءِ اها رڳو ڌرمي پروهتن جي هڪڙي مخصوص ۽ تنگ دائري اندر محدود رهندي، آخرڪار ٻوساتجي ۽ گهٽجي مري ويئي*. جيتوڻيڪ انهيءَ کي پوءِ فرعون جي مڙهہ (Mummy) وانگر سانڍڻ ۽ سانڀڻ ۾ پنڊت پڇاڙيءَ تائين بہ لڳا ئي رهيا آهن. جيئن اڳتي نظر ايندو.

اڳيون مقالو، جيڪو سڄو ئي 'آريائي شاعري' ** ۽ سنسڪرت ساهتيہ لاءِ مخصوص ڪيو ويو هو، تنهن جي شروعات ويدن جي منڍ کان ئي مهند ڪيل آهي. انهيءَ مضمون کي ڏڪيندي ڇڪيندي، عيسوي انين- نائين صديءَ سوڌو بہ آندو ويو آهي. پر پوءِ معلوم ٿيو تہ خود ويدن جا جي اڻاويهہ وڏا وياس (مرتب) پڌجن پيا، تن سان 'ساينہ' جو نالو بہ آيو آهي، تنهن پڻ ويدن کي ترتيب ڏني آهي. انگريز لوڪن اڪثر انهيءَ جا ئي ويد مڪمل مڃي، ترجمي لاءِ چونڊيا آهن. رگ ويد ۾ هن تي هڪڙو نوٽ لکيل آهي. -"ساينہ، سنہ ۱۳۳۱ع کان وٺي، سنڌس مرتيو ۱۳۸٦ع تائين، شرنگريءَ جي مڙهي ۾ مک برهمڻ هوندو هو. برنيل صاحب هن ساڳئي ساينہ جو ٻيو نالو 'ماڌو برهمڻ' بہ معلوم ڪيو آهي"(۲). انهيءَ اشاري مان اهو انومان ٿو نڪري تہ عيسوي چوڏهين صديءَ تائين بہ ويدن جي آخري سٽاءُ ٿيل ڪانہ هئي!

ويدن جي پويان وري 'برهمڻ گرنٿ' ملايل آهن، انهن ۾ آرڻيڪ ۽ اپنشد آندل آهن. سي ڪهڙي سبب ملايا ويا؟ چارواڪ جهڙا حريف تہ منڍ کان ئي موجود هئا، تن جڏي ڏنو تہ: ويدن جا رچيندڙ

(1) Gosvami: Story. p. 17.

* سڄي انڊ-پاڪستان مان سنسڪرت جا فقط هڪ ڊزن ڪتبا بہ ملي نہ سگهيا آهن، پر، پراڪرت جا پورا پندرهن سؤ ڪتبا تہ هاڻي تائين ملي چڪا آهن. (امپيريل يونٽي ۲۸۴).

** ڏسو مهراڻ رسالو ۱۹٦۷ع جو نمبر ۲.

(2) Rig Ved: Translated by Dr: Arrow Smith (Note: 27). p. 106.

چالباز، پنڊ ۽ حرام ڪائڪ (-Hypocrites Cheats and Flesh eaters...) آهن، جن جو مقصد ڊور ڊڳا ۽ گهوڙا وغيره کُهي کائڻ[1]. تنهن بعد ڪيسڪمبل جي هيءَ ڏيڊ ٽڪ به پڙهي ڏسو. "اگنشوم! يگيہ ۾ کُٺل ڍور، جي سرڳ (بهشت) ۾ وڃي سگهي ٿو ته پنهنجي پوڙهي پيءُ کي ڇو نٿو يگيہ ۾ کُهي موڪلين"؟[2]. مطلب ته هندو سماج ۾ ٿي ايڏي هلچل هلي ويئي، جو سمجهو ماڻهن ويدن جي ڪتراڳ کي ٿي ختم ڪرڻ چاهيو. ڪارڪا سانکيہ فلاسافيءَ موجب پڻ ٻين ڏٺل وائٺل اُپاون (اٽڪلن) وانگر ٿي ويدن جو اُپاءُ به فضول آهي. ڇو ته اهي اَشُڌي، تباهيءَ ۽ وڌاءَ سان ڀريا پيا آهن[3]. اهڙن فيلسوف شاعرن جي جواب ۾ ئي برهمڻن جا اپنشد ۽ ويدانت وجود ۾ آيا. برهمڻ شاسترن جو زمانو به عيسويءَ سورهين صديءَ سوڌو معلوم ٿئي ٿو. ڇو ته "اڪبر بادشاهہ جي زماني جو لکيل 'الوپنشد' سو به اپنشد ۾ شامل آهي"[4]. پر پنڊتن جون پوءِ به اهڙيون ڪئين ڪوششون مٿي ٻنايل گٿيءَ کي سلجهائڻ ۾ ٿي صرف ٿينديون آيون. مهاتما ٻڌ اهڙن ئي سببن ڪري، سنسڪرت جي جهنجهٽ کان پرهيزي ٿي پري رهيو.

## ٻڌ پرچار جي نوعيت:

عام خلق جي ڀلائي خاطر، ڀاڳونت ٻڌ پنهنجو پرڀوڌ ۽ پرچار به پراڪرت يعني فطري محاوري ۽ عوامي زبان (لوڪ ڀاشا) ۾ چالو ڪيو. انهيءَ لاءِ ته عوام ان کي آسانيءَ سان سمجهي سگهن ۽ ساري انسانذات جو ڇيهو- ڪتيو به سندن سمجهہ ۾ سولائيءَ سان اچي سگهي. مهاتما جي زماني ۾ لکت جو ابتدائي هنر اجا فقط چند برهمڻن جي ئي چنبي هيٺ سوگهو هو، جيڪي ان کي اباڻو ورثو بنائڻ لاءِ مٿس نانگ وارو پهرو ڏيئي رهيا هئا. راجا هجي توڙي راجڪمار، لکڻ پڙهڻ کي رڳو هٿ به لائي ڏسي، عوام جي ته اتي مجال ئي ڇا هي! مهاتما ٻڌ پاڻ به جيئن ته انهن کتري ڪمارن مان هو، جن جي نصاب ۾ فقط خونريزيءَ جي تعليم ئي لازمي ڪيل هئي، سو ويچارو انهيءَ

(1) Prof: Bhattacharjee. The Imperial Unity. p. 478.

(۲) ڌرمانند ڪوسجي، ٻڌ ڀڳوان، ص ۲۸۷. (۳) ايضاً، ص ۲۵۴. (۴) ايضاً، ص، ۴۳.

وڏيا جڪر ڪان تہ ڪورو ٿي ڪورو هو. پڙهيل پنڊتن مان بہ پوءِ مهاڪيشپ، مهاڪچيان، ڪوڏنيہ ۽ ساريپت جهڙا ڪي ٿورا سڄاڻ برهمڻ خدائي نسل کي ڇڏي اچي عام انساني برادريءَ ۾ داخل ٿيا هئا. باقي ڀڪشن مان بہ گهڻو ڪري سيني جو ساڳيو مهاتما وارو ئي حال هو. تنهنڪري پاڻ تبليغ ۽ تعليم بہ زبانيءَ طور چالو ڪيائين، جنهن کي سنڌس جيٺري 'واڪ ميہ' يعني بر زبان يا 'ڪنٺ ڪيل واڪ' چئبو هو[١].

سنڌس چالاڻي بعد اهي واڪ (وچن) لکجي ويا. تڏهن بہ ساڳئي نالي سان سڏبا هئا: جو تہ اهي وچن بر زبان ڪرڻ هر ڪنهن لاءِ لازمي هئا. اشوڪ جي پٽ مهيندر ڪمار، پڙهيل هوندي بہ ساندهہ ٽي سال ويهي، اهي وچن (سُت) ياد ڪيا هئا. ياد ڪرائڻ واريءَ انهي مٿينءَ ضرورت جي مدنظر، مهاتما سنڌس مکيہ متا ۽ اهم اصول ننڍڙن سُتن (سُوتن يا سوترن) جي ئي صورت ۾ سيکاريندو هو. سنڌس پوئلڳ پاڻ بہ اهڙا ڪي اهم نُڪتا ورجائيندي ۽ دهرائيندي، انهن کي هر وقت پنهنجيءَ لئي ۾ لوَندا ۽ جهِيل سان جهونگاريندا رهندا هئا. انهي لاءِ تہ اهي آسانيءَ سان ذهن نشين ٿي وڃن. اهڙين ئي تنوارن مان ترتيب وٺندي، سُريلا سُت ۽ ڳِيا اسرندا آيا. جيڪي پانت پانت جي ڀڪشن جو ورد بڻيا (جيئن ڪُدڪ نِڪايہ جي 'وِماڻ وَٿو' ۾ آهي). اڳئين جڳ ۾ جيئن تہ تعليم ڏيڻ جو اهوئي زباني ياد ڪرائڻ وارو طريقو عام هو. تنهنڪري "اوائل ۾ رڳو اهي سُت ۽ ڳِيا هوندا هئا. جن ۾ ئي سنڌس سڄي سکيا سمايل هئي. مهاتما جيئن هڪ دفعي چيو بہ هو: 'اي آنند! اهي سُت ۽ ڳِيا سڀ گهڻو ڪري تنهنجا سٺل پڏل آهن ۽ تون انهن مان پورو واقف آهين. تنهنڪري تنهنجو انهيءَ مطلب سان منهنجي پٺيان لڳڻ ڪو ضروري نہ آهي'... مطلب تہ سُتن ۽ ڳِين ۾ ئي سنڌس پوئلڳن لاءِ ٻڌ جو اپديش هو"[٢].

اشوڪ جي زماني تائين بہ ڌرم جا جيڪي نَوَ مکيہ انگ مڃيا ويندا هئا، تن ۾ سُت (غنا)، ڳيچ (ڳيا)، ڳاهون (مُني ۽ ٿيري

(١) ڌرمانند ڪوسجي: ٻڌ ڀڳوان، ص ٢١. (٢) ايضاً. ص ٢٩.

گاٿا)..... ۽ انهن جي وياڪيا (وياڪرڻ) وغيره. بنيادي ڳالھيون سمجھيون ويندڙيون هيون[1]. سُت نپات (ڪُدڪ نِڪايه) ۾ مهاتما ٻڌ پاڻ 'گايتري' نالي ڇند کي واڪاٿيو آهي ۽ مني پاردواج نالي هڪڙي برهمڻ جي پڇڻ تي به انهيءَ 'ڇند' جي ساراهه ڪئي اٿس. انهيءَ مان اندازو ٿئي ٿو ته شاڪيامنيءَ کي پراڻي سنگيت ۾ 'گايتري ڇند' نيڪ نظر آيو: تنهنڪري سندس رچيل سُت ۽ ڳِيا سڀ گھڻو ڪري انهيءَ ڇند ۾ ئي ڳارايا ويا هوندا.

## تِرپِٽڪ تي هڪ نظر:

مٿي تن ڪتابن (ترپٽڪ) جو احوال اشارتاً آيو آهي. جيڪي پھريون چوماهي بيٺڪ ۾ جمع ڪيا ويا هئا. انهن تنهي کي الڳ الڳ ٻولڻ لاءِ، تي سڄاڻ راوي چونڊي مقرر ڪيا ويا هئا. سندن سُت ۽ ڳيت قلمبند ڪرڻ لاءِ، مهاڪيشيپ سان گڏ ٻيو مشهور ليکڪ سارپيت برهمڻ به شامل ڪيو ويو هو. جنهن ٻويون پنڪ (ايدم) سڄوئي 'ڪيلي سر لکيو[2]. ديودت جي دست اندازي ڪرڻ ۽ دخل ڏيڻ ڪري، اگرچ انهيءَ ڪم ۾ ڪي رنڊڪون به پيئون. پر سيڪو پنهنجي پنهنجي ڪم کي نپائي وڃي پار پيو. مگر اهڙيءَ حالت ۾ وري تنهي ٽوڪرين کي پاڻ ۾ بروقت پيني ڏسڻ جي وڌيڪ مهلت ملي نه سگھي ۽ ڪي ساڳيون ڳالھيون به تنهي ڪتابن اندر اچي ويون. پوءِ وارا ٻوڏي ته وري اهڙي تڪرار کي به مشق لاءِ پاڻ ضروري مڃڻ لڳا. ٻي مشهور ميٽنگ، جيڪا مهاتما جي سؤ سالہ ورسيءَ (٣٧٨ ق. م.) تي ونشالي ۾ ڪوٺائي ويئي، تنهن بعد تنهي ڪتابن کي ننڍن ننڍن 'نِڪايه' يعني ڀاڱن (Chapters) ۾ ورڇي رکيو ويو. جيتوڻيڪ انهن جي مواد ۽ مضمون ۾ ته ڪوئي سڌارو ڪونه آيو، پر ڪي ڀاڱ ۽ باب (نڪايه) هڪڙي ٽوڪريءَ مان ڪڍي، ٻيءَ ۾ وڌا ويا. -" ڪن جو چوڻ آهي ته ڪُدڪ نڪايه وارو فصل، اصل ۾ ايدم پٽڪ اندر پيل هو، پر ٻين جي چوڻ موجب: اهو اول سُت پنڪ ۾ ئي سمايل هو. الگد سُت جي انڪتا ۾ چيو ويو آهي ته: 'ڳاٿڻ' جي گڏيل سوتن کي 'ڳيا'

(١) ڏرماننڊ ڪوسجي: ٻڌ ڀڳوان، ص ٢٥. (٢) ايضاً، ص ١٨٨.

ڪونيندا هئا. سُنيت نڪايہ جو پهريون ڀاڱو ان جي مثال طور ڏنو ويو آهي... انهيءَ ڪري اٿين چوڻ ڏکيو آهي تہ 'ڳاٿا' نالي ڀاڱو (Chapter) جو ڏار ڪيو ويو. ٿي سگهي ٿو تہ ڳِيا اندر ڪن خاص پرڪارن جي 'ڳاهن' جو سمائڻ نيڪ نہ سمجهيو ويو"(١). پڌ گهوش آچاريہ جو چوڻ آهي تہ: ڳاٿا ڀاڱو ۾ تيرڳاٿا (مني ڳاٿا)، ٽيري ڳاٿا (ڀڪشٽي ڳاٿا)، يا ڪي ٻيون ڳاٿائون بہ اچي ويون ٿي(٢).

پهرئين ڪتاب، 'ونيہ پٽڪ' ۾ جيئن تہ رڳو جماعت (سنگهہ) جي انتظام ۽ ضابطي جي ترغيب (ونيہ) ڏنل آهي ۽ پوئين پٽڪ يا ٽئين ڪتــاب (ابِــدهرم) اندر وري وڏيءَ ذات وارن جي وڏائي يا اوچي نسل واريءَ آڪڙ جي خلاف، توڙي گگدامن جي بچاءَ ۾ مهاتما جا برهمڻن سان ڪيل بحث مباحثا، جيڪي ساريپت ڪي موقعي بموقعي معلوم هئا، سي آندل آهن. باقي رهيو نمبر ٻيو يعني وچيون ڪتاب (سُت پٽڪ)، سو تہ خالص مذهب عقائد جو ڪتاب آهي، تنهن ۾ ٿي تٿاڳت جي سچي تعليم ۽ تلقين سمايل آهي. انهيءَ ۾ جيڪي بہ ڳيچ، ڳيا، ڳاهون ۽ سُت سمايل آهن، سي سڀ اوچي ادبي معيار جا آهن ۽ اسان جي هن مضمون جو مک مواد آهن، تنهنڪري هتي رڳو سُت پٽڪ تي ٿي تبصرو ڪبو.

سُتڪ پٽڪ جو ادبي جائزو: انهيءَ جا جملي پنج باب آهن. تن مان فقط ٽيون نمبر 'سنيت نڪايہ' ۽ آخري باب، 'کُدڪ نڪايہ' هتي هٿ ۾ ڪنجن ٿا. سنيت نڪايہ جو ڪجهہ ذڪر تہ اڳ ۾ ٿي مٿي اچي چڪو آهي، ٿورو وڌيڪ احوال هتي بہ ڏجي ٿو. -"سنيت نڪايہ ۾ تہ ڪيتريون ٿي ڳالهيون اهڙيون بہ آهن، جيڪي خالص ادبي اعتبار کان بہ خاص توجهہ جي لائق آهن. هن جي منڍ وارن حصن ۾ تہ بلڪل ٿي حقيقي شاعري ملي ٿي. جنهن ۾ مهاتما ڪنهن ڀِڪشا سان عقلي دليلبازي ڪندي، ڪيترائي باريڪ نڪتا ۽ منڌل مسئلا حل ڪري ويو آهي. شيطان يعني مار سان سنڌس مباحثو (جيڪو اڳتي ايندو)، توڙي ڀِڪتياڻين ڪي سنڌس شفقت ڀري ۽ پدرانہ فهمائشن ۾ تہ تمام وڏيون

(١) ڌرمانند ڪوسجي: پڌ ڀڳوان، ص ٢٦. (٢) ايضاً، ص ٢٧.

شاعرائيون لياقتون موجود آهن. ونٽرنٽز (Winternitz) صاحب ان کي انڊو-پاڪستان جي روايتي شاعريءَ جو اصل يعني روح تسليم ڪري ٿو ۽ مذهبي نڪتہ نگاهہ کان بہ ان کي مقدس غِنا ڪري مڃيو اٿس. سنيت نڪايہ ۾ جيڪي بہ لوڪ- چوٽيون توڙي روايتي حڪايتن مان تلميحون آندل آهن، تن مان مهاتما جو عظيم فڪر، سندس قوي تصور، دليري ۽ عظمت، مختلف طبيعتن جي ذهني ضرورتن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ هن جو هڪيو تيار هئڻ، برهمڻن تي سندس چست مزاح ۽ ظريفانہ طنز، توڙي سيني ساهہ وارن لاءِ سندس حقيقي همدردي ۽ دلي محبت؛ اهي سڀ ڳالهيون اسان تي هڪبئي پٺيان لاڳيتو ۽ گهرو اثر وجهنديون رهن ٿيون"[1]. متئين مبصر جي عالماڻي جائزي مان ڪو بہ نتيجو ڪڍجي، تنهن کان اڳ ۾ ڪن ڳاهن جو ترجمو نموني لاءِ نثر ۾ پيش ڪجي ٿو، جن ۾ مهاتما ۽ مار (ابليس) جو پاڻ ۾ مناظرو ٿيو هو.

مهاتما جو پوبون چلو، جنهن ۾ ڪيس بشارت ملڻي هئي؛ انهيءَ جي آخري اڌ رات ۾ ابليس بہ پنهنجو آخري زور لڳائڻ آيو. ١- "شيطان اچي ڏڪندي آواز ۾ چوڻ لڳو تہ: تون ڳري سڙي ويو آهين. چهري جو رنگ بہ لهي چڪو اٿيئي. هزار ڀاڱي تہ تون مري چڪو آهين. باقي هڪ ڀاڱي ڪو جيئرو آهين. موت اچي در تي بيٺو اٿيئي. پيارا! تون سدا جيئرو رهہ.. جيئڻ ڀلو اٿيئي. جيئرو هوندين تہ ڀلي جا ڪم بہ ڪري سگهندين ۽ وڏو جَس ڪٽندين. مگر نرواڻ لاءِ هيڏا ڪشالا ڇو ڪڍي رهيو آهين! نرواڻ جو مارڳ نهايت ئي ڪٺن آهي، اٿانگو آهي. ائين چوندي، ابليس اچي پر ۾ بيٺو (ڳاهہ نمبر١ کان ٥ تائين). تڏهن تٿاڳت چيو تہ: اي پاپي! غافلن جا يار! آءٌ ڄاڻان ٿو تہ تون هت ڇو آيو آهين (ڳاهہ-٦). تو واري انهيءَ جس ڪٽڻ جي مون کي ڪا بہ گهرج ڪانهي. جنهن کي هجي، تنهن جي اڳيان وڃي اهي مرليون وڄاءِ (ڳاهہ-٧). مون ۾ سمجهہ آهي، سچائي ۽ همت آهي. آءٌ جڏهن پنهنجي ارادي تي پڪو بيٺو آهيان، تڏهن تون ڇو مون کي جيئڻ لاءِ ريهي ريبي

(1) Dr: Pusalker: Imperial Unity. pp. 399-400.

زندگيءَ کي ڪيئن نعمت ڪوني سگھبو!" بيان جي زور ۽ سهڻائيءَ جي بناء تي ڊاڪٽر ونٽرنٽز ڳاھن جو شاعراڻو ڪمال تسليم ڪندي، انهن کي رگ ويد کان وٺي ڪاليداس واري زماني تائين جي سڄي دؤر ۾، هندستان جي غنائي شاعريءَ جي عظيم ترين تخليق مڃڻ ۾ حق بجانب آهي.

هنن ڳاهن ۾ ڪيترا مقبول عام محاورا انوکا اصطلاح ۽ سريلا فقرا اچن ٿا. جن کي لنڊيءَ ٽُڪ يعني وراڻيءَ يا 'ٽيڪ' وانگي وراڻي وراڻي ڳائجي ٿو. اهيئي هنن ڳاهن جو امتيازي حسن آهن. ٿير گاٿا (مني ڳاهون) فطرت جي حسين عڪاسيءَ سبب، قديم اندو-پاڪستان جي سُريلي ۽ غنائي شاعريءَ جا املهہ جواهر آهن. ڪيترين ئي دلڪش تمثيلن ۾ عام مخلوقات سان محبت جو اظهار ڪيل آهي. مهاتما لاءِ ڪٿي مڃجي ٿو ته فطري نظارن مان لطف اندوز ٿيڻ جو هو بلڪل ئي برخلاف هو. تڏهن به سانوڻ جي سونهن جي پيڪيدار بيان ڪرڻ کان هتي رهي نه سگھيو آهي"[1].

ٿيري گاٿا ۾ وري ڀڪشياڻين ۽ سنياسڻين جي ويراڳ جا ورلاپ ۽ اوسارا آهن. -"مٿين ڳاهن جي برعڪس هنن ۾ وري ذاتي تلخين جو احساس زياده آهي. مني گاٿا ۾ ته قدرت جي ساراهہ جو عنصر غالب آهي. پر هنن ڳيتن ۾ وري انساني حياتيءَ جو حقيقي ۽ صحيح عڪس آندل آهي. (دنيا جي شروعات کان...) ٿيري گاٿا مان ثابت آهي ته اهي بيواهيون، جن جو خدا کان سواءِ دنيا ۾ ٻيو ڪوئي به نه رهيو هجي، يا اهڙيون ڏکايل مائرون، جن جي جهولي لُٽجي ويئي هجي ۽ سندن ڳود سُڃي ٿي چڪي هجي. سي انهيءَ صدمي کي ڀلائڻ لاءِ ڀڪشي سنگھہ جي اچي سرن ونديون هيون ۽ عورت ذات جي ڀلائيءَ خاطر خدمتون ڪنديون رهنديون هيون. تان جو ڪن طوائفن جو به توبهہ تائب ٿي ڪري ڀڪشي سنگھہ جي اجهي هيٺ اچڻ جون حڪايتون ٻڌڻ اچن ٿيون، جن ۾ سندن اڳوڻي تباهيءَ ۽ هاڻوڪي سلامتيءَ جي جٽي تصوير چٽيل آهي. هنن ڳاهن ۾ بي بقا زندگيءَ جي باطل ۽ ڪوڙي عياشيءَ

(1) Dr: Pusalker: Imperial Unity. p. 403.

توڙي دنيا جي بي ثباتيءَ جي پيٽ، نجات جي سچي سک ۽ حقيقي سڪون سان تمام اثرائتي نموني ۾ ڪيل آهي. اهي ڳيچ اعليٰ قسم جي تمثيلن سان سينگاريل آهن، جن ۾ بعضي تہ لفظن جي بلاغت بہ تمام تحسين جي لائق آهي. ٿيري گاٿا، انهيءَ ڪري بہ اهم آهن، جو انهن ۾ جيڪا روزانہ زندگيءَ جي تصوير چٽيل آهي، تنهن مان انهيءَ زماني جي معاشي حالتن جو صحيح نظارو ڏسي سگهجي ٿو. خاص طرح سان عورتن جي سماجي حالت معلوم ڪرڻ لاءِ تہ اهي ڳاهون تمام قيمتي آهن[1].

سُت نپات ۾ نظمي سُت ڪٺا ڪيل آهن، جن ۾ ٻوڌي شاعريءَ جا قديم ترين آثار محفوظ آهن، تنهنڪري سيني ڪتابن کان، سُت نپات مان ٿي گهڻي ۾ گهٺا حوالا ۽ سنڌون عام جام اينديون آهن. هن ۾ هندو ڌرم تي ٻِن ڪي الرون ڪيل آهن. سيلا برهمڻ ۽ واسٽ برهمڻ جي ٻڌ مذهب ۾ اچڻ وارن سُتن ۾. ٻڌ مذهب کي برهمڻي ڌرم سان ڀيٽيندي، سچ ۽ ڪوڙ کي صاف ڪيو ويو آهي. -"اوچي ذات علم جي آهي، نڪي برهمڻ جي." ست نپات جي خاص اهميت انهيءَ ڪري بہ آهي، جو هيءَ قديم شاعريءَ جو هڪڙو قيمتي ۽ پاڪ يادگار آهي. جنهن ۾ خود مهاتما جي سوانح لاءِ بہ معتبر مواد موجود آهي. پراڻي ڍنگ واري شاعريءَ سان گڏوگڏ وري قديم سگهڙپائيءَ وارا مڪالما بہ مليل آهن، جن ۾ يڪشا (؟) سان سوال جواب ڪندي، ٻڌ مذهب جو اخلاقي نظريو چٽيءَ طرح سمجهايل آهي. ست نپات، انهيءَ ڪري ٻڌ مذهب جي اخلاقي تعليم کي سمجهڻ هڪڙو قيمتي سرمايو آهي، جنهن ۾ انهيءَ ڪري ٻڌ مذهب جي اخلاقي تعليم کي سمجهڻ لاءِ هڪڙو قيمتي سرمايو آهي، جنهن ۾ انهيءَ زماني جي سماجي، معاشرتي ۽ اقتصادي حالتن جو بہ صحيح احوال ملي ٿو. اهي ساڳيا سُت ۽ انهن جا مضمون پوءِ گهڻو ڪري مهاڀارت ۽ ڀڳوت گيتا وغيره جي لکڻ لاءِ ڪم آيا آهن"[2].

(1) Ibid: p. 404.
(2) Dr: A. D. Pusalker: The Age of Imperial Unity. pp. 402-403.

اهڙيءَ طرح چوٿون فصل ’سيوتَڪ‘ (ائين آتائين Thus Commanded the Blessed One) هن ۾ مهاتما جا مستند ۽ منظوم اقوال آهن. اهي سڀ ننڍڙا سُت آهن ۽ هرهڪ جي اڳيان ’مهاتما هيئن چيو ته‘ ...... ، وري سڀڪنهن جي پويان ’اسان ائين ٻڌو‘ لکيل آهي. هي مڙيئي مختصر ۽ منظوم سُت آهن. تن ۾ تمام اخلاقي پهلو اچي وڃن ٿا. ٻولي عام، رواجي ۽ فطري آهي. بعضي تمثيلون ۽ سهڻا استعارا جيڪي هن جي طرز کي دلپذير بنائين ٿا، سي فطري نظارن ۽ ٻيءَ مخلوقات مان ورتل آهن"[١].

’آپ دان‘ يا خود قرباني: جنهن ۾، ڪنهن تان ڪا آفت ٽارڻ، ڪا مصيبت لاهڻ، يا عام خلق جي فائدي خاطر، پنهنجي جند ۽ جان (خيرات ۾) ڏيئي ڇڏڻ جي ترغيب، نهايت ئي مدلل طريقي سان ڏنل آهي. ٻين جي ڀلائيءَ ۽ سک خاطر پنهنجو سر صدقي ڪرڻ، هڪڙو عظيم الشان ڪارنامو ۽ انتهائي مقدس عمل مڃيو ويو آهي. بلڪ اعليٰ ترين عبادت ٻڻ اهائي شمار ڪئي ويئي آهي. ’آپ دان‘، سچوئي سهڻين ڳاهن جو مجموعو آهي، جن ۾ مٿيون مضمون سمايل آهي[٢].

### نَديس (Glossary):

مٿين مڙني مضمونن جي سُتن ۽ ڳاهن ۾ آيل خاص اصطلاحات، ’نديس‘ نالي جدا فصل ۾، پشڪو ساريپت ويهي سمجهايا آهن. اهي مذهبي محاورا، مهاتما جي پياري ساٿيءَ مهاڪچيان ڪٺا ڪيا هئا. ساريپت وري انهن جو استعمال ٻڻ سيني سُتن ۽ ڳيچن ۾ ڏيکاريو آهي. اهو ساڳيو ئي طريقو، ياسڪ منيءَ وري ويدن جي ’نِروڪت‘ ناهڻ لاءِ ڪم آندو آهي[٣].

### جاتِڪ (ڳاهن سان ڳالهيون Pious legends):

اندو-پاڪستان جي ادبي خزاني جي اصلي ڪاڻ ته اهي جاتڪ ئي آهن، جيڪي اندازاً پنج- ڇهه سؤ کن ٿيندا. انهن آکاڻين جو هيرو،

(1) Ibid: p. 402.
(2) Ibid: p. 406.
(3) Dr: A. D. Pusalker: Age of Imperial Unity. p. 406.

ڪن حالتن ۾ مهاتما ٻڌ پاڻ ئي آهي. هرهڪ جاتڪ جا مکي پنج انگ آهن: I- موقعو: جنهن تي مهاتما اها آکاڻي ٻڌائي هئي. II- ڪٿا: يعني نثر ۾ آکاڻي. III- ڳاهون: جيڪي قصن جي تصديق لاءِ سند طور اچن ٿيون. IV- وياڪرڻ يعني ڳاهن جي وياکيا ڪرڻ يا ڳيت جو مطلب سمجهائڻ ۽ V- سموڌنا: يعني آکاڻيءَ جو ٻڌ مذهب سان لاڳاپو.

هي ڪٿائون مختلف نوعيت جون آهن، جن مان ڪي ته جانورن ۽ پکين وغيره جون ساديون ۽ رواجي آکاڻيون به آهن. انهن ۾ موزون ۽ سرائتا فقرا عام جام اچن ٿا. ڪي وري نصيحت آميز حڪايتون، دنياوي دستور (نيتي) سيکارڻ لاءِ آهن. انهن ۾ به مقبول عام چوڻيون ۽ سياڻپ جا سخن ڳايل آهن. ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ زال ذات جي چڪر ۾ ڦاسڻ کان آگاهي ڪيل آهي. اهڙيون آکاڻيو جاتڪ نمبر ٦١، ٦٢، ٠٠٠ ۽ ٥٣٦ وغيره ۾ سميٽيل آهن. انهن ۾ حڪيمانه قول ۽ ناصحانه ڳاهون ڳايل آهن. جاتڪ نمبر ٥٢٧ جي نصيحت آميز قصي ۽ ان جي ڳاهن کي اهڙي ته ناٽڪي نموني ۾ ترتيب ڏنل آهي، جو اهو سورهن ئي آنا سانگ، (Drama) پيو لڳي. ڪٿي وري تبليغي وعظ جي نموني تي خاص مذهبي ۽ اخلاقي آکاڻيون به آهن. اهڙين پاڪ حڪايتن ۾، صبر، شڪر ۽ قناعت جي تلقين ڪيل آهي. انهن ۾ جيڪي آئت ڏيڻ واريون ڳاهون آهن، تن جي مراد اهڙن ماڻهن کي ڏڍ ڏيڻ معلوم ٿئي ٿي، جن کان اجل پنهنجا جاني جدا ڪيا هجن. مٿين مڙني جاتڪ- ڪٿائن جو عڪس، اڄ به دنيا جي اڪثر لوڪ ڪهاڻين ۾ نظر اچي ٿو. جاتڪ نمبر ٦٧ ۾ هڪڙي مائي، پنهنجي پٽ ۽ مڙس کي بچائڻ بدران، ڀاءُ جي جيئدان لاءِ اچي عدالت ۾ عرض ڪري ٿي: تنهن سان مشابهه آکاڻي هيرو ڊوٽس به لکي آهي.

هنن حڪايتن جي پيڙهه اصل ۾ انهن (ڳاهن) تي رکيل آهي، جيڪي جي جي تي آکاڻين اندر ڳايل آهن. انهيءَ ڪري اهي ڳاهو ته بيشڪ بنيادي آهن، پر انهن جي نثر وارو حصو، جيڪو نظم جي اڳيان پويان فقط آکاڻيءَ جي سلسلي نڀائڻ لاءِ پرتي ڪيل آهي، سو پڪ

لفاظيءَ جي چڪر ۾ ڦاسائڻ جي، سو انهيءَ باهمي احترام سببان ازخود اهو مقصد حاصل ٿيڻ لڳو.

اهڙي اجتماعي ۽ باهم سمجهوتي سببان، ملڪ جي مشرق کان مغرب تائين ازخود هڪڙي عام فهم زبان (پالي- پراڪرت) ابري ائي. اهائي عوامي زبان (پراڪرت)، پوءِ اشوڪ جي زماني کان تہ هندستان جون بہ حدون اورانگهڻ لڳي. مگر موٽ ۾ ان تي بہ اتر-الهندي کان ايندڙ قومن جو اثر ۽ ردعمل ٿيو. اولهہ-اوڀر جي اهڙي ادبي اتحاد جو سلو بہ "سنڌ" ۾ ئي سرجيو، جتان متمدن دنيا جي ميل مان، نت نت نوان نغما نسريا ۽ لهرين جي لاهہ چاڙهہ جيان موٽي ملڪان ملڪ پهتا. اهڙيون ثابتيون اڄ تائين وچ ايشيا ۽ چين جي تاريخن ۾ محفوظ آهن، جن جو ڪجهہ اشارو اڳ ۾ بہ اچي چڪو آهي. هتي ان اثاهہ عوامي سنگيت کي سربستو سمجهائڻ يا سلسليوار بيهارڻ بيحد مشڪل آهي. اڳ ۾ سنسڪرت شاعريءَ جي بي ربط کهاڻيءَ جون ڪڙيون ڳنڍيندي ۽ انهيءَ جا خال پريندي؛ ڪن عوامي ڳيتن جا نالا (جتي ڳيا، گرام ڳيا، پربنڌ، گاٿا ۽ ڪيرتن وغيره) محض خانہ پريءَ خاطر ڳڻايا ويا هئا. هتي انهن مان اول پراڻي 'پربنڌ ڳيت' جي ڳالهہ ڪجي ٿي:

## پربنڌ ڳيت جي اوسر:

پربنڌ جي اسرڻ جو اوائلي احوال تہ اڳ ۾ ئي اچي چڪو آهي، جنهن مان ان جي غنائي ڪيفيت ثابت آهي. انهيءَ لحاظ کان، پربنڌ هڪ سرائتو ڳيت هو، جنهن جي هيئت ڪافي لچڪيدار هئي. سندس لفظن جي ترتيب ۾ ڪو بحر وزن بہ هو، سو تہ سوچڻ ئي فضول آهي. ڳائڻ جي رڳو لئي ۾ اچي سگهيو ٿي تہ اهوئي ان لاءِ ڪافي هو(1). قديم هندو روايتن ۾ نہ فقط ناچ، پر ان سان گڏ 'ڳائڻ' جي نسبت پڻ شو مهراج، سان ڪيل آهي. تنهنڪري ماتنگ (پنجين- ستين صدي عيسوي)، سندس ڪتاب 'برهہ ديشي' ۾ پڻ پراڪرتي پربنڌ کي شو مهراج کان شروع ٿيل سمجهيو آهي(2). ڪن ٻين وري انهن کي جدا جدا

(1) Prof: Gosvami: The Story of ..... p. 112.
(2) Prajnana: Historical Develop: p; 302.

جاتين ۾ ڳنڍيو آهي. ڪلاسيڪي پربنڌ جيئن تہ جدا جدا ڍؤل ۽ ڍنگ جا آهن، تنهنڪري انهن جا نالا بہ جدا جدا آهن. سندن ڳنڍڻ ۽ لکڻ جي بناء تي انهن کي مختلف جاتين ۾ ورهايو ويو آهي[1].

مٿي اڳيئي ٻڌايو ويو آهي تہ جاتيءَ وانگي پربنڌ بہ اصل ۾ اڪيليءَ تڪ جي شڪل ۾ هو. اها اوائلي تڪ 'استايہ' (بنيادي) سڏبي هئي. پوءِ وارو ڪلاسيڪي لفظ 'استائي' (منڍ)، توڙي هاٿوڪو لفظ 'ٽلهہ' (پيڙهہ). انهيءَ استايہ جي مترادف سمجهڻ کپن. استايلہ کي 'ادگِرهہ' بہ چئبو هو، جنهن جي معنيٰ پڻ مُنڍ (مول) آهي. ادگرهہ (استائي) کي ڪثرت سان ڳائيندي، آخر ان مان ٻي هڪڙي ڪَلي اسري آئي، جنهن کي 'ڌُروا' (Fixed) سڏيو ويو. انهي ترتيب سان آخر ٻن فقرن وارو پربنڌن پيدا ٿيو، جنهن کي 'دوي ڌاتو' (ٻہ-ٽڪو) پربنڌ چيو ويندو هو[2]. دوي ڌاتو پربنڌ جي پڇار ڪندي، پنڊت داموڌر انهيءَ جي ٻئي انگ (ڌروا) کي 'آڀوڳ' سڏيو آهي[3]. آڀوڳ لفظ جي معنيٰ انت يا انتها آهي. يعني جنهن جاءِ تي ڳيچ اچي جهلي، تہ اتي اڀوڳ ٿيو. اهي ٻيئي فقرا جيئن تہ واري وٽيءَ تي لاڳيتو ڳاتا رهبا هئا، تنهن ڪري جنهن بہ فقري تي ڳائڻ ڪٽي بند ڪجي سو ٿيو اڀوڳ. اوائلي زماني ۾ تہ رڳو استايہ (ٽلهہ) ورائي ڳائيندا هئا تہ ان کي بہ اڀوڳ چوندا هئا[4]. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ اڀوڳ لفظ کي اجا ڪا آخري معنيٰ ڪانہ ملي هئي.

سميا پوپال جي چوڻ موجب، پربنڌ ۾ پوءِ ٽي 'چرن' ڳائجڻ لڳا. انهيءَ ڪري 'ترڌاتو' (ٽہ- ٽپو) پربنڌ چوڻ ۾ آيو[5]. انهيءَ ۾ ادگرهہ (شروعات)، ڌروا (مرڪز)، ۽ اڀوڳ (خاتمو شامل هئا[6]. وقت گذرندي، وچ ۾ هڪڙو وڌيڪ چَرن 'ميلاپڪ' (ملائيندڙ) پيدا ٿي پيو.

(1) Ibid: pp. 169-170.
(2) Gosvami: Story of ... Music. p. 112.
(3) Ibid. p. 182.
(4) Prajna: Historical .... p. 177.
(5) Ibid. p. 181.
(6) Gosvami: The Story of ... p. 112.

جيڪو ڏروا جي اڳيان ڪي پويان آيو ٿي ۽ ڏروا ڪي بعضي منڊ سان ته بعضي پڇڙيءَ سان ملائڻ جو ڪم ڏنائين. انهيءَ ڪري ان کي ميلاپڪ (جوڙ يا ڳنڍ) چيو ويو. اهڙيءَ طرح آخرڪار پربنڌ جا پورا چار چَرن جڙي بيٺا ۽ فقط اهڙي مڪمل پربنڌ کي ئي 'چتر ڌاتو' (چؤ-ٽڪو) پربنڌ چئي سگهبو هو، جنهن ۾ اد گرهه، ميلاپڪ، ڌروا ۽ ابوڳ اهي سڀئي انگ سمايل هوندا هئا. پربنڌ جي بلڪل ئي پوئين دؤر ڌاري ان ۾ هڪڙو نئون انگ 'آنترو' (Intermediate) آندو ويو. پر جيئن ته چتر ڌاتو پربنڌ ۾ ٽڪن جو تعداد دوهي (وانگر) هر حالت ۾ پورا چار چرن رکڻو هو، انهيءَ ڪري ملائيندڙ پد (ميلاپڪ) پنهنجو پاڻ نڪري ويو ۽ انتري انهيءَ جي جاءِ والاري[1]. "انهيءَ مان معلوم ٿيو ته پهريائين پربنڌ ڳيتن ۾ انترو (اندريون فقرو) هوئي ڪونه. اهو گهڻو پوءِ پربنڌ اندر داخل ٿيڻ لڳو آهي. نه ته پوري پربنڌ (چترڌاتو) ۾ پهريان چار چرن هوندا هئا. انترو انهيءَ ڪري نه ايندو هو، جو انهيءَ جي عيوض 'ميلاپڪ' ٽڪ اڳيئي موجود هئي. مطلب ته ميلاپڪ ۽ انترو، ڪنهن به پربنڌ ۾، ٻئي ساڳئي وقت ڪڏهن به ڪم نه آيا آهن"[2]. پربنڌ جا پوءِ ڪيترائي نمونا مضمون جي مناسبت، ان جي ٻيهڪ، توڙي ڇند ۽ تال جي ترتيب پٺيان نالن سان مشهور ٿيا. ڇند ۽ تال جي نسبت وارا اهي ساڳيا نالا پوءِ ڪيرتن جي جدا جدا قسمن تي رکيا ويا، جن مان اجا تائين هلندڙ آهن[3].

پربنڌ جي مضمون ۾ راجائن، مهاراجائن، مشهور مائهن، ڏاتارن ۽ ديوتائن جي تعريف هوندي هئي. اهي پربنڌ اسلامي حڪومتن جي اچڻ وقت عام جام هلندڙ هئا. پربنڌ کي پوءِ سازينديءَ جي اصطلاح ۾ 'گت' چيو ويو. اهو لفظ گيت مان گسي وڃي گت بڻيو آهي ۽ هاڻي ان جي معنيٰ سَرود، لئي يا ترنم (Rhythme) آهي[4]. پربنڌ ڳيت جي انهيءَ تدريجي اوسر ۽ ارتقا مان ئي اندازو ٿي سگهندو ته

(1) Prof: Gosvami: The Story of ..... p. 112.
(2) Prajnana: Historical Develop: p. 180.
(3) Gosvami: The Story. p. 114.
(4) Ibid. p. 113.

اسان جي اجوڪي فنڪارانہ ڪلام جو بنياد بہ اهوئي ساڏو پاڏو ۽ ابتدائي لوڪ ڳيت آهي، جيڪو چندر گپت موريہ ۽ ان بعد، اشوڪ جي ٻوڌي زماني ۾ اوڏون ڪائي اسريو. انهيءَ جي اوڌ ۽ واڌ تي ٻاهرين قومن جو اثر بہ يقيني آهي، جيڪي الهندي ڪان آيون. مگر انهن جي ادبي ڪارنامن بابت اسان ڪي پوري معلومات نہ آهي.

## ڏيهي ڳيچ تي حملي آورن جو اثر:

موريا حڪومت ڪان هڪدم پوءِ، بختر جو يوناني بادشاهہ ڊيمتيريس اول هتي جو حاڪم ٿيو. سندس وڏو پُٽ ۽ وليعهد، شهزادو پنتالين (Pantalean)، اسان کي معلوم آهي تہ يوناني علم ادب جو ڪوڏيو ۽ رقص و سرود جو وڏو شائق هوندو هو. سندس جاري ڪيل سِڪن مان بہ اهڙي ثابتي ملي ٿي. هن جا سِڪا، جيڪي هينئرءَ سنڌو واديءَ (مڪران - گجرات) مان مليا آهن، تن تي هڪڙي رقاصہ نچي رهي آهي. انهيءَ کي سوڙهي سٿڻ، ڪنن ۾ ويڪرا والا ۽ وارن ۾ گل لڳل آهن. هيءُ شهزادو جيتوڻيڪ پيءُ جي جيئري ئي مارجي ويو، مگر سندس ارادو يقيناً هتي بلخ ۽ بخارا جي ثقافت پکيڙڻ جو معلوم ٿئي ٿو[1]. پنتالين ڪان پنج-ڏهہ سال پوءِ، بختر جو باذوق بادشاهہ مينادراعظم هتي آيو، جيڪو علم و فضل جي ڪري منڌ ڪان ئي مشهور ۽ مجيل هو. هن بہ ٻڌ مذهب قبول ڪرڻ ڪان اڳ، سندس حڪومت جي پهرئين اڌ ۾، هتي بلخ بدخشان جي تهذيب ۽ ادب پکيڙڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي. جنهن ۾ ناٽڪ ۾ سانگ، رانديون ۽ شرطون، موسيقي ۽ شاعري وغيره شامل هيون[2]. تنهن بعد سِٿين جو وارو آيو. سِٿين تہ سنڌ ڳيت سرڪاريءَ طرح بہ سنڌ ۾ رائج ڪيا. "سٿين ڳيت سنڌ ۾ قومي تراني جيتري اهميت حاصل ڪري چڪا هئا"[3]. هي ماڻهو منڌ ڪان ئي مذهب، علم دوست ۽ ادب نواز رهيا آهن. ڏکڻ سنڌ جي پوين ساڪ سردارن مان تہ ڪي ناليرا شاعر پڻ ٿي گذريا آهن. اهڙا

(1) G. W. Cock: Greeks in Indian. p. 89.
(2) Ibid. pp. 103-104.
(3) Prajna: Historical Development of... p. 73.

اهڃاڻ تاريخن ۾ بہ ملن ٿا. ڪڇ-ڪانياواڙ ۾ 'ڪَپل' (Kapila) نالي سان هڪڙو مشهور سٿين شاعر ٿي گذريو آهي، جيڪو الهندي ڪانياواڙ جي 'سئيندوَ' راجائن جو سارو سلسلو منظوم ڪري ويو آهي.

"We hear of a Saka Poet Kapila composing a record of the Saindhvas of West-Kathiawad(1).

## ڇندوديا جي شروعات:

اهو ٻاهرين حڪومتن جو اثر چئجي يا انهن جو ردعمل، مگر مقامي شاعريءَ جي شڪل شباهت کي جاچڻ لاءِ پڻ ٻهريون ٿي دفعو کي سريلا سجاڻ سوچڻ لڳا. عيسوي سن کان هڪ- بہ صدي اڳي يعني ويدڪ زماني ۾ ٿي ڪيشيپ، ماندويہ ۽ راتہ جهڙا ڪي سنجيدہ سگهڙ سجاڳ ٿيا، جن انهيءَ فن جي ابتدا ڪئي (هن ميدان ۾ اوائلي نالا فقط اهي ئي مليا آهن، جيڪي پنگل پڻ ڄاڻايا آهن). هن ويدي سنسڪرت ۾ انهيءَ علم جو اوائلي نالو 'سُر سنگيت' رکيو، جيڪو محض ڳائڻ جي ئي ڏار سان موافق هو. پراتي ساکيہ موجب، انهيءَ (سُر سنگيت) جي بنياد تي ٿي ٻهريون دفعو، غنائي فقرن جا جدا جدا نمونا (آپ جاتِي، تِرشَپ ۽ اَنشتپ وغيره) محسوس ڪيا ويا. سُر سنگيت واري انهيءَ ابتدائي دؤر بعد، هن هُنر جو ٻيو مُک مرحلو 'ورڻ سنگيت' وجود ۾ آيو. ويدڪ وزن جي برعڪس، ورڻ سنگيت وري وڏن ۽ ننڍن لفظن جي جهيلار تي ٻڌل هو.

مگر حقيقت ۾ هن علم جو پايو وجهڻ 'پنگل' (Pingala) جوئي ڪم هو. هيءَ ڇڻ ديو جي 'ڇندس'، توڙي پرت جي 'نتيہ شاستر' کان بہ اڳي شمار ڪيو ويو آهي. انهيءَ حساب سان تہ هو عيسوي سن جي بلڪل ئي اوائلي زماني ۾ ٿيو آهي. پنگل جي 'ڇندس سوتر' کي ويدن جو انگ (جزو) ڳڻيو ويو آهي. انهيءَ ڪري ڪي تہ سمجهن ٿا تہ هو عيسوي سن کان بہ ڪو اڳي ٿيو هوندو. پنگل، اچارن جي ڳائيتي لاءِ جيڪو ننڍي ۾ ننڍو ايڪو (ورت) ورتو آهي، سو

(1) Dr: U. N. Ghoshal: The Age of Imperial Kanauj. p. 373.

'ترڪ' (ٽڪو) آهي. يعني اهو مفرد لفظ جنهن ۾ ڪم از ڪم ٽي اکر اچن. ليڪن ڪو بہ غنائي فقرو، جنهن ۾ اهڙا بہ ترڪ (ڇهہ اچار) يا ڇهن کان گهٽ اکر آهن، سو هن جي مطلب جو نہ آهي... حقيقت ۾ هن رڳو 'چڙها' سوتر ٽي سمجهايا آهن. تنهنڪري پنهنجي پستڪ کي پڻ 'سوتر ڇندس' ڪوٺيو اٿس. هو اچارن جو ڳاڻيٽو ڪندي، ڪن اهڙين سٽن تائين بہ آيو آهي، جن ۾ اهڙا اٺ ترڪ اچيو وڃن ٿا. مگر انهن لاءِ مناسب مثال ۽ موزون دليل بلڪل ڪونہ ڏنا اٿس. ٻي ڳالهہ تہ هن رڳو زباني جهونگارن جي ئي بنياد تي تجربا ڪيا آهن ۽ ڪنهن بہ لکيل ٽڪ جي تحريري صورت (بيهڪ= Adhvan) کان هو قطعي بيخبر آهي، ۽ نہ وري اکرن يا آوازن جي ڊگهائي ڇوٽائي کي بہ ڪو خيال ۾ آندو اٿس. انهيءَ مان ثابت آهي تہ سندس وقت ۾ سوتر ۽ ٽڪون اڃا عام طرح تحرير هيٺ نہ آيون هيون ۽ شايد اهو ڪم بہ اول هن کان ئي چالو ٿيو"[1].

پنگل کان پوءِ، ٻيو بہ جيسلمير جو هڪڙو عروضي ماهر، جٺہ ديو، جنهن جو 'جٺہ ديو ڇندس' مشهور آهي، سو عيسوي ٻي- ٽين صديءَ ڌاري ٿي گذريو آهي. پنگل جي برعڪس، هن وري شعر جي 'لِکت' (اڌوَن) جو بحث ڇيڙيو آهي. ڇي: 'ڪن بہ لکيل ٻن ماترائن جي وچ ۾، هڪ آڳر جيتري جڳهہ ڇڏيل هجي؛ تڏهن سِٽ جي ماپ سمجهہ ۾ ايندي' . انهيءَ مان اندازو آهي تہ شايد سندس زماني ۾ شعر جي لکت چالو ٿي چڪي هئي. هن جي ڪتاب تان اپينوَ گپتا سويمبو، وراهہ مهر ۽ هيمچندر مدد ورتي آهي. خاص اپيرنش وارو 'تال ڇند' شايد هن کان گهٽو پوءِ، پرت جي زماني ڌاري ٿيو آهي.

پرت پنهنجو 'نٽ شاستر' ٽين- چوٿين صدي عيسويءَ ۾ لکيو آهي[2]. - " هن ۾ پراڪرت جا نمونا ۽ مثال سڀ پورا ۽ باقاعدي ڏنل آهن. سورهون ۽ ٻٽيهون باب، ڇند جي سمجهڻ لاءِ بلڪل اهم آهن. خاص طرح ٻٽيهون باب (ڳيا Geya) تہ نهايت ئي دلچسپ آهي. هن ۾

(1) Dr: M. A. Mehendale: Imperial Unity. pp. 271-272
(2) Prof: O. Gosvami: The story of .... p. 42.

سب سرائتا پول ڪٿا ڪيل آهن. جن ۾ ڇهن اکرن ۽ ان کان گهٽ اچارن وارا فقرا پڻ بحث ۾ آندا اٿس. اهو سندس چوڻ موجب. ’ڳيا چند‘ آهي“[1]. ليلو رچنداڻي، سنڌوءَ جي جهلڪ (ص ١٠٨) ۾ لکي ٿو ته: هن ڪتاب ۾ اپيرنش ئي ڪم آيل آهي. اپيرنش جي احوال اچڻ کان اڳ، سنڌ جي علمي ۽ ادبي ماحول جي به هڪڙي جهلڪ ملاحظ فرمايو. جا تاريخ ۾ ڪنهن طرح سان محفوظ رهجي ويئي آهي.

## قديم سنڌ جي ادبي فضا:

ڪويراج سيکر (جنهن جو احوال اڳتي ايندو)، سندس ڪتاب ”ڪاويه ممانسه“ (مقدمه شعر و شاعري) ۾ لکيو آهي ته: ”سنڌ جو ڪوشان راجا واسديو. جيڪو ڪيترن ئي برک عالمن ۽ پڙهيل ماڻهن جي هڪڙي وڏيءَ جماعت جو سربراهه هوندو هو. سو شاعرن جو ته خاص طرح سان وڏو مربي هو ۽ سندن انجمن جو اعزازي صدر (سڀاپتي) پڻ پاڻ هو... هيءَ، ساڳئي نالي وارو ڪو به ڪوشان بادشاهه ٿي سگهي ٿو“[2]. مٿيون بادشاهه جي بلڪل ئي آڳاٽو سارجي، ته اهو واسديو ’اول‘ به ٿي سگهي ٿو. جنهن جي زماني (١٢٠ع) ۾ سنڌ جي سريلن سگهڙن جو هڪڙو وڏو وفد سرڪاريءَ طرح چين ڏي ويو هو[3]. يا ته وري واسديو ’ثاني‘ به ٿي سگهي ٿو. جنهن جون تحريرون موهن جي دڙي منجهان مليون آهن. مگر مناسب هيئن ٿو لڳي ته اهو بادشاهه بلڪل ئي آخري ڪوشان يعني ’ستون‘ يا ’انون‘ واسديو (٣٦٠-٣٧٥-٤٠٠ع)، اروڙ جو ڪو راجا ٿي سگهي ٿو. جيڪو سڄي سياسي اقتدار هٿان وڃائڻ بعد، اهڙين علمي، ادبي ۽ مذهبي مجلسن ۾ ئي پاڻ وندرائيندو رهيو. اسان وٽ بهادر شاهه ’ظفر‘ ۽ مير ’سانگيءَ‘ جا بلڪل اهڙائي مثال موجود آهن (تاريخ پنهنجو پاڻ کي دهرائيندي آئي آهي). ڪيئن به هجي، پر هيءُ حوالو نه فقط سنڌ جي قديم شاعريءَ لاءِ قيمتي آهي، مگر انهيءَ مان اهو به ثابت آهي ته

(1) Dr: M. A. Mehendale: Imperial Unity. pp. 272-273.
(2) Dr: D. C. Sircar: Imperial Unity. p. 153.
(3) Dr: Majundar: Imperial Unity. p. 649.

اپيرنش جي اثر کان اڳ ۾ ئي سنڌي ٻولي ۽ ان جي ادب کي جداگانه ۽ مستقل حيثيت هئي ۽ سنڌ جا راجا به هتي رس راوتا ڪرائيندا رهيا.

## اپيرنش ۽ اپير لوڪ:

اپيرنش يا اپير پاشا جي اصليت ڳولڻ کان، ان جي ڳالهائيندڙن جي تاريخ تلاش ڪرڻ بيحد ضروري آهي -"اپير هڪ اجنبي قوم هئي، جا اصل ۾ اپرندي ايران کان آيل هئي. سندن اباڻو علائقو 'ابيرون' (Abiravan)، جنهن تان هن قوم تي 'آبير' نالو پيو، سو قنذار ۽ خراسان جي وچ ۾ هو. هي ماڻهو عيسوي سن جي اوائل ۾ سٿين سان گڏجي سنڌ ۾ داخل ٿيا. سٿين جي اوائلي ڪتبن موجب، ابير سندن فوج ۾ عهديدار هئا. تنهنڪري سٿين، سنڌ جي ساحل کان اپرندي وارا علائقا، اپير آفيسرن جي ئي هٿ هيٺ ڇڏيا ۽ پاڻ وري سنڌ جي اتر ڏانهن اسريا. اپير جنرل باپڪ جو پٽ ردرڀوتي، جيڪو پڻ سٿين جو سپهه سالار هو، تنهن جو ڪتبو ڪانياواڙ ۾ مليو آهي. انهيءَ ڪتبي موجب، سنه ١٨١ع ۾ هن اتي هڪڙو حوض ٺهرايو هو. سٿين جي ٻئي هڪڙي اپير گورنر جا سيميائي سِڪا مليا آهن، جيڪي هن 'اسوردت' جي لقب سان، سن ١٨٨-١٩٠ع ۾ جاري ڪيا هئا. دکن ۾ ناسڪ واري ڪتبي (ٽين صدي) ۾، هڪڙي خودمختار اپير، 'سودت جي پٽ ماتري ٻيترا'، ناسڪ وٽ وهارن ۾ رهندڙ بيمار ڀڪشن جي دوا درمل واسطي، هڪڙيءَ ساڪيا ٻڪتياڻيءَ جي هٿان، اول هڪ هزار سِڪا (ڪارشاپن) ۽ ٻوءِ پنج سؤ سِڪا روڪڙا، سوداگرن جي سٽ کي ڏنا هئا. هن ئي راجا سن ٢٤٨-٢٤٩ع کان پنهنجو سنبت جاري ڪيو هو. جيڪو دکن ۾ 'ڪلاچاري يا چيدي' سنبت سڏجي ٿو. هن جي اولاد به اتي سنهٺ سال حڪومت ڪئي. پروفيسر ميراشي تازو، مٿين سنبت (٦٧-١٠٧ ۽ ١١٧) مطابق، خانديش ۾ ٽن اپير بادشاهن (سوامي داس ٣١٥ع، راجا پلند ٣٥٥ع ۽ ردرداس ٣٦٥ع) جي حڪومت ثابت ڪئي آهي. پراڻن ۾ ته ڏهن اپير راجائن جا نالا اچن ٿا. جيڪي دکن جي ساتواهن راجائن جا جاءِ نسين آهن. مهاڀارت ۽ پتنجليءَ جي مهاڀاشا ۾ اپيرن کي مليڇ (ڌاريو) سڏيو ويو آهي.

ڪونڪن جي ڪتبي ۾ هن جي هڪڙيءَ شاخ کي 'ترئيڪوتڪ' ڪوٺيو ويو آهي، جيڪي عيسوي پنجين صديءَ ۾ اتي جا بادشاهہ هئا"(١).

سؤراشٽر ۾ تہ ويندي عيسوي ڏهين صديءَ سوڌو بہ اپيرن جي حڪومت هلي آهي. سنڌن مشهور راجا گِراهريو (محمود غزنويءَ کان هڪ صدي اڳي)، هندو ڌرم جي مخالفت ڪندي، سومنات مندر جي برهمڻن کي تمام تنگ ڪيو. تنهن تي مولراج سولنڪيءَ (٩٤٢-٩٩٥ع) سيني هندو راجائن کي ڪٺو ڪري، انهلواڙ مان اپيرن تي ڪاهہ ڪئي. ڪڇ جو راءُ، لاکو ڦلاڻي، جنهن ڪئين مرتبا مولراج کي مات ڪيو هو، سو هن لڙائيءَ ۾ اپيرن پاران وڙهندي مارجي ويو(٢).

اپيرن جي اقتدار هيٺ آيل علائقو، مٿي ڳڻايل ماڳن مان معلوم ڪري سگهجي ٿو. ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ، سومنات ۽ سؤراشٽر، دکن ۽ ڪونڪن، توڙي ناسڪ ۽ خانديش اهي سڀيئي هڪبئي سان سرحدي ۽ ملندڙ پرڳڻا آهن. پيري پلس ۽ ٽالميءَ جي جاگرافيءَ مطابق: اولهہ راجستان، ڏکڻ-اولهہ ڪاٺياواڙ ۽ ڏکڻ- اوپر سنڌ، اهو اپيريا (Abiria) جو ملڪ هو. مهاڀارت موجب: جتي سرسوتي ندي رڻ ۾ وهي ٿي، اتي اپيرن جو راڄ آهي. پراڻن موجب: دکن جي اتر-اولهہ واري حصي يعني ڪونڪن کان وٺي، اتر ڏي ويندي ڀڙوچ تائين سندن حد هئي. ڪن وري مهاراشٽر جو علائقو چيو آهي. ازان سواءِ الهہ آباد ۽ چندراوليءَ وارا ڪتبا تہ اپيرن جي ايراضيءَ ۾ اڃا بہ اضافو ڪن ٿا. جهانيءَ ۽ پلسا جي وچ ۾ بہ اپيرن جي اڳاٽي آبادي (اهير واڙا) اڃا تائين موجود آهي. مطلب تہ مٿيان مڙيئي ملڪ اپيرن جي اثر هيٺ هئا(٣).

هاڻي، ناگپور يونيورسٽيءَ مان 'اپيرنش- پراڪرت' شعبي جي صدر (Dr: H. L. Jain) جي تحقيقاتي مقالي، 'اپيرنش پاشا اور

(1) Dr: D. C. Sirçar: Imperial Unity. pp. 221-223.
(2) Dr: D. C. Ganguly: Kanauj. pp. 101-103.
(3) Dr: Sircar: Imperial Unity. pp. 221-223.

ساهتيہ' مطابق، هن هيٺ اپيرنش جو احوال ڏجي ٿو: "اپيرن جي انهيءَ احوال مان معلوم ٿيندو تہ اهي (عيسوي ٻهرين صديءَ کان چوٿين صدي عيسويءَ اندر) ڏکڻ-الهندي هندستان کان وٺي، وچ هندستان تائين ڇانئجي چڪا هئا. انهيءَ ڪري اپيرن جي ٻولي 'اپير ڀاشا' جي اهميت پڻ سندن سياسي غلبي سبب، سندن مقبوضہ علائقي اندر يقيناً عروج تي آئي هوندي. ڊنڊن (ڪاويہ درش) ۽ ڀامهہ (ڪاويہ لنڪار) جي اهڙيءَ تصديق جي علاوه، ولڀيءَ جي راجا گهسين (Guhasena: 559-567 A. D.) جي اڪرايل هڪڙي ٽامي جي تختي ملي آهي، جنهن ۾ هن اپير ڀاشا (اپيرنش) جي مهارت ۽ اپير شاعري جي پارکو هجڻ جي هام هڻي آهي. عيسوي ڇهين صديءَ تائين تہ اپيرنش جي ادبي صلاحيت ايتريقدر اڀري چڪي هئي، جو ڀامهہ (٧٠٠ع) جهڙي سنسڪرت جي عروضي ماهر کي بہ نہ فقط ان جي شاعرائي فضيلت تسليم ڪرڻي پئي، پر ان جي ادبي تخليقن کي پڻ پراڪرت ۽ سنسڪرت سان مساوي مڃڻو پيو. ڊنڊن تہ سندس زماني واريءَ اپيرنش جي نہ فقط ادبي فوقيت جو اعتراف ڪيو آهي، پر ان جي علمي عظمت جو بہ ڪيس احترام آهي. -"رسميءَ طرح تہ ڪٺي سنسڪرت جي ڀيٽ ۾ ٻيون مڙيئي ادبي ٻوليون 'اپيرنش' جي مقبول عام لقب سان سڏيون ويون آهن، مگر شاعريءَ ۽ ادب جي ميدان ۾ تہ فقط اپيرن جي ٻوليءَ کي ئي اپيرنش چيو ويو آهي.... ۽ اها اپيرنش ئي هئي، جيڪا سندس دعوا موجب: شاعريءَ جي فن لاءِ منتخب ڪئي ويئي ۽ مقبول عام رهي. سنسڪرت جا ڪي ڪٽر عالم جيتوڻيڪ اپيرنش لفظ جي اصطلاحي معنيٰ ابتي: ڀرشٽ، ويڀاشا وٺندا رهيا، مگر شاعرن ۽ اديبن تہ اها معنيٰ ڪڏهن بہ قبول نہ ڪئي آهي. اهي سدائين ان کي عوامي يا 'ديسي' (پراڪرت) ٻولي سڏيندا رهيا"(١).

## دوها ڇند جي شروعات:

خاص اپيرنش جي پراڻي ۾ پراڻي شاعري جيڪا ملي آهي، سا 'دوها ڇند' ۾ ئي چالو ٿئي ٿي. دوها شعر، مضمون جي مناسبت سان

(1) Dr: H. L. Jain: Age of Imperial Kanauj. pp. 212-213 & 214.

پن طبقن ۾ ورهايو ويو آهي. انهن مان اوائلي قسم افسانوي (Romantic) آهي، جيڪو اول ڪن 'اڪيلن' سنن ۾ ئي چالو ٿيو آهي. تن ۾ ڏند ڪٿائن، عوامي آکاڻين ۽ ڪهڻن قصن جي ڪردارن جا ڪي جذباتي جَز ڳايا ويا. اهي اول پَتن ۽ چارڻن ڳائڻ چالو ڪيا. هيمچندر جي گرامر ۾ اهڙا مثال عام جام آيل آهن. انهن ۾ سٽن جا ڪئين جوڙا مختلف ماپ جا بہ آهن؛ دوهن جو ٻيو قسم وري روحاني يا مذهبي (Ascetic) مضمون وارو آهي. ٽوئين قسم جو تہ وڏو ادبي ذخيرو موجود آهي، جيڪو جين ۽ ٻوڌي ساڌن جو سموهيل آهي. انهيءَ زماني جي رمتا جوڳين، ساڌن ۽ سنتن، دوها صنف کي پنهنجي ڪم لاءِ ڪارائتو ڏسي، ان کي فوراً پنهنجو ڪري ورتو.

دوها ڇند جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو ۽ ناليرو شاعر جيڪو معلوم ٿي سگهيو آهي، سو جئندُ (Joindu) آهي، جيڪو عيسوي ڇهين صديءَ ۾ ٿي گذريو آهي. هن جي سميتيل دوهن جا بہ مختلف جهڳتا 'پرمپياس' ۽ 'جوڳ سار' پڻ مليا آهن. اهڙيءَ طرح رام سِنها مُنيءَ جا 'پاهڙ دوها' پڻ قلمبند ڪيل آهن. تنهن بعد گياني ديوسين جا 'ساويہ ڌرم' دوها، توڙي سپر آچاريہ جا 'ويراڳيہ سار' دوها، آڳاٽي اپڀرنش ڪويتا جي بهترين نموني مان ڪي چوند مثال آهن. مٿيان مڙيئي ملوڪ، اڪثر ڪري ڪڇ، ڪاٺياواڙ يا سوراشٽر جا سمجهڻ کپن.

مذڪوره گياني شاعر ديوسين جو منطق تي لکيل ڪتاب 'نيايہ چڪر' (٩٣٣ع)، اپڀرنش جو معياري ڪتاب آهي. اهو اصل ۾ سڄوئي دوها ڇند ۾ لکيل هو، پر هڪڙي پنڊت چاڻڪ هٿندي چيو تہ 'مهڙي ڳوڙهي علم لاءِ بہ ڪو دوهي جهڙو نوس ڇند ڪم آئجي!' يڪدم سڄو ڪتاب ڦيرا 'گاٿا' جي صورت ۾ آندائين، جيڪو مائل ڏوَل (ديول؟) نالي پڪشوءَ نئين سر ويهي نقل ڪيو. انهيءَ مان هيءَ ڳالهہ پڌري ٿئي ٿي تہ عيسوي ڏهين صديءَ سوڌو بہ برهمڻ مان وڏا ودوان ۽ پنڊت پڻ دوهي ڇند سان ايجا مانوس نہ ٿي سگهيا هئا. مگر الهندي هندستان جي مڙني ڏيهي ٻولين ۾ ساڌن ۽ سنتن اها صنف عام ڪري

چڙي هئي[1]. مٿين چوند مثال کان سواءِ اپڀرنش جون نظمي آکاڻيون يا ڳاهن سان ڳالهيون (چاريئ) پڻ انهيءَ زماني ۾ عام ٿيون. جن ۾: جٽرام جو 'ڌرم پرکش' (نائين صدي). پدم ڪيرتيءَ جو 'پاسناهہ چاريو' (٩٤٢ع). پشپ دنت جو 'جَسهَر چاريو' ۽ 'نايڪمار چاريو' (٩٦٥ ۽ ٩٧٢ع). هري سين جو 'ڌرم پرک' (٩٨٧ع). ڪَنڪامر جو 'ڪَرڪند چاريو' توڙي 'پرتيڪ بُڌ'. ڌنپال جي 'ڀوسيت ڪَها' (ماتيجي پاءِ سان ورتاءُ). هري ڀدر سوريءَ جو 'سنڪمار چاريو' (هڪڙي بادشاهہ جي ڳالهہ ١١٥٨ع). ڌاهل جي 'پوم سري' (بدچال ديوداسيءَ جو حشر) ۽ وديا پتيءَ جو 'ڪيرتي سنها' وغيره، تمام مشهور آهن[2]. اپڀرنش جو سڀ کان مشهور ۽ علمي ڪتاب جيڪو نائين-ڏهين صديءَ عيسويءَ ۾ لکيو ويو، سو آهي آچاريہ سويمبو • جو لکيل 'سويمبو چندس'. انهيءَ ۾ پنهنجي استاد کي 'چٺو منهون' چئي ساراهيو اٿس ۽ سندس 'تال سنگيت' جي پڻ تعريف ڪئي اٿس*.

## اپڀرنش ۽ سنڌي ٻولي:

مٿين ڳالهين جي مدنظر، اپڀرنش جي اها ادبي اوسر، عيسوي پنجين صديءَ کان پوءِ ساري سگهجي ٿي. پر سندس ادب جو اوج انهيءَ کان بہ هڪ-بہ صدي اڳي واسديو ڪوشان جي وقت (چوٿين صديءَ) ۾ معلوم ٿيو آهي. باقي اپڀرنش جو علمي ادبي سلسلو ٻارهين-تيرهين صديءَ سوڌو هليو آهي. انهيءَ وچ ۾ ڪو ان جو اسان جي ادب تي اثر ٿيو هجي، اهو بہ چئي نٿو سگهجي. ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ سؤراشٽر سدائين سنڌ جي حڪومت هيٺ رهيا آهن. جا ڳالهہ اڳيئي مٿي ڏنل تاريخي حقيقتن مان ثابت آهي. شايد انهن علائقن جو اثر اپرنڌي ۽

(1) Dr: H. L. Jain: Age of Imperial Kanauj. p. 215.
(2) Ibid: pp. 216-217-218-219.

* آچاريہ سويمبو، پراڪرت چند جو هڪڙو مشهور عالم ٿي گذريو آهي. سندس تصنيف 'سويمبو چندس' تمام مقبول ٿي. هيءَ ڏهين صدي عيسوي جي شروع يا ان کان بہ اڳي ٿي گذريو آهي. جو تہ ٩٦٥ع ۾ پشپ دنت نالي اپڀرنش جو عالم، سندس ساراهون ڪري ويو آهي. هيمچندر بہ هن جو نالو احترام سان ورتو آهي. هن جون اپڀرنش ۾ ڏکيون ڪوتائون ملن ٿيون. (جرنل آف رايل ايشياٽڪ سوسائٽي، بمبئي، ١٩٣٥-١٩٣٦ع)

ڍنگ ڪونہ اٿن. ڪرناٽڪي، وڏيءَ آڪڙ سان شعر چالو ڪن ۽ هر فقري جي پڇاڙيءَ ۾ تنبوري واري ٺڪار ڪن، پوءِ اها ٺهي يا نہ ٺهي". سنڌ جي باري ۾، لاڙ جو ذڪر تہ خاص وڏاءَ سان بہ ڪيو اٿس. -"هيءَ مڙني ملڪن جو چٽ آهي. هتي جا ماڻهو سنسڪرت کي ڏکارين ٿا. پنهنجي سوپياوان ديسي ٻولي ڏاڍي ميٺاج ۽ نزاڪت سان ڳالهائيندا آهن. هتي جون زالون بہ ڳالهائڻ جي نزاڪت ۽ لطافت جي ڪري خاص توجهہ جي لائق آهن*. هتي جي انوکي ادبي خوبي تہ لاڙ جي ٺي شاعرن لاءِ مخصوص آهي. سندن شاعري جي پياري ۽ پسنديده طرز، جنهن جي خصوصيت رنگيني ۽ ظرافت آهي، سا 'لاڙي طرز' جي ٺي نالي سان مشهور آهي"(١).

راج سيکر جو زمانو عيسويءَ نائين-ڏهين صديءَ جي درميان آهي. انهيءَ زماني ۾ بہ اپڀرنش کي سؤراشٽر ۽ مهاراشٽر تائين محدود ڄاڻايو اٿس. سنڌ جي جنهن حصي تي اپڀرنش جو اطلاق ممڪن ٿي سگهي ٿو، سو لاڙ آهي. مگر ان جي ادبي توڙي لساني ڪيفيت اپڀرنش کان آزاد ۽ الڳ ڄمي اٿس. راج سيکر کان هڪ صدي پوءِ، ڏهين-يارهين صديءَ عيسويءَ ۾، سنڌ (لاڙ) جو مشهور شاعر سمنگ چارڻ ٿيو آهي. انهيءَ جون ڳاهون ۽ دوها جيڪي مليا آهن، سي بہ صاف سنڌيءَ ۾ آهن ۽ منجهن اپڀرنش جي بوءِ بہ ڪانهي.

مٿين حقيقتن مان معلوم ٿيندو تہ اپڀرنش جي اسرڻ کان اڳ، يعني عيسوي ڇوٿين-پنجين صديءَ کان وٺي ويندي عيسوي نائين-ڏهين صديءَ سوڌو، سنڌي ٻولي پنهنجي الڳ نالي سان، ادبي ميدان ۾ اوچي ڳاٽ رهي آهي. مگر تاريخ جي اتفاقيءَ سبب، ڪي تہ يارهين صديءَ تائين بہ ان کي پنهنجي اصلي نالي (سنڌيءَ) کان محروم رکي، اپڀرنش جي اڌاري نالي سان سڏڻ صحيح سمجهن ٿا. انهيءَ غلط فهميءَ جو هڪڙو تہ سبب آهي اپير قوم جي حڪومت جو وسيع ايراضيءَ ۾

* راج سيکر، پن ديسن: اونتي، مالوا، مليار، مرهٽا، قنوج، ڪيرالا، بينگال، ٺحال، گوڙ ۽ نيپال وغيره جي زالن جو بہ ذڪر ڪيو آهي. - (قنوج ٣٨٩)
(1) Dr: K. M. Munshi: The Age of Imperial Kanauj: 'Foreword' p. XXII.

پکڙجڻ ۾ انهن جو اقتدار عرصي دراز تائين قائم رهيو. انهيءَ کان وڌيڪ اڄ به ٻيو سبب، ايپرنش جون آڳاٽيون علمي سرگرميون ۾ انهن جو پيدا ڪيل ادبي سرمايو. پر انهن ٻنهي کان وڌيڪ، ٽيون ۾ مکيه سبب هيءُ آهي ته جين ۾ ٻڌ پنٿ جي پوين پرچارين ٿي ايپرنش کي ايڏو عام ڪيو. جين ڌرم وارا ته اڳي ئي ان کي دکن ۾ وچ هندستان ۾ مقبول عام مڃي، پنهنجو ڪري چڪا هئا. انهيءَ جي عوامي مقبوليت کان متاثر ٿي، ٻوڌين پڻ پاليءَ جي بجاءِ ان کي اتر-الهندي هندستان ۾ عوامي تبليغ جو عام ذريعو بنايو. انهيءَ ڪري هن هيٺ ٻوڌين ٻڌ پنٿ جي تاريخ تي تبصرو ڪجي ٿو.

**يوگ چارا:**

مٿي بيان ٿي آيو آهي ته عيسوي ٻهرين صديءَ ۾ ناگرجن جيڪو مهاين فرقو جاري ڪيو. تنهن جو مرڪز نالندا يونيورسٽي هئي. هن کان پوءِ آريه ديو ٻي صديءَ ۾ اتي جو چانسلر ٿيو. جنهن جو شودر ٻالڪو راهل ڀدر ٽيون چانسيلر ٿيو. ان کان پوءِ سندس چيلو راهل متر ۾ ان جو چيلو ناگ متر وغيره هڪٻئي پٺيان مقرر ٿيندا آيا. آخرڪار عيسوي ٽين صديءَ ڌاري، مهاين پنٿ جي اندر 'يوگ چارا' نالي سان هڪڙو نئون فرقو سرجيو. هن فرقي جو هادي مئتريه ناٿ (٢٧٠-٣١٠ع) هو. جيڪو مڇندر ناٿ کان به اڳي ٿيو آهي. هيءُ انوڌ جو هڪڙو عالم هو، جنهن جوڳ جو روحاني فلسفو پيش ڪيو. هن جي قابليت جي بناءَ تي ڪن کي تناڳت جي انهيءَ اڳڪٿيءَ گمراهه ڪيو ته 'مون کان پوءِ مئتريه (مهدي) پيدا ٿيندو'. لاماتارا ناٿ ۾ ٻستون جي تاريخن مان اهڙا اشارا ملن ٿا. سندس جانشين آچاريه اسنگ (٣١٠-٣٩٠ع) پشاور کان يوگ جو پرچار شروع ڪيو. اسنگ جو ننڍو ڀاءُ واسو ٻنڌو 'منطقي' (٤٢١-٥٠٠ع)، جيڪو نالندا جو چانسيلر پڻ رهيو هو. سو ڪانئس پوءِ يوگ چارا جو مبلغ ٿيو. مشهور منطقي ڊيگناگ (پنجين-ڇهين صدي) هن جو شاگرد ۾ جاءِ نشين هو. انهيءَ جو طالب، ڌرمپال ٦٣٥ع ۾ نالندا جو چانسلر هيو. جنهن جوڳ فلاسافيءَ تي 'اعليٰ ڪتاب لکيا. پوءِ وري سندس ٻالڪو سليڊر انهيءَ

جاءِ تي مقرر ٿيو. تنهن بعد، مشهور جوڳي چندرگومن آيو، جنهن لغت، نحو، محاورات (Dilects)، عروض، ڇند ۽ طب تي ڪئين ڪتاب لکيا[1].

انهيءَ زماني ڌاري ڪٽر ٻانڀڻ، ڪمارل ڀٽ جو پائيتيو اڀرو ته علم پڙهيو، جو هن ڪي هندو ڌرم جون مڙئي ئي ڪوتاهيون معلوم ٿي ويون. برهمڻن کان جو انهن جي سمجهاڻي گهربائين، تن جواب ۾ ماڳهين ڏيهه نيڪالي ڏيئي ڇڏيس. هن ڪي ٻڌ مذهب ۾ ئي انهن جو جواب نظر آيو ۽ ان جي سچائيءَ تي ويتر ويساهه جمي ويو. اهو پوءِ 'ڌرم ڪيرتيءَ' جي لقب سان مشهور ٿيو ۽ جوڳ چارا ۾ لاجواب علمي خدمتون انجام ڏنائين. انهيءَ وچ ۾ وري ٻيو هڪڙو مخفي 'تانترڪ' طريقو وجود ۾ اچي چڪو هو

**تنتو:**

عام عقيدو آهي ته جوڳ وارو عمل، جيڪو مٿريه ناٿ ۽ اسنگ جاري ڪيو هو، سو وڌندي وڌندي تمام اعليٰ روحاني منزل کي وڃي پهتو ۽ وقت گذرندي اهو تانترڪ طريقو بڻجي پيو[2]. تنتر لفظ جو اشتقاق، هڪ پراڻي فرهنگ 'ڪاسيڪا ورتي' (٦٥٠ع) ۾ تان=ڇڪڻ+ستر=ملائڻ يعني 'مفهوم کي ڇڪي تاڻي ملائڻ' لکيل آهي. مذهبي فلاسافرن انهيءَ جو اشتقاق يعني ڌاتو 'تنتري' (ابدي علم) سمجهايو آهي. هاڻي اڪثريت ۾ انهيءَ جو مجيل مفهوم: اهو ادب آهي، جيڪو اندروني علم کي پکيڙي يا کولي. خاص طرح سان اهو علم، جيڪو اعليٰ حقيقت متعلق هجي ۽ جيڪو 'جنتر' (روحاني تصورات) ۽ 'منتر' (مخفي مفهوم) جي ذريعي وڃي معرفت کي پهچي. اهڙيءَ طرح انهيءَ اصطلاح جي ڇتيهن مُختلف شرحن مان، آخر عيسوي ٻنجين صديءَ وارو خاص مذهبي فلسفيانه مفهوم قائم رهيو[3]

تانترڪ ادب جي بنيادي ڪتاب 'گُهيه سماج' (گجهو طبقو)

(1) Dr: Nalinaksha Dutt: "The Classical Age". pp. 380 to 388.
(2) Dr: Nalinaksha Dutt: Imperial Kanauj. p. 259.
(3) Dr: Bhattacharyya: Kanauj. p. 314.

۾ 'منجسري مول ڪلپ' آهن. جيڪي عيسوي پنجين-ڇهين صديءَ جا آهن. مگر ٻنهي جا عنوان الڳ ۾ مضمون مختلف آهي. گهڻي سماج 'يوگ' ڏانهن راغب آهي ۾ منجسري 'وجرياني' جنتر منتر ڏانهن[1]. اڳتي هلي، تنترن جا ٻه مختلف مڪتب فڪر مقرر ٿيا. تبيتي روايتن موجب: هڪڙي جي نسبت سراهاپا (Saraha pa 690 A.D.) سان ۾ ٻئي جي پدم وَجر سان ڪيل آهي. وَجر (حق) جو تصور، گهڻي سماج ۾ اهوئي اننگ وَجر، اندرڀوتي ۾ ناگرجن وارو ساڳيو 'آدويہ واد' (وحدانيت) آهي. مگر سرهاپا، لُئي پا، ڪانهُوپا ۾ ڀڪشوپا جي دوهن ۾ وري واسو بندو ۾ اسنگ وارو عميق نظريو (فنائيت) سمايل آهي[2]. تنترن جي ٻولي اڪثر اشارن واري ۾ اهڙي تہ پيچيده آهي ۾ انهيءَ جي معني ٻہ ايتري تہ گهري آهي، جو ڪنهن قابل ۾ ڪامل واسطيدار ۾ چاڻو استاد جي رهبريءَ کان سواءِ، انهن جو مقصد معلوم ٿيڻ ممڪن ئي نہ آهي[3].

تانترڪ آچارين کي عام طرح سان 'سِڌا' سڏيو ويندو هو. انهن مان هڪڙو لَليتا وَجر، جيڪو اصل ۾ الهندي جي ڪنهن راجا نرورمن ۴۰۴ع جو ليکڪ هو، سو نالندا جو چانسلر ٿيو. انهيءَ وري اندر ڀوتيءَ کي پنهنجي گودڙي پارائي. اندر ڀوتي اصل ۾ آسام-اوڙيسا جو راجا هو، جنهن لليتا وجر جو پالڪو ٿيو، هن کان تنترن جي تعليم ورتي. پوءِ تخت کي ترڪ ڪري، تنترن جي تبليغ ۾ محو ٿي ويو.

گُر جا ڏني گودڙي سا لاهيندي تئي لڄ،
سندا تنهين سنهج، چيلا چوندا ڪيترا. (شاھ-رامڪلي)

سندس سڄو زور هڪڙي ئي نڪتہ تي هوندو هو. "مرشد جي مهر کان سواءِ، ٻي سڄي بندگي بيفائدي ٿيو پوي ٿي." سندس تصنيفن مان 'سَهج سِڌي' مشهور آهي، جنهن جي بنياد تي هن 'سَهجيانہ' فرقہ جاري ڪيو هو. انهيءَ فرقي کي 'سُک واد' (سُرور قلبي) پڻ چئبو

(1) Dr: Nalinaksha Dutt: Kanauj. p. 259.
(2) Ibid. p. 265.
(3) Dr: H. D. Bhatta Charyya: Imperial Kanauj. p. 318.

آهي[1]. آچاريہ اندر ڀوتيءَ ڪان پوءِ سَنڪ واد کي قائم رکڻ لاءِ سندس ڀيڻ، شهزادي لڪشمينڪرا، پنهنجي پاڻ کي سهجيانہ فرقي جي پرچار لاءِ وقف ڪري، ڀڪشڻي بڻي، هن جي مشهور تصنيف 'ادويہ سِڌي' جو اصلي نسخو اڃا موجود آهي. هن ساري ڄمار 'مهاسَڪ واد' (تسڪين قلب) جو پرچار ڪيو. ليلا وجر هن جو جاءِ نشين ٿيو. جنهن تقريرن توڙي تحريرن سان سهجيانہ فڪر کي پختو بڻايو[2]. انهن چئني مڪتبن جي انتهائي منزل 'انتريوگ' (اندروني حقيقت) آهي، جيڪو سموري ئي راز جو ڄڻ راز آهي. انهيءَ جو علم عام ماڻهو جي پهچ کان پري هجڻ ڪري، انهيءَ جي اشاعت کي ڪڏهن بہ عوام لاءِ عام نہ ڪيو ويو. مگر مخفيءَ طرح بہ اها تعليم فقط ڪن ڪامل جوڳين کي ئي نصيب ٿيندي هئي.

## ڪَريہ ڳيت ۽ وجر ڳيت:

لفظ 'ڪَريہ' (Karya)، ڪرڻ مصدر مان آهي، جنهن جو مطلب عمل، فعل يا عبادت آهي. ٻڌ مذهب جون پاڪدامن ۽ زاهد سنياسڻيون (Nuns) توڙي تارڪ درويش (يوگ چارا ۽ سِڌا)، پنهنجي نفس جي اصلاح ۽ روحاني ترقيءَ خاطر 'ڪريہ ۽ وجر' ڳيت جوڙيندا ۽ گڏجي ڳائيندا هئا. انهن کي گاٿائون چوندا هئا. گاٿائون تہ جيئن اِسان کي اڳيئي معلوم آهي تہ اهي ٻڌ مذهب جي منڍ کان ئي موجود هيون، جيڪي ويدڪ زماني ۾ بہ لاڳيتيون ڳائبيون آيون آهن. ڪريہ ۽ وجر ڳاهون وري مختلف نوعيت وارين ڪن خاص عبادتن ۾ ڳايون وينديون هيون. اهي ڳاهون خاص طرح سان ٻڌ مذهب جي وجريانہ (بَجرياتي) فرقي وارا سنت فقير، تانترڪ 'مَنڊل' (مجلس) ۾ ويهي ڳائيندا هئا. بجرياتي منڊل 'چڪر' (دائري يا حلقي) ۾ ڳايل ڪريہ ۽ وجر ڳيتن مان 'وجر ڌارڪ' (پوڄاري يا عابد) کي سندس توجهہ ۾ تسڪين ٿيندي هئي. ٻوڌي منڊل چڪر جي نموني تي پوءِ وارو هندو برهمڻي 'واماچار' (ويچار) منڊل چڪر بنيو. جنهن ۾ مڇي، ماس،

(1) Dr: Nalinaksha Dutt: Kanauj. p. 268
(2) Ibid: pp. 268-269.

شراب، هٿنات (مدرا) ۽ زناڪاري نہ فقط جائز هيون، بلڪ اهي پنجئي ڳالهيون پوڄ ماڳهين لازمي ۽ مستقل بڻجي پيئون[1]. انهن جو تفصيل ڏيڻ تهذيب جي خلاف آهي.

ڪريہ ڳاهون، مضمون توڙي ترتيب ۾ وجر ڳيتن کان ڪجهہ قدر مختلف هونديون هيون. ڪريہ ڳيت ۾ ٽي يا بعضي پورا چار پد (انگ) بہ هوندا هئا. انهيءَ حالت ۾ ٽئين يا چوٿين (تڪ) کي 'ڌروپد' يا مستقل فقرو چئبو هو، جيڪو وري وري ڳائبو رهبو هو. جي فقط ٻہ تڪون هونديون هيون تہ وري پٺي پد کي بہ ڌروپد چئبو هو [2]. وجر ڳاهن جي ترتيب ۾ وري ٻہ يا ٽي (مشڪل سان چار) تڪون ڪم آندل آهن، جن جي جوڙجڪ مختلف سٽن جي مقابلي مان معلوم ڪري سگهجي ٿي. ساهتيہ ۾ سنگيت جي سلسلي ۾ انهن ڳيتن کي 'نِبد پربنڌ' ڳيت شمار ڪيو ويو آهي. اهي ڳيت بغير تال جي ڳائبا هئا. انهن جي پي ۽ چوٿين تڪ سان ٻِنتا (قافيو) ٺهيو آهي. مگر اڪثر ڪري ڪريہ ڳاهن ۾ ٽي تڪون ئي هونديون هيون، جيڪي: اد گِرهہ، ڌرُوَ ۽ ابوڳ سڏبيون هيون. مطلب تہ هنن ڳيتن ۾ ميلاپڪ (ملائيندڙ) تڪ نہ هوندي آهي[3].

ڪريہ ۽ وجر ڳاهن جي ڳائڻ جو خاص مقصد، سهج واري ڪيفيت ۾ تسڪين قلب ۽ ان جو انتهائي سُرور (مهاسُک) حاصل ڪرڻ هو. مُني دت ۽ ادويہ وجر انهن تي ٽيڪا ڪندي لکيو آهي تہ: ڪريہ ۽ وجر ڳيتن جي مضمون جي معنيٰ مخفي ۽ سندن ٻوليءَ جو پتو مطلب هوندو هو. انهيءَ ڪري انهن کي سَنڌيہ ڀاشا، سنڌيہ واڪم يا سنڌ يا سنگيت چئبو هو. حقيقت ۾ اها جوڳين جي راز واري گفتگو ۽ سندن اندروني ٻولي (Code Language) هئي، جنهن کي پنهنجو پاڻ ۾ ئي پروڙي ۽ سمجهي سگهندا هئا[4]. اهي ڪريہ پد، ڪن وجرياتي آچارين، سِڌ آچارين ۽ سهجيہ آچارين جا جوڙيل ۽ جمع ڪيل آهن. انهن ۾

(1) Dr: Nalinaksha Dutt: Imperial Kanauj. p. 266.
(2) Prajna: Historical: p. 218.
(3) Ibid. p. 286.
(4) Ibid. pp. 218 -219.

ڪريني پا، ڪانهو پا، ويرو پا، لُئي پا، هادي پا، سوَري پا ۽ سرها پا (٧٥٠ع) وغيره جا نالا مشهور آهن. جيڪي جملي چوراسي چيا وڃن ٿا. انهن جو زمانو الڳ الڳ آهي[1]. 'ٻوڌي سنياسين (سِڌ آچارين) ڪيتريون ئي ڳاهون جوڙيون. ٻوليءَ جي اعتبار کان انهن کي 'گاٿا پاشا' چيو ويندو هو. ڪي ماڻهو ائين پانئيندا هئا ته ڪريه ۽ وجر ڳاهن جي ٻولي شايد ڪَريل سنسڪرت هوندي! پر پوءِ جي ڪيترن ئي عالمن، انهيءَ کي اِڳوٺيءَ راءِ جي اُبتڙ ثابت ڪيو آهي.

ٻولي ٻجهارت، جوڳيان سنديءَ ذات جي (شاهه- رامڪلي)

انهن چوراسي سِڌ آچارين مان، چاهتر سِڌن جا نالا 'ڊَڪارنوَ (Dakarnava) ۾ لکيل مليا آهن. هي جيڪي سڌ آچاريه سڏيا ويا آهن، سي حقيقت ۾ ساهجيه فرقي جا سنياسي هئا. انهن وٽ قوم ۽ قبيلو، رنگ ۽ روپ، يا نسل ۽ ٻڻ ته بلڪل ئي بي معنيٰ لفظ هئا، پر ڪنهن به ديس يا ٻوليءَ سان پڻ اهي ڪائي نسبت نه رکندا هئا.

نڪو نسل تن جو، نڪو تن حسب (شاهه)

اصل ۾ هي ديس ديسانتر جي مختلف مخلوقات هئي. اهي پورب-پڇم ۽ هند-سنڌ جي نامعلوم ملڪن ۽ ڏورانهن ڏيهن جا ئي ممعلوم ٿيندا هئا، جن ۾ ڪو به قومي، لساني يا نسلي امتياز نه هوندو هو. اهوئي ٻڌ مذهب جو نچوڙ يعني ناٿ پنٿ هو[2]. مطلب ته دنيا جي ڪنهن به ديس کي مليڇ ملڪ مڃڻ جي خلاف، اهي ساڌو، ساري جڳ کي ئي پنهنجو گهر تصور ڪندا هئا. "هر مُلڪ مِلڪ ماست ڪه ملڪ خداي ماست" ۽ پنهنجو پاڻ کي انسانذات جي عالمي برادريءَ جو ياءُ (يا= ياءُ = ياؤ = ياد) سمجهندا هئا!

## ڏيهي ڳيتن جا پرڏيهين ۾ پڙلاءُ:

ٻڌ مذهب جي انهن مبلغ آچارين جي معرفت، ڪريه ۽ وجر ڳيت، ڪشمير ۽ تبيٽ کان ٿيندا پوتان، ڪوچي ڪاشغر، ختن، چين، منگوليا، ڪوريا ۽ جپان تائين به اهي وڃي پهتا[1]. خود چيني تاريخن ۾

(1) Ibid: p. 216.
(2) Prajna: Historical. pp. 216-217.

ين اهڙي قسم جون ڪيتريون ئي ڳالهيون قبول ڪيل آهن. ويندي جپان ۾ به اهڙيون ڪي قديم روايتون ملندڙ آهن. ڪوشان حاڪم هوشڪ (واسديو 'اول') جي زماني - 'سنه ١٢٠ع ۾ اندو-پاڪستاني ڳيتن جا استاد ڳائنا. سرڪاريءَ طرح چين پهتا.' اهو اشارو اڳ ۾ ئي اچي چڪو آهي. "اندو-پاڪستان مان ڳياڪارن جو ٻيو به هڪڙو وڏو ٽولو ڳائيندو گهمندو، سپ چين اچي پهتو. تنهن کان اڳي، چينائي شهنشاهه ڪؤتسو (Kaotsu 581-595 A.D.) پنهنجي ملڪ ۾ ڪنهن به پرڏيهي عنصر جي داخلا تي سرڪاريءَ طرح بندش وجهي ويو هو. مگر هن جو حڪمنامو به سگهوئي بي اثر ثابت ٿيو. جيئن ته هن جي جاءِ نشين اولاد ڪي، اهڙن آچارين جي آجيان ئي ڪرڻي پيئي ۽ ڪيترائي نئين نموني جا ڳيت چين ۾ رائج ڪيا ويا. ... وري جپان جي قديم روايتن ۾ پڙ: تانگ (Tang) حڪومت جي زماني ۾ هڪڙو هندو آچاريه، جنهن جو نالو 'بوڌي پڪشو' هو، تنهن چين مان مذهبي ڳيتن جا ٻه مکيه قسم 'بهڌيستو' ۽ 'پٽرو' هتي جپان ۾ اچي جاري ڪيا هئا"[2]. اهڙيءَ طرح -"سنه ٨٠٢ع ۾ راجڪمار سندن نالي، ڪنهن بادشاهه جو وليعهد، چين ۾ هڪڙي سياسي سفارت وٺي ويو. انهيءَ ۾، اندو-پاڪستان مان ڪيترائي سريلا ڳيت چوندڙ، تحفي طور شهنشاهه جي دربار ۾ پيش ڪيا ويا، جيڪي وڏي احترام سان قبول ڪيا ويا"[3].

چين جپان کان به وڌيڪ وچ ايشيا، چيني ترڪستان ۽ تبيت ۾ اهڙن ڳيتن ۽ ڳاهن جو عام غلبو رهيو آهي. -"سهجيانه عقيدي جا جيڪي چوراسي آچاريه مشهور آهن، تن مان ٽيونجاهه ڄڻن جو تصنيفون ته تبيت ۾ ئي معلوم ٿيون آهن. جن ۾ سرهاپاءُ، ڪهنوپاءُ، تلوپاءُ، ناروپاءُ، لئي پاءُ، ڪريني پاءُ ۽ پڪشو پاءُ وغيره جا نالا قابل ذڪر آهن. سهاپاؤ (٦٩٠-٧٥٠ع) ۽ ڪهنو پاؤ (٩٠٠ع!) جا ته هت اکر

(1) Ibid. p. 194.
(2) Dr: R. C. Majumdar: The Classical Age. p. 615.
(3) Dr: R. C. Majumdar: The Imperial Kanauj. p 432.

لکيل، ڪي قلمي نسخا، اصلي حالت ۾ به مليا آهن. انهن ئي قلمي ڪتابن تان، پروفيسر شهيدالله خان، تبيتي ترجمن جي آڌار تي پنهنجو شاهڪار تيار ڪيو"(1). آچاريه سراها جو 'دوها ڪوش' ته تمام مشهور آهي. انهيءَ جا جدا جدا تي مڪمل ۽ قديم قلمي نسخا، هن وقت به محفوظ آهن"(2).

هن کان اڳ، اپيرنش جي اوائلي دوهن جو ذڪر آيو آهي. انهن دوهڙن کي اڳتي وڌائڻ جو ڪم به سڌ آچارين ڪيو آهي. ڊاڪٽر جين، انهيءَ سلسلي ۾ وڌيڪ لکيو آهي ته "ٻوين سڌ آچارين مان جن دوها جوڙيا، تن ۾ تِلوپاد، سِرهَ پاد، ڪهنا پاد ۽ ڪريني پاد وغيره مشهور آهن. سندن ڪلام جا مجموعات 'دوها ڪوش' نالي سان ڪنا ڪيل آهن. اهو ڪلام اول ڊاڪٽر شهيدالله "بڌ دوها-او-گانا" جي نالي سان، ڪلڪتي يونيورسٽيءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو. هن کان علاوه ڊاڪٽي پي سي باگچي ۽ هرپر ساڌ شاستريءَ پڻ انهن کي الڳ الڳ ترتيب ڏني آهي. انهن کان وڌيڪ پراڻا پيا به ڪيترائي 'ٻوڏي ڏوهيڙا'، راهَل سمڪرتياين، تازو ڳولهي ڦولهي ڪنا ڪيا آهن. انهن مڙني جي مضمون ۾ عميق روحانيت رچيل آهي. انهن جي ٻوليءَ جو روايتي نالو 'سنڌيا ڀاشا' (Twillight Tongue or Symbolical Speach) آهي. انهن ٻوڌي ڏوهيڙن جو زمانو عيسوي ڇهين صديءَ کان، ٻارهين صديءَ جي اندر مقرر ڪري سگهجي ٿو"(3). مگر دوهي واري شاعري کي منظر عام تي آڻڻ، انهيءَ کي اندو-پاڪستان ۾ ٻري ٻري تائين ٻهچائڻ ۽ دوهي کي مقبول عام صنف بنائڻ جو سهرو صرف 'نات' جوڳين جي ئي سر تي آهي.

**ناٿ پنٿ (Nathism):**

هي فرقو حقيقت ۾ ٻڌ مذهب جو نچوڙ ۽ ان جي آخري شڪل آهي، جنهن ۾ مٿيان مڙيئي (ارڙهن) عقيدا اچي وڃن ٿا. ناٿ پنٿ جو پايو بابا مڇندر ناٿ نالي هڪڙي جهوني جوڳيءَ وڌو، جيڪو اصل

(1) Buddhism in Pakistan: Pakistan Publication, P.B. No. 183, Karachi (1963). p. 53.
(2) Prajnana: Historical. p. 220.

آسام جو رهاڪو هو (سندس زمانو اندازاً ستين-اٺين صدي عيسويءَ جو آهي). جوڳي پنٿ دراصل هن کان اڳ ۾ ئي هلندڙ هو، جيڪو مٿريہ ناٿ جاري ڪيو هو. هن وري انهيءَ کي ناٿ ڌرم جي نئين نالي سان دهرايو. ڪن جي خيال ۾ تہ ڪريني پاءِ ڪان اهو پنٿ مڇندرناٿ کي مليو ۽ مڇندرناٿ وري ڪورنگي ناٿ (چورنگي ناٿ) ۽ گورک ناٿ کي پنهنجو چيلو بڻايو. بهرحال، اهي ٽيئي ناٿ، هڪڙي طرف تہ بجرياتي فرقي وارن چوراسي سڌن جي آخر ۾ اچن ٿا؛ تہ ٻئي طرف وري ناٿ پنٿ جي اوائلي نون (٩) ڄڻن ۾، پهريان ٽي ناٿ ڳڻيل آهن. انهن چوراسي سڌن جي سلسلي سان گورک ناٿ جو زمانو* اندازاً اٺين صدي عيسوي آهي[1]. گورک ناٿ جا دوها، 'گورک ٻڌ' نالي ڪتاب ۾ ڪٺا ڪيل آهن، جن ۾ پنهنجي گروءَ مڇندرناٿ جي منزل ۽ مرتبو ڳايو اٿس.

مٿئين هر پراسد شاستريءَ، مڇندرناٿ واري مارڳ جو ذڪر ڪندي، گورک ناٿ لاءِ لکيو آهي تہ "هن جو اصلي نالو 'راون' (رامڻ) وجر ۽ ٻڌ مذهب جي بجرياتي فرقي جو يوگ آچاري هو. پوءِ جڏهن مڇندرناٿ واريءَ مت ۾ آيو، تڏهن گورکناٿ جي لقب سان مشهور ٿيو... مطلب تہ مڇندرناٿ وارو نئون پنٿ پڻ اصل ۾ ٻڌ مذهب اندر ئي سمايل هو. هن مان ثابت آهي تہ ناٿ جوڳين جا دوها ۽ ڳيت پڻ وجرياني ٻوڌين جي ڳيتن ۽ ڳاهن کان الڳ ڪا ٻي شئي نہ آهن. جيتوڻيڪ ناٿ جوڳين جي روحاني عمل ۽ بجرياتي سڌن جي عبادتن ۾ ڪنهن حد تائين فرق هو[2]. هنن ۾ چوٿون نمبر جالندر ناٿ جوڳي ٿيو آهي، جنهن جو نالو چوراسي سڌ آچارين ۾ نتو ڳڻجي. چاڪاڻ تہ هن بجرياتي سلسلو بند ڪري، ايرندي پنجاب ۾ وڃي ناٿ پنٿ پکيڙيو. جلندر جو شهر هن جي ئي نالي پٺيان سڏجي ٿو. هن جو چيلو

* نيپال جو لڇوي راجا نريندر ديو (٦٤٣-٧١٤ع). نيپالي ادب ۾ انهيءَ ڪري مشهور آهي، جو هو مڇندر ناٿ واري فرقي جو حامي هو. جيڪو نيپال جو مربي سنت بڻيو. (ڪلاسيڪل ١٣٦).

(١) ڊاڪٽر محمد حسن؛ هندي ادب کي تاريخ (عليگڙهہ ١٩٥٥ع)، ص ١٩-٢٠.

(2) Prajna: Historical. pp. 215-216.

چُوڙڪرناٿ ۽ ان بعد چرپٽ ناٿ، ٻئي مشهور ٿيا. ٻال ناٿ (بالا ناٿ) وري اتر-الهندي ڏي، لوڻ جي ٽڪرين وارا ويرانا وڃي وسايا. اهو ناٿ جوڳين جو آخري آستانو هو. ديول ناٿ ۽ مِنا ناٿ اتي جا مشهور جوڳي ٿيا. اهي ٿي ذڪر ڪيل نَوَ ناٿ بلڪل اوائلي ۽ اهم آهن. مٿين مڙني جوڳين: مڇندرناٿ، گورک ناٿ، چوُرنگي (ڪورنگي) ناٿ، جلندر ناٿ ۽ ٻين جا ڪيترائي دوها چيل آهن، جي گهڻو ڪري ستين-اٺين صديءَ عيسويءَ کان قلمبند ڪيا ويا. اهي اڪثر 'اوهٽ دوها' جي نالي سان سڏيا ويا آهن[1]. اوهٽ ٻولي اصل ۾ هڪڙي قسم جو مرڪب هو، جنهن ۾ اپڀرنش، سنسڪرت، پالي، پراڪرت... ماڳڌي، بينگالي وغيره وغيره، سڀيئي گڏوچڙ ٿيل هيون[2].

ٻولي ٻجهارت، جوڳيان سنڌيءَ ذات جي. (شاهه-رامڪلي)

پوءِ وري پرٿوي ناٿ پنهنجي پرچار لاءِ پري پري جا پنڌ اختيار ڪيا. پرٿوي ناٿ جا دوها، جيڪي 'جوڳ پرڪاش' نالي ڪتاب ۾ ڪٺا ڪيل آهن، تن ۾ جوڳ جي عميق نظريي، ان جي انوکن اصولن، باريڪ مسئلن ۽ نفيس نُڪتن تي تمام تحسين جوڳي روشني وڌي اٿس. انهيءَ زماني ڏاري ٿي پڪتيءَ جون تحريڪون بـ اسري رهيون هيون.

پوئين ناٿ پنٿ ۾ وري سَڏنا ناٿ ۽ غريب ناٿ نالي ٿي گذريا آهن. غريب ناٿ جي دوهن ۾ جوڳ جي منزل 'فنائيت' آهي. سَڏنو سالڪ وري 'سنڌ' ۾ (سيوهڻ طرف) ڄائو هو. هيءُ اصل ۾ مسلمان ڪاسائي هو. پوءِ ناٿ پنٿ ۾ اچڻ ڪري دنيا ترڪ ڪري وڃي جوڳين سان گڏيو. 'ناٿ پنٿ يوڳي سباڌنا، (برهمڻن جي) بت پرستيءَ، شرڪ، جپ تپ ۽ ظاهر پرستيءَ جي ٻين مڙني ڳالهين، توڙي نمائشي عبادتن جي برخلاف وڏي بغاوت اٿاري. هن خدا جي وحدانيت ۽ خالص توحيد جي تبليغ ڪئي. هن جا دوها، اڪثر نفس جي معرفت متعلق آهن ۽ انهيءَ ڳالهه تي ئي سڄو زور ڏنو اٿس[3].

(1) Ibid. p. 215. (2) Ibid. pp. 262-26.
(٣) ڊاڪٽر محمد حسن: هندي ادب ڪي تاريخ. (عليگڙهه ١٩٥٥ع)، ص ص ٢٠-٢٢.

سامي ٿين تہ سڌنات ٿِي، نہ تہ ڏور مرَ هونهين ڏيهہ،
اونهون ملڪ، "عِنات" چئي، ڪنهن چِلي نہ لڌو ڇيهہ،
حرص هڪلي پانهنجو، تون وهہ وساري ويهہ،
مڙهي مات جي بيهہ، تہ ويني ٿي وير ٿئين.

ساڌنا نات، گرونانڪ (١٤٦٩-١٥٣٨ع) کان بہ اڳي هو. (ڪن جي خيال ۾ تہ گرونانڪ جو غائبانہ گرو بہ ساڌنو سنت ئي هو؟) ڇاڪاڻ تہ هن پندرهين صدي عيسويءَ جي شروع ۾ شهرت حاصل ڪئي. سندس دوها بہ سِکن جي آدي گرنٿ ۾ موجود آهن[1]. سَڌني جوڳيءَ، سورهين صدي عيسويءَ کان بہ ڪجهہ اڳي وفات ڪئي. سندس دوهن ۾ فنائيت يا جوڳ جوئي نکرو نمايان آهي. (نانڪ کان اڳي، سورهين صديءَ ۾ ٿي پيو بہ هڪڙو مسلمان بزرگ 'ڀڳت ڪبير' ڪوري (١٣٩٨-١٥١٨ع) پورب ڏي پيدا ٿيو. مگر هيءَ پارت (بنارس) ۾ ٿي رهيو. سندن فلسفي ۽ فڪر جو اثر سنڌي صوفي شاعرن تي پيو، جيئن هيٺ نظر ايندو.

## تصوف ۽ جوڳ جو سنگم:

انهيءَ سورهين صديءَ ۾ ٿي سنڌ جو پهريون سالڪ ۽ صوفي شاعر، جنهن 'جوڳيءَ' جو لفظ، 'جاڳائڻ واري يا جاڳائيندڙ' (خواب غفلت مان بيدا ڪندڙ) لاءِ ڪم آندو آهي، سو قاضي قاضن (١٥٥١ع) آهي. انهيءَ کان پوءِ لاڳيتو ايندڙ، سنڌ جي سڀني صوفي شاعرن، ويندي سچل روحل، بيدل، نانڪ يوسف ۽ خود شاهہ ڀٽائي بہ 'جوڳين سنديءَ ذات' کي ڳايو وڄايو آهي. رسالي شريف جي سُر ڪاهوڙي، پورب ۽ يمن ڪلياڻ وغيره ۾، اهڙا بيت عام آهن. سُرود رامڪليءَ ۾ تہ خاص طرح بِکياري ۽ پينار، ناٿن ۽ نات، جوڳي ۽ ويراڳي، رمتا ۽ سيلاني، سير ۽ سفر، گودڙي ۾ مالها، توڙي جوڳ ۽ تپسيا جو ئي بيان آيو آهي. (بلڪ بُلها شاهہ تہ جوڳين جون رمزون ۽ راز، ڪرامتون ۽ ڪشالا، توڙي منزلون ۽ مرتبا پڻ ڳايا ۽ سمجهايا آهن). ڊاڪٽر نبي بخش خان

(١) سماهي مهراڻ ١٩٥٥ع، جو نمبر ١.

بلوچ، پنهنجي محققانہ مقالي (هندي ۽ سنڌي شاعريءَ جو لاڳاپو) ۾ مٿين مڙني بزرگن جي ڪلام جا مثال ڏيئي، انهن تي عالمانہ بحث ڪندي، هن نتيجي تي آيو آهي تہ: صوفين ۽ يوگين ۾ ترڪ ۽ تجريد جا اصول مشترڪ هئا. -" صوفين وانگر يوگين وٽ بہ 'گرو ۽ چيلي' جي تعلق ۽ آداب جي اوتري ئي قدر ۽ قيمت هئي، جيترو 'مرشد ۽ مريد' جي. ساڳي طرح گروءَ جي چيلي کي تلقين ۽ هدايت جي بہ وڏي اهميت هئي. انهيءَ حقيقت تي ڪتاب 'گورک پڌ' شاهد آهي، جنهن ۾ گرو چيلي جي گفتگو قلمبند ٿيل آهي: چيلو گورک ناٿ سوال ڪري ٿو، جنهن جا جواب ڏيندي گرو مڇندرناٿ اپديش ڪري ٿو... سنڌ ۾ هنن سيلاني فقيرن جي آمد و رفت ۽ سنڌ جي سالڪن سان سندن ملاقاتن تي سنڌي ٻوليءَ جا ڪي قديم اصطلاح شاهد آهن، جي سندن تحريڪ، عقيدي ۽ عملن جي نالن يا معنائن پويان رائج ٿيا... مٿينءَ مختصر وضاحت مان معلوم ٿيندو تہ هن يوگي پنٿ جي اعتقادن ۽ اصولن، جي سندن تبليغ ۽ ڪلام ذريعي پکڙيا، سنڌي صوفيانہ شاعري جي الفاظ، اصطلاحات ۽ فڪر تي ڪيتريقدر اثر وڌو آهي"[1]. ڪن جي خيال ۾ تہ خود صوفين جو 'زهد'، سو بہ اصل ۾ جوڳين جو ئي 'جُهد' آهي[2]. عالم اسلام جا علماء ۽ مفتي سڳورا، شرع شريف جي احترام ۽ حفاظت خاطر، انهن تي تمام ڪڙي نظر رکندا ۽ تعزيرون ڏيندا رهيا آهن. الجاحظ (نائين صدي) انهن کي زنديق' جي نالي سان سڏيو آهي، سي اسلام جي ڪنهن بہ فرقي سان تعلق نٿا رکن، اهي 'سامي چڏي سانگ، وڃي گڏيا گورک ناٿ کي'[3].

هتي هڪڙي ڳالهہ جو اعتراف ڪرڻ لازم آهي: هن سلسلي ۾ اڳين قسطن وانگر، خود هن مضمون ۾ مواد مڙيوئي هڪ طرفو يعني هندن جي ئي لکيتن تان ورتل آهي ۽ ٻئي طرف کي جاٽي ٻجهي بہ نظرانداز ڪيو ويو آهي، جي اتفاق سان ڪنهن انگريز يا ٻئي ڪنهن

(١) سماهي مهراڻ ١٩٥٥ع، جو نمبر١.
(2) M. T. Titus: Indian Islam. p. 149.
(3) Hitti: p. 435.

جو اشارو آيو بہ آهي تہ اهو پڻ انهن ئي ڪتابن ۾ ڪم آندل ۽ قبول ڪيل آهي. متي جيڪي بہ حوالا اقتباس آيا آهن، اهي اڪثر ڪري پنهنجي اصل جو اکري ترجمو آهن. هن محدود مقالي ۾ انهن تي وڌيڪ تبصري ۽ تنقيد جي گنجائش ڪجهہ گهٽ آهي. تنهن هوندي بہ هتي اهڙو ڪچو مال ميڙي ڪٺو ڪيو ويو آهي، جيڪو وڏن ودوانن ۽ عالمن جي ئي تحقيق ۽ کوجنا جو ڦل آهي. انهيءَ ۾ ڪي اهڙيون انوکيون تاريخي حقيقتون بہ آهن، جيڪي اسان جي ادبي تاريخن جي روشنيءَ ۾ نيون نظر اينديون. اسان جا عالم اديب، انهن مان ڪهڙا نُڪتا اگهائيندا، اهو تہ استادن جي اختيار آهي. مگر ممڪن آهي تہ سنڌيءَ جي اوائلي شاعريءَ بابت انهيءَ 'ڪچي مال' مان بہ ڪجهہ مدد ملي وڃي. انهيءَ اميد سان ئي اهو ڪٻاڙين وارو ڪم ڪيو ويو آهي. جي زندگي رهي تہ انشاءَ الله، ايندڙ قسط "سنڌي شاعريءَ جي شروعات ۽ قديم سنڌ" جي لکڻ جي ڪوشش ڪبي. اول خير.

## (ث) مقالي ۾ آيل واقعا ۽ سن

## CHRONOLOGY

٨١٠-٨٠٥ ق. م. سيميراميس جي سنڌ تي ڪاهہ.

(٨٠٠-؟) = = مهاڀارت واري جنگ.

ستين صدي = = هرشنگ ايرانيءَ جو سنڌ تي حملو.

٥٥٨-٥٣٠ = = سائرس اعظم جي حڪومت.

٥٥٨ = = مهاتما ٻڌ جي ولادت

٥٣٠-٥٢٢ = = ڪئمبس جي حڪومت.

٥٢٢-٤٨٦ = = دارا اعظم جي حڪومت.

٥٢٢ = = ڌرم چڪرورتڻ. (دين جو چرخو چالو ٿيڻ.)

٤٨٦-٤٦٥ = = زرڪيز جي حڪومت.

٤٨٣ = = ڪان برهمي لپي جون ابتدائي تجرباتي ڪوششون.

(؟) = = ويد' لکجڻ لڳا.

۴٧٨ = = مهاتما ٻڌ جو چالاڻو.
٣٨۴-٣٥۴ = = ڪالاسنڪ (ڪاڪورٽي.)
٣٧٨ = = ٻي ٻوڌي مجلس.
٣٢٥-٣٢۴ = = سڪندر جو سنڌ تي قبضو.
٣٢١ = = پاتال بندر مان يونانين جي خلاف بغاوت اٿي.
٣١٦ = = سنڌ تان يوناني قبضو ختم ٿيو.
٣٠٦ = = چندرگپت موريا ۽ سئليوڪس نِڪئٽر جي مائٽي.
٣٠٠-٢٧٣ = = بندوسار موريا جو راڄ.
٢٧٣-٢٣٦ = = اشوڪ جو راڄ.
٢٥۴ = = ٽيون ٻوڌي ميڙ.
٢١٧ = = چين ڏي تبليغي انجمنون.
٢٠٠ = = راجا سالِيسڪ موريا.
١٨٧ = = موريا حڪومت جو خاتمو.
١٨٦-١٦٥ = = ڊيميٽريس بختيءَ جي سنڌ تي حڪومت.
١٦٥-١٦٠ = = ملڪ اڳاٿو ڪليٽا جي سنڌ تي حڪومت.
١٦٠ = = اڳاٿو ڪليٽا جي مينادر سان شادي.
١٥١ = = مينادر جو پاٽنا تي حملو ۽ پُشيہ متر جو موت.
١٥٠ = = 'ملندا پنهو' جو لکجڻ.
ٻيءَ صدي = = سَر سنگيت (ڇند) جي شروعات.
١٥٠ = = ايرين جو 'انديڪا' لکڻ.
١٣٧ = = يوناني ڀڪشو سنگهہ جو پاتال بندر کان سلون ڏي وڃڻ.
١٣٠ = = ميناداراعظم جي وفات.
١٢١ = = مهاتما ٻڌ جو سونو پتلو چين پهتو.
١١٠ = = انٽيالسيڊس جو سنڌ تي حملو.
١٠٠ = = اسٽريٽو 'اول' (مينادر جو پٽ) ڀڪشو ٿيو.
٩٠ = = اپولوڊوٽس جي وفات.
٨٠ = = اسٽريٽو 'ثانيءَ' جي تخت نشيني.

پھرين صدي = = ملندا پنھو مصر پھتو.
٧٠ = = استريٽو 'اول' جي وفات.
٥٨ = = شهنشاهہ ونون جي تخت نشيني ۽ پارت جو سنبت.
پھرين صدي = = پراڪرت چند 'ورڻ سنگيت' جو لکجڻ.
٣٠ = = باختري حڪومت جو زوال.
٢٠ = = اپير ۽ ستيا لوڪن جو سنڌ فتح ڪرڻ.
٢٠ = = ڪان شاهہ موئيس (ستين) جي سنڌ تي حڪومت.

## عيسوي سن جو چالو ٿيڻ

پھرين صدي رشي پنگل جي 'سوتر چندس' جو لکجڻ.
٢٠ع شاهہ موئيس جي وفات
٢٠-٢٩ع ايزس جي سنڌ تي حڪومت.
٢٩ع گندوفر (پارٿين) جو خيبر دري تي قبضو ڪرڻ.
٢٩ يا ٣٣ع ۾ سينٽ ٿامس جو سنڌ ۾ اچڻ.
٢٩-٤٠ع ايلش جي سنڌ تي حڪومت.
٣٧ع سينٽ ٿامس سنڌ مان روانو.
٤٠-٥٠ع يزلس 'ٻئي' جي حڪومت.
٤٤-٤٥ع گندوفر جو تخت باهيء وارو ڪتبو.
٤٥ع بحر عرب جي تجارتي هوائن جي تحقيقات.
٥٠ع يوچي (ڪوشان) قوم جو سنڌ ۾ اچڻ.
٥٠ع ستين حڪومت جي پڄاڻي.
٥٠ع گندوفر جي وفات.
٥٠-٦٥ع ڪجلا ڪادفيسس (ڪوشان) جي سنڌ تي حڪومت.
٦٥-٧٨ع ويما ڪادفيسس 'ٻيو'.
٧٠-٨٠ع 'پيري پلس' جو لکجڻ.
٧٨ع ڪنشڪ اعظم جي تخت نشيني ۽ سندس سنبت چالو ٿيڻ.
٨٧-٨٩ع ڪنشڪ جون چين تي ڪاهون.
٨٩-١٠٥ع چين جو شهنشاهہ هوتي.
٩٠ع ـ ڪنشڪ اعظم، چوٿين مجلس ڪوٺائي.

۱۰۲ع ڪنشڪ حڪومت کي ترڪ ڪيو.
ٻي صدي - مهاين فرقو شروع ٿيو ۽ نالندا يونيورسٽي قائم ٿي.
۱۰۲-۱۰٦ع واجشڪ (جوشڪ) جي حڪومت.
ٻي صدي - اسواگهوش، اپيرياشا جو وياڪرڻ 'ساريپترا' لکيو.
۱۰٦-۱۳۸ع هوشڪ (واسديو 'اول') جي حڪومت.
ٻي صدي - پڪشو آريه ديو، نالندا جو چانسلر بڻايو ويو.
۱۲۰ع سنڌ جي سُريلن سگهڙن جو وڦو وفد سرڪاريءَ طرح چين ڏي ويو.
۱۳۸-۱۴۵ع ڪنشڪ 'ٻئي' جي حڪومت.
۱۴۰ع ٽالميءَ جو 'جاگرافي' لکڻ.
۱۴۵-۱۷٦ع واسديو 'ٻئي' جي حڪومت.
۱۵۰-۱۵۱ع راجا ردردامن اڀير جو جهوناڳڙهه وارو ڪتبو.
۱۸۱ع اڀير جنرل (باپڪ جي پٽ) رُدريوتيءَ جو ڪانياواڙ ۾ ڪتبو.
۱۸۸-۱۹۰ع اسوردت اڀير، پنهنجا سڪا جاري ڪيا.
ٽين صدي جڻ ديو جو 'چندس شاستر'.
۲۲۵-۲۴۱ع اردشير بابگان.
۲۳۰ع واسديو 'ٽئين' جي چين ۾ سفارت موڪلڻ.
۲۳۹ع ڪنشڪ 'چوٿون'.
۲۴۸ع ڪنشڪ پنجين جي تخت نشيني.
۲۴۸ع سوڌت جي پٽ، راجا ماتري پترا اڀير، ڪلاچاري (چيدي) سنبت جاري ڪيو.
ٽين صدي يوگ چارا فرقو شروع ٿيو.
۲۷۰-۳۱۰ع مٽريا نات، جوڳ جو رحاني فلسفو پيش ڪيو.
۲۷۸ع ڪنشڪ 'ڇهين' جي تخت نشيني.
ٽين صدي پرت منيءَ جو 'نتيه شاستر'.
۳۰۱-۳۱۰ع ساساني شهنشاهه هر مزد، (واسديو 'ڇهين' جي نياٽي پرڻيو.)

٣٠١-٣٩٠ع آچاريہ اسنگ، نالندا جو چانسلر (جنهن جوگ جو پرچار ڪيو.)
٣١٥ع راجا سوامي داس اپير.
٣٤٦ع تائين واسديو 'ستين' جي حڪومت.
چوٿين صدي 'ديپ ونش' پران جو لکجڻ.
٣٥٥ع راجا پلند، اپير.
٣٦٠ع ڪنشڪ 'ستين'، شاپور 'ٻئي' ڪي روم واري جنگ ۾ مدد ڏني.
٣٦٥ع راجا ردر داس، اپير.
٣٧٥-٤٠٠ع واسديو 'انون' - اديب، 'جميعت الشعراءِ سنڌ' جو باني.
چوٿين صدي سنڌ تي ساساني حڪومت.
٤٠٠-٤١١ع فاهين جو دؤرو ڪرڻ.
پنجين صدي ترئيڪوتڪ اپيرن جي ڪونڪن تي حڪومت.
٤٠٤ع راجا نرو ورمن، اپير.
پنجين صدي لليتا وجر، نالندا جو چانسيلر ٻيو.
٤٢١-٥٠٠ع واسو بندو- منطقي، چانسيلر.
٤٥٠ع ڪان راءِ گهراڻي وارن جون حڪومت لاءِ اوائلي ڪوششون.
پنجين صدي گهيہ سماج (ڳجهو فرقو) قائم ٿيو.
= = 'مهاونش' پران جو لکجڻ.
٤٥٢ع هوڻ سردار اٽيلا قتل ٿيو.
٤٥٥ع راجا ڏاهر سين 'ترئيڪو تڪ' (اپير) جو امرڪ نگر وارو ڪتبو.
٤٨٩ع راجا وياگهرسين ترئيڪوتڪ.
٤٩٥ع ڪان سنڌ تي راءِ گهراڻي جي حڪومت.
پنجين صدي دوهي جو پهريون مجيل شاعر جئند، 'جوڳ سار' دوها.
= = ڊيناگ، منطقي - فلاسافر.
= = 'منجسري مول ڪلپ' (تنتر) جو لکجڻ.
٥٠٢-٥١٥ع هوڻن جو سردار تور ماڻ ڪشمير ۾.
٥١٥-٥٣٠ع مهر ڳل هوڻ پنجاب ۾.

٥٥٧-٥٦٧ع ولڀيءَ جو راجا گھه سين.
٥٦٣-٥٦٧ع هوڻن جو خاتمو.
٥٨١ع ڳاٽن جي وڏي ٽولي چين ۾ پهتي.
٥٨١-٥٩٥ع چين جو شنشاهه ڪوُتسوُ.
٦١٨-٩٠٧ع چين ۾ تانگ حڪومت.
٦١٩ع سسانڪ گپتا، مهاپوڏي وڻ وڍرايو.
٦٣٠-٦٤٤ع چينائي مسافر هيون-تسانگ.
٦٣٢ع ڪان سنڌ ۾ برهمڻ حڪومت.
٦٣٥ع ڌرمپال، نالندا جي چانسيلر جوڳ فلاسافيءَ تي ڪتاب لکيا.
ستين صدي مڇندرناٿ جو 'ناٿ پنٿ'.
٦٤٣-٧١٤ع نيپال جو لِڇوي راجا، نريندر ديو، مڇندرناٿ جو معتقد بڻيو.
٦٩٠ع سرهاپا جي ولادت.
٧٠٠ع ڀامهه جو 'ڪاويه لنڪار' (اپڀرنش).
٧٥٠ع ڪان سرهاپاءَ، سندس ٽئين 'تنتر-طريقي' جو هادي (امام) مڃيو ويو.
٧٦٠ع ۾ سرهاپاؤ جي وفات.
٧٧٠ع سنڌ جا ڀڪشو بنگال ۾ (راجا ڌرمپال وٽ) وڃي پهتا.
٧٧٨ع ۾ آچاريه آديوتن سوري، 'ڪوليه مالا ڪها' لکيو.
٧٨٨-٨٢٠ع شنڪر آچاريه، هندو ڌرم کي نئون روپ ڏنو.
٨٠٢ع راجڪمار سندن، سياسي سفارت سان گڏ، سريلا ڳيت چوندڙ، چينائي دربار ۾ تحفي طور پيش ڪيا.
٨٣٦-٨٨٥ع راجا مهربوج (پرهياڙ).
٨٩٣ع ڪان مهيندرپال 'اول' (پرهياڙ).
نائين صدي جٽرام جو 'ڌرم پرڪش' (اپڀرنش).
= = سويمڀو چندس.
٩٠٠ع ڪهنو پاؤ، (آچاريه).
٩٠٠-١٠٠٠ع ڪويراج سيکر.
ڏهين صدي ديوسين جا 'ساوڪ ڌرم' دوها.

٩١٢-٩٣١ع راجا مهيپال پرهياڙ.
٩٣٢ع ديوسين منطق تي جو 'نيايہ چڪر' (اپيرنش).
٩٤٢ع ۾ پدم ڪيترتيءَ جو پاسناهہ چاريو' (اپيرنش).
٩٤٢-٩٩٥ع مولراج سولنگي.
ڏهين صدي لاکو ڦلاڻي مارجي ويو.
٩٤٨-٩٤٩ع راجا ديوپال (پرهياڙ).
٩٥٥ع مهيپال، 'پيو' (پرهياڙ).
ڏهين صدي خوفناڪ زلزلو.
٩٦٥ع پشپ دنت جو 'جسهر چاريو' (اپيرنش).
٩٧٢ع پشت دنت جو 'نايڪمار چاريو' (اپيرنش).
٩٨٧ع هري سين جو 'ڌرم پرکا' (اپيرنش).
ڏهين صدي سوراشٽر ۾ اپيرن جو اوج.
ڏهين-يارهين صدي سُمنگ چارڻ، سنڌي ۾ دوهي جو پهريون مجيل شاعر.
١٠٢٤ع محمود غزنوي سومنات فتح ڪيو.
١١٤٨ع ڪلهڻ جي 'راج ترنگڻي'.
١١٥٨ع هري پدر سوريءَ جو 'سنڪمار چاريو' (اپيرنش).
ٻارهين صدي پير پٺو ديبلي.
١٣٢١-١٣٨٦ع ساينہ ماڌو، ويد وياس.
چوڏهين صدي شيخ حماد.
١٣٩٨-١٥١٨ع ڀڳت ڪبير.
پندرهين صدي جوڳي ساڌنا (سيوهاڻي).
١٤٦٩-١٥٣٨ع گرونانڪ.
١٥٥١ع قاضي قاضن جي وفات.
سورهين صدي 'الوپنشد' (اپنشد).
١٩٣٠ع ۾ جيمس پرنسيپ پراڻي برهمي لپيءَ کي پهريون دفعو پڙهيو.

# سُمنگ چارڻ

## (سنڌ جو هڪ قديم چارڻ)

ويهين صديءَ جي هن سائنسي ۽ تحقيقاتي دؤر ۾، دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ مختلف علمن (خاص طرح علم اللسان ۽ طبقات الارض) جا ماهر، جديد تحقيق جي اصولن تي، جنهن مستند طريقي سان ڇنڊڇاڻ ڪري، قديم قومن ۽ ڪُهنين تهذيبن جا تاريخي ۽ تمدني پهلو اجاگر ڪري چڪا آهن؛ تن جي روشنيءَ ۾ ڪنهن به قوم جي ثقافتي ۽ ادبي ورثي جي صحيح قدامت ۽ قدر ڪٿڻ البت آسان ٿي چڪو آهي. انهيءَ ڏس ۾ واديءِ مهراڻ جي تاريخ، تمدن ۽ ادب جي عظمت ۽ قدامت پڻ، اڄ هڪ مجيل حقيقت جي حيثيت حاصل ڪري چڪي آهي.

زبان، جيڪا ادب ۽ ثقافت جو هڪ اهم عنصر آهي، ان جي باري ۾ پڻ بين الاقوامي معيار تي نوان نوان نظريا نروار ٿي چڪا آهن، جن جي آڌار تي ڪنهن به ٻوليءَ جي قدامت ۽ اصليت بابت وڌيڪ صحيح نتيجا قائم ڪري سگهجن ٿا. سنڌي زبان پڻ اهڙين آزمائشن ۽ تجربن سان منهن مقابل ٿي چڪي آهي ۽ جيئن منهن مهت تيئن سُرهي، جي مصداق، ڏيهي توڙي پرڏيهي محقق ان جو مادو ۽ اصل اجا ڪي اڳرو مڃي رهيا آهن.

اسان جي ادب جي ابتدا ۽ ان جي اوسر جي آڪاٽي ته اجا به اؤر ٿيندي ٿي وڃي. سنڌ جي جُڳان جڳ جهوني شاعري ۽ ڪتابن جي ڪُهني ڪوپتا ديويءَ، هاڻي پنهنجي مشتاقن اڳيان، هري هري حجاب جا نقاب هٽائڻ شروع ڪيا آهن. پنهنجيءَ گنير گت سان ماضيءَ جي مڪانُ ڏانهن مڙندي، پنهنجن متوالن کي مام ۽ ميچ سان موهيندي،

انهن ڪي سندس اصلي آستان ڏانهن نيئي رهي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌ جي سرويچ سروائن ۽ ساهت جي سوجهيندڙ سڄاڻن، انهيءَ پريءَ پيڪر جا پير ڪڙيندي، جيڪا وٺڪار وِڙي آهي ۽ جيڪي ڏونگر ڏوربا آهن، تن ڪي سچ پچ تہ جس جڳائي. انهي سبوجهہ سڄڻن، سپون سوجهي منجهائن جيڪي ماڻڪ موتي ميڙيا آهن، سي تحسين جي لائق آهن. پر:

"تِهان ڏور سڄڻ، واڏايون وصال جون".

جڏهين اسين هن بحر بيڪنار کي پار ڪريون: جڏهين هزارها سالن جي هن قديم ۽ عظيم قوم جي علم ۽ ادب جا اهم اهڃاڻ ۽ قيمتي ڪڙيون ڳولي هٿ ڪري، انهن کي تناسب ۽ ترڪيب سان پچائي ملائي، دنيا اڳيان پيش ڪريون: ۽ دعوا ۽ دليل سان دم هڻي سگهون تہ اسان جو ادبي ورثو ۽ ترڪو مستند طور ڪيترو نہ قديم، عظيم ۽ قابل قدر آهي!

ادبي تاريخن ۽ تذڪرن ۾ هيل تائين قاضي قاضن (متوفي ١٥٥١ع) کي چند جي ماترائن تي دوها، سورٺا، ڏاهيندڙ سنڌ جو پهريون شاعر مڃيو پئي ويو پر اڄ، محققن انهيءَ کان بہ گهڻو اڳ جا امڙا اتڪل سورهن سڄاڻ سگهڙ سوجهي هٿ ڪيا آهن، جن جي ڪلام جو "مشت از نمونہ خروار" نمونو پڻ غواصن سطح تي آندو آهي، جو سڀ ڳاهن جي صورت ۾ آهي. مٿين معلوم ڪيل ملوڪ مان مکيہ هي آهن:

(١) شيخ حماد جمالي،

(٢) پير صدرالدين

(٣) درويش نوح هوٿياڻي،

(٤) پير حسن ڪبير،

(٥) پراڙ فقير

(٦) سلطان حسين آپلاڻي عرف پير پنو ديبلي،

پيش ڪيو آهي. سو حقيقت ۾ توجهہ جي لائق آهي. مٿير مانجهين جا مقابلا. ڪونڌرن جي ڪُسڻ جا المناڪ حادثا. سخي ڏاتارن ۽ مهمير مَردن جا مناقبا. اهڙي تہ ڪوڏ ۽ لوڏ سان ڳايائون. جو اهي اڄ بہ امر آهن. سومرن جي دؤر جون اهي رنگين ۽ سنگين تنوارون ۽ جهونگارون ئي آهن. جن اسان جي موجود سدابهار ۽ عظيم ادبي گلستان کي اوائل ۾ پيچي (Nursery) جو ڪم ڏنو آهي. ڳاهن جو سرجڻ ۽ انگورجڻ، سومرن جي بلڪل اوائلي زماني يارهين صديءَ ۾ ٿيو آهي. جنهن جي معنيٰ تہ ڳاهن جي حقيقي حيثيت کي قبول ڪرڻ سان. اسان کي اڄ کان اٽڪل هڪ هزار سال اڳ جي رائج سنڌي شاعريءَ جو نمونو ملي وڃي ٿو.

ڳاهہ، اصل ۾ اپڀرنش (پراڪرت) لفظ 'گاٿا يا گاها' آهي. ۽ ان جي معنيٰ آهي 'ڳائڻ'. (اسم) يعني جيڪي ڳايو وڃي يا جو ڪجهہ سُر سان چئجي. (Melody, Modulation lyric) ڳيچ. ڳاچ. ڳيت ۽ ڳائڻ (هندستانيءَ ۾ گانا. گيت وغيره ۽ اهڙا ٻيا سڀ لفظ ڳاهہ جا ئي مٽيل مهانڊا آهن. هندي ادب ۾ بہ معلوم ڪيل شاعريءَ جي آڳاٽي صنف 'گاٿا' ئي مڃي ويئي آهي- انهيءَ ڪري هندي ادب جي تاريخ جو اوائلي دؤر بہ 'وير گاٿا ڪال يا وير ڳاها جڳ' جي عنوان سان شروع ٿئي ٿو.

لڳ ڀڳ نائين-ڏهين صدي بڪرمي ڌاري هندي ادب جي تاريخ شروع ٿئي ٿي. "وير گاها" (ويررس) جو ڀريون مجموعو، ديش وڃيہ جو ٺاهيل "کمڻ راسو"، (٨٧٠-٨٩٠ع) مرتب داستان جي صورت ۾ اوائلي حيثيت رکي ٿو. بقول ڪرنل جيمس ٽاڊ، انهيءَ عرصي ۾ بغداد جي خليفي مامون الرشيد عباسيءَ، چتور جي راجا کمڻ راءِ تي حملو ڪيو هو[1]. هندي ادب جي پختگي اٽڪل يارهين-ٻارهين صديءَ ڌاري آهي. انهيءَ زماني ۾ 'چندربردائي' نالي هڪ چارڻ، جيڪو (پاڳو پان

(١) هي واقعو تاريخي طور ڪيتريقدر درست آهي، ان لاءِ تاريخون خاموش آهن.
غ. م. گ.

وانگر) پرٿوي راج چوهاڻ جو درٻاري ڀَٽ هو. تنهن "پرٿويراج راسو" جوڙيو، جنهن جا وير گيت (دودي چنيسر جي رزميه ڳاهن وانگر) بهادريءَ ۽ حب الوطنيءَ جي جذبات سان آراسته آهن[1]. عيسوي ٻارهين صديءَ ڌاري راجستان جي راجائي درٻارين ۾ ڀَٽ ۽ چارڻ، جنگ و جدل ۽ بهادرن جي ڪارنامن جي منظرنگاريءَ تي مامور ڪيا ويا. راجستان ۾ اڪثر اهڙيون لڙايون محض جاه و جلال جي نمائش خاطر به لڙيون وينديون هيون. وير رس گيتن ۾ 'همير مهاڪاويه' پڻ قابل ذڪر آهي. 'بيسل راسو' (سنبت ۱۲۱۲) ۾ 'بيسل ديو' جي بهادريءَ سان گڏ، مالوا جي پرمار ڪماريءَ سان سندس پيار جي پچار پڻ ڪيل آهي. اهڙيءَ طرح تيرهين صدي عيسويءَ کان 'وير رس' (رزميه شعر) ۽ 'سينگار رس' (عشقيه شعر) جو پاڻ ۾ ميلاپ شروع ٿيو. رزم ۽ رومان جي ميل جي اها روايت بدستور جاري رهي، تان جو چوڏهين صديءَ ڌاري نج عشقيه شاعريءَ (سينگار رس) جو دؤر به آيو. 'وير ڳاٿا جڳ' پوءِ به برڪمي سنبت ۱۴۵۰ تائين هلندو آيو ۽ همير ديو

(۱) 'چندر برڊائي' ۽ سندس 'پرٿويراج راسا'. علمي حلقن ۾ هڪ اختلافي مسئلو بڻجي چڪو آهي. عالمن ۽ محققن جي راءِ آهي ته اهو ڪتاب جعلي ۽ الحاقي آهي. جو سورهين يا سترهين صديءَ ۾ تاليف ڪري، 'چندر برڊائيءَ' ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي. ناقدن ان ڪتاب جي لساني پهلوءَ سان گڏ، ان جي مواد جي تاريخي طور چنڊڇاڻ پڻ ڪئي آهي. محققن جو آخري فيصلو اهو بيٺو آهي ته "پرٿويراج راسا" ۾ ڏهه سيڪڙو فارسي ۽ عربي لفظ موجود آهن. ان مان صاف ثابت آهي ته اهڙي ابتدائي زماني ۾ اجمير ۽ دهليءَ جي زبان ۾، عربيءَ ۽ فارسيءَ جا ايترا لفظ آميزش ٿي وڃن، سو ناممڪن آهي. لساني حيثيت سان، اڄدو توڙي هندي زبان جي تاريخ ان آميزش کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. ٻيو ته ان ڪتاب ۾ شهاب الدين غوريءَ جي سخت شڪستن کي جنهن غلط ۽ افسانوي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ان جي ترديد خود هندو محققن به ڪئي آهي.

ان طرح 'راسا' ۾ اهڙن جنگي هٿيارن جو بيان موجود آهي، جي سلطان ۽ پرٿويراج کان ڪيئي صديون پوءِ، بابر ۽ آخري مغل بادشاهن جي زماني ۾ پيدا ٿيا. مثلاً توبون، بندوقون، زنبورڪ ۽ ٻيا آتشي اوزار وغيره ٿيون ته خود بادشاهه جو نالو به غلط استعمال ڪيو ويو آهي. شهاب الدين، سندس ٻارائي وهيءَ جو نالو آهي. بادشاهه ٿيڻ تي پاڻ کي معزالدين محمد بن سام سڏايائين. سندس سرڪاري حڪمن دستاويزن ۽ سڪن تي به معزالدين نالو آيل آهي. ان ڪري اگر 'راسا' جو مصنف، سلطان معزالدين جي معاصرن مان هجي ها ته پوءِ هو 'شهاب الدين' نالو نه آڻي ها! 'راسا' ۾ توپ ۽ بندوق جو ذڪر، ۽ زبان ۾ ڏهه في صدي عربي، فارسي لفظن جي آميزش مان ظاهر آهي ته هي ڪتاب مغل دؤر ۾ لکيو ويو آهي- جيالاءِ ته مغلن کان اڳ هندستان ۾ توب ۽ بندوق جو تصور ئي نٿو ڪري سگهجي.

چنانچ مهامهو پاڌيا ڪبراج شيامل دانجي، ۽ حافظ محمود شيراني، تاريخي بحث ڪري، ثابت ڪري چڪا آهن ته اهو ڪتاب جعلي آهي. ڏسو 'هندي نورتن' ص ۵۲۰ ۽ 'پنجاب ۾ اردو' ص ۱۲۶. اميد ته سنڌي اهل قلم دوست، ان ڪتاب جي حوالن کي استعمال ڪندي ڪجهه خيال ڪندا. - غ م. گ

جي عهد حڪومت جي خاتمي سان گڏ. ڳاهن جو پنج ست صديون پراڻو دور پڻ پورو ٿيو. هندي ڳاها وانگر سنڌي ڳاهن جي شروعات پڻ ڪن ڪردارن جي شخصي ساراهه يا سِٺَ ڪرڻ سان ٿي آهي. پوءِ جي ڪن ڳاهن ۾ وري دعائون ۽ تمنائون به ظاهر ڪيل آهن. جيئن شيخ حماد جي هن ڳاهه مان جام تماچي ۽ پٽس صلاح الدين لاءِ دهليءَ جي بند مان نڪري ننگر پهچڻ، ۽ جوٽي جام ڪان تخت وٺڻ جي تمنا ۽ دعا ڪيل آهي:

صلاح الدين تماچي ايندا سيگهه سري،

جوٽا جهڙ جهپيو، پيس ڪوٽ ڪري.

سمي پٽي، انهن ۾ سڪار ۽ امن جي زماني ۾ تفريح طبع خاطر عشق جو اظهار پڻ رسمي طرح ٿيڻ لڳو. جيئن اڏي ڪيهر ۽ هوتل لگا مريءَ جي ڳاهن ۾ آهي.

سمن جي دؤر جا جيڪي به بزرگ شاعر اڄ تائين معلوم ڪيا ويا آهن، تن سڀني گهڻو ڪري ڳاهون ئي چيون آهن، جو تہ ڳاهن جي سٽا ، سادي، موضوع سادو ۽ انهن جو قالب پڻ قدري لچڪيدار ۽ وزندار آهي. سندن مضمون به واقعاتي بيتن وانگر، انهيءَ دؤر واريءَ سنڌ جي حدن اندر ٿيل تاريخي واقعن جي تذڪري تي ٻڌل آهي. اهي ڳاهون ئي آهن، جن ۾ سومرن ۽ سمن واري تاريخي دؤر جا اعتبار ڪرڻ جوڳا ۽ مستند احوال ملن ٿا. جن جي ميڻ لاءِ اسان وٽ معتبر تاريخي حوالا پڻ موجود آهن. مثلاً سلطان حسين ابلاٽي (پير پٺي ديبلي) جي هن ڳالهه ديبل بندر تي سمنڊ جي وير چڙهڻ، انهيءَ سيلاب ۾ ديبل شهر جو غرق ٿيڻ، خلق جو دربدر ٿيڻ ۽ سلامتيءَ خاطر مڪليءَ ۽ ٻين مٿاهين ٽڪرين تي ٽڙي پکڙي وڃڻ جو المناڪ تاريخي واقعو بيان ڪيل آهي.

ديبل پاس ڏڪيلجي، آيو آب اپار،

مڪليءَ ماڳ مٿاهينءَ، ٿياسون ڏارو ڏار.

اهڙن امڃائن مان خاطري ٿئي ٿي تہ هيئت توڙي موضوع جي اعتبار کان. ’ڳاهه‘ سنڌ جي سخن گوئيءَ جي بناءُ ۽ بنياد آهي، جنهن

استاد شاعر پنهنجا جوهر ڏيکاريندا پئي آيا آهن. تان جو سنڌ جي سالڪ سيد علي ثنوي (متوفي ۱۵۷۳ع) انهيءَ قائم ڪيل قالب اندر پورين ڇٽن سٽن جو مڪمل بيت بيهاري ڏيکاريو. جنهن جو موضوع ۽ مضمون پڻ مجازي ۽ حقيقي راز جو آواز آهي. انهيءَ زماني ڌاري ڌهڙي جي ڏاڏيءَ ماتا، ڳاهه ديويءَ پڻ سٽن صدين جي عمر ۾ هي جهان ڇڏيو.

سمنگ چارڻ جو سمو سندس سهاڳ جو سمو هو. جنهن ۾ ڦلي ۽ ڦولي رس ۽ رنگ ڪيائين. سمنگ جو ڪاويه رس جو رنگ ئي نرالو آهي. ساراهه، سِٽ، سورهيائي ۽ ثنا جا سڀ عنوان آندا اٿس، پر مرثيه ۽ مزاح وارا مضمون پڻ موجود آهن. قافيي ۽ بند جي بيهڪ ۾ به برابر محتاط رهيو آهي، تان جو آخر عمر ۾ ته ڳاهن جي انهيءَ سلسلي ۾ سندس ڪَسَبُ ڪماليت جي ڪڙيءَ تي بيٺل نظر اچي ٿو.

"همـيـران پو راهه، راڄ نه ڪندا سومرا."

سمنگ چارڻ جونالو، متي معلوم ڪيل سورهن ئي سچاڻ سگهڙن کان اول اچي ٿو. هو قاضي قاضن کان ڪم از ڪم به صديون اڳاٽو آهي. سومرن جي صاحبيءَ کان ئي سندس غوغاءُ سُڄي پيو. هو اصل سنڌ ۽ ڪڇ جي سرحد لڳ 'ڪيرا ڪوٽ' جو رهاڪو هو ۽ 'ڄام لاکي' جي راڄ جو مڱڻهار هو. هو سومرن جي راڄ جو سخت مخالف هو ۽ سِما پرستي سندس سرشت ۾ سمايل هئي؛ سڄي عمر سنڌ جي سير ۽ سفر ۾ گذاريائين، جو ڀارٽن جي اها آبائي ۽ امتيازي عادت هئي. جنهن جي شاهه صاحب پڻ وضاحت فرمائي آهي ته:

چــارڻ سي چــئـجن، جنهين سڪ ناهه ڪو،
رمي راهه پُڇن، مـــــتي ڪُلهن ڪينرا.

سومرن جي پوئين پڳدار، راءِ همير جي ڏينهن ۾، سمنگ چارڻ ملڪ جو گشت ڪندو، سنڌ جي سرويچ سما سپهه سالارن جي سورهيائيءَ جون ڪيرتون ڳائيندو وڄائيندو، نامور سما ڏاتارن وٽ رس رهاڻيون ڪندو، ڪانئن ڏان ۽ انعام اڳاڙيندو، اچي همير سومري

غريبان ۽ ڳوٺن، ڇيون ڪري ٻڙڪي نڪتو ۽ اتي ئي ڪَنَ تي هٿ رکي، نهايت بيدپائيءَ سان المناڪ آواز ۾ ڳاهه ڳايائين. جي:

همير ڪان پيئي، سومرن ڪان ويئي،
همير ڪان پوءِ، راڄ نہ ماڻن سومرا!

هيءُ قهري ڪانءُ غضب جي زبان مان، وڄ وانگر واڪو ڪري وَهي ويو. سمنگ جو سراپ هنڌين ماڳين هَلي ويو. ماڻهن ۾ اڳيئي ميجتا هئي، تہ فقير جي وائي ڌڻيءَ در اگهاڻل آهي، تن فقير جي هن پاراتي کي سومرن جي پڇاڙيءَ لاءِ اٽر اڳڪٿي ڪري قبوليو. ۽ انهن جي آڌ وڌائي جي انت جو انتظار ڪرڻ لڳا. فقير پنهنجي مال متاع تان آسرو پلي، پنهنجي ٻيلين ساڻ جهنگ منهن ڪري نڪري پيو. ۽ سومرن جي سينہ زوريءَ جا سور هر ڳوٺ ڳليءَ ۾ ڳائيندو رهيو. انهن جي انياءَ ۽ ارڏائيءَ جا اوڳڻ عوام اڳيان اپٽاري، انهن کي اپاريندو آيو. 'ڪٿ نڪٿ نهاريندي، انهن کي آگاهہ ڪيائين تہ سومرن جي صاحبيءَ جو ويلو وهامي رهيو آهي.

ستينءَ هو سوجهرو، آتينءَ تي اونداهہ،
هميراڻي باهہ، وسائي ورهين کي.

مٿين ڳاهہ ۾ فقير، ستين سن کي ڳائيندي وضاحت ڪئي آهي تہ، "بيشڪ پونگر راءِ اول جي واري ۾ سومرن جي راڄ جو روشن زمانو هو. پر اٺين صديءَ (هجريءَ، جنهن ۾ تاريخي حوالن مطابق سندن صاحبيءَ جي سڄ تپي ڏني آهي)، هاڻي انڌاريءَ رات جو روپ وٺندي وڃي ٿي. همير جي حڪومت هاڻي هميشہ لاءِ پنهنجو تاب ڇڏي چڪي آهي ۽ سندس پوين مان ڪو بہ پڳدار ڪونہ ٿيندو."

فقير جي ميجتا ۽ مقبوليت جو اهو عالم هو، جو سندس وات مان نڪتل وڻ، سومرن جي سهائي سڄ مٿان ڪاري ڪڪر وانگر ڇانئجي ويا ۽ ان کي ابد تائين اونداهو ڪري ڇڏيائون. پبلڪ ۽ پرجا کي اهو ويساهہ ڏيارڀائين تہ هاڻي هميراڻي حرص جو ڏيو، هميشہ لاءِ گل ٿيڻ وارو آهي. پڳدار سومرن جي سلسلي ۾ 'سناويهين پڳ' دودو هو. جنهن جي راڄ ۾ تہ ڪجهہ سهاءُ هو، پر سندس پوٽو همير پويو

جو اٺيهين پيڙهي هو. تنهن جي گادي نشين ٿينديئي، راوَن جي راڄ متان اهڙو کو نحس گرهہ اچي ويٺو، جو سندن سهاڳ جو ستارو، آهستي آهستي ٽمڪندو آخر غائب ٿي ويو. سمنگ سندن پيڙهين ۽ پڳڙين کي پهندي ۽ پچاريندي پڪاريو تہ:

ستاويهين سهاءُ هو، ڪٺي اٺيهين اونداهہ،

همـــــيــــراڻي باهہ، ٻري نہ ٻري جــــهـــــڙي.

هن فقير ڳهير جي ڳوڙهين ڳاهن جي ڳٺڳوپ مان، هڪ ڳجهي ڳالهہ بہ ڳولي سگهجي ٿي. مٿيان انگ اکر (سٺين، انين ستاويهين ۽ اٺيهين وغيره) سڀ حڪومت جي هيبت ۽ حراس کان، استعاري ۾ ويڙهيل معمائون آهن. سمنگ جي ڪلام جو ڪمال اهو چئبو جو سندس سخن جي سوز، سومرن خلاف ملڪ ۾ اهڙي تہ بغاوت جي باهہ ڀڙڪائي، جو هميراڻي حڪومت ان جي لپيٽ چپيٽ کان بچي نہ سگهي. حقيقت ۾ همير خود ڪکر ۾ ڪڙو هئي، ان جا ڏينهو ساري ڏيهہ ۾ پکيڙي وڌا. 'شامت اعمال او. صورت سومنگ گرفت.' هاڻي تہ هيءَ مست بہ اچي مچريو. سومرا حڪومت کان نجات حاصل ڪرڻ، هاڻي سمنگ جي باقي حياتيءَ جو نصب العين بڻجي چڪو هو. ۽ انهيءَ مقصد ماڻڻ لاءِ هن پاڻ کي سچ پچ وقف ڪري ڇڏيو هو. سنڌ جي سياست ۾ سمنگ جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي، انهيءَ جي مدنظر سندس مرتبو ۽ منصب، اسلامي تاريخ جي هيرو ۽ جڳ مشهور خطيب ابو مسلم خراسانيءَ جي مد مقابل آهي. جهڙيءَ طرح عباسي خلافت جي هن انقلابي داعيءَ ۽ گفتار جي غازيءَ پنهنجي زور زبان ۽ جادو بيان سان، دمشق جي جابر ۽ جلاد اُموي امراءَ جو انت آندو، ۽ عباسي اقتدار جو عَلَمُ بغداد مٿان بلند ڪيو. تيئن سمنگ پڻ سنڌ ۾ سومرن جي سلطنت جو انت آندو ۽ سمن جي سياسي سهاڳ جو سنڌ تي جهنڊو جهولايو.

سومرا سلطنت جي زوال واري زماني ۾ بادشاهي گهراڻي مان تڏي جا خان، جي مهمان کي ماڻ ڏيندا هئا. پنهنجو وارو وڃائي ويا هئا. سندن پوين مان اهو اباڻو انگ ۽ ننگ نڪري چڪو هو. سي هاڻي پنهنجي ماڳن تي جهوڪ ويلي جهيڻي باهہ ٻاريندا هئا. تہ مٿان انهيءَ

سوپارو ٿيو. هاڻي وڏن ماڻهن ۾ به اچي وڳوڙ پيا ۽ راجائي گهرائي ۾ به رڳڙا ۽ ڦڏا پيدا ٿي پيا. مٺي مومل جو معاملو به ان موقعي جو مسئلو بڻجڻو هو. جيئن ته راڻي مينڌري جو بادشاهه پيٺويو هو ته سوڍو وري سگ ۾ سندس سالو ۽ وڏو وزير هو. تن ۾ ڦيٽهڙو پئجي ويو. جنهنڪري سوڍا (جيڪي سندن صاحبي جي سچي ٻانهن هئا سي) ۽ سومرا پاڻ ۾ پاسيرا ٿي پيا. ٻئي طرف وري راءِ همير ۽ هالو چامر جيڪي هڪٻئي جا سڳا سيڻ هئا. سي به سگن ٻندن تان اهڙا اچي ٻاهڙيا. جو هيڪاري هنگامو مچي ويو. ڳالهه نيٺ اتي اچي پهتي، جو چامر هالي جا پٽ –چامر هوٺي، پلي ۽ علي– پڙ تي نڪري نروار ٿيا ۽ ميدان ملهائي موچارا ٿيا. انهيءَ موقعي جي هن ڳاهه ۾. پليءَ چامر کي غيرت ڏياريل آهي ته:

پلي پاڻي نه پيءُ، علي ان نه کاءُ،
هميراڻي ڪوٽ سان، جان جان جنگ نه ڪياءِ.

هالي چامر جو ڪونڌر ڪنئونر، ڪٽڪ جو ڪرڀو، 'هوٺي چامر' به وڏو وير وريام هو. هن جهونجهار جي جنگ جو به جهر جهنگ غوغاءُ هلندڙ هو. هن پاونگ جي پچار ڪندي سمنگ سندس سورهيائيءَ جي ساک ڀري آهي ته:

وٺين جهلينو نه رهي، هوٺي سندو گهاءُ،
ڪونه پرائيندو پاءُ، تنهن سان وجهي مامرو.

بيشڪ چامر هوٺي به ڏهيسر هو. هيءُ راوت رڪ وهنديءَ راند جو ميڙهي ۽ مانجهي هو. پر: (هن)

ڪڳمار ڪِلندي جهليا، نَوَ سؤ ۽ نَوَ گهاءُ،
پلي به پلٽيو پڙ ۾، ڀيڙ هوٺي ڀاءُ.

سمن نيٺ رڻ کي رت سان رڱي لال ڪنوار بڻائي ڇڏيو. آخر هوٺي گهوٽ ڳچير، انهيءَ رتڙي رڻ کي، موڙ ٻڌي ماڻيو. سندس ماتم جو هيءُ مرثيو ملڪان ملڪ مشهور ٿيو ته:

هوٺيءَ سنديءَ ڦٽيءَ کي، هو گيو گيور گَل،
سڀ مرن سومرا، تو ڪونهي ڦٽيءَ مَلُ (مَلهه).

ڦٽيءَ جو ملھہ بيشڪ مھانگو نڪتو. اھڙن افعالن ھاٿي حاڪم بہ سڃي ڏيھہ ۾ ڏنو تي ويو. سوڍا ۽ سما بہ سندس ساٿ ڇڏي پري ٿيا. سمن جا حڪومت سان نزاع ويا وڌندا. چارڻ ۽ عوام بہ پاڻ ۾ ملي ھڪ ٿي ويا. نيٺ سمن جي ساري سرس تي ۽ سنڌ ڄي صاحبي سندن حوالي ٿي.

سمنگ پنھنجي مشن ۾ سوڀارو ٿيو. سمن جو راڄ پنھنجي اکين سان ڏٺائين ۽ سمانگر جي رھاڻ جو "رتَنُ" بنيو. پر وڏي ڄمار ڪري ڪو عارضو اچي ٿيس، سو ڄام جي سلام تي وڃڻ کان معذور ھو. چون ٿا تہ سندس عمر ان وقت سوا صديءَ کان بہ سرس ھئي. ڏينھن- وار تي بادشاھہ ڏانھنس ڏولي ڏياري موڪليندو ھو، ان جي سَندَ لطيف وٽان ملي آھي:

چارڻ چاڙھي چوڏول ۾، تھان پوءِ نيو،
اچي رات ڪئو، سرفراز سيد چئي.

(سر ود برياتي)

ڪمار ۽ جوابدار چوڏول ڪٺائي، اچي سندس جھوليءَ اڳيان جھمندا ھئا ۽ سمنگ کي سمي ڄام جو سنيھو سڻائيندا ھئا تہ:

آءُ متاھون مگڻا، چڙھي ۾ چوڏول،
توکي گھوٽ گھرائيو، راڄا منجھہ رتول.

(شاھہ)

فقط اھڙي موقعي تي جھونو پاڻ ڪٺائي وڃي ڪچھريءَ ۾ حاضر ٿيندو ھو. نہ تہ بارھوئي گھر وسايو وينو ھوندو ھو. سما ڄام کيس گھر ويني ئي وظيفا ۽ ڏان ڏياري موڪليندا ھئا. سمنگ جيتوڻيڪ پيريءَ ۾ باتاري وسايو وينو ھوندو ھو، پر سندس ڳاھن کي پکيءَ وارا پَرَ پيدا ٿي انھيءَ عرصي اندر ٿيا. ساري ڄمار جا سمن جي ثناخواني ڪئي ھئائين، تنھن ھينئر ڦني ڦر ڏنو. سندس سرپرست سخي سما ڄام، دريا دل داتا ھئا، جي مسڪين پروري ۽ ڪرم نوازي- جي تنگ کان گھڻو ناليرا آھن. سمنگ سندن انھيءَ انسان دوستيءَ، ھردلعزيزيءَ ۽ غريب نوازيءَ جي گن ڪي، سندن شاھاڻي شان جي

شايان ڳايو وڃايو آهي. سنڌ جي سڄيءَ سمات برادريءَ مان "ست سورهيہ ۽ ڏهہ ڏاتار" ڳڻي ڳايا اٿس. مدحيہ مضمون واريون اهڙيون ڳاهون، سنڌ جي سگهڙن ۾ اڄ بہ عام آهن:

کيشب گهر سورهہ هو، واسنگ گهر تاکو،
اوڍي گهر جکرو، ۽ ڦول گهر لاکو.

اهڙيءَ طرح (١) سخي سُپڙ ڄام چوٿائي، (٢) راءِ ويري جو پٽ راءِ ڏياچ چاوڙو، (٣) جکرو اوڍئي، (۴) اوڍو جکرائي، (۵) لاکو ڦلاڻي" (٦) ڄام ڪرن، (٧) ڄام هٿند ٽتڌيائي، (٨) جسوڌڻ اڳڙو، (٩) وکيو ڏاتار ڄاڙيجو ۽ (١٠) سخي ساهڙ ڄام رونجهو: اهي 'ڏهہ' ئي هن ڌيهہ جا ڏاتار، سنڌ جا سينگار، سمنگ جي ساهہ ۽ ساز جو آواز آهن. انهن کان علاوه پيا 'ست' سرفروش سورما سما: (١) ڄام انڙ وير، (٢) ابڙو اڙٻنگ، (٣) ٻونٹرو پاونگ، (۴) بانکو بداماڻي، (۵) ڪاراٽڙو ڪونڌر، (٦) هوتي وريام ۽ (٧) لاکو ڦلاڻي - جن ڪلندي ڪڌندي ڪنڌ ڪپايا، انهن جا پار ڪيڍي ڪين نروار ڪيائين (چي: پينگهي پائي لوڏ، سر سمي ڄام جو) اهڙن اوسارن مان هوتي ڄام جو ماتام مٿي مذڪور آهي.

اهڙن چتر زبان چارڻن ۾، ٻوٽين ڏوڙ جو "جمن چارڻ" مدح گو شاعرن جو سر موڙ ٿي گذريو آهي. پر اصل چارڻ جي چئجن، تن ۾ بيجل پڃاڻا 'سمنگ' چارڻ ئي هڪ اهڙي هستي آهي، جنهن کي وڏي تاريخي اهميت حاصل آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ سندس نالو اهڙن ئي اهم واقعات جي يادگار طور ئي قائم رهندو اچي، جنهن جو مثال مٿي اچي چڪو آهي. سنڌي ادب ۽ ان جي تاريخ ۾ پڻ سمنگ جي شخصيت نمايان آهي. سنڌ جا سچاڻ ۽ سندس سوانح جي مختلف موقعن جي مقال ڪندا، سندس نالو جيئرو رکندا پئي آيا آهن ۽ انهن موقعن جي نسبت واريون ڳاهون. سنڌ جي سگهڙن وٽ اڄ بہ عام آهن. اهڙن عجيب واقعن مان ٻئي بہ هڪڙي مشهور واقعي جو مثال مختصر طرح هيٺ ڏجي ٿو. هيءُ واقعو سندس جوانيءَ جي سئر سفر واري سمي سان

کنهن ڏينهن ڪَهي آيو، ات مانجهي مٺيادار،
سو سائل ان سنباهيو، پُرس انهيءَ جي پار،
تہ وهلو وڃ تون وڪبي ڏي، جو تو ڏان ڏئي ڏاتار،
پيرون پني آءٌ تون، مگج متو مگڻهار،
تحقيق وجي تڪرار، تون سڌ لهي آءٌ سمنگا!

مثال ٻيو:

پوءِ وسايو وٿاڻ ڏي، هيجان ويو هلي،
تنهن منهن آئي ماڻڪي، جهونجهارا هيءَ جهلي،
پيرون تنهن جي پور ۾، پيا پَڪا تار تلي،
تنهن ڏاڻ ڏنو ڏاتار هو، حاجي" چوي هلي،
راحم رب وڪبي جي، سائين ڪي سولي،
لتس گوندر گهت تان، ٻي ٻلي ڪيس ٻلي،
هن پاٽ پروڙيو ڪين ڪي، آڳاتو اصلي،
ڏات وئي سو ڏيس تي، چوڪس ويو چلي،
تنهن ثابت سَڌ سلي، وجي لاڪي اڳيان لال جي.

آخري بيت:

تڏهن ستي سو سرهو ٿيو، وڏيرو وريام،
مڪو تنهن مانجهيءَ ڏي، پُرس لکي پيغام،
تہ سخي تون سخاوت اڳرو، آهي نر تنهنجو نام،
توسان راضي رب ڏٿي، ٻيو مير محمد چام،
هاٿي مرسل سر مدام، ڪلمو ڪَهو قلوب سان.

اهڙيءَ طرح انگريزن جي اوائلي دور (١٨٧٠ع) ۾، ورنيڪيولر لٽريچر ڪميٽي بہ آخوند عبدالرحيم عباسي (ٺٽي ضلعي) کان ساڳيو "قصو وڪبي ڏاتار جو" ڇپائڻ خاطر لکائي هٿ ڪيو هو. خانبهادر حاجي محمد صديق ميمڻ بہ سندس تاريخ ۾ انهيءَ ساڳئي وڪبي ڏاتار جي ٻچار ڪئي آهي. تازو مهراج منگهارام اوجها (ننگرپارڪر) بہ ساڳي آکاڻي لکي آهي، جنهن ۾ اهي ڳاهون بہ اچي وڃن ٿيون، جيڪي سمنگ سڻن هڻن وقت ڏهه ڏاتا،ن جي شان ۾ ڳايون هيون. انهن مان ڪي

ڏاٽ هيٺ ڏنو. هيءَ ميوات نہ هئي، پر سخت ڏات هئي. چارڻ جهڙي چپ ڏني، تهڙي چيڪ نڪري ويس. جي:

وڪيي جا ڏات ڪئي، تنهن سان ڏند جهرن،
چارڻ پيرُون او مگي، جي چارين منجهہ پِچن.

"گگر گگر پندا اڙيا". پوت چڏي، جن چڏي، پر جاجڪ نہ چڏي. اياڳي چارڻ، ڏاتار کي اڙانگيءَ آزمائش ۾ اچي وڌو. وڪيو ڏاڍو اچي ششدر ٿيو. جي "سر بہ ڪٽي ڏيان، تہ بہ اصلي گهَر تہ پوري ڪانہ ٿي. جي هن سائل جي معمولي سَڱُن بہ نٿو اونائي سگهان، تہ هيءَ ڍانڊي وچي ڍنڍورو ڏيندو ۽ آءٌ ڏاتارن ۾ ڏنو ٿيندس." انهيءَ اداسيءَ جي عالم ۾ جڳ جي ڍڪٺار کي پنهنجيءَ لڄ ڍڪڻ لاءِ ليلايائين. تنهن تي:

مينهن ڇُتي هئي ماٺڪي، وٺي سٺين سمندين پار،
پاڻي آندا ها پور ۾ ڪَچا پڪا ٺار.

اتي وڪيي، ڏاتارن جي ڏاتار اڳيان مٿو ٽيڪي، پاي جا پال ميچيا. پينار کي پيرون ڏيندي اولانيو آکيائين تہ "اڙي سمنگيا ڪوڙهيا، ڏاتارن کان اهڙا اٿمندائتا ڏان گهرڻ کپن؟" ڏاتار جو ڏک پريو ڏوراپو، چارڻ کي چقمق وانگي چهٽي ويو. چون ٿا تہ چارڻ جي نراڙ تي سچ پچ "ڪوڙهہ" جو اچو نِڪو پيدا ٿي پيو، جو پيريءَ تائين نہ لٿس. سندس اولاد وارا اڄ تائين "نِڪرَيا چارڻ" چوائين ٿا.

چام ڪرن، سمو: ان سلسلي ۾، ٽيون واقعو 'چارڻ' جو چشم ديد بيان ڪيو وڃي ٿو. اها روايت، اڄ تائين هلندي اچي، ملڪان ملڪ مشهور آهي.

ڳالهہ ڪرڻ وارا، هن پر ٿا ڪَهَن تہ سمون چام ڪرن، پنهنجي ٻارهن - ماهي جشن ۾ ڪروڙن جا ڪروڙ روپيا ڦلن وانگر ڇٽيندو هو. اڙيات، محتاج ۽ مفلس ايترا تہ اچي سهڙندا هئا، جن جو مٿو ئي ڪونہ هوندو هو. پر سمي چام وٽ ڪا بہ سوڙهہ محسوس نہ ٿيندي هئي. سمنگ چارڻ بہ هڪ دفعي اهو تماشو وڃي ڏٺو هو. هتي انهيءَ منظر جو اکين ڏٺو احوال ڏنو اٿس:

باجهاٿو پيلي ڏٿي، ٻچهاٿن باجهه پئي،
سپڙي سا سُئي جيڪا چارڻ چت ۾.

(سرود پرياتي)

عاجز منگتي جي گهر وينڻي سنڀال جي مقال تہ ڏاتار کي ڏيهن ۾ ڏيو ٻڌائي ڇڏيو. رسالي شريف جي روپ بلاول ۽ پرڀاتيءَ سرود جا اهڙا ڪئين بيت آهن، جن ۾ شاهہ سائين سخين ۽ سپڙ جي ساراهہ ڪندي، سُمنگ وارا ساڳيائي موضوع استعمال ڪيا آهن. سمنگ پنهنجي، هن مربيءَ جي منقبت هن طرح ڳائي آهي:

در آئي مڱڻي، دان سيپڪو ڏي،
سپڙ سوساري، جو جهوپڙين ۾ جهپڪيو.

سپڙ ڄام رونجهو، سخين جو سردار ۽ اڙين جو آڌار هو. محتاجن مٿان مهر جو مينهن ٿي وٺو ۽ غريبن جا غم ڪاٽيائين. ڏکين کي ٻہ ڏن ڏنائين ۽ چارڻن کي تہ چوڪي پاٿيءَ جي چنتا کان ئي آجو ڪري ڇڏيائين. سمنگ پنهنجي هن مربيءَ داتا کي اهڙي تہ هيج ۽ ڪوڏ سان ڳايو آهي، جو سندس نالو بہ سدائين لاءِ، (بطور اهڃاڻ جي) سپڙ جي ثنا جو لازم ملزوم جز ٻڻجي ويو. ميين ڪريم بلڙيءَ واري، سخي سپڙڄام جي روايتي ثنا جي اپٽار ڪندي، هن مسڪين منگتي سمنگي فقير کي پڻ اشارتاً ياد فرمايو آهي:

جهوڙيرا جهٽڪن، مٿي ميين مڱٽا،
سپڙ رات سُمنگيا، ڏڪيا ڏاڻ ڏسن.
گهر ٿا گهوٽ وڃن، چنتا لٿي چارڻين.

چارڻن جي چنتا چو نہ لهي، جو سپڙ سمون، هند.سند جو هڪڙو حاتم اهڙو تہ سخي ساماڻو آهي، جو ويچارا عاجز ۽ بيڪس، ڏتڙيل ۽ ڏهيلا، سڀني جو ڏڍ آهي. پوءِ ڀلا اهڙي فياض ۽ شفيق حاڪم جي راڄ ۾ رهي، ڪنهن جي بہ ڪاڻ ڪيڻ ڪا جڳائي ٿي؟ شاهہ سائين تہ هيئنئن فرمايو آهي تہ:

مستان وڙ وجهائيين، پئي در ليلائي،
سمي ساماڻي، چنتا لٿي چارڻين.

هاٺي چنتا چاجي؟ جڏهن ولهو تہ ڏيهہ ۾ رهيو ئي ڪونہ! هن جوان پنهنجيءَ جود سان ولها سيئي ونهيان بتائي ڇڏيا آهن. ٻيلي سنڌو ٻان. سمنگ جي ساهہ جو سلطان. جڏهين پٽ ڏٺيءَ جي دربار عاليہ ۾ ياد ڪيو ويو آهي. تہ سندس ثناخوان ۽ عاشق صادق ويچارو سمنگيو غريب پڻ. سيني اگهاٽل سوالين جي پاران ۽ نوازيل رعايا جي نمائندگي ڪندي. داتا جي دامن لڳي. سمي جي سام. سخيءَ جي سنگ. سندس سايو بنجي اچي ڪچهريءَ ۾ ڪَنَ ڳڻائي ٿو. سريراڳ جي هڪڙي وائي ملاحظہ فرمايو:

...................... ٻاجهہ ٻيلاڻي ٻائيان.
مـــتــــان مـــون کي ڇـــڏئين، ٻيلي سندا ٻان،
ٻاجهہ ٻيلاڻي ٻائيان.
ولهـا سڀ ونهـيـان ڪيـا، تنهنجي جـود جـوان،
ٻاجهہ ٻيلاڻي ٻائيان.
سڀ ســـوالي "ســـمنگيـــا"، داتا ڏيئي دان،
ٻاجهہ ٻيلاڻي ٻائيان.(داستان پهريون)

مطلب تہ سمنگ چارڻ جو نالو اسان جي ادب ۽ تاريخي روايتن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان، ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾، جيئرو رهندو پئي آيو آهي. صدين جون صديون اورانگهيندو، ٻاڻ سان گڏ ايامن جا اهڃاڻ اڳتي ڏڪيندو، اچي ويهين صديءَ ۾ منهن ڪڍيو اٿس. سندس نالو اڄ تائين جو قائم دائم آهي، تنهن جو ڪارڻ آهي ئي سندس لافاني گفتا ۽ امر ٻول آهن. جن ۾ ٻانت ٻانت جون ٻوليون ٻڌايون اٿس. انهن تي رڳو سرسري نگاهہ وجهڻ سان پتو پئجي سگهي ٿو تہ سندس "ڪاويہ رس" ڳاهن جي مقرر معيار کان گهڻو مٿي ايريل آهي. اهڙي پڙتال ڪندي هيءَ ڳالهہ پڻ پڌري پٽ آهي، تہ سمنگ کان اڳ سندس وڏن ۾ ڪيئي سگهڙ ساماڻا هوندا، جن خود سمنگ لاءِ ٻہ ڪس گهڙيون هوندو. اهڙي معما جي منڊ معلوم ڪرڻ لاءِ مناسب آهي تہ سنڌي شاعري جي انهن اوائلي استادن، وڇڙيل وارثن ۽ پيرمردن جا پنڌ رند پچائي، پراڻن پيچرن تان سندن پير آهوڙي، ڪنهن نہ ڪنهن منزل

# وائـــي

# سنڌ جي قديم سُرائتي صنف

"جيڪي اسين هاڻي ٻـ چئون ٿا، سو اڃا تائين ٻـ آزمائشي عارضي ۽ نامناسب آهي. تحقيقات جو دائرو جيئن جيئن وسيع ٿيندو ويندو، اسان جي قائم ڪيل راين، فيصلن ۽ نتيجن ۾ توسيع ۽ ترميم جي گنجائش پيئي محسوس ٿيندي رهندي." (مڪنل)

سنڌي ادب جي ڪن خاص ۽ مشهور صنفن تي تـ ڪيترائي جدا جدا اعليٰ قسم جا ڪتاب لکي انهن جي ادبي اهميت، فني ماهيت ۽ تاريخي ارتقا کي تـ مڪمل طرح سان اجاگر ڪيو ويو آهي. تن ۾ بيت ۽ ڪافي، مولود ۽ مدح توڙي مناجات ۽ منقبت وغيره اچي وڃن ٿا. ويندي ڳيچ ۽ ڳائون، قصا ۽ ڪهاڻيون، توڙي ڏور ۽ ڳجهارت وغيره جهڙين عوامي لوڪ صنفن تي بـ مڪمل ڪتاب موجود آهن. مگر سنڌ جي هن قديم سُرائتي صنف، 'وائي' تي ڪو ڪتاب تـ ڇا، پر اهڙو ڪو الڳ مضمون بـ موجود نـ آهي، جنهن مان ڪو مبتدي ڙڳو ابتدائي بنيادي قسم جي ڪا بـ رهبري حاصل ڪري سگهي.

انهيءَ طرف اگر ڪن اديبن ڪٿي ٿورو گهڻو توجهه ڪيو بـ آهي، تـ انهن وري وائي ۽ ڪافيءَ جو گڏي بيان ڪيو آهي. تنهن ۾ ڪن ڪافي ۽ وائي جو ويهي پاڻ ۾ موازنو ۽ مقابلو ڪيو آهي، تـ ڪن مشابهت ۽ مطابقت ڏيکاري آهي، ۽ ڪن تـ وري هنن ٻنهين صنفن جو

هڪبئي تي اثر ڏيڪاري، مورڳوئي پنهين ڪ پاڻ ۾ منجهائي ڇڏيو آهي. مگر جيئن چوندا آهن تہ "هرڻ پنهنجي ذات ۾ ڦاڙهو پنهنجي ذات". بلڪل اهڙي طرح ئي "ڪافي ٻي شئي ۽ وائي ٻي شئي آهي"، وائي کي ڪافي سمجهي وينا آهن. ڇو تہ سنڌ ۾ شعر يا موسيقيءَ جو ايترو اضافي مواد موجود نہ هو، تنهن ڪري اهو امتياز نہ رهيو تہ وائي ڪهڙي شي آهي ۽ ڪافي ڪهڙي چيز آهي.*

ڪافيءَ تي مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن جو خلاصو ڪتاب موجود آهي، (جنهن ۾ ڪافيءَ کان علاوه ڪجهہ قدر وائيءَ جو بہ ضمنيءَ طرح سان ذڪر اچي ٿو). ڪافيءَ جو دور جيئن تہ گهٽو دير سان شروع ٿئي ٿو، تنهن ڪري ڪافيءَ کان قطع نظر، هتي فقط وائيءَ جو ئي ابتدائي احوال ۽ ان جي اوائلي تاريخ مختصر طور تي الڳ ڏجي ٿي.

ڪتاب 'ڪافيءَ' کان سگهوئي پوءِ، اعلىٰ سنڌي شاعريءَ جي نامور علمبردار، ميان شاه عنايت رضوي (١٦١٩-١٧١۴ع) جو مڪمل رسالو بہ شايع ٿيو. تنهن ۾ سنڌس مڙيئي ننڍيون وڏيون وايون بہ جمع ٿيل آهن، جيڪي جملي چاليهارو کن ٿي وڃن ٿيون. انهيءَ تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب هڪڙو جامع ۽ مڪمل مقدمو لکي، وائيءَ جي ابتدا، تاريخي ارتقا، فني هيئت ۽ موضوع توڙي مضمون متعلق وائيءَ جو خاص علمي تجزيو پيش ڪيو آهي. اسان جي هن مختصر مقالي جو مدار ٻڻ گهڻي ڀاڱي سنڌس ئي مقدمي تي مبني آهي. هاڻي تائين معلوم ڪيل تاريخ مطابق، ميون شاه عنات رضوي** جيئن تہ سنڌي وائي جو پهريون ئي شاعر تسليم ٿي چڪو آهي، تنهن صورت ۾ واجب آهي تہ وائي بابت ڪا بہ ڳالهہ ڪرڻ کان اڳ ۾، سنڌ جي هن عظيم شاعر جي سوانح ۽ سندس شخصيت جي باري ۾ ڪي اهم ۽ بنيادي حقيقتون

* نئين زندگي (اپريل ١٩٥۴ع) ڪتاب ڪافي، ص ص ۴٧-۴٨.

** ڪي سگهڙ اتجاتائي جي ڪري نصرپور جي هن بزرگ شاعر (سيد عنات رضويءَ) جو ڪلام وري جهوڪ شريف جي لانگاهہ بزرگ (صوفي عنايت الله شهيد) ڏانهن منسوب سمجهندا آهن. حالانڪ صوفي شهيد سنڌيءَ ۾ ڪا بہ شاعري ڪانہ ڪئي آهي.

ڪيائين، پر آخر بيوس ٿي پنهنجو پاڻ پليائين". مقدمو (ص ٣٢).

"نصرپور ۾ مقامي طور ڪي ڳائيندڙ لنگها (مگنهار) موجود هئا. جن وٽ شاه عنات گهڻو اچڻ وڃڻ لڳو. خادمن وچي احمد شاه کي ٻڌايو تہ: شاه عنات مگنهارن ۽ لنگن جي صحبت ۾ عام جام اٿي ويهي ٿو ۽ ماڻهو پيا ٽوڪون ڪن. احمد شاه چيو تہ: "مون وٽ وٺي اچوس". جڏهن شاه عنات کي وٺي آيا. تہ احمد شاه کيس کيڪاريندي طعني طور چيو تہ "اچو ميان عنات لنگها!" تنهن تي ميان عنات نهہ ڦهہ وراڻو تہ "اسين آهيون لنگها ۽ اوهين آهيو کنگها". احمد شاهہ بوءِ لنگهن کي بہ تنبيهہ ڪئي تہ شاه عنات کي پاڻ وٽ نہ اچڻ ڏيو... ان بعد نصرپور جي ساداتن ۾ ڪا شادي ٿي، جتي لنگهن ۽ مگنهارن پئي ڳايو وڄايو اتي شاه عنات بين سيد سان گڏ ويهڻ جي بدران وڃي لنگهن سان گڏ ويٺو ۽ انهن وري کيس منع ڪرڻ بدران پاڻ جاءِ ڏيئي سولو ڪري ويهاريس. انهيءَ تي ميون احمد شاه مگنهارن تي بہ سخت ڪاوڙيو ۽ شاه عنات کي تہ پريءَ مجلس ۾ ئي ٽوڪيندي تنبيهہ ڪيائين. انهيءَ واقعي وقت شاه عنات جي عمر اندازاً سورهن سترهن سال کن هئي، جڏهن هو جوانيءَ واري دور ۾ قدم وڌائي رهيو هو." (مقدمو ص ٣٢-٣٣)

انهن اقتباسات مان ڪو شاه عنات جي بزرگيءَ تي حرف ڪو نہ ٿو اچي. بلڪ انهيءَ مان اصلي حقيقتون جيڪي نروار ٿين ٿيون، سي هي آهن، تہ: ميون صاحب جائي جم کان ئي هڪڙو هوڻهار، باذوق ۽ رنگين طبع جو مالڪ هو. سرود و سماع سندس سرشت ۾ سمايل هو ۽ پڻ هڪ اعليٰ درجي جو ڳائيندڙ ٿي ساماڻو. موسيقي ۽ سنگيت جي رنگ ۾ رچي ڪلام جوڙ چالو ڪيائين ۽ سندس فطري 'ڳاءُ'. لفظن جو روپ ڌاري وائيءَ جي صورت ۾ نومدار ٿيو[1].

1. "One Arab writer describes poetry as 'Music' expressed through harmony of words- (as what we call music is expressed by harmony of sound) -thereby emphasising that the musical quality inherent in the lines is 'sine qua non' of poetry". Allama I. I. Kazi: Sahah Abdul Latif's position among the world poets. p. 2.

هن حقيقت جي ثابتيءَ لاءِ ڪم از ڪم سندس پنج وايون به پڌري پٽ شاهد آهن[1].

جيڪي بنياد ڪان ئي ڳائڻ جي لئه تي رچيل آهن. ڊاڪٽر بلوچ صاحب پڻ انهن جي انشاد و سرود ڪي سندن مقصد ۽ معنيٰ تي ترجيح ڏني آهي ۽ انهن ڪي خاص طرح سان 'غنائي' وايون تسليم ڪيو آهي، انهن جو تفصيلي تجزيو ته پنهنجيءَ جاءِ تي ٿيندو.

ميان سائين متعلق اڄ ڪان اندازاً چاليهه پنجاهه سال اڳي، سنڌ جي ڪن جهونن ڳائڻن ڪان ٻڌڻ ۾ آيو ته: طنبورو وڄائڻ سنڌ ۾ اول عنات شاه چالو ڪيو. اهڙي ساڳي روايت امير خسرو متعلق پڻ آهي ته: طنبورو هن ايجاد ڪيو هو، امير خسرو ته ميان صاحب ڪان اڳي ٿيو آهي، ٿي سگهي ٿو ته اهو ساز مغل دور حڪومت ۾ هتي آيو هجي ۽ عنات شاه ئي اول تجربي طور ان ڪي عمل ۾ آندو هجي! هيءَ روايت اگرچه عوامي ۽ غير مستند آهي؛ مگر هن مان به ايترو ته ظاهر آهي ته: ميون شاه عنات بنيادي طرح سان هڪڙو عظيم فنڪار ۽ ماهر موسيقار هو. موسيقيءَ جي اها ذات ئي سندس شاعريءَ لاءِ محرڪ بڻي. ۽ سندس ڳايل وايون چڻ ته انهيءَ موسيقيءَ جو مظهر يا عملي صورت آهن. بلڪ سندس سڄوئي شعر گويا موسيقيءَ جي هن متحرڪ روح جو ئي ٻاهريون پوش آهي.

وائيءَ تي اهو نالو ڪيئن ۽ ڇو پيو. تنهن لاءِ قياسي قسم جون ته ڪئين تاويلون ٿي سگهن ٿيون. مگر سنئين سڌي ڳالهه هيءَ آهي ته وائي ڏکڻ سنڌ يعني لاڙ جو هڪ مقامي ۽ نج سنڌي لفظ آهي ۽ لغت جي اعتبار ڪان معنيٰ اٿس: آواز ۽ سر، پڙڪو، بيان، گفتگو، زبان ۽ ڳالهه ٻولهه وغيره جنهن ڪي عام اصطلاح ۾ ٻوليءَ به چئجي ته ڳالهه ٻولهه ۽ گفتگو به سڏجي. حڪيم عبدالغفار شاه صاحب هن لفظ جو مادو 'واءِ' ٻڌايو آهي، جيئن "واو" جو حرف آهي. ليڪن سنڌي شعر جي هيءَ قديم سريلي صنف جيئن ته ڳائڻ مان ئي سر جي آهي، تنهنڪري مولانا گرامي صاحب (مرحوم) جو خيال آهي ته: وائيءَ جو تعلق 'واءِ واءِ"

(١) ڏسو رسالي جو متن ص ص: ٣٠-١٠٤-١١٨-١٢٧ ۽ ٢٠٩.

يعني 'آهہ و پڪار' سان آهي. هن لاءِ سندس حجت آهي تہ "درگاهن تي ٿيندڙ هن قسم جي سماع ۾ بہ رڳو 'واهہ واهہ' ٻيڻي ٽيڻي ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. جنهن ۾ حرف ۽ لفظ جڻ تہ آهن ئي ڪونہ[1]." گرامي صاحب جو هيءُ انوکو نظريو ٻڻ وائيءَ جي غنايت ڏانهن ئي غمازي ڪري ٿو. جيئن تہ وائيءَ جي مواد ۽ مضمون تي منڍ کان ئي موسيقي ۽ غنا ايترو تہ ڇانيل رهي آهي، جو ان جا اکر ۽ لفظ، سڀيئي سندس سرن ۾ لئہ ٿي ٻڌي وڃن ٿا ۽ سواءِ "وو وو" يعني "واهہ واهہ" جي ٻيو ڄڻ تہ آهي ئي ڪجهہ ڪونہ! هن خيال کي ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي هن فيصلي مان بہ حمايت حاصل ٿئي ٿي تہ "وائي اصل ۾ ڳائڻ خاطر ئي وجود ۾ آئي آهي[2]." تنهن ڪري هن ۾ اکرن ۽ لفظن جي حيثيت ڄڻ ثانوي رهجيو وڃي ٿي.

وائيءَ جو آغاز ۽ ابتدائي تاريخ متعلق بہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو چوڻ آهي تہ: "ڳائڻ جي هيءَ پراڻي صنف ڪنهن آڳاٽي زماني کان هتي هلندڙ آهي." انهيءَ سلسلي ۾ وائي جو تمام هڪڙو ڪهنو اهڃاڻ ملي ٿو. سندس ترتيب ڏنل ڪتاب 'ڳيچ' جي مقدمي تي بلوچ صاحب لکن ٿا تہ: "ڳيچ جي هن ساديءَ سٽاءَ وارو بنيادي خاڪو سنڌي وائي جي اسرڻ لاءِ هڪ اهم سرچشمو بنيو آهي (ص ١٤)" هن مان ظاهر آهي تہ سنڌ جي هيءَ قديم صنف وائي مقامي ڳائڻ جي ئي فطري ارتقا جو ثمر آهي ۽ ڪنهن ٻاهرينءَ دنيا مان اسان تي اجانڪ مڙهيل نہ آهي: مطلب تہ ميئين شاه عنات کان اڳ ۾ ئي وائي ڪنهن عوامي لوڪ ڳيت جي شڪل ۾ هتي هلندڙ هئي ۽ انهيءَ آزاد اڏامندڙ پکيءَ کي ڪنهن بہ اجا ٻالي ٻنهنجو نہ ڪيو هو.

شيخ لطف الله قادري (١٦١١-١٦٧٩ع) جنهن شاه عنات کان فقط پنجتيهہ سال اڳي پنهنجي ڪلام کي مضمون ۽ موضوع موجب ورڇي، علحده علحده باب (قسم) قائم ڪيا آهن ۽ رسالي جي اوائلي سٽاءَ ۽ ترتيب جو ابتدائي خاڪو قائم ڪيو آهي: تنهن جي ڪنهن بہ

(١) سنڌي شعبي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي مخزن 'پورب'. ص ١٠٣.
(٢) مقدمو. ص ٨٧.

'قسم' واري فصل يا باب جي پنيان ڪا بہ وائي آيل نہ آهي. رسالي جي انهيءَ ابتدائي ترتيب جي بناءَ تي ئي شاھ عنات وري هر داستان جي پنيان وايون وجهي 'رسالي' جي هاڻوڪي شڪل کي آخري طرح سان مڪمل بنايو.* مطلب تہ ميون عنات رضوي ڀهريون ئي استاد شاعر آهي، جنهن انهيءَ اڏامندڙ عوامي گيت کي هيرائي، پالي پنهنجو ڪيو ۽ انهيءَ کي پنهنجي لاثاني شعر ۾ جڳهہ ڏني. شاه عنات کان اڳي جيئن تہ ڪنهن بہ شاعر جي نالي جي ڪا بہ وائي اجا دستياب نہ ٿي آهي، تنهن ڪري سنڌ ۾ وائي جو وجود اڄ کان فقط ٻہ صديون اڳي شمار ٿئي ٿو. جڏهن تہ سنڌ اجا مغل شهنشاهت ۾ شامل هئي.

وائي جي ابتدا ۽ بنياد بابت اسان اڳ ۾ چئي آيا آهيون تہ انهيءَ جي شروعات 'ڳائڻ' يعني ڳاڄ سان ٿي آهي. اها شروعات ڪٿي ڪنهن بہ ڪئي، ۽ ڪهڙي بہ زماني ۾ ٿي، پر جنهن بہ ڳيتار اول انهيءَ کي ڳاتو ۽ جهونگهاريو هوندو، تنهن اول انهيءَ جو ٿلهہ ئي آلاپي قائم ڪيو هوندو. پوءِ موقعي جي مناسبت سان انهيءَ تي مصراعون مڙهيون رهيون آهن. پر پوءِ نيٺ، (جيئن پٺي بہ هر ڪنهن هنر ۽ فن جي ارتقائي مرحلن مان معلوم ٿئي ٿو تہ) وچ ۾ ڪو اهڙو بہ ڪامل استاد پيدا ٿي پوندو آهي. جيڪو انهيءَ ۾ اچانڪ انقلاب آڻي ڇڏيندو آهي. اهڙو نشانبر استاد بعضي تہ انهيءَ فن جو موجد پڻ سمجهيو ويندو آهي. جيئن هن وقت اسانجو عنات شاه جي باري ۾ خيال آهي. ميون عنات وائي جو موجد نہ ئي سهي، مگر انهيءَ ابتدائي سادي صنف کي سڌاري سنواري مڪمل بنائڻ ۽ ان کي اوج تي پهچائڻ تہ يقيناً ميان عنات جو ئي معجزو آهي.

وائي جو بنياد ڪو ڇند يا عروض جي لفظي وهٽ تي رکيل نہ

* اسان وٽ اجا- مجموعہ ڪلام، بياض، ڪليات، ابيات، ديوان ۽ رسالي وغيره کي جدا جدا حيثيت ڏيڻ جي تميز ڪا نہ آئي آهي. اسين تہ هر شاعر جي ڪلام کي بنا تميز جي مڪمل رسالو چوندا وتون. پوءِ اهو ڪلام احسان فقير لانگاه جو هجي، شاه ڪريم جو يا محمد زمان لواري جو، ميان عيسيٰ هالائي جو يا ثابت علي شاه جو هجي. مطلب تہ اسان لاءِ 'جت مڙيئي پنهون جا پانڌ آهن' ۽ رڌو!

آهي. پر انهيءَ جو انشاد ۽ ترنم ته طنبوري جي تنوار تي ئي رچيل آهي. شاه عنات جو طنبوري سان تعلق ته سنڌ جا وڏا موسيقار به مڃي ويا آهن. تنهن ڪري وڏي وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته وائيءَ جي لفظن ۽ پولن کي طنبوري جي تارن سان هم آهنگ بنائڻ جو باني مباني به ميون شاه عنات ئي هو. انهيءَ جو خاص ۽ بنيادي سبب هيءَ هو ته پاڻ ننڍي هوندي کان رس رهاڻ جي مجلسن ۾ لاڳيتو اٿندو وهندو رهيو ۽ کيس موسيقيءَ تي مڪمل عبور ۽ پوري پروڙ حاصل هئي. سنڌس سرودن مان سا رنگ، سورٺ، ڪامود، ڪلياڻ، ڌناسري، توڙي، آسا ۽ وهاڳ وغيره؛ جيڪي مغليه موسيقي جو يادگار آهن؛ سي ته سڄي سنڌ جي شائقين ۽ باذوق طبقي وارن وٽ اڄ به مشهور ۽ مقبول عام آهن.

وائي اگرچ ڳيچ مان اسري آهي. پر ڳيچ واري مختصر ڍانچي مان ڪهڙيءَ طرح اسري اچي وائيءَ جي درجي تي پهتي آهي، سا في الحال ته اهڙي معما پيئي لڳي، جو سطحي طرح ته سمجهه ۾ اچڻ واري نه آهي. حسن اتفاق سان اهڙو اهڃاڻ خود شاه عنات جي ڳايل ابتدائي واين ۾ پڻ موجود آهي. انهن ۾ غنائي قسم جي هڪ اهڙي به وائي ملي ٿي، جيڪا ڳيچ واريءَ لئه ۾ رچيل آهي ۽ جنهن کي جيڪر مدحيه ڳيچ سڏي سگهجي. ڌناسريءَ جي ڌن ۾ ڳايل اها وائي، مٿئين دعوا جي ثبوت لاءِ هڪ بنيادي سند آهي. ملاحظه فرمايو (فصل ١- وائي ٢، ص ٨٨)

وراڻي: ميندي لعل، لائيندي يون سهيليون؛ هٿ ڳل هار گلاب تنين کي
ڪلي: سيد شهباز، ڪامل قلندر، در دولهه سي ايندي يون سهيليون.

هيءَ اوائلي وائي آهي ايتري! يعني ته وراڻيءَ کان پوءِ فقط هڪ ئي مصرع تي مشتمل آهي. اهڙيون ڪيتريون پيون به چوٽڙيون وايون ميين صاحب جي رسالي ۾ موجود آهن، جن جا مثال موقعي سر ايندا. اهڙن اهڃاڻن مان ڊاڪٽر بلوچ صاحب هيءُ نتيجو اخذ ڪيو آهي ته: وائيءَ جي ابتدا ٿلهه بعد هڪڙي يا ٻن مصراعن سان ٿي آهي ۽ اُصلي سٽاءَ اهائي آهي. (ص ٨٧)

امڪن جي اظهار لاءِ ٻنهي واين مان ڪي چند مصراعون مثال طور پيش ڪجن ٿيون:

ويهاري وطن ۾ شهدئيءَ ڪي م سڪايو؛
مون ڪي تان جهل م پايو.
لاهي بار ٻنيور تان ويندو گهوٽ وناهيو؛
مون ڪي تان جهل م پايو.
ولهيءَ جي وهاڻ ۾ واڇٽ سڀ وڄايو؛
مون ڪي تان جهل م پايو.
ٻنهونءَ ڇاڇيئڙن ڪي رڏي ڪيڻ ڪارايو؛
مون ڪي تان جهل م پايو.
ٻيلي تي ٻانيڻ سين ڏڪيءَ ڏيڃ ڏيکاريو؛
مون ڪي تان جهل م پايو.
ساڪن تي شهر جا معذور ڪي مرڪايو؛
مون ڪي تان جهل م پايو.
ٻڙثائي ٻنهوءَ ڪي نيڪيتي نڪڙايو؛
مون ڪي تان جهل م پايو.
پاسي ۾ پريت جي آٿي اٿ جهڪايو؛
مون ڪي تان جهل م پايو.
ڪنل ڪجاون ۾ چاڙهي هيءَ هلايو؛
مون ڪي تان جهل م پايو.
منهنجو پنڌ ٻنهونءَ ڏي ريبي تان م رهايو.
مون ڪي تان جهل م پايو.
اديون عبداللطيف چئي مولي محب ملايو.
مون ڪي تان جهل م پايو.

مواد ۽ مضمون، توڙي معنيٰ ۽ مقصد جي لحاظ کان ٻـ اهڙين واين کي تـ ٻيڃ ئي سڏي سگهبو.

اهڙيءَ طرح خليفو نبي بخش 'قاسم' لغاري (١٧٧٦-١٨٦٣)، جيڪو ڀٽائي صاحب جي وفات کان ويهه پنجويهه سال پوءِ آهي، تنهن به اهو مضمون ڳايو آهي.

وراڻي: سائڙو تير سجايو، مولي سو محب ملايو؛
هوت ڀنڀور ۾ آيو.
مصرع: ١- اڄو اڄو جيڏيون، ڳاچ سهاڳڻيون ڳايو؛
هوت ڀنڀور ۾ آيو.
٢- هٿين ڀيرين مينديڙي، عطر لڳن کي لايو؛
هوت ڀنڀور ۾ آيو.
٣- پنهونءَ ڄاڃيئڙن کي، خاصيءَ ڀت ڪارايو؛
هوت ڀنڀور ۾ آيو.
٤- لائون ڏيئي لاڏ سين، ڀکي ۾ پرڻايو؛
هوت ڀنڀور ۾ آيو.
٥- 'قاسم' سسئي ڪاڻ کي، راڻي رات ريجهايو؛
هوت ڀنڀور ۾ آيو. (ص ٥٤)

سنڌس واين ۾ ته، ڳاءِ ڳاچ ۽ گيت جهڙا لفظ جنسي موجود آهن. راڻي جي سر ۾، مومل جي واتان هيءَ وائي ڳيچ طور ڳارايل آهي. (فصل ٢ - ص ١٣٥)

وراڻي: راڻل رات، مون گهر آيو، مون پرچايو.
مصرع ١- اڄو آتڻ واريون ڳاچ سهاڳي ڳايو.
٢- ڳائون ڏيئي ڳجهيون لالڻ مون ڳرلايو.
٣- من مرادون ڀنيون سائڙو تير سجايو.
٤- 'قاسم' ڪميڻيءَ تي لائق ٿوررڙو لايو.

خليفي صاحب کان پوءِ وارن جن به شاعرن، سرن جي وراهست واسطي وچ ۾ وايون وجهي پنهنجا رسالا قائم ڪيا آهن؛ تن به واين جو بنياد گهڻو ڪري ميان صاحب جي ڳائڻ واريءَ لئه تي ئي رکيو آهي ۽ منجهن ڳاچ وارو عنصر ڀڻ باقي رهيو آهي. نه فقط ايترو، پر عنات شاه جي رسالي وارا سر، (جن کي هن پاڻ سرود واري صحيح ۽

اصلي نالي سان سڏيو آهي)، سي ٻڻ ساڳيءَ ترتيب سان ئي قائم رکيا ويا آهن. اهي سر ۽ داستان ٻن مختلف قسمن جا آهن: هڪڙا تہ اهي جن جا عنوان خالص ادبي قسم جي ڪن موضوعن تي مبني آهن ۽ جن جو ماخذ يا مصدر موسيقي نہ آهي. مثال: مارئي، مومل، موکي، ليلا ۽ نوري وغيره. اهي ڪي سنگيت جون ڌنون نہ آهن، پر اهي عام روايتي قصا آهن. انهن ۾ "سر" لفظ، داستان جي معنيٰ ۾ ڪم آيو آهي ۽ ٻيا وري اهي سرود آهن، جيڪي محض موسيقيءَ جون ئي ڌنون آهن ۽ جن جو ڪنهن بہ مقرر ٺيل مضمون تي مدار ناهي. جيئن ڪلياڻ، ڪامود، پرڀاتي، پورب، ڌناسري، بلاول ۽ سريراڳ وغيره. اهڙن سرن جي ڳائڻ واسطي بہ ظاهر آهي تہ ڪي نہ ڪي لفظ ۽ ٻول ضرور کپن. پوءِ اهي ٻول ۽ قول ڪهڙي بہ مضمون تي مشتمل ڇو نہ ڪٿي هجن! اهڙن سرودن کي ڳائڻ خاطر ميان صاحب جيڪي مضمون استعمال ڪيا آهن، اهي ساڳيائي مضمون پوين رسالن ۾ بہ ساڳين ئي سرن لاءِ قائم رکيا ويا آهن. هتي شاه عنات جي ڳايل ڪن اهڙن سرودن ۽ واين جا چند مضمون، مثال خاطر ڄاڻائجن ٿا.

سرود ڪلياڻ ۾ الله تعاليٰ جي حمد و ثنا ۽ حضرت نبي ڪريم جن جي صفت ۽ ساراهہ، ڌناسري ۾: حضرت پيران پير، غوث پاڪ ۽ ٻين بزرگن جون فضيلتون ڳايل آهن.- بلاول، پرڀاتي ۽ ڏهر: هنن ۾ سنڌ جي سخي ڏاتارن ۽ سورهہ سردارن جون صفتون، چارڻن جي واتان چوايل آهن.- ڪارايل: هن ۾ هنجهہ پکيءَ جو امتيازي شان ۽ مثالي ڪردار ڏنل آهي. - سريراڳ: سنڌ جي سوداگرن ۽ سندن وڻج واپار جو تفصيل. - سارنگ: مارو ۽ مالوند ماڻهن جي حالت ۽ انهن تي رب جي رحمت جو وسڻ. - پورب ۽ رامڪليءَ ۾ پورب پوريندڙ جوڳين جي تيرٿن، تڪين، ۽ جوڳ جي جفائن جي ماجرا، توڙي قريبن جي ڪانگل ۽ ڪيانتي جون خبرون. يمن ڪلياڻ ۾ حبيب ۽ رقيب، ويڄ ۽ طبيب آڙاهہ ۽ پتنگ، ساقي ۽ سرود، توڙي موکي ۽ متارا ڳايل آهن. ڪنيات ۾: جوانيءَ جو اٿاسو اٺ، جو سر ڪنڌ ۽ چندن جا چوپا ڇڏي، اڪ ۽ لاٺيءَ تي لڙي ٿو، تنهن نادان نيش کي نيرو هٿي سنئين گس هلائڻ جي

ڳس نهارڻا پيا. ۽ واين جي وراڻي (ٿلهه) توڙي مصراعن ۾ قافين جا ٻـا ٻـا جوڙ ويهي جڙيائين.

اڄ گهر، اڄ گهر، ايندا سپرين: ويڻي ڪانگ اڏايان:

ايهين ٻانيان.

چرندي مالهه، پروڙيم ڪالهه: سرتين ڳالهه سڻايان:

ايهين ٻانيان.

(ص ١١٨)

شـــاه عنات جـــون ڪي وايون تـہ اهڙيون بہ آهن، جن جي تحريري صورت ۾ بہ غنايت جو غوغاءُ غالب آهي. پر هتي جيئن تہ واين جي فقط وهٽ ۽ وضع جو ئي ذڪر هلي رهيو آهي، تنهن ڪري في الحال (ڪن ۾ ڪنهہ وجهي بہ) ڪامود جي هن وائيءَ جو رڳو گهاڙيٽو ئي جاچڻـو آهي. جنهن ۾ اندروني ٻـنا قافيـہ ٻڻ موجـود آهن، ۽ وري پڇاڙيءَ جي قافين ۾ رديف جو ٻڻ اهڙو تـہ خوبصورت پيوند لڳل آهي، جو جڻ تہ منڊيءَ تي ٽڪ. ملاحظہ فرمايو:

ٿلهہ: ٿي من مـوهيـو چـام، جـو سـونهن سـين ۾، وتري گندري

مصرع: سمي سونهائي، مها مهاني، محبت هائي، سندري گندري

شـاه عنات کـان پوءِ سندس وڏو فـرزند، مـيون شـريف شـاه رضوي (١٦٤٠-١٧٠٢ع)، جيڪو شاه لطيف کان اندازاً چاليهہ پنجاهہ سـال وڏو هو، سـو بہ هڪ درويش ۽ فطري شـاعر هو. سندس ڪلام رسـالي ۾ محـفـوظ آهي. هتي نموني خـاطر سندس هڪـڙي وائي پيش ڪجي ٿي، جيڪـا بـہ ڏناسـريءَ جي سـر مـان ٿي ورتل آهي ۽ سنڌ جي اولياءِ ڪرام کان دعائون گهرڻ واري مضمون تي مبني آهي.

ٿلهہ: سهڙ يار، لڳ ستار: اي ميان! شرم سميجا: رک منهنجو

مصرع ١: سيد اسحاق، حاجي جيسر، ٻاٽائي موچار، اي ميان شرم سميجا

٢: ...... ..... ...... ...... ......

٣: ڪامل پٽي، سنا ڪٽي، سڪر ڏينہ، ديندار: اي ميان! ...

٤: سڏو ڏائو، سهڻو سائو! ايءُ سوال، سينه سنوار: اي ميان!

٥: سپارس، 'شريف'. جي، ڪل ڪرٽو، سين ڪلتار: اي ميان!

هن وائيءَ جي لفظن جي بيهڪ مان ڏسڻ ۾ ايندو، تہ شريف شاہ پڻ پنهنجي والد، ميان شاہ عنات واري پر پاريندي، هر هڪ سٽ جا اندروني قافيہ تمام سهڻي سليقي ۾ سموهيا آهن.

اهڙيءَ طرح وري شاہ شريف جو پٽ (يعني شاہ عنات جو پوٽو) سيد بلال شاہ رضوي (١٦٦٤-١٧٤٧ع)، جيڪو شاہ ڀٽائيءَ جو وڏو معاصر ۽ هڪ ذهين شاعر آهي، تنهن پڻ پنهنجي ڀيءَ ڏاڏي جي پيرويءَ ۾ پيرن فقيرن کي ڳايو وڄايو آهي. هن جي بہ ساڳئي سر ڏناسريءَ مان ٿي سندس وائي جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

ٽلھہ: آهيئون سڪ سڄاري، ڪونر ڪوريجي پير جي.

شاہ نصيرالدين، شاہ عنات، پاڙي سڀ سونهاري، آهيئون سڪ...
حاجي جوڳي، هن حاج ۾، ٿيندو پاڻ اُنياري؛ آهيئون سڪ...
شاہ حيدر، خاص خراسان، رکئو لڄ هماري؛ آهئون سڪ...
يا الله لڳ 'بلال' چئي، عرض سڻهو انصاري؛ آهيئون سڪ...

ذرا غور ڪرڻ سان محسوس ٿيندو تہ سيد بلال شاہ ۽ سندس والد شريف شاہ رضويءَ جي واين جي جوڙجڪ ۾ اهڙي مشابهت آهي، جهڙي ڀيءُ پٽ جي شڪل شباهت ۾ هوندي آهي! بلال شاہ رضويءَ کان پوءِ سندس پٽ قطب شاہ (١٧١٧-؟١٧٧٠)، ان جو پٽ اميد علي شاہ ۽ ڪي ٻيا مشهور شاعر پڻ سندس اولاد ۾ پيدا ٿيا. پر انهن کان اڳ ۾ شاہ لطيف جو دور (١٦٩٠-١٧٥٢) چالو ٿئي ٿو، جيڪو بلال شاہ جو ننڍو هممصر شاعر آهي.

شاہ عبداللطيف جي باري ۾ تہ گهڻو ڪري سنڌ جي سڀ ڪنهن ننڍي وڏي اديب اڳيئي ڪجھہ نہ ڪجھہ لکيو ٿي لکيو آهي: شاہ جي سوانح، سندس مذهب، تصوف، طريقت، ۽ سڀ کان وڌيڪ سندس شعر و شاعريءَ متعلق تہ هاڻي تائين ڪافي ڪجھہ لکجي چڪو آهي. تنهن ۾ ڪيس انقلابي يا عوامي شاعر، اسلام جو مبلغ، صوفي لاڪوفي، ۽ اهل سنت يا شيعہ فرقي جو پوئلڳ ثابت ڪرڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. اهڙيءَ طرح سندس فن بابت بہ ڪن ڪيس ڏوهيڙي (دوهي) جو موجد، ڪن ڪافي جو، راڳ ۽ طنبوري جو، ۽

ڪن وري قصہ گوئي، داستان سرائيءَ ۽ وائيءَ وغيره جو موجد پڻ مڃيو آهي. مطلب تہ شاه بابت اسان جي سنڌي ادب ۾ اڳيئي ايترو تہ اختلافي ۽ متضاد قسم جو مواد موجود آهي، جو وڌيڪ لکڻ جي نہ تہ ڪا گنجائش رهي آهي ۽ نہ ئي وري هتي ڪا ايڏي سخت ضرورت بہ آهي. شاه جي هٿن جو طنبورو تہ بطور تبرڪ جي اڃا موجود آهي ۽ پاڻ جيڪا سماع جي مجلس قائم ڪئي اٿن، سا بہ سنڌس پوين 'راڳ' جي نالي سان اڄ تائين قائم رکي آهي. البتہ انهيءَ ۾ راڳائي فقيرن طرفان، وقتاً فوقتاً ڪجهہ قدر تڪلف ۽ تغير جو شامل هئڻ هڪ لازمي امر نظر اچي ٿو. شاهہ جي واين جو نمونو مٿي پيش ٿي چڪو آهي.

اسان هن مقالي جي منڍ ۾ ئي عرض ڪري ڇڏيو هو تہ "هتي فقط وائيءَ جو ابتدائي احوال ۽ ان جي اوائلي تاريخ ئي مختصر طور تي پيش ڪبي." اها ابتدائي حد ۽ اوائلي تاريخ تہ گهٽو پوئتي ختم ٿي چڪي! اسان هن کي توڙ تائين پهچائڻ جي تہ ڪا بہ هام نہ هڻي آهي. تاهم ضميمي طور متاخرين مان ڪن جا نالا ڳڻائجن ٿا ۽ پوين رسالن مان پڻ ڪن جون وايون پيش ڪجن ٿيون. پر انهن مان بہ غوث محمد شاه ڪڇ واري ۽ مولوي غلام محمد خان زئي وغيره جو ڪلام تہ سردست ميسر نہ ٿي سگهيو آهي. باقي خانہ پريءَ خاطر هن جي پويان ڪي چار اکر ڇهتائي مضمون مان چند ڇڏايون ٿا.

واين جي وچئين دور ۾ خليفو نبي بخش ۽ شاه لطيف تہ وائي جا عظيم شاعر ٿي گذريا آهن. ان بعد ميرن جي اوائلي دور حڪومت ۾، لاڙ (ڪاري) طرف، وائي جي آخري دور جو وڏو شاعر، درويش قنبر علي شاه ياڏائي، تخلص 'شريف' شاه (١٧٩٢-١٨٤٧) پيدا ٿيو آهي. سندس خاندان اصل ۾ نصرپور وارن ساداتن مان آهي. هيءَ درويش، مڪان 'ياڏ' (تعلقي سجاول جاتيءَ) ۾ ڄائو ۽ ڳوٺ گنبالي، تعلقي گهوڙا باري (ضلع ٺٽي) ۾ مدفون آهي. - قمبر علي شاه جي حياتيءَ ۾ ۽ پڻ ڪانئس پوءِ، گنبالي ۾ شاه جي راڳ جي نوعيت وارو ساڳيو راڳ طنبورن تي ٿيندو هو. ۽ راڳ ۾ پٺائي صاحب توڙي قنبر علي شاه (شريف) جا داستان ڳائبا هئا.(ص ٨)" سندس رسالي جا ٢٦ سر

سلامت آهن. جن ۾ جملي ١٢٦٨ بيت ۽ ١١٢ وايون آيل آهن. ايترين سارين واين مان اعليٰ کان اعليٰ ڪلام چونڊي ڪڍڻ ته ڪنهن اعليٰ شاعر جو ڪم آهي. اسان کي ته جيڪا به وائي منهن سامهون آئي آهي، سا پيش ڪري ميار لاهيون ٿا:

تلهه: سجڻ ساٿي الوِ! پرين منهنجا پانڌي الوِ! ويل نٿا وسرن؛
ويل نٿا وسرن، اڱڻ هوت اچن.
مصرع ١- هڏ منهنجا هوت لئه، ڏونگر ڏيهه سڪن.
٢- مين رات مجاز ۾، تواريو توڏن.
٣- ڏاگها ڏيرن ڏائيا، ڪرها ڪيچ ڏٺين.
٤- آيل پاروچن جا، پنڌين پور پون.
٥- هنيين سين هاجو ڪيو، سنڌيءَ ذات جتن.
٦- ساجهر سات 'شريف' چئي، سينگاريا سيڻن.

"مجموعي طور سان سندن شعر ۾ غنائي رنگ پريل آهي. (مقدمو شريف شاه جو ص ١٠)"

قنبر علي شاه کان پوءِ، ڪلهوڙو فقير فتح محمد (١٧٦٦-١٨٤٣)، ميرن جي صاحبيءَ ۾ مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. اصل ۾ هيءَ تعلقي ڪڪڙ (ضلع دادو) جي ڪنهن ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو هو. عمر ۾ ته قنبر علي شاه کان به ڪي قدر وڏو هو. - "قنبر علي شاه وٽ شاه جي رسالي جي رهاڻ ۽ راڳ جي ورونهن هلندڙ هئي، جا فتح فقير کي وٽي وبئي ۽ هو هميشه لاءِ هتي جو مريد ٿي رهيو. (مقدمون ص ٨)" حالانڪه خود قنبر علي شاه به هن کان گهٽو ننڍو هو! راڳ جي انهيءَ رس رهاڻ ۾ رهي پاڻ به ڪلام چوڻ چالو ڪيائين. سندس ڪلام جو خاص موضوع ته نعت رسول آهي. فقير جي رسالي ۾ ٢٣ وايون محفوظ آهن. پر انهن مان گهڻو ڪري سڀ جون سڀ، پويان ڳاٽا اڪثر ڪري ڪافيءَ جي طور ۾ ٿي ڳائيندا پيا اچن. مولود خزانيءَ جي مجلسن ۾ به اڪثر مولودي انهن کي شغل ۾ پڙهندا آهن ۽ انهيءَ کي سڏيندائي "فتح جو سر" آهن. سندس آستانو، جتي ڪنهن وقت سماع جون محفلون متل هونديون هيون، سو اڄ به حيدرآباد ۾

'فتح فقير جو اوتارو" سڏجي ٿو. هن جي واين مان نموني طور هيءَ وائي (ڪافي!) پيش ڪجي ٿي.

ٿلهه: ڪالهه اڪن لئن لائي، منيون مونن ڪين ماڪون.
مصرع: اکيون اکين ووا دسوت داڳيون وو ميان!
الو! جاڙ لڳي هن جائي، تيز وڃن تنهين تاءَ ڪؤن.
٣- گهڙي نہ گهاريان ووا ساعت سنگهارن ري. ميان!
الو! پرت جنهن ياڻ پائي، ڏيهہ ڏورڻ. تنهن ڏاءِ ڪؤن.
٤- 'فتح' چوي ني ووا تان فراق مؤن وو ميان!
وات ورهہ هن وائي، چوري چڏي ويا ڄاڪؤن. (ص ٢٠٨)

فتح محمد کان پوءِ، فقير غلام حيدر ٽيهو (گرناري) تخلص "تيرهيو". پوئين ٽالپوري دور، بلڪ انگريزن جي اوائلي صاحبيءَ (١٨١٠-١٨٩٠) ۾. وائيءَ جي اختتامي دور جو آخري شاعر ٿي گذريو آهي. ننڍي وهيءَ ۾ ئي وڃي قنبر علي شاه جو طالب ٿيو. مرشد جي وفات بعد گنبالي ۾ ئي ويهي عمر گذاريائين ۽ راڳ جي رهاڻ ڪي پڻ قائم رکيائين. سندس ڪلام "رسالو حيدري". سنہ ١٩٠٠ع ۾ هريسنگ سکر واري ڇاپيو. رسالي جي ٦٨ سرن ۾ ٧٩٨ بيت آيل آهن. مختلف فصلن پنيان آندو ٥٩ وايون (ڪافي نما) ۽ ٧ خالص ڪافيون آهن. هن جي شعر ۾ لغت جي ڳوڙهائي ڪانهي، تاهم سندس وايون سهڻي سٽاءَ ۽ اندروني ترنم جي لحاظ کان وڌيڪ دلپذير آهن.

هن تاريخي تجزئي مان واضع ٿي وڃي ٿو تہ: وائي، ميان عنات رضويءَ جي وقت ۾ نسري نروار ٿي، ۽ بلال شاه ۽ لطيف سائين جي دور ۾ وڃي اوج کي پهتي آهي. سندس اهو اوج خليفي نبي بخش ۽ قنبر علي شاه جي زماني تائين بہ پوري طرح سان قائم رهيو آهي. سنڌي شاعريءَ جو اهو سڄوئي دور وائيءَ جي وجود تي ئي ناز ڪندو پئي آيو آهي. تان جو ڪافيءَ اڃا اهو ميدان والاريو آهي.

واضح هجي تہ وڇئين دور جي وڏن شاعرن وٽ (شاه لطيف کان قطب شاه تائين) تہ ڪافيءَ جو نہ تہ ڪو نالو ٿو ملي ۽ نہ ئي وري ڪو ان جو نيشان پڻ موجود آهي! ٽالپوري حڪومت جي آخري دور ڏاري،

جڏهن ڪاري لاڙ طرف قنبر علي شاه جي آستاني تي) فتح فقير ۽ غلام حيدر 'تيرهيو' پنهنجي راڳ سماع جي آخري محفلن ۾ محو آهن: تہ اتر- سري ۾ وري سچل سرمست ساماڻو آهي. ڪافيءَ جي لئہ تال ۾ چستي ۽ وجت ۾ والهانہ مستيءَ جي ڪري، اها تيزيءَ سان وائي تي غالب ٿيڻ لڳي. اسين ڏسون ٿا تہ فقير غلام حيدر گرناريءَ جي جيئري ٿي اها اپي ڪان لاڙ تائين لهي آئي آهي. مطلب تہ ميرن جي زوال سان گڏ ٿي وائيءَ جو بہ زوال آيو ۽ انگريزن جي اقتدار سان گڏوگڏ ڪافيءَ جي بہ اقبال ۾ اضافو ٿيو. انگريزي دور حڪومت جي شاعرن بہ وائيءَ کي آثار قديمہ جي تحويل ۾ ڏيئي، ڪافيءَ جي نئين چلامان کي اختيار ڪري ورتو. ڪافيءَ جو موضوع جيئن تہ هن مقالي جي حدن کان ٻاهر آهي، تنهن ڪري انهيءَ کي ڪنهن ٻئي موقعي تائين ملتوي رکون ٿا. هن موجوده وقت ۾ وائيءَ جيڪو نئون جنم ورتو آهي، تنهن جو تجزيو ٻئي آئينده ڪنهن مضمون ۾ پيش ڪري سگهبو.

# پیا مقال

| | |
|---|---|
| سنڌي ڏوني وڳيان جو ابياس | ڊاڪٽر غلام علي الانا |
| آزاد نظم | ڊاڪٽر تنوير عباسي |
| سچ تريءَ هيٺان جو ابياس | ڊاڪٽر قاضي خادم |
| محمد ابراهيم جويو | ڊاڪٽر هدايت پريم |
| مرتضائي نٿوي جا همعصر شاعر | ڊاڪٽر ديدار حسين شاهه |
| سنڌي شعبي جي استادن جي ڪيل تحقيق جو جائزو | ڊاڪٽر قمرجهان مرزا |
| آغا سليم: بحيثيت ناول نويس | ڊاڪٽر نور افروز خواجه |
| غريب جي سخنوري | ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو |
| علامه غلام مصطفيٰ قاسمي | ڊاڪٽر عبدالجبار عابدلغاري |
| لواريءَ جا لال- هڪ مطالعو | آزاد قاضي |

ڊاڪٽر غلام علي الانا

# ڊاڪٽر جيٺلي جي سنڌي ڏوني-وگيان ڪتاب جو اڀياس

١- هي ڪتاب جڳ مشهور لسانيات جي ماهر ڊاڪٽر مرليڌر جيٺلي صاحب جي ڪاوشن جو ڦل آهي 'سنڌي ڏوني-وگيان' يعني 'سنڌي صوتيات'، جنهن لاءِ انگريزي ٻوليءَ جو لفظ Sindhi Phonology ڪم آندو ويو آهي، پر منهنجي خيال ۾ 'صوتيات' لاءِ انگريزي لفظ Phonetics هئڻ گهرجي ءِ نہ ڪ Phonology، ڇاڪاڻ تہ Phonology لاءِ سنڌي لفظ 'علم صوتيہ' آهي. پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب بہ اهوئي لفظ يعني 'علم صوتيہ' ڪم آندو آهي.

ڪتاب جي مهاڳ ۾، ڊاڪٽر جيٺلي، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي بيهڪ ۽ تاريخي اوسر جو اڀياس تي، گهڻيءَ وضاحت سان ڪيو آهي. البت هن ڏس ۾ انگريزن جي دور ۾ آخوند عبدالرحيم وفا عباسي ۽ ڪن ٻين ماهرن جي ڪيل ڪم جو ذڪر ڪيو وڃي ها تہ وڌيڪ بهتر ٿئي ها.

(الف) هن ڪتاب جو پهريون باب آهي "ٻوليءَ جو سرشتو". هيءُ باب وضاحت سان سمجهائيندي، ڊاڪٽر جيٺلي پهرين "ٻولي ڇا آهي؟" عنوان تي بحث ڪيو آهي. جيٺلي صاحب نهايت ئي وضاحت سان، ٻوليءَ جي وصف ۽ ڪارج تي بحث ڪيو آهي. ٻوليءَ جي استعمال واريءَ خصوصيت تي روشني وجهندي، ڊاڪٽر جيٺلي صاحب لکي ٿو تہ:

"ٻوليءَ جا ٻه طرف آهن: هڪڙو طرف آهي اُچارڻ ڪيل آواز ۽ ٻيو طرف آهي انهن آوازن ذريعي حاصل ٿيندڙ مطلب".

جيٽلي صاحب جو رايو آهي تہ:

"اُچاريل آوازن جي خاص "ترتيب" تي ئي ٻوليءَ جي سڄي سرشتي جو مانڊاڻ منڊيل آهي. انهيءَ جو ڳهاٽو سبند وري معنيٰ جي سرشتي سان قائم ٿيل آهي. انهيءَ ريت هرهڪ ٻوليءَ جي نظام ۾ ٻہ طرف آهن. اهي ٻہ طرف آهن:

(i) اظهار: جنهن ۾ اُچاريل آواز ۽ انهن جي آڌار تي ٺهيل سڄو سرشتو اچي ٿو:

(ii) ٻيو طرف آهي معنيٰ يا ارٿ (Content): هن ۾ ٻوليءَ جي اظهار واري طرف کي ڇڏي، باقي ڪائنات جون شيون، خيال ۽ ڀاونائون صدين کان وٺي انسان ذات جا ڪنا ڪيل آزمودا شامل آهن".

اُن کان پوءِ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب آوازن جي پيدا ڪندڙ عضون، مخرجن، ٻڌندڙن جي ڪَن تائين انهن آوازن جي پهچڻ ۽ آوازن جي معنيٰ ۽ مفهوم جو واسطو، نفسيات (منو وگيان)، منطق (ترڪ شاستر)، فلسفي (درشن ساستر) ۽ شاعريءَ (ڪاويہ شاستر) سان ڏيکاريو آهي. جيٽلي صاحب، ٻوليءَ جو سرشتو هڪ چارٽ ذريعي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهيءَ چارٽ کي سمجهڻ جي ضرورت آهي.

٢- (الف) ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، صفحي ٧ تي، صوتيہ کي 'ڌوني تت' جي نالي سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ۾، 'صوتيہ' (Phoneme) ۽ صرفيہ (Morpheme) جي وصف ۽ ڪارج سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڊاڪٽر جيٽلي 'صرفيہ' کي 'روپي' ڌوني-تت' جو نالو ڏنو آهي. سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪتاب ۾، 'صرف' يعني روپ (Morph) کي وضاحت سان سمجهايو ويو آهي. ڊاڪٽر جيٽلي صاحب بہ ساڳي ڪوشش ڪئي آهي، پر ڊاڪٽر موصوف صفحي ٨ ۽ ٩ تي 'علم صرف'

يعني Morphology جا اصول سمجهائيندي. 'صرفيائي تبديلين' جا ٻه مثال ڏيئي ويو آهي، جنهن ڪري پڙهندڙ منجهي ٿو پوي. ٿين هيئن ڪپندو هو ته 'صوتي' ۽ 'صرفي' تبديلين کي ڌار ڌار بابن ۾ بيان ڪيو وڃي ها ۽ 'صوتياتي ستاءُ' (Phonetic Structure) ۽ 'صرفيائي ستاءُ' (Morphological Structure) جي، ڌار ڌار عنوان هيٺ سمجهاڻي ڏجي ها. ڪي ڪي جملا اهڙا ته ڏکيا ڏنا ويا آهن جو انهن جو مفهوم عام ماڻهو يا عام پڙهندڙ جي ذهني پهچ کان پري آهي؛ مثال طور: صفحي ١٠ تي لکيل هي جملو ملاحظه ڪريو:

"روپ تت واري سطح ٻوليءَ جي بناوت ۾ اها منزل آهي، جنهن ۾ ننڍي ۾ ننڍو ايڪو (Unit) آهي 'روپ-تت'. هر هڪ 'روپ- تت' کي پنهنجي معنيٰ آهي. ان ڪري ٻوليءَ جي ارٿ واري طرف سان اُن جو سڌو سنبنڌ آهي".

(ب) ڊاڪٽر جيتلي، صفحي ١٠ تي سنڌي ٻوليءَ جا عام فهم وياڪرڻي عنوان ڪم نه آندا آهن، پر انهن جي جاءِ تي سنسڪرت جا ڏکيا نالا ڪم آندا اٿس. مثال طور 'واڪيه واري سطح' (Syntactical level). مون کي خبر نه آهي ته پارت ۾ رهندڙ سنڌي وياڪرڻي يا ڀاشا وگيان جا سنڌي ڄاڻو 'واڪيه' لفظ جي ڪارج کان واقف آهن يا نه؟ لفظ اهڙو ڪم آڻجي جيڪو سنڌ ۽ پارت ۾ عام طور سمجهو وڃي. اُن لاءِ 'نحوي سطح' لفظ ڪم آڻجي ها. ڇاڪاڻ ته اڄا تائين هند ۽ سنڌ جا سنڌي وياڪرڻي، ساڳيا وياڪرڻي لفظ ڪم آڻيندا آهن. ڊاڪٽر جيتلي سمجهاڻي ڏيندي لکي ٿو:

"هن سطح تي لفظ يا شبد (Word) ئي ننڍي ۾ ننڍو ايڪو (Unit) آهي، جنهن مان جدا جدا قسمن جا لفظي ميڙ (Phrases). فقرا (Clauses) ۽ واڪيه يا جملا (Sentences) نهن ٿا."

هن جملي مان معلوم ٿيو ته 'واڪيه واري سطح' مان مراد آهي 'جملن واري سطح'. ۽ جملن واري سطح جي اڀياس ڪي، عام وياڪرڻي

اصطلاح ۾ 'نحوي اڀياس' چئبو. جنهن کي هرو ڀرو بدلائي، منجهائڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪانهي، ڇاڪاڻ تہ هي ڪتاب سنسڪرت جي ماهرن لاءِ ڪونہ لکيو ويو آهي.

جيٽلي صاحب صفحي ١١ تي بلڪل صحيح فرمايو آهي تہ:

"روپ - گيان ۽ واڪيہ گيان، اهي ٻئي گڏجي ڪنهن ٻوليءَ جي وياڪرڻي سرشتي يعني Grammatical structure جي بناوت ڏيکارين ٿا".

جيٽلي صاحب، ساڳئي صفحي (ص ١١) تي اڳتي لکي ٿو تہ:

"ڪنهن بہ ٻوليءَ کي سکڻ لاءِ اُن جي وياڪرڻي سرشتي جي پوري پوري ڄاڻ حاصل ڪرڻ نهايت ئي ضروري آهي."

(ت) ڊاڪٽر جيٽلي، صفحي ١٢ تي ٻوليءَ جي معنيٰ وارو طرف بلڪل صاف طرح سمجهايو آهي. ١٢ ۽ ١٣ صفحن تي هن صاحب 'ٻولي جي معنيٰ واري طرف' ۽ 'اظهار واري طرف' تي مثالن ۽ دليلن سان روشني وڌي آهي.

مطلب تہ ١٥ صفحي تائين جيٽلي صاحب ٻوليءَ جي ڪن خاصيتن تي روشني وڌي آهي، جيئن تہ:

(i) ٻوليءَ جي بناوت جون سطحون،

(ii) ٻوليءَ ۾ هرهڪ لفظ يا روپ تت هڪ علامت يا نشاني آهي،

(iii) هرهڪ علامت، ڳالهائڻ جي عضون ذريعي اچارڻ ڪيل آوازن مان ٺهيل آهي،

(iv) ٻولي، سماج ۾ هڪ ٻئي سان وهنوار قائم رکڻ لاءِ هڪ وسيلو آهي،

(v) ٻوليءَ ۾ اُچاريل لفظ ۽ اُن جي معنيٰ جي وچ ۾ جيڪو لاڳاپو آهي، اهو هرهڪ ٻوليءَ جي روايت يا رواج تي ٻڌل آهي.

(ث) ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، صفحي ١٥ ۽ ١٦ تي هڪ اهڙو پئراگراف ڪم آندو آهي جيڪو اُنهن ماڻهن لاءِ مضبوط دليلن تي آڌار رکندڙ هڪ

جواب آهي. جيڪي اها دعوا ٿا ڪن تہ ٻوليءَ ۾ تبديلي معنيٰ ٻوليءَ جي ترقي، ۽ اها تبديلي بہ پاڻ آڇي. ڊاڪٽر جيٽلي فرمائي ٿو تہ:

"انهن جي معنيٰ جو آڌار آهي سنڌي ٻوليءَ ۾ صدين کان وٺي هلندڙ لوڪاچار يا روايت. پيڙهي بہ پيڙهي ورثي ۾ ملندي، ڪن لفظن ۾ انهن جي معنيٰ ۾ ڪڏهن ڪڏهن تبديلي اچي وڃي ٿي: پر اها واهپي ۾ تڏهن اچي ٿي، جڏهن ان ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ ان ڦير گهير کي قبول ڪن ٿا."

انهيءَ بيان کان پوءِ جيٽلي صاحب، صفحي ١٦ تي ٻوليءَ جي وصف ڏني آهي. هو لکي ٿو تہ:

"ٻولي، لوڪاچار تي ٻڌل ۽ اچاريل آوازي علامتن جو هڪ اهڙو سرشتو آهي، جنهن جي ذريعي ڪنهن ڀاشائي سماج جا ماڻهو پاڻ ۾ وهنوار ڪن ٿا."

ان کان پوءِ جيٽلي صاحب، انسان ۽ ٻين ساهوارن جي ٻوليءَ ۾ فرق جا مثال ڏنا آهن، ۽ صفحي ١٧ تي انسان جي ٻوليءَ ۾ فرق جا مثال ڏنا آهن، ۽ صفحي ١٧ تي انسان جي ٻوليءَ جون ست وصفون بيان ڪيون آهن، جيڪي سندس چواڻي تہ ٻئي ڪنهن ساهواري جي آوازي سرشتي ۾ نٿيون ملن. اهي ست وصفون هي آهن:

(i) ٻٽي حالت (Duality)

(ii) نئين پيدائش (Productivity)

(iii) لوڪاچار يا روايت (Arbitrariness)

(iv) مٽ سٽ (Inter-changeability)

(v) نرالائي (Specialization)

(vi) مڪان ۽ زمان ۾ تبديلي (Displacement)

(vii) سانسڪرتڪ پرمپرا (Cultural Transmision)

(ج) ٻوليءَ ۾ تبديليءَ جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر جيٽلي صفحي ١٩ تي جيڪا راءِ ڏني آهي. سندس اها راءِ بہ ٻوليءَ ۾ تبديليءَ جي باري ۾ راءِ رکندڙ ماڻهن کي نوٽ ڪرڻ گهرجي. ڊاڪٽر جيٽلي صاحب لکي ٿو:

"انسان پيڙهي بہ پيڙهي پنهنجن وڏن کان ٻولي سکندو آيو آهي. نقل ڪري ٻولي سکڻ جي ڪري ٻوليءَ جي روپ ۾، وقت گذرندي ڪجهہ فرق اچڻ سڀاويڪ آهي، ڇاڪاڻ تہ نقل سؤفيصدي اصل جهڙو ٿيڻ ممڪن نہ آهي. ان ڪري سمي پڇاڻان ٻوليءَ جو اڀياس ڪرڻ سان اسان کي جدا جدا صدين ۾ اُن ۾ آيل ڦير گهير جي ڄاڻ پوي ٿي. اُن مان اها حقيقت بہ ثابت ٿئي ٿي تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جو سرشتو ڪنهن خاص وقت ۾ نہ ٺهيو آهي. اهو گهڻين ئي صدين کان وٺي گهڙجندو، ڦرندو گهرندو، وڌندو ويجهندو اسان تائين پهتو آهي."

٣- (الف) هن ڪتاب جو ٻيو باب صفحي ٢٢ کان شروع ٿئي ٿو. اهو باب "علم آواز" يعني Phonetics متعلق آهي. هن باب ۾ گرامر جو اڀياس ڪرڻ ۽ لفظن جون معنائون ياد ڪرڻ کان اڳ، ٻوليءَ جي آوازن کي سڃاڻڻ ۽ انهن جي صحيح اچار ڪرڻ تي زور ڏنل آهي، نہ تہ تہ ڪيترن ئي لفظن جي معنيٰ ئي بدلجي ويندي. انهيءَ ڪري اهڙي مطالعي کي Phonetics چئبو، نہ ڪ Phonology.

(ب) اُن کان پوءِ آوازن جي اڀياس جو طريقو (ص ٢٤)، ڳالهائڻ جا عضوا (ص ٢٥) ۽ انهن جا ڪم (ص ٢٥)، اچاريندڙ عضوا (ص ٢٥) ۽ اچار- جايون (ص ٢٥)، تصويرن ذريعي سمجهايل آهن. اهو سمورو بيان، منهنجي ڪتاب 'سنڌي صوتيات' ۽ محترم پروفيسر عليٰ نواز جتوئيءَ جي ڪتاب 'علم لسان ۽ سنڌي زبان' ۾ بہ وضاحت سان بيان ڪيل آهي، پر پارت ۾ رهندڙ سنڌين کي آسانيءَ سان سمجهائڻ لاءِ جيٽلي صاحب سنسڪرت جا لفظ ڪم آندا آهن، پر آءٌ نٿو ڀانيان تہ ڊاڪٽر صاحب جا ڪم آندل لفظ. ڀارت ۾ رهندڙ عام سنڌي ماڻهو، سمجهي سگهندو، ڇاڪاڻ تہ اهي لفظ ڀاشا- وگيانيءَ جي ڄاڻ لاءِ ئي آهن ۽ نہ ڪ عام ماڻهوءَ لاءِ.

(ت) هت اهو ٻڌائڻ بہ ضروري ٿو سمجهان تہ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب سندس انهيءَ ڪتاب ۾ جيڪي (Technical) لفظ ڪم آندا آهن، انهن

لفظن ۾ منهنجي ڪتاب. سنڌي صوتيات ۾ صفحي ٩٠ کان ٩٤ تائين ڏنل فني لفظن ۾ گهڻو فرق آهي. ڊاڪٽر جيٽلي صاحب فني لفظن جي مڪمل فهرست (صفحي ١٥٠ کان ١٥٤) تائين شامل ڪئي آهي. اُهي ٻه ڏسي سگهجن ٿا. هيٺ ڪي لفظ مثال طور پيش ڪجن ٿا. جن ۾ فرق ظاهر آهي:

| انگريزي لفظ | الانا طرفان ناهيل لفظ | ڊاڪٽر جيٽلي جو ناهيل لفظ |
|---|---|---|
| Acoustic | گونج | آوازن جي هوائي لهرن جي سنبندي |
| Glottis | گلو | ساهه نليءَ جو لنگهه |
| Oral Cavity | وات وارو کوپو | وات وارو يا مکانئون خال |
| Alveolar/ Teathridge | مهار/ کهري مهار | مهارون |
| Blade of tongue | جڀ جو ڦار | جڀ جو ڦر |
| Epiglottis | نڙگهٽ جي منهن واري ڍڪڻي | ساهه جي نلي |
| Front of tongue | جڀ جو مهڙ | جڀ- اڳياڙي |
| Back of tongue | جڀ جو پوڇڙ | جڀ - پجاڙي |
| Diphthongs | يڪپدا ڌهراسُر | هڪ اکرا ڌهرا سُرَ |
| Plosives/explosives | ڌوڪنا/ڌماڪيدار | خارجي ڌماڪيدار |
| Implosives | چوسُنا | داخلي ڌماڪيدار |
| Nasals | گهڻا/ نڪوان | نڪانوان |
| Fricatives | گسنا | گهڪيدار |
| Laterals | پاسيرا | پاسيرا |
| Flapped | ڦڙڪنا/ڦڙڪي وارا | هڪ ڌڪا/لرزشي |
| Semi-vowels | نيم-سر | نيم سر |
| Glottal | گلي وارا | نڙگهٽي |
| Velar | نرم تارونءَ وارا | نرم تارونءَ وارا |
| Palatal | سخت تارونءَ وارا | سخت تارونءَ وارا |

| | | |
|---|---|---|
| Retroflex | مورڏني | مورڏني |
| Dental | ڏندن وارا | ڏندانوان |
| Labial | پچيوان | چپن وارا |
| Diaphragm | پيٽ-ڇهه | پيٽ ڇهه |
| Root of tongue | چپ جي پاڙ | چپ - پاڙ |

'سنڌي صوتيات' ڪتاب ۾، علم آواز (Phonetics) جي لحاظ کان ڪُل ملائي ۱۱۳، اهڙا فني لفظ ڏنا ويا آهن، پر ڊاڪٽر جيٽلي جي ڪتاب ۾ صفحي ۱۵۰ کان ۱۵۴ تائين اهڙن فني لفظن جو تعداد ۱۴۳ آهي. ڊاڪٽر جيٽلي صاحب ڪن اسمن لاءِ اهڙا نئالا مقرر ڪيا آهن جن سان منهنجو اختلاف آهي. اهي لفظ هي آهن:

| انگريزي لفظ | ڊاڪٽرجيٽلي جو ڏنل لفظ | منهنجي خيال ۾ موزون لفظ |
|---|---|---|
| Syllable | اکر | پَد |
| Voiced sound | ڪومل/گهوش آواز | ڳرو/ڪٺور آواز |
| Voiceless sound | ڪٺور/اگهوش آواز | نرم/ڪومل آواز |

(ت) ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي ڪتاب جي صفحي ۲۹ کان وٺي صفحي ۳۹ تائين وارو مواد لڳ ڀڳ اهوئي ساڳيو آهي جيڪو 'علم لسان ۽ سنڌي زبان' ۽ 'سنڌي صوتيات' ڪتابن ۾ بہ ڏنل آهي. البت ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جو انداز مختلف آهي، پر بيان ڪيل ڳالهيون ساڳيون آهن.

۴- (الف) ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي ڪتان جو ٽيون باب (ص ۴۰ کان) Phonemics يعني 'ڏوني-تت وگيان' جي باري ۾ آهي. Phonetics لاءِ ڏوني-وگيان (علم آواز) لفظ ڪم آندل آهي جڏهن تہ Phoemics لاءِ جيٽلي صاحب 'ڏوني-تت وگيان' لفظ ڪم آندو آهي. جنهن کي ڀاشا-وگيان جي برطانوي ماهرن Phonology سڏيو آهي. Phonemics يا Phonology لاءِ مون 'علم اصوات' لفظ ڪم آندو هو. جڏهن تہ پروفيسر جتوئي صاحب 'علم صوتيہ' لفظ جوڙيو آهي. جيڪو منهنجي خيال ۾ وڌيڪ مناسب آهي. Phonology دراصل لفظن اندر، 'آوازن

جي با معنيٰ ترتيب ۽ آوازن اندر لفظن جي بامعنيٰ سٽاءُ يعني رچنا کي ڇڏيو آهي. اهڙو مطالعو، پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب، پنهنجي ڪتاب ۾ تفصيل سان پيش ڪيو آهي. انهيءَ اڀياس جي مدد سان، لفظن جي رچنا لاءِ پدن جي جڙڻ ۽ لفظن اندر آوازن جي بامعنيٰ ترتيب ۽ ٻيهڪ جو پتو پوي ٿو.

(ب) جيٽلي صاحب صفحي ۵۲ کان باب چوٿين ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ 'سُرَ ۽ وينجن ڌوني-تت' جو ذڪر ڪيو آهي. سُر صوتيي ۽ وينجن صوتيي جو بيان 'علم لسان ۽ سنڌي زبان' ۽ 'سنڌي صوتيات' ڪتابن ۾ به ڏنل آهي. ڊاڪٽر جيٽلي صفحي ۷۸ کان صفحي ۱۰٦ تائين باب ستين ۽ باب اٺين ۾. 'لفظن ۽ اکرن جو سرشتو' يعني Syllabic Structure of words ۽ باب اٺين ۾ 'سُرن ۽ وينجنن جي ورهاست' يعني Distribution of vowels جو ذڪر ڪيو آهي.

(ت) سنڌي صوتيات ڪتاب ۾، سنڌي وينجنن ۽ سر صوتين جون، چارٽن (Diagrams) جي مدد سان سمجهاڻيون ڏنل آهن. وينجنن جي چارٽ ۾ اهو واضح طور ڄاڻايو ويو آهي ته:

ث، ص، ف، ق، ذ، ض، ظ، ط، ع ۽ ح (ڪل ملائي ۱۰ اکر) سنڌي صورتخطيءَ ۾، حرفن طور ته شامل ڪيا ويا آهن، پر اهي آواز، سنڌي صوتياتي نظام جو حصو نه آهن، پر فقط عربي زبان جي حرفن طور، سنڌي صورتخطيءَ ۾ شامل ڪيا ويا آهن. ڊاڪٽر جيٽلي به انهن ئي بيان ڪيو آهي. هو صفحي ۵۲ ۽ ۵۳ تي لکي ٿو ته:

> "سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪتب ايندڙ عربي، فارسي حرفن واريءَ صورتخطيءَ ۾ نو (۹) حرف اهڙا آهن جن جو اسين ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ اچار نه ڪندا آهيون. انهيءَ ڪري اهي سنڌي ٻوليءَ جي آوازي سرشتي ۾ موجود نه آهن. سنڌيءَ جي عربي-فارسي لکاوٽ ۾ انهن حرفن کي فقط ان لاءِ شامل ڪيو ويو آهي. جيئن سنڌيءَ ۾ ڪتب ايندڙ عربي ۽ فارسي ۽ ڪن ٻين ٻولين جي لفظن کي سندن اصلوڪي هجي ۾ لکي

منهنجيءَ ذاتي راءِ موجب [مهہ، نهہ، ٺهہ، لهہ ۽ ڙهہ] وسرگ آواز آهن ۽ اهي سنڌي صوتياتي نظام يا سرشتي ۾ صوتيہ طور ڪم ايندا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ مون پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' ۾ فقط /ڙهہ/ کي صوتيہ طور استعمال جا لطيف سائينءَ جي رسالي مان ٻہ بيت ڏنا آهن.

ڪڙ پڻ پيرِ سندان، ڪڙهہ پڻ ڪيچ ڏٺين لءِ،
انهيءَ پر اُتانِ، پونديءَ مُنڌ پهاڙ ۾.

*****

پر ۾ پير پنهوءَ جي، ڪڙي ۽ ڪڙهي،
سڪ سدائين سندرو جانب لءِ جڙي،
لکن سر لطيف چئي، جهيڙي ۽ جهڙي،
پٺيءَ تان پڙهي، جي عمر سڀ ايهين ڪري.

انهن مثالن ۾ 'ڪڙ' ۽ 'ڪڙهہ'، 'ڪڙي' ۽ "ڪڙهي' لفظن ۾ /ڙ ۽ ڙهہ/ صورتون ڏار ڏار صوتين طور ڪم آيون آهن. عام ماڻهو /ڪڙ/ ۽ /ڪڙهہ/، /ڪڙي/ ۽ /ڪڙهي/ لفظن جي وچ ۾ معنيٰ جي فرق کي چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا. اهڙيءَ طرح /سامي/ ۽ /سامهي/ لفظن ۾ /م/ ۽ /مهہ/ صوتين جي استعمال جي ڪري 'سامي' ۽ 'سامهي' لفظن جي معنيٰ، هر سنڌي ماڻهو ڄاڻي ٿو. لهاذا 'گهہ' ۽ 'جهہ' اکرن ۾ 'هہ' جي حيثيت بلڪل علحدي وينجن واري ڪانهي، جيئن ڊاڪٽر جيٽلي صاحب صفحي ٥٣ تي فرمايو آهي. 'گهہ' هڪ ئي وسرگ وينجن آهي؛ ساڳيءَ طرح 'جهہ' بہ هڪ ئي وسرگ وينجن آهي. /گهہ ۽ جهہ/ وينجنن ۾، 'هہ' دراصل وسرگ آواز جي وسرگائي ظاهر ڪرڻ جي علامت آهي، وسرگ آوازن جي اُچارڻ مهل. انهن آوازن سان شامل 'ڦوڪ' کي لکت ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ، انهن سان 'هہ' علامت ملائي ويندي آهي، جيئن 'جهہ' ۽ گهہ. مون مٿي ڄاڻيو آهي، 'ڀ، ٿ، ٺ، ڦ، ڌ، ڍ، ڇ ۽ ک حرف بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ وسرگ آوازن جون لڪيل صورتون آهن، پر سنڌي الف – ب جي ڀٽي ٺاهيندڙ ماهرن، انهن آوازن جي وسرگائي ظاهر ڪرڻ لاءِ 'هہ' علامت جي بدران، حرفن ۾ نقطن جو تعداد وڌايو. جيئن:

| وسرگ | اوسرگ | وسرگ | اوسرگ |
|---|---|---|---|
| ٻ | ٽ | ڀ | ب |
| ڦ | ڀ | ٿ | ت |
| ڏ | ڊ | ڌ | د |

البت [ڪ] جي وسرگ صورت لاءِ 'ک' حرف مقرر ڪيو ويو. جڏهن تہ 'ج' جي وسرگ صورت 'جھ' ۽ 'گ' جي وسرگ صورت 'گھ' مقرر ڪئي وئي. هاڻي جيڪڏهن 'ھ' کي علحدو وينجن ڪري ميجي تہ ٻوءِ چئبو تہ /جھ ۽ گھ/ مرڪب وينجن آهن. ۽ نہ ڪ مفرد وينجن. ڊاڪٽر محمد حسين خان پنهنجي مقالي 'اردو صوتيات ڪا خاڪہ' (ڏسو اردوئے معليٰ، لسانيانت نمبر، جلد دوم، دهلي يونيورسٽي، ١٩٦١ع، ص ١١١) ۾ بہ اِئين ئي لکيو آهي. سنڌ جي ڪن ماهرن هيٺن جيو آهي تہ: "جن اکرن يعني 'ڀ، ٿ، ڦ، ٺ، ڌ، ڍ، ڇ ۽ ک' ۾ 'ھ' گڏيل نہ آهي، پر اهي بہ مرڪب اکر آهن. پر انهن ۾ ڀهرئين اکر ۾ 'ھ' سمائجي وئي آهي، يعني اُن ۾ 'ھ' مدغم ٿي چڪي آهي". (ڏسو: ڊاڪٽر شوڪت سبزواري، اردو لسانيات، مڪتبہ تخليق ادب، ڪراچي ١٩٦٦ع، ص ص ١٠١-١٠٤)

حاصل مطلب تہ: [جھ ۽ گھ] يا [ڀ، ٿ، ڦ، ٺ، ڌ، ڍ، ڇ ۽ ک]، مرڪب آوازن جا لکت ۾ اکر نہ آهن، پر اهي بہ مفرد اکر آهن. انهن ۾ 'ھ' اکر، ڪنهن بہ علحدي آواز جي نمائندگي نٿو ڪري، جو ڪٿي چئجي تہ [ج + ھ] گڏيل يا مرڪب اکر آهي. دراصل 'جھ' حرف ۾ 'ھ' وسرگائيءَ جي موجود هجڻ جو اُهڃاڻ ڏئي ٿي، تنهن ڪري /جھ، گھ، مھ، نھ، ٺھ، نھ ۽ ڙھ/ کي مرڪب اکرن جون صورتون يا روپ سڏڻ درست نہ آهي، پر اهي اکر وسرگ آوازن جي لکيل صورت جي نمائندي ڪن ٿا.

۵- (الف) ڊاڪٽر جيٽلي صفحي ۵٣ تي [ٽر ۽ ڊر] کي وينجن واري چارٽ ۾ داخل ڪرڻ تي اعتراض ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب اها

راءِ. 'سنڌي صوتيات' ڪتاب ۾ ڏنل چارٽ ۾. انهن وينجن جي داخلا تي ڏني آهي. ڊاڪٽر صاحب جي اها راءِ بلڪل صحيح آهي پر جيئن تہ اتر سنڌ ۾. خاص ڪري سڪر واري لهجي ۾ [ٽر ۽ ڊر] آوازن جو استعمال عام آهي، ۽ انهيءَ طرف جا ماڻهو 'چنڊ' جي بدران 'چنڊر' ۽ اچاريندا آهن ۽ 'پٽ' جي 'پٽر' چوندا آهن. انهيءَ ڪري انهن آوازن کي وينجن جي صورت ۾. مذڪوره چارٽ ۾ Affricate جي قسم طور داخل ڪرڻ مناسب آهي. عام ٻوليءَ ۾ اهي آواز صوتيہ طور ڪم نٿا اچن پر سڪر واري لهجي ۾ انهن جو استعمال عام آهي. ان ڪري انهن جي داخلا ضروري هئي.

٦- (الف) ڊاڪٽر جيٽلي جي ڪتاب جو پنجون باب، صفحي ٥۴ کان شروع ٿو ٿئي. ۽ اهو باب سنڌيءَ ۾ سرن جي سرشتي جي باري ۾ آهي. سرن جي عام بيان کان پوءِ، ڊاڪٽر صاحب، سرن جي قسمن ۽ سرن جي خاصيتن جو ذڪر ڪيو آهي. اهو سارو بيان 'سنڌي صوتيات' ڪتاب ۾ صفحي ٦٧ کان صفحي ٨٢ تائين ڪيل آهي.

(ب) ڊاڪٽر جيٽلي صاحب صفحي ٥٨ کان صفحي ٦١ تائين "يڪپدا ڌهرن سُرن' (Diphthongs) جي باري ۾ ڊاڪٽر ٽرومپ ۽ ڊاڪٽر ڄمڻ خوبچندانيءَ جي ڪتابن مان حوالا ڏيئي اُن موضوع تي سٺو بحث ڪيو آهي. هو ڊاڪٽر ٽرومپ جي ڏنل دليلن کي وڌيڪ بهتر ٿو سمجهي. 'آي' ۽ 'آو' يڪپدن وارن ڌهرن سرن جي باري ۾. سنڌي صوتيات ڪتاب ۾. صفهي ٧٨ کان صفحي ٩٢ تائين مثال ڏنا ويا آهن. ڊاڪٽر جيٽلي انهيءَ مواد مان فائدو ورتو آهي.

(ت) ڊاڪٽر جيٽلي صاحب صفحي ٦٣ تي 'سنڌي سرن' (Vowels) جي باري ۾ جيڪو چارٽ ڏنو آهي ۽ اُن چارٽ جي مدد سان سرن جي سمجهاڻي ڏني اٿس. اهڙي ساڳئي نموني جي سمجهاڻي، چارٽ جي مدد سان. سنڌي صوتيات ڪتاب ۾ بہ صفحي ٧٥ تي ڏني وئي آهي. ڊاڪٽر جيٽلي طرفان ڏنل چارٽ ۽ سنڌي صوتيات ڪتاب ۾ ڏنل چارٽ (Diagram) ۾ ڪو بہ فرق ڪونهي. اهڙيءَ طرح ٻنهي ڪتابن ۾

سنڌي سرن (Vowels) جي خاصيتن جي سلسلي ۾ ٻه ڏنل وضاحت ۾ ٻه ڳهتي هڪجهڙائي آهي.

٧- (الف) ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، صفحي ٦٦ کان، 'سنڌي وينجنن جي سرشتي' تي بحث ڪيو آهي: ڊاڪٽر صاحب صفحي ٦٧ تي وينجنن جو جيڪو چارٽ ڏنو آهي، اهو چارٽ، سنڌي صوتيات ڪتاب ۾ صفحي ٢٨ ۽ ٢٩ جي وچ ۾ ڏنل چارٽ سان گهٽي هڪجهڙائي رکي ٿو. البت ڊاڪٽر جيٽلي صاحب واري چارٽ ۾ 'مهار' ۽ 'ٿار - مهار وارو مخرج' رکيو نہ ويو آهي، جيڪا ڊاڪٽر صاحب جي ڀُل نہ، پر ويسر ڇٽبي، ڇاڪاڻ تہ انهن مخرجن تان [ن، نهہ ۽ ڙ] آواز اُچاريا ويندا آهن.

(ب) آءُ اڳ ۾ اهو ڇٽي آيو آهيان تہ سنڌي وينجنن واري چارٽ ۾ ڊاڪٽر جيٽلي صفحي ٦٧ تي (Voiceless) آوازن لاءِ ڪنور (اگهوش)' ۽ (Voiced) آوازن لاءِ ڪومل (گهوش)، لفظ ڪم آندا آهن، جيڪي منهنجي خيال ۾ صحيح مفهوم ظاهر نٿا ڪن. منهنجي خيال ۾ (Voiceless) لاءِ 'ڪومل' ۽ (Voiced) لاءِ 'ڪنور' لفظ ڪم آڻڻ گهرجن. ڪاڪي ڀيرومل ۽ ديوان وسڻ مل بہ اهي ئي لفظ ڪم آندا آهن.

(ت) صفحي ٦٧ ۽ ٦٨ تي ڊاڪٽر جيٽلي، آوازن جي قسمن ۽ گروهن جو ذڪر ڪيو آهي. اهڙوئي ذڪر 'سنڌي صوتيات' ڪتاب ۾ بہ، صفحي ٢٨ کان ٣٠ تائين ڪيل آهي. 'سنڌي صوتيات' ۾ انهي سلسلي ۾ حاشين ۾ وضاحت پڻ ڪئي وئي آهي.

٨- (الف) جيٽلي صاحب صفحي ٧١ کان صفحي ٧٧ تائين، وينجنن جي اُچارڻ بابت سمجهاڻي ڏني آهي. اهڙو ساڳيو وستار 'سنڌي صوتيات' ڪتاب ۾ بہ صفحي ٢٠ کان ٢٧ تائين ڪيل آهي. ڊاڪٽر جيٽلي صاحب صفحي ٧٧ ۾ صفحي ٩١ تي، سنڌي وينجنن جي هڪ خصوصيت يعني تشديد (Gemination) جي وضاحت ڪئي آهي، پر صفحي ٩١ تي تشديد واريءَ خصوصيت ڪي، 'ساڳين وينجنن جو

ميل' (Geminated Consonants) عنوان ڏنو آهي. صفحي ٧٧ تي ڊاڪٽر جيتلي لکي ٿو تہ:

"ٻن اکرن وارن لفظن ۾ ٻن سرن جي وچ ۾ ء/ ا، أ ء آ/ سرن جي پٺيان سيني وينجن جي ڊيگهہ ڪي قدر اچارڻ ۾، وڌي ويندي آهي:

بلي [ٻلي]، ڪَپْ [ڪَپْ]

جڏهن بہ ساڳيا وينجن گڏ اچن ٿا، تڏهن اها ڊيگهہ گهٽي وڌيڪ هوندي آهي. انهيءَ ڪي ٻٽا وينجن پڻ سڏبو آهي".

آءٌ معذرت سان ڊاڪٽر جيتلي صاحب جي انهيءَ وضاحتي بيان سان اتفاق نٿو ڪريان. منهنجي خيال ۾ ڊاڪٽر جيتلي صاحب لفظ جي رچنا ۾ تشديد واري قانون ۽ سرشتي کي پاڻ بہ سمجهي نہ سگهيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾، لفظن جي رچنا ۾، آوازن جي مشدد (Geminated) ٿيڻ لاءِ ڪي اصول بلڪل واضح ۽ چٽا آهن.

(ب) 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب ۾ صفحي ٢١١ کان ٢١٣ تائين، 'مشدد وينجن ۾ تشديد لاءِ قانون' عنوان هيٺ بحث ڪيو ويو آهي. اهڙو بحث، دراصل منهنجي ڪتاب "Arabic Element in Sindhi" ۾ ڪيل آهي. 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب ۾ وينجن ۾ تشديد جي باري ۾ هيٺئن بيان ٿيل آهي:

"سنڌي زبان ۾، 'ٻپدي' (ٻن پدن واري) لفظ جي پهرئين پد ۾، جڏهن ڇوٽن (ننڍن) سرن [اَ، اِ ۽ اُ] مان ڪو بہ هڪ سر استعمال ٿيل هوندو آهي، تڏهن اچارڻ مهل، پهرئين پد وري ڇوٽي سر کان فوراً پوءِ ايندڙ هر وينجن، يعني ٻئي پد جي مُنڍ وارو وينجن 'مشدد' (Geminated) يعني 'ٻٽو' ٿي ويندو آهي؛ مثال طور:

[ٻتا] لفظ ۾، ٻئي پد جي مُنڍ ۾ ايندڙ [ت] وينجن، پهرئين پد جي آخر ۾ آيل ڇوٽي سر 'اَ' جي ڪري، مشدد يعني ٻٽو ٿي ويو آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ پهرئين پد جي آخر ۾

آيل چوٿي سر [اَ] جي اثر جي ڪري، ساڳئي لفظ جي ٻئي پد جي مُنڍ ۾ آيل [ت] وينجن مشدد يعني ٻٽو ٿي ويو آهي.

اهڙيءَ طرح ٻيا لفظ ڏسو:

| لفظ جي عام لکت | مشدد صورت موجب لکت |
|---|---|
| پَٽ | پَٽّ |
| پَڪَ | پَڪَّ |
| سَٽَ | سَٽّ |
| سَٽ | سَٽّ |
| سَجَ | سَجّ |
| اَنَ | اَنّ |

۾ جيڪڏهن لفظ جي پهرئين پد ۾ ڪو به ڊگهو سر ڪم آڻبو ته پوءِ لفظ جي ٻئي پد جي مُنڍ ۾ آيل وينجن. مشدد يا ٻٽو نه ٿيندو: جيئن:

| لفظ جي پهرئين پد جي آخر ۾ چوٿن سرن وارا لفظ | لفظ جي پهرئين پد ۾ ڊگهي سر جو استعمال |
|---|---|
| ٻلي | ٻيلي |
| ٻَرَ | ٻار |
| اُٺَ | اوٺي |
| پَرَ | پيرَ وغيره |

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب صفحي ٧٧ ۽ ٩١ تي بلڪل درست لکيو آهي ته:

"سنڌي ٻوليءَ ۾ وينجن جو ٻٽو اُچار گهٽو ڪري لفظن جي معنيٰ ۾ تبديلي نه آڻيندو آهي. جيئن هنديءَ، اردوءَ يا ڪن ٻين ٻولين ۾ ٿئي ٿو: جيئن:

ٻچا = ٻچيل ٻَچا = ٻار
پتا = سرنامو پَتا = پن

٨- (الف) پنهنجي ڪتاب جي ستين باب ۾ صفحي ٧٨ کان صفحي ٨٤ تائين. ڊاڪٽر جيٽلي 'لفظن ۾ اکرن جو سرشتو'

ڪيو آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳڏيل وينجن جي ٻيهڪ ترتيب ۽ بناوت لاءِ اصول ۽ پابنديون بيان ڪيون آهن. وينجن جي هن قسم جي وضاحت، سنڌي ٻوليءَ ۾ هن کان اڳ ڪنهن به ماهر بيان نه ڪيون آهن. البت انگريزي ٻولي ۾ "The Arabic Eelement in Sindhi" ڪتاب ۾، هن عنوان تي پورو باب لکيل آهي. ان باب جو عنوان آهي: "Syllabic structure of Sindhi". هن موضوع تي سنڌي ٻوليءَ ۾ لکڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي.

(ج) صفحي ۹۳ تي، ڊاڪٽر جيٽلي، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳڏيل وينجن جي استعمال لاءِ ڪي اصول بيان ڪيا آهن. هن عنوان تي بحث ڪندي، ڊاڪٽر صاحب لفظن جي مُنڍ ۾ ڪم ايندڙ ڳڏيل وينجن جا مثال به ڏنا آهن. هن سلسلي ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' ڪتاب ۾ هن خصوصيت تي گهڻو بحث ڪيو ويو آهي ۽ چيو ويو آهي ته، سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي مُند ۾ ايندڙ ڳڏيل وينجن، جهڙوڪ: /پر، بر، ٻر، تر، ٿر، ڌو، ٻيءِ ٻيا/، وغيره واري خصوصيت، سنڌي صوتياتي نظام سان واسطو نٿي رکي، البت سنسڪرت توڙي ٻين ٻولين مان، سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي لفظ اڌارا ورتا ويا آهن، انهن ۾ به عالم ۽ ودوان، وينجن جو اهڙو ڳڏيل اچار، لفظن جي مُنڍ ۾ ڪري سگهندا آهن، پر عام ماڻهو اهڙو اچار ڪري نه سگهندا آهن، ۽ اهي اهڙي ڳڏيل اچار جي شروع ۾ يا وچ ۾، سُر ڪم آڻي، ڳڏيل وينجن کي ٽوڙيندا آهن. ڊاڪٽر جيٽلي ٻڻ صفحي ۹۵ تي اهڙي ئي ڳالهه ڪئي آهي. هو لکي ٿو ته:

> "انهن وينجن جي ميل ۾ ڪيترا سنڌي، /س - م/، /س - ن/، کي ڇڏي، ٻين حالتن ۾ اڳيان 'اِ' سُر ڳڏي اچار ڪندا آهن. ڪيترائي سنڌي /س - م/، /س - ن/ جي حالت ۾ ٻنهي جي وچ ۾ 'اِ' وجهي، وينجن ميل کي ڀڃي، اچار ڪن ٿا."

(ح) صفحي ۹۵ کان وٺي صفحي ۱۰٦ تائين، 'لفظ جي وچ ۾ ڳڏيل وينجن' عنوان هيٺ، ڊاڪٽر جيٽلي صاحب 'ٻن ڌماڪيدار وينجن جو

ميل' ڏماڪيدار وينجن + نڪانوان وينجن، ڏماڪيدار وينجن + کهڪيدار وينجن، ڏماڪيدار وينجن + پاسيرو وينجن، ڏماڪيدار وينجن + هڪ ڏڪو وينجن، ڏماڪيدار وينجن + /و/، ڏماڪيدار وينجن + /ي/، گڏيل وينجن، جن ۾ نڪانئون وينجن پهرين اچي ٿو وغيره، مطلب تہ ٩٥ صفحي کان ١٠٦ صفحي تائين ڪيل بحث سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي 'صوتياتي رچنا' يعني Phonology جي لحاظ کان وڏي قابل قدر ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي، جنهن مان سنڌي ٻوليءَ جي شاگردن کي وڏي معلومات ملي سگهي ٿي.

(خ) باب نائين جي صفحي ١٠٧ کان وٺي ٻوليءَ جي 'عروضي خاصيتن' جو اڀياس ڪيو ويو آهي. منهنجي خيال ۾ سنڌي لسانيات جي لحاظ کان، شاعريءَ جي حوالي سان هي باب، بهترين معلومات سان ڀريل آهي. هن باب ۾ آوازن جي ڏيگهہ، آوازن جو زور يعني Stress، آواز جي بلندي يعني Loudness، جملي ۾ آوازن جو لاهہ ۽ چاڙهہ يعني Intonation، لفظن جي اچار ۾ وڇوٽي يعني Juncture, pause، جنهن ڪري الڳ الڳ جذبن، جهڙوڪ: عجب، سوال، رواجي بيان ۽ غصي وغيره جو اظهار ڪيو ويندو آهي. اهڙين وصفن کي جيٽلي صاحب 'عروضي خاصيتون' يعني Prosodic يا Supra segmental خاصيتون سڏيو آهي.

(د) سنڌي زبان جو هن قسم جو مطالعو، هن کان اڳ ڪنهن بہ صاحب پيش نہ ڪيو آهي. هي سڄو باب علمي معلومات سان ڀريو پيو آهي. هن مطالعي ۾ آوازن جي وچ ۾ جوڙ يا وٿي، ٻن لفظن جي وچ ۾ آوازن جا جوڙ، اڌ دم جو استعمال، پوري دم جو استعمال ۽ نڪانون سرن جي ورهاست نهايت ئي اهم عنوان آهن، جنهن تي ڊاڪٽر جيٽلي صاحب قلم کنيو آهي.

٩- (الف) باب ڏهين ۾، صفحي ١١٦ کان ١٢٨ تائين علم صرف يعني Morphphonemics جو مطالعو پيش ڪيل آهي. هن باب جو عنوان آهي: 'روپي ڌوني - تت وگيان' . هن باب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي.وياڪرڻي

سـرشـتي تي ويچـار ظاهر ڪيـا ويا آهن. هن باب ۾ 'سنڌي' يعني Assimilation جي عنوان تي صـفحي ١١٨ ڪـان ١٢٨ تائين ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي. هن موضـوع تي 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب ۾ صفحي ١٠١ ڪـان وٺي ١٢٠ تائين تفـصـيل سـان روشـني وڌي وئي آهي. ڊاڪـٽر جيٽلي صاحب بہ مذڪور ڪتاب تان گهڻي مدد ورتي آهي.

١٠- (الف) هن ڪتاب جو آخري باب يعني باب يارهون، 'سنڌي ڏونين' يعني 'سـنڌي آوازن جي تاريخي اوسـر' جي باري ۾ آهي. هن بـاب ۾ ڊاڪـٽـر صـاحب، 'سنڌي ٻوليءَ جي جنم، 'سنڌي آوازن جي تاريخي اوسر' ۽ 'سنڌي آوازن جي وڪاس' (Development, evolution) تي مختصر طور روشـني وڌي آهي، جيتوڻيڪ هو لکي ٿو تہ:

"اهو تاريخي ڀاشا - وگيان آهي."

(ب) سـنڌي ٻـوليءَ جي بڻ- بنيـــاد جي باري ۾ راءِ ڏيندي ڊاڪٽر جيٽلي صاحب لکي ٿو تہ:

> "انهيءَ ۾ شڪ نہ آهي تہ سنڌي- ٻولي هند- آريائي ٻولين جي نسـل مـان آهي. انهيءَ نسل جي ٻين ٻولين سـان، سنڌيءَ جي تمام گهـڻي مشـابهت آهي. سـنڌيءَ ۾ جيـڪي نراليون خاصيتون نظر اچن ٿيون، اهي ٻوليءَ جي وڪاس دوران پيدا ٿـيون، انهيءَ ڪري سـنڌيءَ جـو جنم ۽ بڻ بنيـاد، ڪنهن غـيـر- آريائي زبان مـان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش بلڪل اوگيانڪ ۽ تاريخي ڀاشا-وگيان جي اصولن جي بلڪل خلاف آهي".

حيرانيءَ جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ ڊاڪٽر جيٽلي جهڙو مها ودوان، سندس راءِ جي خلاف ڪنهن ٻيءَ راءِ کي، اوگـيانڪ ۽ تاريخي ڀـاشا وگـيان' جي اصولن جي بلڪل خلاف راءِ ٿـو ڪوٺي، جيـڪـو درست رويو نہ آهي. هر عالم کي گهرجي تہ سندس راءِ جي خلاف، جڏهن ڪا بہ راءِ اچي تہ اُن راءِ کي فـوراً اوگـيـانڪ راءِ سـڏڻ جي بدران، اُن تي سوچي ۽ اُن جي رد ۾ علمي دليل ڏي.

(ت) منهنجي خيال ۾ سنڌي ٻوليءَ کي هاڻ هند-آريائي ٻولين جي نسل

واري ٻولي سنڌڻ واري راءِ هڪ طرفي ۽ پراڻي راءِ آهي. هن موضوع تي تمام گهڻي تحقيق ٿي آهي. انهن تحقيقن جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو ته اها راءِ هاڻي پراڻن نظرين تي مدار رکي ٿي، جنهن کي نئين تحقيقي مواد سان ڀيٽي اُن ۾ تبديليون آڻڻ گهرجن.

مون سنڌي ٻوليءَ جي جنم جي باري ۾، پنهنجن مختلف مضمونن ۽ ڪتابن، جهڙوڪ: سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا، Origin & growth of Sindhi Language، ڪانسواءِ هندوستاني ٻولين جو جائزو، ڪتاب جي مهاڳ ۾ هن موضوع تي تفصيل سان بحث ڪيو آهي ۽ اهو ٻه ڄاڻايو اٿم ته سنڌو-ماتر ۾، آرين جي اچڻ کان صدها سال اڳ، هتي جا مقامي ماڻهو، ڪا قديم مقامي ٻولي ڳالهائيندا هئا. اُن ٻوليءَ جو نالو غالباً 'سنڌوئي ٻولي' هو. واديءَ سنڌ جي مختلف خطن ۽ علائقن جهڙوڪ" 'لوڻ وارين ٻهاڙين وارو علائقو' (Salt range)، سنڌو ماتر جو 'الهندو علائقو'، سنڌو-ماتر جو ڏاکڻيون علائقو، راجستان جا ڌار ڌار علائقا (جوڌپور، جيسلمير، ميواڙ، مارواڙ، جئيو، )، گجرات، ڪڇ، ڪانياواڙ وارو علائقو، هرياڻا، ڪشمير، داردي علائقو، بلوچستان ۽ اوڀر ايران جا علائقا انهن سارن علائقن ۾ سنڌو- ماتر جي قديم تهذيب ڇانيل هئي، ۽ هر علائقي ۾ 'سنڌوئي ٻوليءَ' جي شاخ، اُن علائقي مطابق استعمال ٿيندي هئي. اهي ٻوليون ڌار ڌار شاخن جي نالن سان مشهور هيون: جيئن:

لهندي، جيسلميري، مارواڙي، ميواڙي، هڙوتي، پنجاب جون ٻوليون، گجراتي، ڀيلي، ڪڇي، ڪانياواڙي، باگڙي، ڪشميري، داردي، بروهي، ۽ اوڀر ايران جي خوزستان خطي جون مقامي ٻوليون، سنڌوئي ٻوليءَ جون شاخون آهن. اهوئي سبب آهي جو سنڌي ۽ انهن سڀني ٻولين ۾ تمام گهڻي هڪجهڙائي اڄ به قائم آهي. انهيءَ ڪري هر ماڻهوءَ جي ذهن ۾ اهو سوال ته پيدا ٿئي ٿو ته سنڌيءَ ۽ سنڌو-ماتر جي ٻين ٻولين ۾ گهڻي مشابهت جو ڪارڻ ڇا آهي؟ جواب ۾، اهو ته سمجهيو وڃي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ ۽ واديءَ سنڌ جون ٻيون ٻوليون، هند-آريائي نسل جون ٻوليون آهن، پر اُن جي بدران اهو ڇو نه تسليم

ڪيو ويجي تہ سنڌي ۽ سنڌو- ماٿر جي ٻين ٻولين جي مشابهت جو وڏو سبب هيءُ آهي تہ اهي سڀ ٻوليون آرين جي سنڌو-ماٿر ۾ اچڻ کان اڳ، سنڌو- ماٿر ۾ رائج. سنڌوٽي ٻوليءَ جون شاخون آهن، جيڪي جڳان جڳ هن واديءَ ۾ استعمال ٿينديون ۽ قائم رهنديون اچن.

ڀارت جا ڪيترائي سنڌي عالم بہ اهائي سوچ رکن ٿا. تنهن ڪري هن باب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ وڌيڪ بحث ڪرڻ مناسب نہ آهي. ۽ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي هيءَ دعوا هرگز قبول ڪري نٿي سگهجي تہ:

"هتي هند- آريائي ٻولين جو وڪاس جنهن ريت سمجهايو ويو آهي. انهيءَ موجب چئبو تہ هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ جو جنم اُنهيءَ اوائلي پراڪرت ٻوليءَ مان ٿيو آهي. جيڪا رگ ويد واري زماني يا اُنهيءَ کان بہ ڪجهہ صديون اڳ موجوده سنڌ واري ايراضيءَ ۾. ۽ اُنهيءَ جي آسپاس وارن علائقن ۾ ڳالهائي ويندي هئي. انهيءَ جي جهلڪ اسان کي رگ ويد جي پراچين منترن جي ٻوليءَ ۾ ملي ٿي".

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب اڳتي صفحي ١٣٨ تي لکي ٿو تہ:

"رگ ويد جي زماني وارين عوامي ٻولين. هڪ طرف سنسڪرت کي جنم ڏنو تہ ٻئي طرف اُنهن جدا جدا علائقن ۾ پالي، پراڪرت ۽ اپڀرنش وارين منزلن مان گذرندي، هاڻوڪين هند-آريائي ٻولين جو روپ اختيار ڪيو. جن مان اسان جي سنڌي ٻولي هڪ آهي."

منهنجي خيال ۾ هيءُ رايو برهمڻڪي ذهن جي ترجماني وڌيڪ ٿو ڪري. انهيءَ ڪري آءٌ گذارش ڪندس تہ جيڪي ماهر هن برهمڻڪي سوچ کي قبول نٿا ڪن، تن کي هن سوچ جي ابتڙ سوچ کي، اوکيائڪ سوچ سڏڻ صحيح نہ آهي.

١١- (الف) هن سلسلي ۾ جڳ مشهور سنڌ شناس عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي اها راءِ، جنهن جو تفصيل سان بيان هن پنهنجي

مقالي بعنوان "سنڌو-تهذيب جي سنڌو لکت جي پاڇ" (سنڌي ٻولي، بااختيار جو تحقيقي جنرل، اپريل- مئي- جون ١٩٩٤ع، ص ص ٥ ۽ ٦) ۾ موجوده سنڌي ٻوليءَ جي قديم ۽ مقامي تهذيب واري ٻولي هجڻ جي دعوا ڪئي آهي. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ:

"هن سلسلي ۾ پيو 'پانيو' جيڪو هن وقت محققن وٽ وڌيڪ مقبول آهي، سو هي آهي تہ ٻين سڀني قديم ٻولين (منڊا، قديم- هند آريائي وغيره) جي پيٽ ۾ ڪا دراوڙي ٻولي، 'سنڌو لکت' ۾ سمايل آهي. هيءَ 'پانيو' انهيءَ سوچ تي ٻڌل آهي تہ سنڌو وادي سان لاڳو خطي 'بروهڪيءَ' ۾، دراوڙي جزا سمايل آهن ۽ انهيءَ ڪري تي سگهي ٿو تہ سنڌو واديءَ ۾ ڪنهن وقت دراوڙي ڳالهائيندڙ موجود هئا، جن 'مئن جي دڙي' واري سنڌو- تهذيب کي جنم ڏنو. انهيءَ ڪري 'مئن جي دڙي' واري ''سنڌو لکت' پڻ ڪنهن دراوڙي ٻوليءَ جي آهي؛ مگر دراوڙي ٻولي بہ ڪا هڪ ڪانهي پر پنجويهہ کن آهن، جن مان 'ڪتروخ'، 'ملتو' ۽ 'بروهڪي' وڌيڪ اثر واريون آهن. 'پانيي' موجب انهن ٻولين مان ڪي قديم دراوڙي الفاظ چونڊي، انهن جي معنائن جي معنوي صورت جي 'سنڌو لکت' جي سالم ڪتبن توڙي سندن ڀاڱن سان مطابقت تلاش ڪرڻي پوندي!

(ب) ڊاڪٽر بلوچ صاحب ساڳئي صفحي تي اڳتي لکي ٿو تہ:

"هن سلسلي ۾ ٽيون 'پانيو' هيءَ تجويز ڪري سگهجي ٿو تہ 'سنڌو لکت' کي پڙهڻ لاءِ اُن جي ڪتبن ۽ ڀاڱن ۾ خود سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۽ فقرن جي مطابقت تلاش ڪجي، اهڙي 'پانيي' تي اعتراض تي سگهي ٿو تہ سنڌي هن دور جي رائج ٻولي آهي، جنهن جو قديم سنڌو- تهذيب واريءَ ٻوليءَ سان لاڳاپو تصور ڪري نٿو سگهجي؛ پر اهو ساڳيو اعتراض دراوڙي تي بہ ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ اهي دراوڙي لفظ جيڪي هن وقت ڳالهائجن ٿا، جن جي معنيٰ هن وقت معلوم

آهي. سي 'قديم سنڌي ٻوليءَ جي لکت' ۾ ڪيئن ٿا سمايل ٿي سگهن؟

جيڪڏهن ڪي قديم دراوڙي الفاظ 'سنڌو لکت' واريءَ ٻوليءَ جا ٻچيل آثار آهن ته موجوده سنڌيءَ ۾ رائج ڪي قديم الفاظ پڻ، قديم سنڌي تهذيب واريءَ ٻچيل آثار ٿي سگهن ٿا".

(ت) ڊاڪٽر بلوچ صاحب، انهيءَ قديم ۽ مقامي ٻوليءَ جا سنڌي لغات مان ڪي لفظ چونڊي، پنهنجي مذڪوره مقالي ۾ مثال طور ڏنا آهن، جيڪي سندس راءِ موجب قديم سنڌو- تهذيب ۾ رائج ٻوليءَ جي باقيات آهن جن کي ماهرن ديسي لفظ سڏيو آهي.

(ث) ڊاڪٽر بلوچ صاحب، پنهنجي هن اهم ۽ نئين راءِ کي جن لفظن تي ختم ڪيو آهي، اهي لفظ هيٺ ڏهرائجن ٿا:

"مٿيان ٿورا لفظ چونڊيا ويا آهن، پر آڳاٽي وقت جا اهڙا گهڻائي لفظ هن وقت به سنڌيءَ ۾ رائج آهن. اهي غور طلب آهن، ڇاڪاڻ جو ٿي سگهي ٿو ته انهن مان گهڻا سنڌو لکت واريءَ قديم ٻوليءَ جا هجن."

(ج) ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي هن پوري بيان مان هي ٿو ثابت ٿئي ته سنڌو-تهذيب ۾ جيڪا ٻولي رائج هئي سا هن سرزمين جي اصلوڪي ۽ مقامي ٻولي هئي، جيڪا تڏهوڪي زماني کان وٺي سنڌو- ماٿر ۾ ڳالهائي ويندي هئي؛ جيڪا اڄ ڏينهن تائين تسلسل سان قائم ۽ دائم رهندي آئي آهي.

(ح) هن پوري تجزئي مان هي ٿو ثابت ٿئي ته سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد ڪي، سنڌو ماٿر جي اُن قديم ۽ سئنڌوئي ٻوليءَ سان ملائڻو پوندو جيڪا رگ ويد جي وجود ۾ اچڻ کان صديون اڳ سنڌو-تهذيب ۾ رائج هئي ۽ جنهن جون تمام گهڻيون خصوصيتون سنڌو- ماٿر جي ماڻهن پاڻ وٽ سنڀالي رکيون آهن، جنهن جا ڪيترائي مثال منهنجي زيرطبع ڪتاب 'سنڌيءَ ٻوليءَ جي ارتقا' ۾ ڏنا ويا آهن.

متين دليلن ڪان پوءِ ڊاڪٽر جيتلي صاحب جي سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ ڏنل راءِ سان آءٌ اتفاق نٿو ڪريان.

ڊاڪٽر جيتلي صاحب جو هي ڪتاب گهڻي سوچ ويچار ڪان پوءِ، سنڌي زبان جي ڌار ڌار پهلوئن جي گهري مطالعي ۽ ڀاشا وگيان جي اصولن کي آڏو رکي لکيو ويو آهي. منهنجي ،مانداراڻي راءِ آهي ته جيتلي صاحب هي ڪتاب لکي سنڌي ڀاشا وگيان جي وڏي خدمت ڪئي آهي. هن ڪتاب ۾ ڪيل محنت تي آءٌ ڊاڪٽر جيتلي صاحب کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو.

تنوير عباسي

# آزاد نظم

جديد شاعريءَ ۾ آزاد نظم عام جام آهي. خاص ڪري نئين ٽهيءَ جا شاعر، پنهنجي انقلابي ۽ باغي جذبن کي هر پابنديءَ کان آزاد ڪرڻ لاءِ هن صنف کي وڌيڪ استعمال ڪن ٿا. اڪثر مخزنن، توڙي اخبارن جي ادبي صفحن ۾، لفظن کي هڪٻئي هيٺان رکي ڇاپيل شين کي آزاد نظم چيو ۽ سمجهيو وڃي ٿو. فڪري طور توڙي موضوعاتي طور اخباري خبر، مختصر افساني، پوسٽر ۽ پمفليٽ جي مضمون کي پڻ آزاد نظم ڪري پڙهيو، لکيو، شايع ڪيو ۽ سمجهيو وڃي ٿو. عام طرح ائين پاتيو ٿو وڃي تہ آزاد نظم جي معنيٰ آهي قافيي، رديف، بحر وزن توڙي موضوع ۽ ٽيڪنڪ کان آزادي، هر ڇڙواڳيءَ کي آزاد نظم جو نالو ڏنو ويو آهي، ان ڪري قدامت پسند شاعرن ۽ نقادن، آزاد نظم کي ادبي دنيا مان ئي نيڪالي ڏيئي ڇڏي آهي. جو تہ هنن پڻ آزاد نظم جي نالي ۾ ڇپجندڙ هر شيءِ کي آزاد نظم سمجهيو آهي، ان ڳالهہ جي ردعمل ۾ بغاوت طور اسان جي نوجوانن تهان ئي وڌيڪ ڇڙواڳي اختيار ڪئي آهي ۽ ان ڪوشش ۾ آزاد نظم جي فن، ٽيڪنڪ ۽ ارتقا کان بي خبر رهي، خطرناڪ قدم کنيا آهن، جن آزاد نظم جي مقبوليت کي وڏو ڇيهو رسايو آهي.

سنڌيءَ ۾ آزاد نظم لکڻ نارايڻ شيام، شيخ راز، شيخ اياز ۽ هري دلگير شروع ڪيو. ان کان پوءِ بشير موريائي، شمشير الحيدري، سراج، غلام محمد گرامي، بردي سنڌي، گووردن محبوباڻي، موهن

ڪلپنا، امداد حسيني، تاج بلوچ ۽ الطاف عباسيءَ کان نيندي، هيءَ صنف اياز گل . نصير مرزا ۽ واجد تائين پهتي، هن صنف جي ارتقا ۽ فن تي سنڌيءَ ۾ تمام ٿورو ڪم ٿيو آهي. اِهوئي سبب آهي جو نئين ٿهي جا شاعر، انّ ڄاڻائيءَ ڪري هن صنف جو صحيح استعمال نٿا ڪن ۽ بي راه رويءَ جو شڪار ٿي ويا آهن. آزاد نظم تي سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪو ٿورو گهڻو ڪم ٿيو آهي، اهو شمشير الحيدريءَ ۽ شيخ عبدالرزاق راز ڪيو آهي، بشير موريانيءَ ٻڻ سماهي مهراڻ ڏي لکيل ادبي خطن ۾ هن صنف بابت ڪجهه لکيو آهي.

آزاد نظم جي باري ۾ وڏي ۾ وڏي غلط فهمي ۽ خوش فهمي اها آهي تہ اهو هر پابنديءَ کان آزاد آهي، نظم هر حال ۾ نظم آهي، پوءِ اهو آزاد هجي يا پابند. نظم نہ مختصر افساني جو پلاٽ آهي نہ ڪاپمفليٽ يا پوسٽر جو مضمون، ۽ نہ وري اخباري خبر- ان ۾ ڪا نہ ڪا شعريت - ڪا نہ ڪا نغمگي ضروري آهي.

آزاد نظم جو وڏو شاعر، ٽي ايس ايليٽ لکي ٿو تہ:

"جيستائين آزاد نظم (Free Verse) جو تعلق آهي، مون ان جي باري ۾ پنجويهہ سال اڳ راءِ ڏيئي ڇڏي هئي، تہ محنت ڪرڻ واري لاءِ ڪو بہ نظم آزاد نہ آهي، گهڻوئي خراب نثر آزاد نظم جي نالي ۾ لکيو ويو آهي. جيتوڻيڪ لکندڙن خراب نثر يا خراب نظم لکيو. يا خراب شعر هڪ نہ ٻئي اسٽائيل ۾ لکيو. اهو منهنجي لاءِ بي معنيٰ آهي. رڳو هڪ برو شاعر ئي آزاد نظم کي هيئت کان نجات سمجهي ان جو آڌرڀاءُ ڪندو.

- اهو (آزاد نظم) مثل هيئت جي خلاف انقلاب هو. هڪ نئينءَ هيئت (گهاڙيٽي) لاءِ تياري هئي، يا پراڻي هيئت (گهاڙيٽي) کي نئين ڪرڻ جي ڪوشش. اها شعر جي اندروني وحدت تي منحصر هئي، جيڪا هر شعر لاءِ انوکي هوندي آهي -!!

آزاد نظم جو هڪ ٻيو وڏو شاعر، ازرا پائونڊ لکي ٿو:

"منهنجي خيال ۾ آزاد نظم تڏهن لکڻ گهرجي، جڏهن اهو تمام ضروري هجي رڳو تڏهن، جڏهن اها شيء هڪ اهڙو ردم ٿامي، جيڪو موجوده روايتي بحرن کان وڌيڪ حسين هجي. وڌيڪ حقيقي هجي ۽ جذبن جي وڌيڪ بهتر نموني ۾ ترجماني ڪري سگهي، جيڪو روايتي بحرن کان مايوس ڪري ڇڏي -"

آزاد نظم جي هن صديء جي ٻن وڏي ۾ وڏن شاعرن جي راء ۾ آزاد نظم لکڻ وڏي محنت ٿو گهري، ۽ اهو تڏهن ئي لکجي جڏهن اهڙو ردم تخليق ٿي سگهي، جيڪو موجوده سڀني بحرن کان نئون ته هجي، پر انهن کان وڌيڪ حسين، حقيقي ۽ جذبن جو ترجمان هجي.

هاڻي اچو انهن غلط فهمين ڏي، جن آزاد نظم کي سونو بنايو آهي:

سنڊرس لکي ٿو ته " آزاد نظم (Free Verse) اظهار جي آزادي ته ڏئي ٿو، پر ان سان گڏ شاعر تي پابنديون به وجهي ٿو. ڪو به شعر ايڏو خراب نه لڳندو آهي، جيڪو هڪ ڪمزور آزاد نظم -"

سنڊرس جي اها ڳالهه بلڪل صحيح آهي، ڪمزور پابند نظم قافيي، رديف، بحر ۽ وزن جي سهارن تي هلي ويندو، ۽ ان جا پيا عيب انهن سينگارن ۾ لڪي ويندا، پر آزاد نظم کي ته اهي ٽوٽيون ٽنيا ۽ ٽيڪون آهن ئي ڪو نه - ان ڪري آزاد نظم جا عيب پري کان ئي پڌرا ٿيو پون.

سنڊرس اڳتي لکي ٿو:

بي غلط فهمي اها آهي ته آزاد نظم بلڪل ئي "بنا گهاڙيٽي" (بي هيئت Formless) آهي. اها غلط فهمي حقيقت کان بعيد آهي. جيتوڻيڪ ان کا پڌل (Fixed) هيئت ناهي، پر هر شاعر کي پنهنجي

شعر جي هڪ چٽسالي ڪرٽي آهي.(Pattern ناهٽو آهي) حقيقت ۾ شعر جي چٽسالي (Pattern) معنيٰ سان گڏوگڏ هجي."

يعني بحر وزن ۽ گهاڙيتي کان ٻاهر رهي به هڪ (Pattern) جي ضرورت آهي، اهڙو Pattern جيڪو معنيٰ سان هم آهنگ هجي.

مشهور فرينچ شاعر پال ورلئين (Paul Verlin) لکي ٿو ته:
"اهو (آزاد نظم) لکڻيءَ جو هڪ قسم آهي، جنهن ۾ شاعر سڀ اڳوڻا بحروزن رد ڪري، پنهنجي ذاتي ردم جي ذميواري کڻي ٿو:"

آزاد نظم جي سڀ کان وڌي پروپئگنڊا ڪندڙ ۽ ايجاد ڪندڙ جي دعويدار فرينچ شاعر گستاؤڪان لکيو آهي ته" هن طريقي سان هر شاعر کي پنهنجي شعر جي هڪ خاص قسم (Type) جو احساس ٿيندو.ٿهيل ٺڪيل ۽ هڪجهڙا ردم استعمال ڪري. پاڻ کان اڳ آيل ڪنهن شانائتي (glorified) شاعر جي تقليد ڪرڻ کان بهتر آهي ته هو پنهنجو ذاتي ردم استعمال ڪري."

- ۽ اهو ذاتي ردم تخليق ڪرڻ ۽ استعمال ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. سوچيو ته عربي ، فارسيءَ جي بحرن، ۽ ان جي اڻ ڳڻت زحافن ۽ هنديءَ جي ڇندن کان پري هٽي. ڪو نئون ردم تخليق ڪرڻ ۽ استعمال ڪرڻ ڪيڏي نه ڏکي ڳالهه آهي. آزاد نظم رڳو مروج گهڻل پراڻن بحرن ۽ وزنن کان آزاديءَ جو نالو آهي. پر ردم کان آزاديءَ جو نالو نه آهي. آزاد نظم لکڻ وقت، شاعر کي سڀني مروج ۽ تقليدي ردمن کي پاسيرو رکي پنهنجو ذاتي ردم تخليق ڪرڻو ٿو پوي ۽ ان ذاتي ردم جي تخليق ڪيڏو نه محنت طلب آهي.

حقيقت ۾ آزاد نظم "گهاڙيتي ۾ انقلاب" تي آيو. تجربن جي نواڻ جو نالو آهي آزاد نظم. گستاؤڪان جي راءِ موجب "شاعر جا ردم ذاتي هئڻ گهرجن. هو روايتي ردم (مروج بحروزن) ۽ ردمن کي جدي ڏئي، ڇو ته شاعر کي حق آهي ته هر شاعر کي پنهنجو ذاتي ردم هئڻ

ڪهرجي. ردم، ماترائن جي ڳاڻيٽي تي نہ، پر ذاتي آزاد نظم جي يونٽن تي ٻڌل آهي."

ان مان معلوم ٿيو تہ آزاد نظم جي بنياد وجهندڙن، توڙي ان جي وڏن شاعرن، هن صنف کي صفا ڇڙواڳ نہ، پر ڪن پابندين هيٺ تجربا ڪري"، ذاتي ردم" کي تخليق ڪرڻ جي صنف سڏيو آهي. اهو ردم اڳي وانگر ماترائن جي ڳاڻيٽي تي ٻڌل نہ آهي، هاڻي اچو تہ ڏسون تہ اهو ردم ڪيئن ٿو تخليق ٿئي.

"فرينچ آزاد شاعريءَ جو ننڍي ۾ ننڍو ايڪو آهي آواز، يا خيال ۾ وقفو. اهو وقفو تجنيس حرفيءَ يا ائوسوتس سان ئي پيدا ٿي سگهي ٿو:

انگريزيءَ ۾ ردم جو بنياد (Tonic Accent) تي آهي، جيڪو فرينچ ۾ نہ آهي جو تہ فرينچ ۾ ڪن جملن يا محاورن ۾ ڪن لفظن تي زور (Stress) ايندو آهي، هر فرينچ ساڳين ئي لفظن تي زور ڏيندو آهي. ان ڪري اهو اُچار جو زور ئي ردم جو بنياد ٿي ٻوي ٿو.

"هڪ خاص ڳالهہ جيڪا ڪيس (آزاد نظم کي) اڳوڻن گهاڙيٽن کان جدا ٿي ڪري، اها آهي باقائدي ايندڙ لهرن سان ردم پيدا ڪرڻ" لهجي (Accent) ۾ ٽي جـــزا آهن. (Pitch) (اوچـائي) (Intensity) (شدت) ۽ وقفو (Duration). اُچار جو وقفو ئي آهي جيڪو آزاد نظم جي ردم جو بنياد آهي."

سنٽبرس لهجي (Accent) جـا ٻہ قـسم ٻڌائي ٿـو. هڪ (Chromatic) جنهن ۾ مرضيءَ سـان ڪنهن لفظ تي زور ڏجي ٿـو ۽ مختلف لفظن تي زور ڏيڻ سان معنيٰ ۾ ڪجهہ فرق پيدا ٿيو ٻوني. مثال طور:

مان توکي پيار ڪريان ٿو
مانُ توکي پيار ڪريان ٿو
مان توکي پيار ڪريان ٿو

مان، توڪي ۽ پيار تي زور ڏيڻ سان لهجي جي تبديلي پيدا ٿئي ٿي. ۽ اها لهجي جي تبديلي ڳالهائيندڙ جي موڊ ۽ معنيٰ کي ظاهر ڪري ٿي.

لهجي جو ٻيو قسم آهي (Stress accent) ان ۾ جيڏو ڏکو ساهه کڻي اچار ڪبو تہ اهو اوترو ئي ڏکو اچار ٿيندو. اهو اڳ ڄاڻايل اچار جو وقفو آهي. سئنڊرس جا مٿيان خيال رڳو انگريزي ٻوليءَ سان لاڳو آهن، ڇو تہ فرينچ ٻوليءَ ۾ هر اچار جي شدت ططئہ ٿيل آهي ۽ هر فرينچ ڳالهائڻ وارو انهن ئي اچارن تي زور ڏيندو. نہ انگريزيءَ وانگر، تہ پنهنجي اچارن کي مرضيءَ سان زور ڏيئي سگهجي، سنڌيءَ ۾ پڻ اچارن تي زور موڊ يا معنيٰ مطابق گهٽائي وڌائي سگهجي ٿو. جيئن:

" آئون نہ گڏي ٻرينءَ کي، تون ٿو لهين سچ.

سهسين سج جنڊ تارا ڪتيون تن ڪان محب سنو هو. "

شاهہ لطيف جي مٿين سٽن مان هڪ ۾ سچ ۾ ج کي زورائتو اچار(Stressed) ۽ ٻيءَ ۾ رواجي اچار آهي.

نظم جو ردم، ٻوليءَ جي پنهنجي نغمگيءَ تي مدار رکي ٿو. هر ٻوليءَ کي موسيقيت جو پنهنجو پيٽرن آهي. ۽ شاعر کي اهو ضرور نظم آڏو رکڻ گهرجي. ڪنهن هڪ ٻوليءَ جا گهاڙيٽا، ضروري ناهي تہ ڌاريءَ ٻوليءَ ۾ بہ اوتري ئي نغمگي ڏين. جيڪا پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڏين ٿا.

ان باري ۾ مئنسيل جون لکي ٿو تہ " فرينچ ردم کي سمجهڻ جي ڪوشش ۾ انگريز ۽ جرمن نقادن غلطي ڪئي آهي. هنن فرينچ شاعري جي ردم کي پنهنجي مقامي شاعريءَ ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. "

ٽي ايس ايليٽ جي راءِ ۾ گهاڙيٽا ٻڌا ويا آهن ۽ وري گهڙيا ويا

آهن، منهنجو يقين آهي تہ ڪا بہ ٻولي جيستائين ساڳي ٻولي رهي ٿي، اها پنهنجا قاعدا ۽ پنهنجيون پابنديون مڙهي ٿي ۽ پنهنجا مخصوص ردم ۽ آواز جا پٿرن نافذ ٿي ڪري ۽ ٻولي سدا بدلجندي ٿي رهي. سٺي شاعر کي اهو سڀ ڪجهہ قبول ڪري، ان جو بهترين استعمال ڪرڻ گهرجي."

آمريڪي شاعر والٽ وٽمن لکي ٿو تہ "آزاد نظم ظاهري طرح بي قاعدي آهي، پر ويجهو وڃبو تہ ان ۾ هڪ باقاعدگي نظر ايندي؛ اهڙي باقاعدگي، جيئن سمنڊ جي ڪناري تي ننڍيون ۽ وڏيون لهرون بار بار ۽ بنا ڪنهن وقفي جي وڌنديون ايندڀون آهن. چڙهنديون رهنديون آهن ۽ لهنديون رهنديون آهن."

سيلي لکي ٿو تہ نثر ۽ آزاد نظم جي وچ ۾ فرق سمورو لکندڙ تي منحصر آهي ۽ صفحي تي لفظن جي ترتيب تي ٻڌل. اهو ڏنو ويو آهي تہ شعر کي ردم جي آزاديءَ جو وڏو ميدان (Range) آهي. پنهنجي محدود گهاڙيٽي ۾ آزاد نظم، پنهنجي بي هيئتيءَ ۾ بہ باقاعدگيءَ ڏي لاڙو رکي ٿو.

آزاد نظم ۾ ايڪو خيال ۽ آواز جي وقفي کي چيو ويو آهي. ان جو مثال هن فرينچ سٽ ۾ ملندو.

Desmirages/ deleur visage/ garde/ lelac/ demesyeux

ڊي مي يو رلڪ گارد دي ليئر وزاج ڊي ميراج

هن ۾ پهريون وقفو ڊي ميراج ڪان پوءِ ٻيو وقفو دي ليئر وزاج ڪان پوءِ ۽ ٽيون گارد ڪان پوءِ ۽ چوٿون ل لڪ ڪان پوءِ آهي. انهن سڀني ۾ ماترائون گهٽ وڌ آهن، پر تڏهن بہ اندروني قافيو ۽ ائسونئس ردم پيدا ڪري ٿو. وقفا اُتي ٿا اچن، جتي خيال بہ بيهي ٿو. يعني گفتگو ڪرڻ وقت بہ جتي ڪاما، يا فل اسٽاپ ڏجي.

سنڌي ۾ ترجمو ٿيندو:

ٻاجا/ سندن نظارن جا/ ٻهرو ڏين/ ڍنڊ/ اکين جي تي.

پال ورلين جو هڪ مثال:

III fant, voyez vous, nous pardonney,
leschoses (II) Tournez, tournez, bon
chevanx debois (I) va, chanson, atire daile (7)

اِ فو وايي وو - نو پار دوني، لي شوز - (١١ ماترائون)
تورني، تورني، بان شيوو دي بوا (٩ ماترائون)
وا، شانسان، آتيرديل (٧ ماترائون)

هن ۾ ورلين، بحر موجب هر مصرع ۾ هڪ جيتريون ماترائون ڪتب نہ آنديون آهن، بر هر مصرع ۾ ٻہ ٻہ ماترائون گهٽ ڪندو ويو آهي. اها پڻ هڪ ترتيب آهي، پر وزن روايتي آهي، ان قسم ڪي جنهن ۾ روايتي وزن نئين ترتيب سان ڪم آڻجي، ورس ليبيري Verse libere تا چون.

مٿين مثالن ۽ حوالن مان ظاهر ٿيو تہ آزاد نظم موجود بحرن ۽ وزنن ڪان هٽي اڳتي وڌي، هڪ ذاتي ردم تخليق ڪرڻ جي ڪوشش آهي ۽ اهو ردم ماترائن جي ڳائيتي بدران هڪ آواز ۽ خيال جي ايڪي سان وجود ۾ ٿو اچي. جنهن ۾ خيال توڙي آواز هم آهنگيءَ سان گڏ هلن تا ۽ گڏ بيهن تا. جيئن ڳالهائڻ وقت وقفا تا ڏجن. جيڪي لکڻ وقت بيهڪ جي نشانين. دم، اڌ دم وغيره سان ظاهر ڪجن تا. آزاد نظم ۾ پڻ خيال جي پوري ٿيڻ سان وقفو ٿو اچي، جيڪو صوتي زير و زبر سان هم آهنگ ٿو ٿئي.

سنڌيءَ ۾ ان جو مثال هيئن ڏبو:

"رات، برسات پئي-
ياد آئي اوهان جي،
مان اڪيلو،
۽ برسات جي رات."

ان کين نظم جي صورت ۾ هيئن لکجي:

رات
برسات پئي
ياد
آئي اوهان جي
مان اڪيلو
۽ برسات جي رات.

ان مان ظاهر ٿيو تہ بيهڪ جون نشانيون ٿي شعر ۾ وقفو آهن ۽ لفظ ردم - رات برسات، ياد وغيره انهيءَ نظم جا ايڪا Units آهن.

هيءَ تہ ٿيو آزاد نظم جي ٽيڪنڪ جي باري ۾- آزاد نظم کي ڪن نقادن "گهاڙيٽي ۾ انقلاب" تہ ڪن "گهاڙيٽي ۾ فساد" سڏيو آهي. ڪن ان کي "آدرشي، غير محدود ذريعو (Medium) جيڪو لامحدود آزاديءَ جي مترادف هجي، ۽ وزن جي پابندين جي خلاف هجي." جهڙن جملن سان تعبير ڪيو آهي. بهرحال آزاد نظم، نظمائي نثر کان وٺي، نثري نظم تائين ڦهليل آهي ۽ انهن جي وچ ۾ آزاد نظم جا ڪي ٿي قسم آهن. انهن قسمن ۾ درجي (Degree) جو فرق آهي؛ پر قسم (Kind) جو فرق ناهي. انجيل جي ڪن آيتن توڙي فرينچ اديب ۽ شاعر وڪٽر هيوگو جي ناول لي مز رابل (Les Misirable) جي ڪن حصن کي بہ آزاد نظم سڏيو ويو آهي، ڇو تہ انهن ۾ ردم جو عنصر موجود آهي.

مشهور فرينچ شاعر بودليئر لکيو آهي "معجزو اهو آهي تہ نظمائتو نثر، سواءِ بحر وزن ۽ سواءِ قافيي جي موسيقيت سان ڀرپور آهي."

بودليئر هڪ خط ۾ لکيو "اسان مان ڪير آهي، جنهن جو هن ذينهن ۾ نصب العين آهي، تہ هو نثرائي نظم ۾ هڪ معجزو جاڳائي. جيڪو ردم توڙي قافيي کان سواءِ بہ ترنم هجي؛ ڪافي لچڪيدار بہ هجي ۽ اوچتو ۽ تڙپندڙ پڻ، جيئن اهو ردمي جنبش کي حاصل پڻ ڪري

ازراپائونڊ جو رايو بلڪل صحيح آهي تہ: "آزاد نظم جي مختلف قسمن جي (Classify) درجہ بندي ڪرڻ جو ڪو بہ فائدو ڪونهي؛ جو تہ اها هڪ نراجيت (Anarchy) آهي. جيڪا وسيع طور تي ضرورت کان وڌيڪ ڪئي وئي آهي (Overdone).

برٽن جي راءِ ۾ بہ: "آزاد صنفن جي ڪا بہ درجہ بندي (Classification) نہ ٿي سگهندي آهي. اها پيچيده ڳالھہ آهي. نظمائي نثر ۽ نثري نظم جي وچ ۾ بہ پيچيدگي آهي. ڪن ليکڪن وٽ نثرائو نظم ۽ آزاد نظم هڪ ٻئي کان مختلف نٿا لڳن. ان ڪري انهن جي وچ ۾ فرق ڪرڻ اجايو ٿيندو."

بهرحال، آزاد نظم متعلق پڙهندي هيٺيان مختلف نالا نظر آيا، جن ۾ فرق رڳو درجي (Degree) جو آهي ۽ هڪ ٻئي سان رلمل ٿي (Overlab) ڪن ٿا، ايتري قدر جو هڪڙو ٻئي کان مختلف نٿو لڳي:

Verse libres- Verse libere- Verse irregalar, polyphonic prose versat, Free Verse, Blank Verse, Prose Poem, Poetic Prose.

قافيو نظم لاءِ لازمي سمجهيو ٿو وڃي. قافيي کان سواءِ نظم جو تصور ئي ممڪن نٿو سمجهيو وڃي. قافيي جي پابنديءَ سان شعر جو مضمون قافيي تي ٻڌو ٿو وڃي ۽ بحر جي پابنديءَ جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن ڀرتيءَ جا لفظ وجهي ۽ ڪٽي ڪٽي زوريءَ لفظ ڪيرائي، وزن تي مصراعون بيهارڻيون ٿيون پون. آزاد نظم ۾ ان ڪري ئي قافيو ۽ بحر لازمي نٿو ليکيو وڃي، ڇيئن ان ۾ مفهوم صحيح، بنا ڪنهن ڀرتيءَ جي ادا ٿئي ۽ لفظن کي زوريءَ ڪيرائڻ جي ڪري ردم تي فرق نہ پوي.

پال ورلئين لکيو تہ: "قافيو ايترو ضروري نہ آهي؛ پر ڪڏهن ڪڏهن تہ اهو برو بہ لڳي ٿو. هلڪو قافيو استعمال ڪجي. يعني اسونس (Assonance) کان ڪم وٺجي".

"قافيي ڪي تبديل (Modify) ڪرڻ گهرجي. نظري قافيو (جيڪو صورتخطيءَ جي هڪجهڙائيءَ تي ٻڌل آهي) ڪي ختم نہ ڪجي نہ ان ڪي آزاد ڪجي. قافيو نظم ۾ اندر بہ استعمال ڪجي ۽ ان ڪي اٿسونس سان گڏ پڻ آڻجي".

صورتخطيءَ ۾ هڪجهڙائيءَ جي قافيي وارا قدامت پرست، خالق ۽ مالڪ جي قافيي کي قبول نہ ڪندا، ڇو تہ ان ۾ آواز تہ هڪجهڙو آهي، پر صورتخطي هڪجهڙي نہ آهي.

گستاوڪان بہ ساڳي ڳالهہ چوي ٿو: "قافيو نہ رڳو مصرع جي آخر ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو، پر وچ ۾ پڻ."

قافيو ۽ بحر وزن ٻڌڻ جي حس جي پراڻي عادت آهي. ان کي ايترو جلد ختم نہ ٿي ڪري سگهيو ويو. جديد موسيقي بہ ساڳي طرح آهي، آوازن جي ترتيب جيڪا ويهين صديءَ ۾ نارمل ليکي ٿي وڃي، اها اڻويهين صديءَ جا رڪن برداشت ئي نہ ڪري سگهن ها. قافيي کي بلڪل نيڪالي مليل ناهي؛ پر اهو ساڳي شاعر جي مختلف شعر ۾ باقاعدگي سان يا ڪڏهن ڪڏهن اچي ٿو. يا صفا غير موجود پڻ آهي".

سنڊرس لکي ٿو: "آزاد نظم بين رائج صنفن کان ان ريت مختلف آهي، جو ان ۾ آخري قافيو نہ هوندو آهي". مٿين حوالن مان معلوم ٿيو تہ صورتخطيءَ جي هڪجهڙائيءَ وارو قافيو هر سٽ جي آخر ۾ نهيل نڪيل ترتيب (غزل، مسدس، رباعي وغيره) وانگر اچي. قافيو نہ رڳو سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ پر وچ ۾ بہ اچي سگهي ٿو ۽ جي نہ هجي تہ بہ فڪر ناهي؛ قافيي جي جاءِ تي اٿسونس پڻ ڪتب آڻي سگهجي ٿو.

شاعري، موسيقيءَ کان ڳوڙهو ڳانڍاپو رکي ٿي. آزاد نظم ۾ قافيي کي پاسيرو رکي، مصرع ۾ ماترائن جي تعداد کي پري ڪري رڳو موسيقيت تي ئي مدار رکڻو پوي ٿو. موسيقي، جيڪا

اُڀارن ۾ انهن تي گهڻ وڌ زور ڏيڻ ۾ انٿونس سان پيدا ٿئي، ڪلاسيڪل راڳن جا ٻول سڀ هڪ جيترين ماترائن تي ٻڌل نه هوندا آهن: ساڳيا ٻول ٿورين توڙي گهڻين ماترائن تي ميندن ۾ مرڪبن سان ڳائي سگهبا آهن.

ٽي. ايس. ايليٽ لکي ٿو: "مان پانيان ٿو ته شاعر، موسيقيءَ جي اڀياس مان گهڻو ڪجهه حاصل ڪري سگهي ٿو. شاعر لاءِ موسيقيءَ جي فن جي ڄاڻ ڪيتري قدر ضروري آهي، اها خبر نه اٿم پر اهو منهنجو يقين آهي ته موسيقيءَ جون خاصيتون، جن سان شاعر جو تعلق آهي، لهي آهن. ردم جي ڄاڻ ۽ ترتيب، ڍانچي (Structure) جي معلومات؛ منهنجي خيال ۾ شاعر ڪي موسيقيءَ جي هڪجهڙاين (Analogies) سان ويجهو ٿي ڪم ڪرڻ گهرجن".

ازراپائونڊ لکي ٿو: ڪو به ايڏو بيوقوف ناهي، جيڪو موسيقار جي چئن چئن ماترائن لاءِ چوي ته هميشه هڪ مصرع ۾ چار چار ماترائون استعمال ڪريو، موسيقار، اڌ، چوٿو ۾ انون حصو يا ٻي اهڙي ڪا به ترتيب استعمال ڪري سگهي ٿو. جيڪا هنکي سهڻي لڳي. (يعني پهرئين مصرع ۾ آٺ، ٻي ۾ چار، ٽيئن ۾ ٻه، چوٿين ۾ هڪ ماترا، ٻٽي ۾. (تنوير)، موسيقيءَ جي اها حقيقت جي شعر تي استعمال ڪبي، ته آزاد نظم جي خبر پئجي ويندي".

هو اڳتي لکي ٿو ته: "شاعري لفظن ڪي موسيقيءَ ۾ ڪمپوز ڪرڻ آهي. موسيقيءَ جو مدار يا ڪوالٽي گهٽ وڌ ٿئي ٿي؛ پر شاعري جڏهن اها موسيقيءَ کان الڳ ٿئي ٿي ته خشڪ ٿي سڪل گلن جان وڪري ٿي وڃي".

"شاعريءَ ڪي خطابت يا تقرير جيان نه پر موسيقيءَ وانگر پڙهڻ گهرجي.

شاعر جيڪي موسيقيءَ سان دلچسپي نٿا رکن، اهي يا ته برا شاعر آهن يا اڳتي هلي برا شاعر ٿيندا. مان ته اهو چوندس، ته شاعرن

ڪي گهڻو وقت موسيقيءَ کان پري رهڻ نہ گهرجي. جيڪي شاعر موسيقيءَ جو اڀياس نہ ٿا ڪن اهي عيبدار آهن. ان مان منهنجو اهو مطلب نہ آهي تہ انهن کي موسيقيءَ جو سڄو درسي اڀياس ڪرڻ گهرجي".

مٿين حوالن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هونءَ تہ شاعريءَ ۾ موسيقيءَ جو گهرو لاڳاپو آهي پر آزاد نظم لکڻ واري شاعر لاءِ موسيقيءَ جو اڀياس ۽ ان جي ڄاڻ تمام ضروري آهي. ڇو تہ موسيقيت کان سواءِ آزاد نظم جو تصور ئي ناممڪن آهي.

عام طرح فرينچ شاعر گستاوڪان کي آزاد نظم جو موجد مڃيو ويندو آهي؛ پر مٺنيل جونس موجب "گستاوڪان (Gustavkhan) سڀ کان پهريون آزاد نظم لکندڙ هو يا نہ؟ پر هو آزاد نظم جو سڀ کان پهريون ۽ وڏي ۾ وڏي پروپيگنڊا ڪندڙ هو". ان ڪري ئي هن کي "فرينچ شاعريءَ کي آزادي ڏياريندڙ" سڏيو ويندو آهي.

هونءَ تہ آزاد نظم جا آثار بائيبل ۾ بہ ملن ٿا. ۽ مشهور فرينچ ادبي وڪٽر هيوگو جي ناول لامزربل جي ڪيترن ئي فقرن کي آزاد نظم چئي سگهجي ٿو. پر شيلي جي تحقيق موجب انگلينڊ ۾ مئڪفرسن جون جوت (Ossian Poems) ۽ فرانس ۾ بودليئر جون Petits poems Inprose (١٨٣٦) ۽ آمريڪا ۾ والٽ وٽمئن جو Leaves of Grass آزاد نظم جون پهريون ڪوششون آهن؛ پر انهن سڀني کان اڳ جرمنيءَ ۾، نوواليز جو Hymnsto the Night. (١٨٠١) آزاد نظم جو سڀ کان آڳاٽو ڪتاب آهي.

آزاد نظم جي موجد هجڻ جي ٻين دعويدارن مان پيروءَ جي شاعره ڊيلا رونڪا ۽ مئڊم ميري ڪسنڪا آهن. فرينچ شاعر لافارگ ۽

ڪـــتاؤڪـان انفـرادي طرح ڏار ڏار ۽ سـاڳـئي وقت آزاد نظم لکيا: ير فرانـس ۾ آرٿر رامبو چوڏهن پندرهن سال اڳ پـنهنجي تخليقي صلاحيتن سـان آزاد نظم لـکي چـڪـو هو ۽ ١٨٨٦ ۾ هن جـو مـجـمـوعـو ليـزاليـو مينشان (Les Illuminahtns) ڇپيو. فرينچ مخزن لاووگ (La Vogue) ۾ آمريڪي شـاعر والٽ وٽمئن جا ترجما ١٨٨٣ع ۾ ڇپيا، جيڪي آزاد نظم هئا. انهن جـو اثر فـرينچ آزاد شـاعريءَ تي ٿـيو. والٽ وٽمئن جا ترجـمـا، فـرينچ شـاعـر ولي گـرافن ١٨٨٨ع ۾ ڪـيـا. ١٨٨٩ع ۾ ولي گرفن جو پنهنجو آزاد نظمن جو مجموعو شايع ٿـيو. ولي گرافن کي به آزاد نظم جي مـوجدن مـان سـمـجـهـيـو وڃي ٿـو. ۽ آزاد نظـم لاءِ ڪيل سندس ڪوشـشون ساراهه جوڳيون آهن.

بهرحـال آزاد نـظـم جي هـن اڀياس جـي نتيجي طـور آزاد نظم جي صنف کي جيترو سولو سمجهيو ٿو وڃي، اوترو سولي نـه آهي، هن ۾ رائج بحـر وزن کـان هٽي ذاتـي ۽ انوکـا ردم تخليق ڪرڻا ٿـا پون. قافـي جو روايتي اسـتـعـمـال ڇڏي اندروني قافـي ۽ ائـسوسيئيشـن جي اسـتـعـمـال جي ڄاڻ لازمي آهي، موسـيقيءَ جي فن سـان ويجـهو لاڳـاپو ضروري آهي.

## BIBLIOGRAPHY

راز- شـيخ عـبـدالرزاق؛ جـديد نظـم ۽ نئـون نظام- نئين زندگي ڪراچي- اپريل ١٩٦٨ع، ص ٣٦.

شـمـشـيرالحـيدري؛ آزاد نظم جـو تاريخي پس منظر- نئين زندگي ڪراچي، مارچ ١٩٦٨ع، ص ٧۴.

Ezra Pound, Literary Essays London.

Geoffrey Brereton: Introduction to French Poets, London, 1960. Maryn Symour-Smith: Guide to Modern world

Literature, Vol. II, London, 1975.
P. Mousfield Jones: Background of Modern French Poetry Combridge 1968.
Sarrders: Discovery of Poetery, Illinor 1967.
Shipley, Joseph T. Dictionary of World Literary.

پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم

# سچ ترڻ هيٺان جو اڀياس

## (تنوير عباسيءَ جي شعري ڳُتڪي تي ويچار)

جديد دؤر سنڌي ادب کي جيڪي شاعر ڏنا، تنوير انهن ۾ نمايان حيثيت رکي ٿو. هن جي شاعري جذبات جي بي پناهه اُٿل سان گڏوگڏ، شعور جو هڪ تيز رفتار ومڪرو بہ آهي، جيڪو هن دؤر جي بدلجندڙ حقيقتن ۽ ازلي سچ جي آميزش سان پيدا ٿيل پس منظر ۾ فطري موسيقيءَ سان هم آهنگ نظر اچي ٿو. اهو ئي سبب آهي، جو تنوير جي شاعري، ڪنهن هڪ طرح جي ناهي، بلڪ مختلف جذبا ۽ مختلف حالتون، جتي ڪٿي نظر اينديون. اها بي ڳالهہ آهي تہ انهن مڙني ڳالهين ۾ انقلاب جو عڪس نظر ايندو. انقلاب صرف جسماني نہ، پر ذهني معاشي ۽ اقتصادي انقلاب؛

مضبوط جهوپڙيون ۽ ڪمزور محل ماڙيون،
سو ڏينهن آهي ويجهو، ٿينديون اُبيون ڪهاڙيون.

وري جڏهن وطن ڏانهن وري ٿو:

چٽ پراوا ڪين وٺن،
پنهنجي لوئي لاک رتي.

*****

ديس جي آزاديءَ جي خاطر، هر ڪو سر سهائيندو،
هر ڪو ٿيندو ڳاڙهو گهوٽ ۽ رت جي ميندي لائيندو.

*****

همدرديون ڪري ٿو. بادشاهتن ۾ ورثي ۾ ملندڙ خوشين جا خواب ٽٽي چڪا آهن. هاڻ تہ هر قوم ۾ هر فرد پنهنجيون خوشيون پاڻ ٿو حاصل ڪري. تنهن ڪري 'هاڻ' جو شاعر رڳو پنهنجي ذات لاءِ نہ، بلڪ پاڻ جهڙن ٻين بہ انسانن جي خاطر ٿو شعر چوي ۽ لازمي طرح هن ڪي پنهنجو پاڻ مان نڪري، ٻين قومن ۽ فردن بابت بہ معلومات رکڻي پوي ٿي. هونئن، ڪو بہ شاعر جڏهن پنهنجي ڪا پيڙا پيش ڪندو آهي، تہ بہ هن جو مقصد انهيءَ ۾ ٻين جي پيڙا جو عڪس پيش ڪرڻ هوندو آهي. تنوير تہ انسانيت جي لاءِ چوي ٿو:

مات ٿياسون تون ۾ مان،
مات ٿي انسانيت.

تڏهن بہ ڪيس اها پڪ آهي تہ:

جيڪو خواب ڪلهوڪو،
سو ٿي سچ اجوڪو.

پر هي بہ چوي ٿو:

سيڪو سپنا ماٺي،
ساپيا ماٺي ڪو ڪو.

پر ڪٿي ڪٿي هو شديد ردعمل بہ ڏيکاري ٿو. اهڙن موقعن تي:

هر ڪو ماڻهو موتي داڻو،
هر ڪا دل هيري جي کاڻ، چاڻي ڏس تہ سهي اڻجاڻ.

وارو تنوير عباسي بي اختيار چيو اٿي:

اوچيون رکون هي لاٽون، هي مشعلون هي ڏياٽيون،
پنهنجن لئہ روشني ۽، دشمن لاءِ آ ماڙيون.

هي ردعمل شعوري آهي، جڏهن حالتن ۾ واقعن جو رخ شعور تي Ideal سان ٽڪرائيندو آهي؛ جڏهن هر شي کان انڪار جو جذبو پيدا ٿيندو آهي ۽ ماڻهو رڳو پنهنجي وجود کي محسوس ڪرڻ لڳندو آهي ۽ انسان هاڪار جي جذبي کان هٽي ناڪار جي حالت تي پهچندو آهي:

پنهون ٿيس پانڻ، سسئي تان سور هٿا.

(شاهہ)

واريءَ حالت ۾ هوندو آهي، جتي 'انسان'، 'انسان' هوندو آهي، نہ ڪي دوست ۽ دشمن، پنهنجو پرايو.

تنوير جي هڪ ٻي خاص خوبي اها بہ آهي، تہ هن افريڪا ۽ ويٽنام جي هيروز بدران، پنهنجا ماروئڙا چونڊيا آهن. حيدر بخش جتوئي ۽ شهيد عبدالرزاق سومرو، هڪ سنڌ لاءِ جدوجهد ڪندي پنهنجي جان ڏني، تہ ٻئي ڪي سنڌي هجڻ جي الزام ۾ هڪ درسگاهہ جي اندر شهيد ڪيو ويو.. هڪ حالتن جو شهيد، ٻيو ماڻهن ماريو. تنوير ٻنهي لاءِ شعر چيا:

زندگي جدوجهد انڻ ٿڪ سفر،
زندگي محنت ڪنهين هاريءَ جو هر.

*****

ڪيڏا ڪيڏارا ڳايان پنهنجي سنڌ لئہ،
مٽيءَ ۾ ملندا وڃن، ماڻهو موچارا،
ڪڏهن هچارا، تڙبا پنهنجي سنڌ مان.

تنوير جا ڪئين رنگ آهن: هو انقلابي بہ آهي، تہ رومانوي بہ؛ حقيقت پسند بہ آهي، تہ جذباتي بہ. سندس شعر مان محسوس ٿئي ٿو، تہ هن پنهنجي ديس جي مٽيءَ جي خوشبوءِ چڱيءَ طرح محسوس ڪئي آهي. پنهنجي شاعرن جو چڱيءَ طرح اڀياس ڪيو اٿس. تازو هن سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهہ لطيف سائينءَ جي شعر جو اڀياس بہ لکيو آهي ۽ خود هن مجموعي ۾ هڪ نظم محمد فقير جي شعر جي هڪ سٽ سان شروع ڪيو اٿس:

جا وک چاوين سا وک اڳتي.

رسمي طرح تہ تنوير ڪي انگريزي رومانوي شاعرن مان، ڪنهن سان ڀيٽي سگهجي ٿو. پال ويلري، ايزرا پائونڊ ۽ ٽي. ايس. ايليٽ سان سندس ڀيٽ ڪري سگهجي ٿي؛ پر منهنجي نظر ۾ اها غلط

ٿيندي، جو جو تنوير جو هڪ الڳ اسٽائيل آهي ۽ الڳ مقام. هن جي شاعري ديس جي سانگيئڙن جي جذبن ۽ اميدن جو اظهار آهي. تنوير سنڌ جو سپوت آهي ۽ هت رهندڙن جي من ۾ هن جو مقام ڏاڍو اوچو آهي.

ڊاڪٽر هدايت پريم

# محمد ابراهيم جويو

سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجو حق ڏيارڻ جي جدوجهد جو اڳواڻ محمد ابراهيم جويو آهي. هن کي سنڌي ٻوليءَ سان عشق آهي. جويو صاحب جو پختو يقين آهي تہ تعليمي ادارن ۾ مادري زبان ۾ تعليم ڏيڻ هڪ بهترين ذريعو آهي. جن ٻارن جي مادري زبان سنڌي آهي، انهن کي سنڌيءَ ۾ تعليم ملڻ گهرجي. سنڌ واسين کي اهڙو حق جيتري حد تائين بہ مليو آهي، ان لاءِ مرهون منت جويو صاحب آهي. محمد ابراهيم جويو صاحب سنڌ جو هڪ ڏاهو، دانشور، عالم، ليکڪ ۽ ماهر تعليم آهي. سندس ناماچار هرمنڌ آهي.

محمد ابراهيم جويو لڪي شاهہ صدر، ضلعو دادو جي ويجهو هڪ ڳوٺ "آباد" ۾ ٢٢ آگسٽ ١٩١٥ع تي ڄائو. جويي صاحب بمبئي يونيورسٽيءَ مان ١٩٣٨ع ۾ بي اي جي ڊگري حاصل ڪئي. بي اي ۾ سندس مضمون، انگريزي، فارسي ۽ سنڌي هئا. بمبئي يونيورسٽيءَ مان ٽي بي ٽي جو امتحان ١٩٤١ع ۾ پاس ڪيائين. جويو صاحب سنڌ حڪومت جي تعليم کاتي ۾ بالا آفيسر طور مختلف عهدن تي فائز رهيو. ١٩٥١ع کان ١٩٦٣ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ٿي رهيو. هن عرصي ۾ جويي صاحب سنڌي ٻولي، لغت، ادب ۽ سنڌ جي تاريخ بابت سوين ڪتاب بورڊ پاران تيار ڪري ڇپرايا. سندس هيءَ خدمت سونهري لفظن ۾ لکڻ جهڙي آهي. جويو صاحب باوقار فرائض منصبي سرانجام ڏيڻ بعد پينشن تي لٿو، جنهن بعد سندس ادبي ۽ علمي سرگرمين ۾ گهڻي تيزي اچي چڪي آهي.

سندس لکيل اهم ادبي ۽ نصابي ڪتابن جو وچور هن ريت آهي:

١- روسو جو "ايملي" ترجمو
٢- پليو ٿارج جو تعليم ترجمو
٣- سنڌي برائمر
٤- سنڌي ريڊر ڪلاس پهريون
٥- سنڌي ريڊر ڪلاس چوٿون
٧- سنڌي اختياري ڪلاس ڇهون
٨- ايگريلچر اينڊ گارڊننگ. ڪلاس ڇهون
٩- ضلعن جون جاگرافيون ڪلاس ٽيون
١٠- ايگريڪلچر اينڊ گارڊننگ ڪلاس ستون
١١- سنڌي ريڊر ڪلاس ٻيو
١٢- سنڌي ريڊر ڪلاس ڇهون
١٣- سنڌي ڪتاب ڪلاس نائون ۽ ڏهون
١٤- سنڌي ٻوليءَ جو ڪتاب درجو يارهون ۽ ٻارهون
١٥- پاڪستان جي تاريخ لازمي ڪلاس نائون ۽ ڏهون
١٦- دنيا جي تاريخ اختياري ڪلاس نائون ۽ ڏهون
١٧- ٽيچرس گائيڊ ٽو ٽيچنگ آف سائنس ڪلاس ٻيو ۽ ٽيون
١٨- ٽيچرس گائيڊ ٽو ٽيچنگ آف سائنس ڪلاس چوٿون، پنجون
١٩- فلسفي جو بنيادي ڪورس
٢٠- گئليلو
٢١- ٻارن جو مسيح
٢٢- فڪر جي آزادي
٢٣- شاه سچل. سامي
٢٤- ماٿيوءَ جا پاڳ

مضمونن ۾ بي اي تائين تعليمي ذريعو هئي، ۽ ايم اي تائين پڙهائي هئي. هن وقت اها انٽرميڊيٽ تائين تعليمي ذريعو آهي ۽ منجهس انٽر تائين سمورا ڪتاب موجود آهن. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌيءَ جو باقاعده شعبو آهي ۽ پي ايچ ڊي تائين پڙهي سگهجي ٿي.* سنڌيءَ جون روزانيون ست اخبارون ڪافي هفتيوار ۽ ماهوار رسالا آهن. سو ڪان مٿي ڇاپخانا آهن... گذريل سٺو سالن کان صوبائي حد اندر مختلف سطحن تي عدالتي، سرڪاري دفتر ۽ سرڪاري لکپڙهه جي ٻولي رهي آهي.(١)

مادري زبان ۾ تعليم ڏيڻ جي باري ۾ جويي صاحب لکيو آهي:

سنڌي هتان جي ماڻهن جي مادري ٻولي آهي. ١٩٦١ع واري آدمشماريءَ (اسان کي معلوم آهي ته اها آدمشماري ڪئين ٿي هئي)، موجب صوبي ۾ صرف ١٥ سيڪڙو ماڻهو سنڌي کان سواءِ ٻيون ٻوليون ڳالهائين ٿا. اهو هاڻ هڪ مڃيل اصول ٿي چڪو آهي ته ذريعه تعليم مادري زبان هئڻ گهرجي. ڇا ٨٥ سيڪڙو صوبي جي آباديءَ کي علم ۽ ڄاڻ کان صرف ان ڪري پري رکجي جو ڪجهه ماڻهن جي جذباتي جنون کي سرد رکي سگهجي. جيڪي چاهين ٿا ته هڪ ڌاري ٻوليءَ ۾ سڀني کي تعليم ڏني وڃي. هاڻ اهو وقت اچي چڪو آهي ته زندگيءَ جي هن بنيادي اصول کي مڃيو وڃي. ٻي صورت ۾ وقت جلد يا دير سان ٿي سهي هيءُ اصول مڃڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندو.(٢)

اپريل ١٩٦٤ع ۾ سراج جو مشهور ڪتاب "سنڌي ٻولي" شايع ٿيو. ان ۾ جويي صاحب ديباچو لکيو. هيءُ ليک ٻنهجي جاءِ تي هڪ اعلي تحقيقي مقالو آهي، جنهن کي پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته جويو صاحب لسانيات جي ڏس ۾ ڪيڏي نه مهارت رکي ٿو. سندس هيءُ بصيرت افروز مضمون ته ماهي مهراڻ جي ١٩٦٤/٢ع واري پرچي ۾ به ڇپيو. هن مضمون ۾ جويي صاحب ٻوليءَ جي قديم فلسفي ۽ ٻولين

* موجوده وقت ۾ ڪراچي يونيورسٽي ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ به پي ايچ ڊي تائين تعليم ڏني وڃي ٿي.

هڪ نوٽ لکي تيار ڪري ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي. جنهن ڪري هن ڪتاب جي افاديت ۾ اضافو آيو آهي. دراصل هن ڪتاب ۾ ٽي لغتون شامل آهن (١) بنيادي لغت (٢) وڌايل بنيادي لغت (٣) ڪاروباري بنيادي لغت.

سنڌي گرامر تي نوٽ بلڪل مختصر لکيو ويو آهي، جيڪو بنيادي ضرورت شايد ئي پوري ڪري سگهي. بيحد مختصر هئڻ سبب گهڻائي بنيادي قاعدا قانون شامل نہ ٿي سگهيا آهن. گهٽ ۾ گهٽ واحد- جمع ۽ مونث - مذڪر جا قاعدا تہ ڏيڻ گهرجن ها! ۽ نہ ئي لفظن جون معنائون ڏنل آهن!

١٩٨٣ع ۾ هڪ اردو اخبار ۾ مولانا اشرف علي ٿانوي جي هڪ فتويٰ ڇاپي وئي جنهن ۾ چيل هو تہ "هن وقت اردو جي حفاظت دين جي حفاظت آهي. تنهن ڪري هيءَ حفاظت حسب اطاعت واجب ۽ فرض آهي ۽ باوجود قدرت رکڻ جي ان ۾ غفلت ڪرڻ گناه آهي ۽ ان جو آخرت ۾ پڇاڻو ٿيندو". هن فتويٰ ڇپجڻ بعد "سنڌي لئنگويج: ائن اپيل فار جسٽس" ڪتابڙو شايع ڪري بالا حڪام کي روانو ڪيو ويو ۽ عام ۾ پڻ ورهايو ويو هن اپيل تي سٽ کن سنڌي عالم ۽ اديبن جون صحيحون ٿيل هيون. هيءَ اپيل جاري ڪرڻ ۾ محمد ابراهيم جويي صاحب اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ تمام گهڻي همت افزائي ڪئي. هن اپيل ذريعي سنڌي ٻوليءَ جو ڪيس تمام اثرائتي نموني پيش ڪيو ويو آهي. ان ۾ گهر ڪئي وئي آهي تہ سنڌ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن کي مادري زبان وسيلي تعليم ڏني وڃي. ريڊيو ۽ ٽي وي تي سنڌي ٻوليءَ کي جائز مقام ڏيندي مناسب وقت ڏنو وڃي ۽ سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ هر طرح جا اپاءَ ورتا وڃن.

سنڌي ٻوليءَ جي عظمت بيان ڪندي جويي صاحب لکيو آهي:

ٻولي، آواز، دانهن ۽ دانهن جو جواب- ٻوليءَ جا لفظ، ٻوليءَ جون ڳالهيون، زندگي جي وڏي وٿ آهن ۽ ان لاءِ وڏو آڌت آهن، بلڪ ماڻهن لاءِ ماڻهپي سان جيئڻ جو بنياد آهن، روسي اديب

ترگنيف (١٨٨٣-١٨١٨ع) جنهن پنهنجي عمر جو اڌ عرصو ڪنهن طرح بي وطنيءَ ۾ گذاريو هو. پنهنجي روسي ٻوليءَ لاءِ هڪ موقعي تي چيو هو" جڏهن به مان شڪ ۾ ويڙهجي وڃان ٿو تڏهن او منهنجي عظيم، سگهاري، سچار ۽ آزاد روسي ٻولي! تون ئي مون کي ڏڍ ڏئين ٿي ۽ مون کي بچائين ٿي. جي تون نه هجين ته پڪ ئي پڪ جو ڪجهه منهنجي وطن تي وهي رهيو آهي. ان کي ڏسي آءٌ هوند ڍهي ٻنهه پٽ اچي پوان. پر ڪو ائين آخر ڪيئن ٿو مڃي سگهي ته هڙي عظيم ٻولي عظيم قوم کان سواءِ ڪنهن قوم کي ملي هوندي!" اسين به پنهنجي ٻوليءَ لاءِ جيئي سگهون ٿا ته اها اسان جو ڏڍ آهي، آتت آهي. اسان جا شڪ ۽ نراسايون دور ڪري ٿي. ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته هڙي عظيم ٻولي عظيم قوم کان سواءِ ڪنهن قوم کي ملي هجي؟[٥]

"اسان جي ٻولي، اسان جي تعليم" نالي وارو هڪ ڪتابڙو ١٩٨٥ع ۾ ڇپيو جنهن ۾ ڪجهه مضمون محمد ابراهيم جويي جا لکيل هئا ته ڪي ٻين عالمن جا به هئا. جن کي جويي صاحب ايڊٽ ڪيو هو. جويو صاحب لکي ٿو:

"سنڌي معاشري جو پڻ، ٻين زنده انساني معاشرن وانگر هڪڙو اهم ۽ بنيادي حق پنهنجي زبان جي حفاظت ۽ فروغ آهي، جو ته ان تي ئي سندس سڄي سڃاڻپ، بلڪ پوري وجود ۽ ان جي افاديت جو دارومدار آهي..... هن سڄي عرصي ۾ سنڌي معاشري جي باخبر، ذميوار ۽ حساس حلقن طرفان پنهنجي ٻوليءَ جي وجود جي تسليمي ۽ ان جي تهذيبي ۽ آئيني مفادن جي حفاظت لاءِ مناسب پيشقدمي ٿيندي رهي. ۽ پنهنجي هن بنيادي انساني حق جي دفاع ۽ بحاليءَ لاءِ ڀرپور جدوجهد ۾ سنڌي معاشري جي ڪا به اهڙي اهم شخصيت ڪو به ادارو، ڪا به جماعت ڪانهي جنهن پنهنجي وس آهر پورو پورو حصو نه ورتو هجي."[٦]

"تعليم جو موثر ذريعو مادري زبان آهي." هن عنوان واري مضمون ۾ جويو صاحب لکي ٿو:

"بهرين ٻولي. جا ٻار ٻڌي ٿو. سمجهي ٿو. سکي ٿو ۽ ڪم ٿو آڻي، سا هن جي ماءُ جي ٻولي آهي. اوسيتائين ته تعليم لاءِ ماءُ جي ٻولي ئي نه رکو مونر. سڀ کان موثر ۽ واحد ذريعو سمجهيو وڃي ٿي. ان کان پوءِ به دنيا جي آزاد ۽ مهذب انساني معاشرن ۾ هر هنڌ ۽ سڄي انساني تاريخ ۾ اڄ تائين تعليم جي نه فقط موثر ۽ سڀ کان سستي ۽ سڀ کان آسان ذريعي طور ماءُ جي ٻوليءَ ئي قبولي ويئي آهي، ۽ استعمال ٿيندي آئي آهي.

فقط ٻاهران آيل مذهب ۽ ٻاهر جا فاتح ۽ حاڪم ئي مڪاني طور رائج ماءُ جي ٻولي جي اها حيثيت ۽ اهو حق ۽ ان جي اها لياقت قبولڻ کان انڪاري رهيا آهن. ۽ انڪار ڪن ٿا ۽ ان ۾ هر طرح انهن جي بالادستي ۽ استحصالي مفاد موجود هجن ٿا."[۷]

جويي صاحب کي سنڌي ٻوليءَ جي صحت ۽ سڌاري جو سدائين وڏو اونو رهيو آهي. هو وقت بوقت ان ڏس ۾ پنهنجن مضمونن ذريعي صحيح، نج ۽ نبار سنڌي لکڻ، سنڌيءَ کي فارسي ۽ عربي جي بيجا ٿنب ٿنبان کان بچائڻ، صحيح جملن لکڻ، گرامر جي غلطين کان پاسو ڪرڻ جون هدايتون ڪندو رهيو آهي.[۸]

سنڌ جا جونيءَ جا اديب ڏاها ۽ دانشور، جويي صاحب کي پنهنجو ادبي استاد ۽ گائيڊ تسليم ڪن ٿا. انهن ۾ شيخ اياز، سراج ۽ رسول بخش پليجو جا نالا شامل آهن.... جويو صاحب اهو وطن پرست اديب ۽ مفڪر آهي جنهن پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي پنهنجي "نظريي جو قرض" چڪائي ورتو آهي. جويي صاحب جي ذات وطن دوستي ۽ انسان دوستيءَ جو سنگم آهي.[۹]

سراج پنهنجي هڪ مضمون ۾ جويي صاحب لاءِ لکيو آهي: هن جي زندگيءَ جو هڪڙوئي مقصد ۽ محور آهي، سو اهو ته پنهنجي وطن جي ماڻهن لاءِ علم ۽ ڄاڻ جي روشني ڦهلائڻ لاءِ جتن ڪندي پساهه پورا ٿين ته حياتي سجائي ٿيندي. هيءَ مختصر حياتي جيڪا انسان کي ملي آهي، ان کي بامقصد بنائڻ ئي انسان کي ٻين ساهوارن کان اتم ۽ اعليٰ

ٻڌائي ٿو. اهو مقصد آهي پنهنجي وطن ۽ وطن جي ماڻهن لاءِ ڏاهپ جا موتي ميڙي، ڄاڻ جا خزانا ونڊي ورهائي ڪين ۽ قدم اڳتي وڌي ويجهي.(١٠)

جويو صاحب سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن جي رهنمائي ڪندڙ عالم، ماهر تعليم ۽ ٻوليءَ جو ماهر به آهي. سنڌي ٻولي، سنڌ جي قومي ٻوليءَ جي جدوجهد جو علمبردار آهي ته سندس سنڌي ٻولي ۽ لغت جي سلسلي ۾ ڪيل خدمتون بيمثال ۽ يادگار آهن.

## حوالا:


١- سليم احمد. مترجم محمد ابراهيم جويو. اولهه پاڪستان ۾ ٻولين جو مسئلو. ص- ٩

.2- Economics of Urdu, Ms. p. 26.

٣- جويو، محمد ابراهيم، ديباچو، "سنڌي ٻولي" سراج ١٩٦٤ع. ص- ١٥

٤- جويو، حوالو ساڳيو ڪتاب، ص - ١٦.

٥- جويو، محمد ابراهيم. مهاڳ "سنڌي ذات هنجن" ليکڪ، رسول بخش پليجو، ١٩٨٣ع. ص ٢-٣.

٦- جويو، محمد ابراهيم، اسان جي ٻولي، اسان جي تعليم، ١٩٨٥ع. ص ٣٧-٣٩.

٧- جويو - حوالو ساڳيو ڪتاب، ص - ٤٧

٨- تاج جويو، پيش لفظ ڪتاب "هوءِ جا ٽمڪي باهڙي". ليکڪ محمد ابراهيم جويو، ١٩٩٥ع. ص - ١٥.

٩- تاج جويو، حوالو ساڳيو ڪتاب، ١٨-١٩

١٠- سراج، مضمون "ڪوڪو ماڻهو موتيءَ داڻو" ڪتاب "ادبي ڳڌجاڻي ١٩٨٢ع. ص ١٦

پروفيسر ڊاڪٽر ديدار حسين شاهه

# مرتضائي ثنوي جا همعصر شاعر

سيد غلام مرتضيٰ شاهه، تخلص "مرتضائي" ٺٽي جي رضوي سيدن مان هو. پاڻ هجري سن ١٢٥٩ (١٨٤٣ع) ۾ ڄائو ۽ ٦٩ سالن جي عمر ۾ ١٣٢٨ هجري (١٩١٠ع) ۾ وفات ڪيائين. پاڻ قادرالڪلام ۽ استاد شاعر ليکيو ويو ٿو.

سنڌ جا شاعر سندم شاگرد ۽ پيا سڀ دوستدار،
ٿــو رڪــان جن توکي هڪ روبہ بيــاباني ڏٺــو.
مور ماتم تنهنجي چوري ڪين ٿئي ميدان طلب،
هي حــســيني مــاتمي مــون مــرد ايماني ڏٺــو.

سندس تصنيفات ۾ مرثيي نگاري، رباعيون، تاريخ وفات ڪتاب نجات القلوب، منقبتون ۽ قصيدا، مثنوي، يوسف زليخا، ڪتاب طوطي نامو، سڪندر نامو، شاهنامو فردوسي جي ڪن حصن جو ترجمو، ڪريما نيچري، فارسي ڪتاب نورالهديٰ جو ترجمو ۽ ديوان مرتضائي شامل آهن.

مرتضائي جو شمار سنڌ جي استاد شاعرن ۾ ٿئي ٿو. انهي ڪري سندس وقت جي تمام شعراء سنڌ سان سندس گهاٽا لاڳاپا ۽ دوستداري وارو تعلق هو. منجهانئن ڪافي سارا سندس شاگرد پڻ هئا ۽ شعر ۾ کانئس اصلاح وٺندا هئا. مرتضائي پنهنجي ديوان ۾ ڪافي جاين تي اهڙو ذڪر پڻ ڪيو آهي.

مــحــبـوب تولئي منڙو مــســتــان آهي منهنجــو،
ابيـــات عـــشق وارو ديوان آهي منهــنجـــو.

بي شڪ اي مرتضائي هيءَ طرز تنهنجي اعليٰ،
سڀ شاعرن تي مضمون فرحان آهي منهنجو.

ديوان مرتضائي ۾ ڪل ۴۸۷ غزل (۴۶۰ سنڌي، ۲۴ فارسي ۽ ۳ اردو) ۽ ۾ سنڌي رباعيون آهن. سندس شاعري فارسي، سنڌي، هندي، اردو زبانن ۾ ٿيل آهي. سنڌي غزلن ۾ پاڻ هڪ غزل پنهنجي همعصرن متعلق جوڙيو اٿس. جنهن مان انهيءَ وقت جي شاعرن جي سڃاڻپ ۽ عروضي شاعري جي تاريخي ساخت تي چٽي روشني پوي ٿي. اهو غزل هن ريت آهي:

احسن، حسن مقال ۾ سڀ ڪان عجيب ڏسجي،
گلزار وصف آل ۾ سو عندليب ڏسجي.
سانگي سنو خيال جو معروف منجهه ملاحت،
گوهر گدا جو گفتو ماتم غريب ڏسجي.
عاجز جي رمز عمدي ۽ طرز عبد وه وه،
بلبل خيال ڪي هردم قريب ڏسجي.
راهي رهي ۽ راجي تائب طبع جو نازڪ،
صديق مست بيدل وافر نصيب ڏسجي.
گلشن خيال ۾ ڏس گل ڪي رسي خزاني،
رعنا بباغ راحت نازڪ نسيب ڏسجي.
خاصو خليل سڀ ڪان مسڪين مان وارو،
سائل سليم حامد هاشم حبيب ڏسجي.
غازي غلام اصلي گوهر گلڻ جا گفتا،
۽ شمس الدين قريشي خاصو خطيب ڏسجي.
شوي شڪار افگن قربي قريب گلشن،
۽ فڪر فيض محمد سڀ تي مهيب ڏسجي.
تازي سا عشق بازي آئي سدا نيازي،
۽ مير مصطفائي لعلن لبيب ڏسجي.
عمدا علي جا گفتا آتش رفيع وه وه،
۽ حيدري بلاشڪ هوتن حبيب ڏسجي.

صاحب ڏنو سونهارو سيد سدا موچارو،
گوهر فشان ڪرارو نرمل نجيب ڏسجي.
اواهہ پاڪ طنيت مظهر سو نيڪ نيت،
عاشق جليل خفتي بي شڪ نقيب ڏسجي.
طرزي بطرز اعليٰ آهي عجيب بهائي،
اعليٰ علي اصغر خاڪي خشيب ڏسجي.
ٺيو سست چست يڪدم راقم چڏي رقم رد،
عباس منجهہ خيالن سڀ کان خصيب ڏسجي.
وه مير مجتبائي سونٿا هٿي سمورا،
پيري ڏنو سو سيد ڪڏ جي قريب ڏسجي.
شاعر هي سنڌ وارا سيئي رقم شمارا،
سيني ڪنان ڪرارا هرمڪ عجيب ڏسجي.
سيني ڪان مرتضائي گهڻ آهي گفتگو ۾،
پر ان جي دعوتن جو موليٰ مجيب ڏسجي.

مرتضائي ٺٽي ۾ ١٨٦٥ع بزم نشاط سنڌ جو بنياد وڌو. ١٨٩٥ع ۾ انهي بزم جي هڪ گڏجاڻي ۾ سنڌ جي تمام گهڻن شاعرن شرڪت ڪئي. پاڻ انهي موقعي تي اهو غزل جوڙيو هئائين. انهي گڏجاڻي کي سنڌي اديبن جي هڪ جامع ڪانفرنس چئي سگهجي ٿو. انهي جو سمورو اهتمام مرتضائي طرفان ڪيو ويو هو. انهي غزل جي روشني ۾ سنڌ جي مختلف شاعرن متعلق مليل معلومات هيٺ دائر ڪجي ٿي.

## (ا) مير حسن علي خان حسن

هي حيدرآباد جو رهاڪو هو. مير نصير خان جو پٽ ۽ سانگي جو چاچو هو. سانگي جو والد جيئن تہ سانگيءَ جي ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري ويو هو، انهي ڪري سانگي جي پرورش پڻ هن جي زيرنظر ٿي. غزل گو، مناقب ۽ مرثيہ گو شاعر هو. خاص طور سان سلام جي مرثين ۾ سنڌي زبان ۾ جهڙس ڪو شاعر ورلي ملي سگهندو. مرتضائي سان

سندس تمام قربت ۽ محبت وارو رستو هو. نثر توڙي نظم ۾ سندس گهڻائي ڪتاب آهن. سندس جوڙيل مرثين جو بياض "متاع حسين" عنوان سان هاڻي تازو شايع ٿيو آهي.

## (۲) مير عبدالحسين سانگي

ڪيان دل منجهان داستان ڪهڙا،
ادا ذڪر آئي زبان ڪهڙا.

هي حيدرآباد جو رهاڪو، مير عباس علي خان جو فرزند ۽ ٽالپرن جي آخرين حڪمران مير نصير خان جو پوٽو هو. هي شاعر، نثر نويس، غزل گو، مرثيہ گو، ڪافيون جوڙيندڙ ۽ ٻين گهڻين ئي تصنيفن ۽ صنفن جو مالڪ هو. سندس ديوان ۽ ٻيون تصنيفون ڇپيل بہ آهن. سانگي سان مرتضائيءَ جون تمام گهڻيون رهاڻيون ۽ ملاقاتون ٿينديون رهيون. سانگي، ٽنڊي ۽ ٽنڊي محمد خان ۾ ايندو هو. ادبي محفلن ۽ مشاعرن ۾ هي پاڻ ۾ ملندا رهندا هئا.

منهنجو ڏاڏو تراب علي شاهہ بہ مرتضائي سان گڏ سانگي وٽ ٿيندڙ ملاقاتن ۾ ويندو هو. هڪ ملاقات ۾ هي غزل جوڙيائين:

" غزل مرتضائي ڪي سانگي سڻايو،
ڏنم جنهن ۾ رنگين بيان ڪهڙا. "

## (۳) آنريبل مير الله بخش خان معروف

معروف سڏائي ۽ رکي نام ٿو مخفي،
مطلب نہ ٻڌائي تہ اها رمز نهان ڇا،
مسڪين نوازي ۾ ڏسان مير الله بخش،
ڪو مرتضوي اهڙو ڏنو، فيض رسان ڇا.

هي ٽنڊي محمد خان جو رهاڪو، مير ڪرم خان جو پٽ ۽ مير محمد خان جو پوٽو هو. شاهو خان جي نسل مان هو. انهي ڪري شهواڻي ٽالپر ڏسجي ٿو. مرتضائيءَ جي خاندان مان مير سيد همت علي شاهہ رضوي ڄڃو، مير الله بخش جي خاندان مان مير غلام شاهہ

شهوائي شهيد سان تمام گهاٽو رستو هو. ايسٽائين جو مياڻي جي جنگ ۾ ٻئي هم رڪيب ٿي وڙهيا. شهيد ٻه گڏ ٿيا ۽ سندن قبر به گڏ ٺهيل آهي. مير الله بخش. ڪڇ ۾ انگريزن طرفان قائم ڪيل راجڪمار ڪاليج ۾ پڙهيو. آنرري مئجسٽريٽ ۽ وڏو جاگيردار هو. بمبئي ليجسليٽو اسيمبلي جو جاگيرداراڻي مخصوص سيٽ تي سنڌ مان گهڻو وقت ميمبر رهيو. مرتضائي کان پوءِ ١٩١١ع ۾ وفات ڪيائين. مرتضائي جو نه صرف دوست، همعصر، مهربان پر سرپرست به هو، ديوان ۾ ڪافي هنڌن تي مير الله بخش جي نيڪي نظر اچي ٿي.

شهوائي ڏسان ابر عطا مير الله بخش،
هي گوهر اخلاص حيا مير الله بخش.

هن وٽ مرتضائي جو تمام گهڻو اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. مرتضائي سان هتي سانگي، گدا، حيدري ۽ عرس جهڙن خوب دوستاڻيون ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون. مرتضائي سندس شجرو ۽ حسب نسب پڻ مرتب ڪيو. غزل گو شاعر هو. يوسف زليخا مثنوي پڻ معروف صاحب جي خيال پٽاندر مرتضائي مرتب ڪئي.

## (٤) سيد غلام محمد شاهہ گدا

هي حيدرآباد جو رهاڪو، رضوي سيد هو. هر خاندان جا فرد هجڻ ڪري منجهن تمام گهڻي محبت ۽ سڪ رهندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن انهن ٻنهي استاد شاعرن درميان شاعراڻي چپقلش به ٿي پوندي هئي.

چئو گدا مون وٽ تو ڪهڙو بغض باتاني ڏٺو،
بلڪ بيحد قرب وارو عهد پيماني ڏٺو،
ٿي گدا درد در پني تو شاعري کي دستياب،
مرتضائي پنهنجي لئي الهام يزداني ڏٺو.

پاڻ ۾ شعر جي ڏي وٺ به ڪندا هئا. گدا اڪثر ڪري نئي به ويندو هو، جتي آگر محلي ۾، مرتضائي جي استاد فدوي وٽ رهندو هو. اتي پڻ سندن خوب ڪچهريون ۽ محفلون ٿينديون رهنديون هيون. گدا

غزل گو، مناقب ۽ مرثيہ گو شاعر هو. سندس شاعري فارسي، هندي، سنڌي ۽ اردو زبانن ۾ ٿيل آهي.

## (٥) ميان حاجي فضل محمد ماتم

"شعر ۾ مرتضائي ڏسان جي ڪري نگاه،
مضمون وارو سنڌ ۾ ماتم سان ناهي مٽ."

هي حيدرآباد جو رهاڪو، عباسي خاندان مان هو. غزل گو، مناقب ۽ مرثيہ گو شاعر هو. سندس شاعري پارسي، سنڌي ۽ اردو ۾ ٿيل آهي. مرتضائي سان تمام قريب دوستاڻو رستو هئس. ديوان مرتضائي مان واضح اشارا ملن ٿا تہ ماتم سان مرتضائيءَ جي شاعرائي ڏي وٺي ٿيندي رهندي هئي ۽ ماتم جي حُبِ اهلبيت کان مرتضائي گهڻو متاثر ٿيل هو، ماتم جو اردوءَ وارو ديوان ڇپيل آهي.

## (٦) حاجي عبدالله عبد

مرتضائي جلد موڪل عبد ڏي جوڙي جواب،
تا تہ دادو ڇـــــڏي ڏسندو وجي هالا وري.

هي ٺٽي جو رهاڪو، مدرسي جو استاد هو. ڳوناٺي هجت جي ڪري سندن تمام گهاٽو رستو هوندو هو. هي بہ غزل گو ۽ مرثيہ گو شاعر هو. فارسي، سنڌي، اردو ۽ هندي زبانن ۾ شاعري ڪندو هو.

راهي و راجي سان گڏجي عبد هڪ آندو غزل،
جو ڏسي ورتو بدل ظاهر زبانيءَ ڪان سوا.
مرتضائي جلد موڪل ان جو تون جوڙي جواب،
تا ڏسن مضمون هن جو شعر خواني ڪان سوا.
عبد تنهنجي التجا سان مونکان هي آيو جواب،
مرتضائي ڪي بعالم خاڪساري ٿي نصيب.

## (٧) شمس الدين بلبل

هي تعلقي ميهڙ، ضلعي دادو جو رهاڪو، ذات جو ابڙو هو. معاون الاسلام ۽ ٻين اخبارن جو ايڊيٽر ٿي رهيو. سندس اخبارن ۾

مرتضائي جا تمام گهڻا غزل ڇپجندا رهندا هئا. مرتضائي جي سنڌ مدرسي جي باني حسن علي آفندي سان گهاٽي دوستداري هوندي هئي، جو وري بلبل تي شفيق ۽ مهربان هوندو هو. انهيءَ ڪري مرتضائي ۽ بلبل جا تعلقات پڻ ڪافي گهاٽا ۽ قرب وارا هوندا هئا.

ميان حسن علي تنهن افنديءَ مجيدي،
کي هوئي سان پٽڙن پيارن مبارڪ،
معاون جي اخبار ۽ مشترين کي،
۽ ايجنٽن سڀ اهلڪارن مبارڪ.

## (٨) ميان رسول بخش رهي

هي اصل قلات جو وينل، ذات جو بروهي، پارسي جو غزل گو شاعر هو. مرتضائي ۽ هن جا غزل فارسي جي اخبار مفرح القلوب ۾ شايع ٿيندا هئا. سنڌيءَ ۾ بہ غزل خواني ڪندو هو. سنڌ سڌار اخبار ۾ هن جا مرتضائي جيان غزل ڇپيا هئا. ٺٽي ضلعي جي ساڪري تعلقي جو پڻ مختيارڪار ٿي رهيو. مرتضائي سان سندس نهايت ئي گهاٽو قربائتو ۽ دوستاڻو رستو هو.

## (٩) عبدالقادر بيدل

هي شڪارپور جو رهاڪو هو. فارسي ۽ سنڌي ۾ شاعري ڪندو هو. مرتضائي جيان جهونن سنڌي شاعرن مان هو. سندس غزل بہ وقت جي فارسي ۽ سنڌي اخبارن ۾ ڇپجندا هئا. ٻئي همعصر ۽ سنا دوست هئا.

## (١٠) گل محمد ولد محمد يوسف لونگاڻي گلڻ ۽ گل

هي ٺٽي جو رهاڪو هو. ميان مرحوم غلام علي ميمڻ ائڊووڪيٽ جنرل سنڌ جي والد جو سؤٽ هو. غزل گو ۽ مرثيہ گو شاعر هو. ٻئي ڳوٺائي هئا. انهي ڪري بہ مرتضائيءَ سان سندس

## (١۴) احمد شوقي

هي ڪراچي جـو رهاڪو هو. اڪثـر ڪري ٺـٽي ايندو هو. مرتضـائي وٽ مهمـان ٿي بہ رهندو هو. مـرتضـائي بہ جڏهن ڪراچي ويندو هو، تہ وٽس ئي رهندو هو. سندن تمام گهڻيون ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون. غزل گو شاعر هو. ٻنهي درميان گهاٽو دستاڻو ناتو هو. هن جا پونير سنڌ اسلامي هوٽل ڪراچي جا مالڪ آهن.

## (١۵) مخدوم محمد ابراهيم خليل ۽ مسڪين

هي ٺـٽي جـو رهاڪو هو. سندس تصنيف تڪـملة مـقـالات الـشـعراء مشهور آهي. غزل گو شاعر هو. فارسيءَ ۾ سندس گهڻو ڪلام ڇـپيل آهي. عربي زبان جـو بہ مـاهر ۽ شـاعـر هو. سنڌي ۾ بہ شاعري ڪندو هو. ٺٽي جي رضوي خاندان سان تمام گهرو رستو هوندو هئس، مرتضائي جي ويجهن همعصرن مان هو. سنڌي شاعري ۾ تخلص "اداسي" هوندو هئس، هنديءَ ۾ بہ شـاعـري ڪندو هو. مرتضائي ۽ فدوي سان سندس تمام گهاٽو ۽ قربائتو رستو هوندو هو. پٺي پاڙيسري بہ هوندا هئا. انهي ڪري سندن ملاقاتون بہ ڪثرت سان ٿينديون رهنديون هيون.

## (١٦) عبدالواحد سائل

هي حيدرآباد جو رهاڪو، ڀهارا ضلعي ٺٽي ۾ هيڊ ماستر هو. فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ شاعري ڪندو هو. سنڌ سڌار اخبار ۾ سندس غزل ڇپبا هئا. ٺٽي ۾ نوڪري دوران مرتضائي سان سندس دوستي جو ناتو بيدا ٿيو.

## (١٧) محمد هاشم مخلص

هي ٽکڙ ضلعي حيدرآباد جو رهاڪو، نثر نويس، شاعر ۽ اخبار نويس هو. گهڻين ئي اخبارن ۾ هفتيوار ۽ ماهوار رسالن جو ايڊيٽر ٿي رهيو. سنڌي اخبار سنڌ سڌار ۽ ٻين ۾ سندس غزل ڇپجندا رهندا هئا.

جگر جيرا جليا ۽ جي جوش کيا،
سٺي آواز اڄ جان سوز نئي جو.
گدا تنهنجو نہ آٿي تا قيامت،
نظر ۾ تخت هن ڪائوس و ڪئي جو.
غرض ڪهڙو ڪرڻ احوال دل عرض،
تون واقف سڀ ۽ مالڪ ڪُل شيءِ جو.
سکهو مون ڏانهن موڪل مرتضائي،
جواب هن غزل فرخنده پئي جو.
علي کي باغ ۾ منجهہ فصل گل جي،
اچي ساقي پري ڏي جام مئي جو.

مرتضائي انهي غزل جو ترت جواب روانو ڪيو.

"مرتضائي سبزپوش ۾ علي قربان چائي،
ڏي جواب هن جو تہ ڏسجي پاڻ جنهن مشهور ڪيو.

عليءَ جون منقبتون، غزل، مرثيا، مثنويون ۽ قصيدا وغيره مشهور آهن.

## ميان وڏل شيخ حيدري

هي حيدرآباد جو رهاڪو هو. سندس اصل نالو محمد يوسف هو. فارسي، سنڌي ۽ اردو جو غزل گو شاعر هو. سانگي کان استادي وٺندو هو. مرتضائيءَ سان سندس دوستاڻو ناتو هو. پئي شعر جي ڏي وٺ ڪندا هئا.

"هل حيدري جواب ڪو جلديءَ ۾ جوڙ تون،
موڪلج مرتضائي اڳيان خوبتر ڪري."

انهيءَ کان علاوه عبيدالله ۽ محمد حسين تخلص عاجز، محمد يوسف تخلص مسڪين مير علي نواز تخلص مجرم ۽ علوي، أخوند فقير محمد عاجز. وينل ڪنبـ ـرو، عبدالله مهر راهي وينل لکي شڪارپور، ميان شيـ محمد قريشـ ـ راجي، وينل شڪارپور ۽ جيڪب آباد، سيد

مرتضائي سنڌ جا شاعر وڏي اقبال هون،
جن مٿان گهورون وجهان ننگر جا ناٿا اي حبيب.
هن مان سنڌي شاعرن لاءِ سندس محبت جو اظهار ٿئي ٿو.

ڪونہ ڏسبو زلف جي زنجير کان آزاد ڪٿ،
عشق جو برباد اندو سو ٿئي آباد ڪٿ.
سنڌ جا شاعر عجب اشعار ٿا جوڙين پر،
مجتبيٰ مضمون جو ماتم مثل استاد ڪٿ.
شمس خوش صديق خوش خادم خوش راقم چگو،
پر لطيفي، طبع ڏاران عشق جو بنياد ڪٿ.
هو علي يڪسر يگانو ۽ بہ قاسم ڪيا ڪلور،
پر گدا جي گفتگو وٽ ڪو بہ ايندو ياد ڪٿ.
وه رهي وه ريت راجي وه سنائي جي پڪار،
مست ڪٿ خفتي ڪٿي قاضي ڪجا دلشاد ڪٿ.
صابرو اميد ڪٿ ۽ نور محمد و عبد ڪٿ،
مير فاضل شہ جهو در حيدرآباد ڪٿ.

*****

ٿي حسن وانگر هميشہ منجهہ بڪائي اهلبيت،
ري روئڻ محشر ۾ چئو آرام جو ارشاد ڪٿ.
گل مثل گفتار جنهنجا مير سو عبدالحسين،
بلبل گلزار منطق سو خدا جيئن ياد ڪٿ.
مرتضائي تنهنجو مضمون دل ڪشادو دل فريب،
روشني سج جي پروڙي ڪور مادر زاد ڪٿ.

*****

ڏياري ملڪ مالڪ ملڪ جو موتي حقدارن،
هلين جي حيدرآباد تا سي سنڌ صاحب ڏس.
صبا چئو حضرت سانگي جي خدمت بندگي بيحد،
هزارين مرتضائي جيئن سندو، مداح و طالب ڏس.

هي اشڪ اکين جو حسرت ۾ هرروز صفا جيحون ڏنم.
جنهن موجزني کي فرقت ۾ جاري رکان جگر برخون ڏنم.
باهوش حسن تيو اهل عزا سد وارو سانگي شاهہ گدا.
شعار جگو بي ريب ريا سو ماتم جو مضمون ڏنم.
گل گلشن ۾ هيڪار رکي تيئن عبد وڏا اسرار رکي،
اڪ عاجز پر انوار رکي اشعار سندس گلگون ڏنم.
ره راهيءَ جي بيباڪ ڏسان منجهہ شهر وڏو چالاڪ ڏسان،
مشتاق وڏو غمناڪ ڏسان هڪ حامد کي مفتون ڏنم.
معروف محمد رطب لسان تو قند زبان غلام چوان،
خوش حيدري آهي شهر زبان سڀ شعر سندس افسون ڏنم.
مون مرتضويءَ جي ياري ڪر دلدار سندم غمخواري ڪر،
هي صحن سندم گلزاري ڪر جو درتي سندءِ مقرون ڏنم.

*****

بي شڪ ادا ڏسان تو زمانا نوان نوان،
سڀ ڍول شول مڪر زنانا نوان نوان.
شاعر نوان شعر نوان قافيا نوان،
مضمون بحر ربط ترانا نوان نوان.
مون مرتضائي عبد کي نصف الوصال لاءِ،
ڪر حيدري کي شعر روانا نوان نوان.
وه مست جو ڪلام ڏسي مرتضائي چوءِ،
جنهن جوش کان جواب هلايا نوان نوان.

*****

رسي عيد شوال يارن مبارڪ.
سيني اهل اسلام وارن مبارڪ.
سچن سيدن توڻي پيرن قريشن.
عبادن وڏن علم وارن مبارڪ.
اسان جي انهيءَ سنڌ جا واهہ حاڪم.

تنهن ميرن وڏي مان وارن مبارڪ.
بلوچن بروهين پٺاڻن ڪلهوڙن،
سمن سومرن ۽ مڇارن مبارڪ.
پنوهر برفتن جاڪرن جوکين کي،
ٿهيمن جتن جان نثارن مبارڪ.
کي سهتن کي هالن ۽ ابڙن ۽ ڏيٿن،
فقيرن ضعيفن متارن مبارڪ.
ڪنيارن پريٺن حجامن ۽ موچين،
گهراڻن ۽ واڍن لوهارن مبارڪ.
ڪسٽي توٽي ڪهنباٽي عطار سباٽي،
بقارين شيدين بٺارن مبارڪ.
ڏيان عاشقن کي نويدون وصالي،
مشوقن سنن ماه پارن مبارڪ.
تون فطرو ڪيدي مرتضائي وري چئو،
متي شاعرن نامدارن مبارڪ.

*****

محبوب مٺي جي حسن ڪيا حيران هزارين مان نه رڳو،
مجذوب مثل مجنون ٿيا مستان هزارين مان نه رڳو.
وه مرتضوي چو خوب غزل بار نور محمد راقم رل،
صدبار سندو، هن شعر مٿان قربان هزارين مان نه رڳو.

*****

پوي جي پر توو ڪو آسمان تي تنهنجي مه رو، جو،
مقابل ڪون آٿي چنڊ هڪڙي چنڊ ابرو، جو.
علي مسڪين هڪ مضمون جو آندو غزل تنهنجي،
جدا مضمون جوڙيو مرتضائي وصف گلرو، جو.

*****

مــرتضــائي جــو غــزل جي غــور ســـان ڏسندو غــلام،
قـــدردانيءَ ســـان ڪندو ات مـــرحـــبـــا ۽ واهه واهه،
هوند گل تي باغ ۾ بلبل مـــبـــارڪبـــاد چـــئي،
مـــرتضـــائي ســـاڻ راهي جي غـــزل شـــامل ڪري.

*****

مـــون وارو پنهنجـــو لنگهـــايو اي دوست و مـــاتم هاڻ،
گـــدا ۽ حـــامـــد ۽ حـــيـــدري حـــســـاب ٿـــئي.
عـــجب مـــاتم مـــصـــرعـــ اي مـــرتضـــائي جـــئي،
الاهي خـــواب زليـــخـــا جـــو مـــونکي خـــواب ٿـــئي.

*****

وه مـــرتضـــوي هن طرز مـــٿي رعنا ڪو چـــوي رنگين غـــزل،
جنهن ڪان سو پجي هي ڪفر سندو دروازو ڏنگو ديوار ڏنگي.

ڊاڪٽر قمرجهان مرزا

# سنڌي شعبي جي استادن جي ڪيل تحقيق

سنڌ يونيورسٽيءَ جي آرٽس فيڪلٽيءَ ۾ قائم ٿيل سنڌي شعبو پنهنجي تاريخ ۽ علمي ادبي خدمتن سبب مڃتا ماڻي چڪو آهي. سال ١٩٥٢ع ۾ ناميأري عالم ۽ فيلسوف محترم علامه آءِ آءِ قاضي صاحب جن جي وائيس چانسيلريءَ واري زماني ۾ سنڌي شعبو قائم ٿيو. جنهن جو پهريون سربراهه سنڌ جو نامور محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هو پاڻ ساڳي وقت ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ جي سربراهيءَ جا پڻ فرائض سرانجام پئي ڏيندو رهندو هو. سال ٥٣-١٩٥٤ع ۾ مشهور اديب ۽ استاد پروفيسر محبوب علي چنه سنڌيءَ جا پوسٽ گريجوئيسٽ جا ڪلاس سنڀاليا.

سال ١٩٥٧ع سنڌي شعبي جي تاريخ جو اهم سال آهي. ڇاڪاڻ ته ان سال سنڌي شعبي کي الڳ حيثيت حاصل ٿي. ان وقت مادر علمي جو وائيس چانسيلر ڊاڪٽر رضي الدين صديقي هو. الڳ ۽ مڪمل حيثيت حاصل ٿيڻ کان پوءِ سنڌي شعبي جو پهريون سربراهه مشهور لسانيانت جو ماهر پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب مقرر ٿيو. جتوئي صاحب سنڌيءَ جو پهريون پوسٽ گريجوئيٽ هو. هو جڏهن سال ١٩٦٣ع ۾ لسانيات ۾ ماسٽر جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ لنڊن روانو ٿيو. تڏهن سنڌس جاءِ تي ڊاڪٽر غلام علي الانا کي سنڌي شعبي جو سربراهه مقرر ڪيو ويو. ساڳئي سال پڻ ڊاڪٽر غلام علي

الانا ڪي بہ لسانيات جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ جدهن لنڊن وڃڻو پيو، تڏهن ڪان محترم حبيب الله مرزا صاحب سنڌي شعبي جو چيئرمين ٿيو. مرزا صاحب کان پوءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب سنڌي شعبي جي چيئرمين جي حيثيت سان فرائض سنڀاليا. ڊاڪٽر جوڻيجو صاحب کي سنڌ سرڪار جڏهن سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪيو، تڏهن مئي ١٩٩٣ع کان پروفيسر ڊاڪٽر قاضي خادم صاحب کي سنڌي شعبي جي سربراهيءَ جو منصب سونپيو ويو. پاڻ مئي ١٩٩٩ع کان ڊين فيڪلٽي آف آرٽس مقرر ٿيو تہ سندس جاءِ تي ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو سنڌي شعبي جو چيئرمين مقرر ٿيو. ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو صاحب کي جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. تڏهن آگسٽ ٢٠٠١ع کان ڊاڪٽر هدايت پريم کي چيئرمين مقرر ڪيو ويو آهي.

سنڌ يونيورسٽي ۾ سنڌي شعبي جي قائم ٿيڻ سان نہ رڳو درس ۽ تدريس کي فروغ حاصل ٿيو پر تحقيق ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ نيون رٿائون عمل ۾ اچڻ لڳيون. تحقيق جي اشاعتي پروگرام کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ريسرچ جرنل پڻ شايع ٿيا. جن ۾ "سنڌي صحيفو (٦١-١٩٦٢ع)، "سوکڙي" (١٩٦٤ع)، "سوغات" (٦٥-١٩٦٦ع)، "پورب" (١٩٦٩ع)، پرک (١٩٧٧ع)، ڪينجهر (١٩٨٧ع)، ڪينجهر - ٢ (١٩٨٨ع)، ڪينجهر -٣ (١٩٨٩ع)، ڪينجهر-٤ (١٩٩٠ع)، ڪينجهر-٥ (١٩٩٣ع)، ڪينجهر-٦ (٩٤-١٩٩٥ع)، ڪينجهر - ٧ (١٩٩٩ع)، استادن ۽ شاگردن ۾ تحقيق جي دلچسپي وڌائڻ ۽ مطالعي جو شوق پيدا ڪرڻ لاءِ سنڌي شعبي ۾ هڪ سيمينار لائبريري پڻ قائم آهي، جنهن ۾ اٽڪل نَوَ هزار ڪتاب مختلف موضوعن تي موجود آهن. جن مان استاد ۽ شاگرد تدريس ۽ تحقيق لاءِ استفاده حاصل ڪندا رهن ٿا.

سنڌي شعبي پاران وقت بوقت مختلف عنوانن هيٺ ليڪچر مناظرا، مشاعرا، ورڪشاپون، سيمينار ۽ ڪانفرنسون منعقد ٿينديون رهيون آهن اهڙن پروگرامن سبب سماج ۾ وڏي جاڳرتا آئي آهي ۽

نتيجي ۾ نوان لاڙا متعارف ٿيا آهن. سنڌي شعبي جي اهڙن پروگرامن ۾ سڀ کان اهم ۽ يادگار بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس آهي، جا ٢-٣ ۽ ۴ فيبروري ١٩٨٨ع تي ٿي، جنهن ۾ ادب جي هر هڪ صنف تي استادن، اديبن، دانشورن ۽ محققن مقالا پيش ڪيا، جي سنڌي ادبي بورڊ پاران ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل آهن. ٻن حصن تي مشتمل مجموعن مان هڪ ڪتاب 'مقالا' جي نالي سان آهي ۽ "ٻيو ڪتاب نرتي تندنياز سين" جي نالي سان شايع ٿيل آهي.

سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽي پاران سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقي ۽ تحفظ لاءِ باضابطه علمي ادبي تحقيق جو پروگرام عمل ۾ آندو ويو ۽ مختلف رهنمائن جي رهبريءَ هيٺ وقت بوقت اسڪالر مختلف عنوانن هيٺ تحقيق ڪندا رهيا آهن. جن ڪي تحقيقي مقالن پيش ڪرڻ تي سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽي پاران ايم-فل ۽ پي ايڇ ڊي جون اعليٰ ڊگريون ڏنيون ويون ٿيون. انهيءَ سلسلي ۾ هن وقت تائين ٣٩ پي ايڇ ڊي جون ڊگريون ۽ ۵ ايم-فل جون ڊگريون ڏنيون ويون آهن. جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

## پي ايڇ ڊي ۽ ايم فل ٿيسز جي فهرست

١- ليکڪ: غلام علي الانا

رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان: "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ"

سال: ١٩٧١ع.

٢- ليکڪ: عبدالجبار جوڻيجو

رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان: "سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر"

سال: ١٩٧۴ع.

٣- ليکڪ: عبدالڪريم سنديلو

رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان: "لوڪ ادب جو تنقيدي جائزو"

سال: ١٩٧۴ع.

۴- ليکڪ: محمد صالح شاهه

رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان: "رشيدالدين شاهه جو ڪلام"

سال: ١٩٧۴ع.

۵- ليکڪ: عبدالمجيد ميمڻ

رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان: "بيان العارفين جي تدوين"

سال: ١٩٧۴ع.

٦- ليکڪ: الهداد ٻوهيو

رهبر: ڊاڪٽر غلام علي الانا

عنوان: "سنڌي ٻوليءَ جوسماجي ڪارج"

سال: ١٩٧٧ع.

٧- ليکڪ: عبدالرحمان قريشي

رهبر: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

عنوان: "سروري خاندان جون علمي ادبي ۽ ديني خدمتون"

سال: ١٩٧٧ع.

٨- ليکڪ: عطا محمد حامي

رهبر: ڊاڪٽر غلام علي الانا

عنوان: "خيرپورميرس جي ٽالپرن جو سنڌ جي علمي ۽ ادبي تاريخ ۾ حصو"

سال: ١٩٧٧ع.

٩- ليکڪ: غلام حسين پٺاڻ

رهبر: اي - ايڇ جتوئي

عنوان: "ورهاڱي کان اڳ سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ"

سال: ١٩٧٧ع.

١٠- ليکڪ: سيد محمود شاهه

رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان: "مولانا تاج محمود امروٽيءَ جون ادبي خدمتون
سال: ١٩٧٨ع.

١١- ليکڪ: عبدالخالق سومرو
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "علي نواز علوي ۽ سندس شاعري"
سال: ١٩٧٨ع.

١٢- ليکڪ: عزيز الله ميمڻ
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "خيرپور جي ادبي تاريخ"
سال: ١٩٧٨ع.

١٣- ليکڪ: محمد جمن ٽالپر
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "سنڌ جا اسلامي درسگاهه"
سال: ١٩٧٨ع.

١٤- ليکڪ: مرزا حبيب الله
رهبر: ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
عنوان: "مرزا قليچ بيگ بحيثيت نثر نويس"
سال: ١٩٧٨ع.

١٥- ليکڪ: در محمد پٺاڻ
رهبر: ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان: "ڪراچي ضلعي جو سنڌي علم ادب ۾ حصو"
سال: ١٩٧٩ع.

١٦- ليکڪ: سيد ممتاز حسين شاهه
رهبر: ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان: "سهنڊ مدرسي جو سنڌي ادب ۾ حصو"
سال: ١٩٧٩ع.

١٧- ليکڪ: شمس الدين عرسائي
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

عنوان: "آزاديءَ کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر"
سال: ۱۹۸۰ع.

۱۸- ليکڪ: غلام حيدر پرڙو
رهبر: ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان: "سنڌي زبان جي پاڪستان جي مختلف زبانن ۾ تعليمي ۽ ادبي حيثيت"
سال: ۱۹۸۰ع.

۱۹- ليکڪ: اياز حسين قادري
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "سنڌي غزل جي ارتقا"
سال: ۱۹۸۲ع.

۲۰- ليکڪ: عبدالجبار مغل
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جو علم و ادب ۾ حصو"
سال: ۱۹۸۲ع.

۲۱- ليکڪ: شمس محسن عباسي
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي شخصيت ۽ سندس علمي ۽ سياسي خدمتون"
سال: ۱۹۸۳ع.

۲۲- ليکڪ: قمر جهان مرزا
رهبر: ڊاڪٽر غلام علي الانا
عنوان: "حيدرآباد جي ٽالپرن جو علمي، ادبي، سماجي تاريخ ۾ حصو"
سال: ۱۹۸۲ع.

۲۳- ليکڪ: عزيزالرحمان ٻگهيو
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "سنڌي صحافت جي تاريخ"

سال: ١٩٨٣ع.
٢٤- ليکڪ: غلام رسول بلوچ
رهبر: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان: "سنڌي ڊراما جي هڪ صدي"
سال: ١٩٨٤ع.
٢٥- ليکڪ: عبدالغفور ميمڻ
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "اڻويهين صديءَ جا نثر نويس"
سال: ١٩٨٤ع.
٢٦- ليکڪ: حامد علي خانائي
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "ساهتيءَ جا علمي مرڪز"
سال: ١٩٨٦ع.
٢٧- ليکڪ: شاهنواز سوڍر
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "سنڌي ثقافت ۽ شاهه عبداللطيف"
سال: ١٩٨٨ع.
٢٨- ليکڪ: غلام نبي سڌايو
رهبر: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان: "حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري ۾ علامت نگاري"
سال: ١٩٨٩ع.
٢٩- ليکڪ: حسن بانو سومرو
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "شاهه جي ڪلام جي روشني ۾ سنڌي عورت جو مطالعو"
سال: ١٩٨٩ع.
٣٠- ليکڪ: خادم حسين قريشي
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي.

عنوان: "سنڌجي نثري داستانن جو تنقيدي جائزو"
سال: ۱۹۸۹ع.
۳۱- ليکڪ: غلام قادر سومرو
رهبر: مولانا غلامّ مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "سنڌي ادب ۾ طنز و مزاح"
سال: ۱۹۸۹ع.
۳۲- ليکڪ: بشير احمد شاد
رهبر: ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ
عنوان: "مولانا ثناء الله ثنائي جي شاعريء جو تنقيدي جائزو"
سال: ۱۹۹۰ع.
۳۳- ليکڪ: عبدالجبار عابد لغاري
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "تاجپور جي نواب لغاري خاندان جون علمي ادبي خدمتون"
سال: ۱۹۹۰ع.
۳۴- ليکڪ: داد محمد بروهي
رهبر: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان: "سبي خطي ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو"
سال: ۱۹۹۱ع.
۳۵- ليکڪ: شڪنتلا سيوائي
رهبر: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان: "شاهه جي رسالي ۾ جماليات جو تحقيقي جائزو"
سال: ۱۹۹۳ع.
۳٦- ليکڪ: محمد صالح گوپانگ
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "سنڌي نصاب ۾ آيل ٻولي جو تحقيقي جائزو"
سال: ۱۹۹۴ع.
۳۷- ليکڪ: هدايت الله آخوند
رهبر: پروفيسر علي.نواز جتوئي

عنوان: "سنڌي ٻوليءَ جو تاريخي پس منظر"
سال: ١٩٩٥ع.
٣٨- ليکڪ: تهمينہ سڪندر
رهبر: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان: "سنڌي افساني جو سماجي ڪارج"
سال: ١٩٩٦ع.
٣٩- ليکڪ: مرزا امام علي بيگ افسر
رهبر: ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر
عنوان: "سنڌي مرثيہ گوئي جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو"
سال: ١٩٩٦ع.

## ايم - فل:

١- ليکڪ: ميمڻ عبدالغفور
رهبر: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
عنوان: "نواز علي نياز جي شاعري"
سال: ١٩٧٥ع.
٢- ليکڪ: محمد اشرف منصور
رهبر:
عنوان: "غزل گو شعراء ڪرام ضلع دادو"
سال: ١٩٧٩ع.
٣٥- ليکڪ: محمد پناہ ڦرڙو
رهبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
عنوان: "صوفي مت جو سنڌي ادب تي اثر"
سال: ١٩٨٦ع.
٤- ليکڪ: ثريا سوز ڏيپلائي
رهبر: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
عنوان: "محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ناول نگاري"
سال: ١٩٨٨ع.

٥- ليکڪ: فيروزه سمون
رهبر: ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ
عنوان: "سنڌيءَ ۾ ٻارن جو ادب"
سال: ١٩٨٩ع.

مختلف عنوانن هيٺ، مختلف رهبرن جي رهنمائي ۾ پيش ڪيل تحقيقي مقالن مان ڪيترائي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي چڪا آهن. انهن کان علاوه سنڌي شعبي جي استادن پڻ ڪيترائي علمي ۽ تحقيقي ڪتاب لکيا آهن، جي شايع ٿيڻ کان پوءِ تحقيق جي عملي ميدان ۾ وڏي وٿ ثابت ٿيا آهن. اهڙيءَ طرح استاد وقت بوقت تحقيقي مقالا لکندا رهيا آهن، جي مختلف رسالن، اخبارن ۽ ڪتابي سلسلن کان علاوه تحقيقي مخزنن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن.

هن هيٺ استادن جو مختصر تعارف پيش ڪجي ٿو.

## پروفيسر علي نواز جتوئي:

پروفيسر علي نواز ولد حاجن خان جتوئي، ڳوٺ گدو جتوئي ۾ ١١ جولاءِ ١٩١٤ع تي تولد ٿيو. ابتدائي تعليم پراڻا جتوئي ڏيپارجا ۾ حاصل ڪري، مئٽرڪ جو امتحان مدرسه هاءِ اسڪول نوشهروفيروز مان پاس ڪيائين. بي اي جو امتحان ڊي جي سنڌ ڪاليج ۽ جهونا ڳڙهه مان پاس ڪري، سن ١٩٥١ع ۾ ايم اي سنڌي جو امتحان پاس ڪيائين، جنهن کان پوءِ حيدرآباد جي ڪنهن ڪاليج ۾ سنڌي جو ليڪچرار مقرر ٿيو. سنڌ ١٩٥٣ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ڪيو ويو. جتان ١٩٧٤ع ۾ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ٿيو. سنڌي شعبي ۾ سروس جي دوران هو سن ١٩٦٢ع ۾ لنڊن ويو، جتي ٻه سال اسڪول آف اورينٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز جهڙي تعليمي اداري ۾ لسانيات جي اعليٰ تعليم حاصل ڪيائين. وطن ورڻ کان پوءِ هو پنهنجي حاصل ڪيل ڄاڻ جي بنياد تي لسانيات ۾ وڏيڪ دلچسپي وٺي تحقيق ڪندو رهيو. سندس مضمون ۽ مقالا مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل آهن.

پروفيسر علي نواز جتوئي جا هيٺيان اٺ ڪتاب سنڌس حياتيءَ ۾ ڇپيا: ١- ميان عبدالرحيم گرهوڙيءَ جو سنڌي ڪلام. ٢- ديوان حافظ. ٣- سياست نامو. ٤- اخلاق محسني ٥- سنڌي صحيفون. ٦- غزلن جو غنچو. ٧- علم اللسان ۽ سنڌي زبان ۽ ٨- رحيم ۽ رحيمي.

ڪتاب "علم اللسان ۽ سنڌي زبان" جتوئي صاحب جي غير فاني تصنيف آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ لسانيات جي موضوع تي ان نوعيت جو هي منفرد ڪتاب آهي. جنهن کي سنڌ ۽ هند جي لسانيات جي ماهرن قدر جي نگاهه سان ڏٺو آهي ۽ جتوئي صاحب جي لسانياتي ڄاڻ جو کليءَ دل سان اعتراف ڪيو آهي. ڊاڪٽر هدايت پريم ان ڪتاب کي ساراهيندي لکي ٿو ته: "لسانيات جي ڏس ۾ سنڌيءَ ۾ هن کان بهتر ٻيو ڪو به ڪتاب ڪو نه آهي. هن ڪتاب ۾ لساني ڄاڻ سائنسي بنيادن تي استوار ڪيل معياري، جامع ۽ تازه ترين ڏني وئي آهي. هي ڪتاب لسانيات جي شاگردن توڙي عالمن ۽ محققن جي تمام گهڻي رهنمائي ڪري ٿو. هر اسم نهايت مناسب مثالن سان سمجهايو ويو آهي. ٻهرين ڇاپي ۾ ست باب هئا. جڏهن ته ٻئي ڇاپي ۾ اٺون باب "ٻولين جي لکڻ جو طريقو" به شامل ڪيو ويو آهي. ١- لڇمڻ خوبچندانيءَ هن ڪتاب کي (Note worthy contribution) سڏيو آهي".[1] ٢- اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر بلوچ هن ڪتاب متعلق لکيو آهي ته: "سنڌي زبان تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ لاءِ هي ڪتاب رهنمائي ڪندو".

پروفيسر علي نواز جتوئي لسانيات جي موضوع کان علاوه فلسفي ۽ تصوف سان به گهري دلچسپي رکندڙ هو. تصوف ۽ وحدة الوجود جي فڪر کي سمجهڻ لاءِ نه رڳو دنيا جي مشهور صوفين جي تصنيفن ۽ ڪلام جو مطالعو سنڌي، اردو، انگريزي ۽ فارسي زبانن ۾

(١) پريم، هدايت ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي، جا محقق. سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد. ١٩٩٤ع. ص- ٥٤ ۽ ٥٧.

ڪهڙو پر وقت بوقت ان موضوع تي لکندو به رهيو. جنهن جو مثال سندس هڪ ڪتاب رحيم ۽ رحيمي آهي. جتوئي صاحب علامہ آءِ آءِ قاضي جي صحبت ۾ به رهيو ۽ ڪائنس گهڻو متاثر هو. انهيءَ اثر جي نتيجي ۾ جتوئي صاحب وقت بوقت علامہ صاحب جي زندگي ۽ فڪر تي لکندو رهيو. پروفيسر علي نواز جتوئي ٢٩ سيپٽمبر ١٩٩٦ع تي وفات ڪري ويو.

## پروفيسر محرم خان:

پروفيسر محرم خان ولد محمد يوسف وگهامل ١٨ جولاءِ ١٩١٨ع تي ڳوٺ وگهامل تعلقي هالا ۾ تولد ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪري، مئٽرڪ جو امتحان نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيائين. تعليم حاصل ڪرڻ ڪان علاوه هو تدريس سان به منسلڪ ٿي ويو. ١٩٤١ع کان ١٩٥٤ع تائين نورمحمد هاءِ اسڪول ۾ استاد ٿي رهيو. ايم اي جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ سينٽ ميريز ڪانوينٽ ۽ نصرت ڪاليج ۾ ١٩٦٢ع تائين سنڌي جو استاد رهيو. ١٩٦٣ع کان سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. جتان اسسٽنٽ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين.

پروفيسر محرم خان سنڌ يونيورسٽي ۾ رهندي تحقيق ۾ به خاصي دلچسپي ورتي. هن سنڌي شاعريءَ جي ابتدائي ۽ آڳاٽي مطالعي ڏانهن خصوصي توجهہ ڏيئي مقالا لکندو رهيو. جن مان "سمنگ چارڻ"، "قديم سنڌي شعر ۽ شاعري"، "شاعريءَ جي شروعات ۽ قديم سنڌ"، تماهيمهراڻ ۾ سن ١٩٦٦ع کان ١٩٦٧ع تائين شايع ٿيا. انهي کان علاوه سنڌي شعبي جي مخزنن پورب ۽ پرک ۾ پڻ "سنڌ جي اوائلي شاعريءَ جي 'وائي' جي عنوانن سان مقالا ڇپيا.

پروفيسر محرم خان جي مقالن جي مطالعي سان سندس مطالعي ۽ ادراڪ جي بروز پوي ٿي.

## ڊاڪٽر حبيب الله مرزا:

ڊاڪٽر حبيب الله ولد رحيم بخش مرزا، ٢ فيبروري ١٩٢٤ع تي حيدرآباد شهر ۾ تولد ٿيو. سندس وڏو ڏاڏو باوا عزيز خان، ڪلهوڙن جي دور ۾ ڪابل کان لڏي سنڌ ۾ آيو. ڊاڪٽر حبيب الله مرزا ان جي ڇهين پيڙهيءَ مان آهي. ڊاڪٽر حبيب الله مرزا ننڍپڻ کان ئي لاڏ ڪوڏ سان پليو. پاڻ ابتدائي تعليم نولراءِ هيرانند اڪيڊمي برانچ٢، مان حاصل ڪري مڊل تائين فورٿ مڊل اسڪول ۾ پڙهيو. اهڙيءَ طرح ميٽرڪ نيشنل هاءِ اسڪول سوسائٽي مان پاس ڪيائين. بي اي جو امتحان ١٩٥٠ع ۾ بمبئي يونيورسٽي کان پاس ڪري ايم اي سنڌي سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين. پي ايچ ڊي ۽ ايل ايل بي ۽ بي ٽي جون ڊگريون پڻ ورتائين. پاڻ پهريائين ڪورٽ آف وارڊس ۽ ٽريننگ ڪاليج ۾ نوڪري ڪرڻ ڪانپوءِ جنوري ١٩٦٢ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو، جتان ڊسمبر١٩٨٢ع تي رٽائر ڪيائين. ان عرصي دوران سنڌي شعبي جو سربراهه پڻ رهيو.

ڊاڪٽر حبيب الله مرزا هڪ استاد کان علاوه هڪ اديب، مترجم ۽ محقق طور به سڃاتو وڃي ٿو سندس تحريرون سنڌ جي مختلف رسالن ڪتابي سلسلن ۾ شايع ٿيل آهن. سندس مقالن مان هڪ "ڊراما جو اصل وطن" جي عنوان هيٺ جولاءِ ١٩٦٩ع جي "پورب مخزن" ۾ شايع ٿيو. انهيءَ مقالي ۾ مرزا صاحب ثابت ڪيو ته "ڊرامه" جي صنف جي ابتدا سنڌ کان ئي ٿي آهي. پيو مقالو: شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ بحيثيت نثر نويس جي آهي جنهن ۾ مختلف عنوانن تحت ٩ باب آڏاريل آهن، اهو مقالو مرزا حبيب الله ڊاڪٽوريٽ جي ڊگريءَ لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ١٩٧٩ع ۾ پيش ڪيو. جنهن تان کيس ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري ملي. مئڪبيٿ ڊرامو: مرزا حبيب الله ١٩٦٦ع ۾ شيڪسپيئر جي ڊرامي مئڪبٿ جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي، ترجمو نهايت سليس، جاذب ۽ با محاورا ٻوليءَ ۾ ڪيل آهي.

انهيءَ ڪان علاوه مرزا صاحب "حيدرآباد وارو سنين جو آستان" (سماجي مهراڻ ١٩٨٩ع) "پراڻو ڪوٽ" (مهراڻ ١٩٧٨ع) "سنڌي ڊراما جي تاريخ ۽ تنقيد" "پيار جو پيغام". ترجموڪيو. مهاڪوي ودياپتي ٺاڪر جي امر زندگي جي جهلڪ. آزادي، لبرٽي جو ترجمو (اصل جان اسٽوئرٽ) ڪيو. مرزا حبيب الله جي تحقيقي مقالن ۾ تحقيق واري عنصر کان علاوه ترجمو ڪيل تحريرن ۾ بہ ترجمي نگاري واريون، سيئي خصوصيتون آهن هو هڪ قابل قلمڪار ۽ ذهين استاد آهي هن وقت رٽائرمينٽ کان پوءِ باقي زندگي پڻ مطالعي ۾ گذاري رهيو آهي.

## ڊاڪٽر غلام علي الانا:

ڊاڪٽر غلام علي الانا ولد الانا رحيم، سنڌ ۾ مشهور اديب ۽ لسانيات جي ماهر جي حيثيت سان غير معمولي مڃتا ماڻي چڪو آهي. سندس جنم پندرهين مارچ ١٩٣٠ع تي ٽنڊ خواجہ تعلقي جاتي ضلعي ٺٽي ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم ڳوٺ ٽنڊ خواجہ مان حاصل ڪري، ثانوي تعليم ميرپور بٺوري کان علاوه ٺٽي محمد خان ۽ ڪراچي جي اين جي وي اسڪول مان حاصل ڪيائين. سن ١٩٥٢ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان بي اي ۽ سن ١٩٥٥ع ۾ ايم اي جو امتحان پاس ڪيائين. ١٩٦٣ع ۾ لنڊن يونيورسٽي جي مشهور اداري اسڪول آف اورينٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز مان اي ايم، لسانيات جي ڊگري حاصل ڪري سن ١٩٧١ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي جي اعليٰ سند حاصل حاصل ڪيائين.

ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي سموري زندگي پڙهڻ، پاڙهڻ ۽ لکڻ ۾ گذاري آهي. پاڻ بحيثيت استاد جي اول ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ استاد مقرر ٿيو. اتان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٺٽي بدلي ڪيو ويو. سن ١٩٥٤ع ۾ سٽي ڪاليج حيدرآباد ۾ ليڪچرار مقرر ڪيو ويو. جتان ١٩٥٨ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار چونڊيو ويو. جتي پاڻ پنهنجي صلاحيتن سبب اڻٿڪ محنت

ڪري اڳتي وڌندو رهيو ۽ پروفيسر جي اعليٰ منصب تي پهتو. سنڌ يونيورسٽي ۾ "انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي" جي ابتدا کان وٺي موجوده صورت ۾ آڻڻ لاءِ الانا صاحب، جيڪي خدمتون ڏينهن پيٽيون ۽ رات چئوٽيون مصداق سرانجام ڏنيون تن جو ڪو به ڪاٿو ڪونهي. ان لاءِ ڪيس جس هجي. پاڻ سنڌالاجي جو سمورو عرصو پروفيسر انچارج ۽ ڊائريڪٽر رهيو. آگسٽ ١٩٨٣ع ۾ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي جو وائيس چانسيلر مقرر ٿيو. سن ١٩٩٣ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ وائيس چانسيلر مقرر ٿيو. سن ١٩٩٨ع ۾ ڪيس سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌي ٻولي جي ادب ۽ لسانيات لاءِ جيڪو تحقيقي ڪم ڪيو آهي سو انفراديت جو حامل آهي. سندس مشهور تصنيفات ۾ "سنڌي نثر جي تاريخ"، "سنڌي صوتيات"، "سنڌي ٻولي جو بڻ بنياد"، "سنڌي ٻولي جي لساني جاگرافي"، "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس"، "ثقافتي ورثو"، "سنڌي صورتخطي" اچي وڃن ٿا.

ڊاڪٽر الانا صاحب، جا تصنيفن کان علاوه ڪيترائي بيش بها مقالا ماهوار نئين زندگي ۽ ٽماهي مهراڻ جي مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل آهن جن کي هاڻي گڏ ڪري ڇپائڻ جي اهم ضرورت آهي. سندس علمي، قلمي ۽ تحقيقي خدمتن جي اعتراف طور ڪيس ڪيترائي انعام اڪرام ۽ ايوارڊ ڏنا ويا آهن. جن ۾ ١٩٨٩ع ۾ وزارت تعليم حڪومت پاڪستان پاران ايوارڊ، ١٩٩٠ع ۾ انٽرنيشنل ڪائونسل فار نوويشن ان هائير ايجوڪيشن ڪئناڊا پاران ايوارڊ، ١٩٩٣ع ۾، صدر پاڪستان پاران ستاره امتياز سول ايوارڊ، ١٩٧٩ع ۾ سگا ايوارڊ کان علاوه ڪيس ٻيا ڪيترائي ايوارڊ ڏنا ويا آهن.

ڊاڪٽر غلام علي الانا پاڪستان ۽ سنڌ جو واحد ماهر لسانيات آهي جنهن سڀ کان وڌيڪ لسانيات جي موضوع تي ڪتاب ۽ مقالا لکيا آهن. سندس ڪتاب پاڪستان جي يونيورسٽين جي مقرر ڪيل ڪورسن ۾ پڙهيا وڃن ٿا.

## ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

محترم عبدالجبار ولد ڊاڪٽر سلطان احمد جوڻيجو ٢٦ نومبر ١٩٣٥ع تي ڳوٺ پير فتح الدين شاهه ضلعي بدين ۾ تولد ٿيو. ابتدائي تعليم بدين مان حاصل ڪري وڌيڪ تعليم حيدرآباد مان ورتائين. سن ١٩٦٢ع ۾ ايم اي جو امتحان پاس ڪري گولڊ ميڊل حاصل ڪيائين. ساڳئي سال ٢١ آگسٽ ١٩٦٢ع ۾ سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيو. سن ١٩٦٢ع ۾ بيجنگ مان چيني ٻوليءَ ۾ ڊپلوما ڪري آيو ۽ سن ١٩٧۴ع ۾ "فارسي شاعريءَ جو سنڌي شاعريءَ تي اثر" جي موضوع تي مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جي نگراني ۾ تحقيقي مقالو لکي سنڌ يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين. پاڻ ڪيترو عرصو سنڌي شعبي جو چيئرمين ۽ آرٽس فيڪلٽي جو ڊين به رهيو. سنڌي ادبي بورڊ جي چئيرمين جي حيثيت سان به فرائض سرانجام ڏنائين. نومبر ١٩٩٥ع ۾ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ٿيو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو سنڌي ٻولي جي ادب ۾ گهڻ رُخي شخصيت جو مالڪ آهي. هو ساعر، اديب، محقق، افسانہ نگار، ادبيات جو ماهر، لسانيات جو ڄاڻو، نقاد، موسيقي جي علم ۽ فن جو ماهر ۽ لغت نويس آهي. انهن سڀني حوالن سان پاڻ لاتعداد مقالا لکيا اٿائين ۽ ڇاليهن ڪتابن جو مصنف به آهي. جن ۾ اهم ڪتاب هي آهن:

سوکڙي، اباڻو گهر، دانشمندي، ڪنزاللطيف، سوري آ سينگار، غزلن جو غنچو، سنڌيون، پيغمبر اسلام، مائوجي ملڪ ۾، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، اڪيلي، لاڙ جي لغات، مرگهہ ترسنا، لطيفيات، ڪشف الابيات، چونڊ ڪلام، مقالا، ديپڪ ۽ ملهار، ونڊسر محل جو مسافر، نرتي تند نياز سين، ڊاڪٽر بلوچ: هڪ مطالعو، تنوير عباسي: هڪ مطالعو، محمد سومار شيخ: هڪ مطالعو، شيخ اياز: هڪ مطالعو، فارسي شاعريءَ جو سنڌي شاعريءَ تي اثر، سرائيڪي شاعري: هڪ مطالعو، سنڌي ادب جومطالعو ۽ ميرا عشق ڀي تو قابل ذڪر آهن.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر سيمينارن ۽ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪري مقالا پيش ڪيا آهن. انهيءَ کان علاوه تحقيق سان دلچسپي رکندڙ ڪيترن شاگردن ڊاڪٽر صاحب جي رهبري ۾ ايم فل. پي ايڇ ڊي لاءِ تحقيقي مقالا لکيا آهن.

ڊاڪٽر صاحب کي سنڌي کان علاوه اردو، سرائڪي، فارسي، هندي ادبيات جو به وسيع مطالعو آهي. پاڻ وقت بوقت ڪيترن ئي تنقيدي مقالن ۾ انهن ٻولين جي ادب جو تقابلي مطالعو پيش ڪندو رهيو آهي.

## ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ:

ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ ٣ ڊسمبر ١٩٦٦ع تي سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ ١٩٩٦ع ۾ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ٿيو. سنڌي ناول جي تاريخ جو مطالعو سندس مرغوب موضوع هو. جنهن ڪري "سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ" جي موضوع هيٺ تحقيقي مقالو پيش ڪري پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين. اهو مقالو بعد ۾ سنڌالاجي پاران ڇپايو ويو. انهيءَ کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب "تحقيق جو فن" نالي ڪتاب لکيو. پاڪستان اسٽڊي سينٽر سنڌ يونيورسٽي پاران ڇپايو ويو. انهيءَ ڪتاب تي پاڪستان اڪيڊمي ادبيات پاران کيس "شاهه عبداللطيف ڀٽائي ايوارڊ" مليو. سندس ڪيترا مقالا "سنڌي ادب" ۾ شايع ٿيل آهن.

## ڊاڪٽر قاضي خادم:

محترم خادم حسين ولد محمد لائق قريشي ٢١ نومبر ١٩٤٥ع تي ٻراٽن هالن ۾ تولد ٿيو. سندس والد صاحب وقت جو نهايت ديانتدار ۽ بااصول مختيارڪار هو. جنهن جي تربيت ۽ اثر هيٺ قاضي خادم پليو ۽ پڙهيو. مختلف شهرن ۾ ابتدائي تعليم حاصل ڪري مئٽرڪ جو امتحان نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ سٽي آرٽس ڪاليج ۽ سچل آرٽس ڪاليج ۾ تعليم حاصل

ڪري، سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي انگلش ۽ سنڌي جون ڊگريون حاصل ڪري ايل ايل بي جي سند ورتائين. ان کان پوءِ "سنڌ جي نثري داستانن جو تنقيدي جائزو" جي عنوان هيٺ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي نگراني ۾ تحقيقي مقالو لکي سنڌ يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي جي ڊگري بہ حاصل ڪيائين.

ڊاڪٽر قاضي خادم ١٥ جون ١٩٩٧ع تي سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيو. هن وقت آرٽس فيڪلٽي جي ڊين جي حيثيت ۾ فرائض سرانجام ڏيئي رهيو آهي. سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ سندس خاص فيلڊ افسانوي ادب آهي. انهي حوالي سان سندس ڪجهہ طبعزاد ۽ ترجمو ٿيل ناول ۽ ڪهاڻين جا مجموعا شايع ٿيل آهن. ٻهريان هڪ اردو ناول "شمع هررنگ ۾ جلتي هي سحر هوني تڪ" شايع ٿيو. اهڙي طرح "پيار ۽ سپنا"، "درد جي خوشبو" ناول بہ شايع ٿيل اٿس. ترجمو ٿيل ناولن ۾ ڪامئو جي ناول جو ترجمو "زوال" پيري لوئي جي ناول جو ترجمو. "سونهن جي ديوي" ۽ دوستووسڪي جي ناول جو ترجمو "جواري" جي نالي سان شايع ٿيا. ڊاڪٽر صاحب جي ڊرامن جو هڪ مجموعو "لڙڪ لڙڪ زنجير" پڻ سنڌالاجي پاران شايع ٿيل آهي.

ڊاڪٽر قاضي خادم افسانوي ادب کان علاوه تحقيق ڏانهن بہ ڌيان ڏنو. سندس تحقيق جو انداز نرالو آهي. هو جتي ٻولي ۽ ادب جي رڪارڊ کي ترتيب ڏئي ٿو، اتي ويچارن ۽ سوچ جي سـ نر کي بہ مدنظر رکي ڪي سلسلا ڳنڍي نوان نتيجا اخذ ڪري ٿو. گويا ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ هن ۾ تحقيق ۽ تخليق جو عنصر ۽ فڪر جي اپل بہ آهي، انهيءَ حوالي سان سندس ڊاڪٽريٽ وارو مقالو "سنڌ جي نثري داستانن جو تنقيدي جائزو" بہ شايع ٿيل آهي ۽ ان کان علاوه "ادب ۽ روايتون" نالي سان ڪتاب پڻ ڇپائي چڪو آهي، اهي ڪتاب سنڌي ادب ۾ پنهنجي نوعيت جي حوالي سان الڳ مقام حاصل ڪري چڪا آهن. قاضي صاحب جي افسانن جو هڪ مجموعو اردو ٻولي ۾ "قاضي خادم کي افساني" جي نالي سان پڻ ڇپرو ٿيو آهي.

ڊاڪٽر قاضي خادم هڪ حساس دل رکندڙ ڏاهو ۽ ملنسار شخصيت جو مالڪ آهي.

## پروفيسر ڊاڪٽر نور افروز خواجہ:

محترمہ نور افروز خواجہ ڌيءُ سيٺ احمد علي ٥ جولاءِ ١٩٥٣ع تي حيدرآباد ۾ پيدا ٿي. ابتدائي تعليم حيدرآباد جي اسڪولن ۽ ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد جي اسڪول مان حاصل ڪري مئٽرڪ جو امتحان ١٩٦٩ع ۾ گورنمينٽ گرلس پائليٽ اسڪول (ميران اسڪول) مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو. سن ١٩٧٣ع ۾ بي اي جو امتحان گورنمينٽ زبيده گرلز ڪاليج مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو. سن ١٩٧٥ع ۾ ايم اي (سنڌي) جو امتحان سنڌ يونيورسٽي مان فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪري گولڊ ميڊل حاصل ڪيائين. سن ١٩٩٧ع ۾ "سنڌي ناول جي اوسر" جي عنوان هيٺ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي رهبري ۾ تحقيقي مقالو لکي سنڌ يونيورسٽي مان پي ايڇ ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين.

ڊاڪٽر نور افروز خواجہ ١٩٧٦ع ۾ سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿي. سن ١٩٨٢ع ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ۽ ١٩٩٤ع ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر ٿي. سن ١٩٩٧ع ۾ پروفيسر مقرر ٿي.

ڊاڪٽر نور افروز خواجہ تعليم ڏيڻ سان گڏ تحقيق ۾ ڪندي رهي ٿي. سندس مضمون/ مقالا سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختلف رسالن ۾ وقت بوقت شايع ٿيندا رهيا آهن. سندس اهم موضوع شخصيات، شاهہ لطيف، عورت، ناول، اصطلاح جوڙيون ۽ پهاڪا آهن. جن تي هڪ اندازي موجب ٥٠ مضمون/ مقالا لکي چڪي آهي. مضمونن/ مقالن کان علاوه سندس شايع ٿيل ڪتابن ۾ "پرڏيهي آڪاڻيون" ترجمو ٿيل آهن. جي ڪتابي صورت ۾ ساڳي نالي سان سنڌالاجي پاران شايع ٿيل آهن. سندس تحقيقي مقالي جو پهريون حصو "سنڌي ناول جي اوسر" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ "گلشن پبليڪيشن" پاران ١٩٩٩ع ۾

شايع ٿي منظر عام تي آيو. ان جو ٻيو حصو ڇپڻ ساڳي نالي سان اشاعت هيٺ آهي.

ڊاڪٽر نور افروز خواجه جون تعليم ۽ تحقيق کان علاوه "آغا خان ڪميونٽي سروس"، لاءِ ڪيل خدمتون به آهن. جن ۾ ١٩٧٧-٧٦ع ۾ آغا خان لئبرري ۽ ريڊنگ روم ۾ ميمبر، آغا خان ريجنل ايجوڪيشن بورڊ ۾ ميمبر، (١٩٨١ع الزهره گرلس هاسٽل ۾ ڊائريڪٽر (١٩٨٢ع کان ١٩٨٩ع) آغا خان ميرنٽي هوم تلڪ چاڙهي ۾ ميمبر (١٩٨٥ع) الزهره گرلس هاسٽل جي چيئرپرسن (١٩٨٩ع کان هلندڙ)، آغا خان ريجنل هيلٿ بورڊ جي ڊائريڪٽر (١٩٨١ع کان هلندڙ) آغا خان هيلٿ سروس پاڪستان جي ريجنل ڊائريڪٽر ريجنل ڪائونسل فار سنڌ جي ميمبر ۽ آغا خان فنڊ ريزنگ ڪاميٽي سنڌ جي ميمبر پڻ رهندي اچي.

ڊاڪٽر نور افروز خواجه پنهنجي تعليم. تحقيق ۽ ڪميونٽي جي خدمتن سبب هڪ وڏي حلقي ۾ پنهنجي سڃاڻپ رکندڙ آهي. سندس مصروفيتن ڪي ڏسي ڪيس جس ڏجي ٿو.

## ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو:

ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو، ڦهريون جنوري ١٩٥٤ع تي بدين ضلعي لاڙڪائي ۾ تولد ٿيو. ابتدائي ۽ ثانوي تعليم بدين مان حاصل ڪري، بي اي جو امتحان گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪائي مان پاس ڪيائين. ايم اي سنڌي ۽ ايم اي صحافت جا امتحان سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪري، آڪٽوبر ١٩٨٩ع ۾ سي اي ٽي جي اسڪالر تي لنڊن روانو ٿيو. جتان اسيڪس يونيورسٽي مان لسانيات ۾ پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪري موٽيو.

ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو سن ١٩٧٧ع کان سنڌي شعبي ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ ترقي ڪري پروفيسر جي عهدي تي پهتو. سن ١٩٩٩ع ۾ سنڌي شعبي جو چيئرمين مقرر ٿيو. جتان "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري" جو چيئرمين مقرر ٿي وڃي اداره جو انتظام

سنڀاليائين. سندس دلچسپي جا موضوع ادبيات، سماجيات، لسانيات، ثقافت ۽ تعليم آهن. جن تي وقت بوقت تحقيقي مقالا لکندو رهيو آهي. ٻاڻ ڪيترين ئي قومي ۽ بين الاقوامي ڪانفرنسن ۾ مقالا پيش ڪري چڪو آهي. سندس تصنيفات ۾ "سنڌي ٻولي، لسانيات کان سماجي لسانيات" ١٩٩٨ع، مقالا، نرتي تند نياز سين ۽ ڪلچرل هيري ٽيج آف سنڌ شايع ٿيل آهن. مختلف رسالن، ڪتابي سلسلن ۽ اخبارن ۾ سندس مقالا شايع ٿيندا رهن ٿا.

## پروفيسر سحر امداد:

پروفيسر سحر امداد صاحب ١٩٧٤ع ۾ ايم اي سنڌي جو امتحان پاس ڪري، جون ١٩٧٦ع ۾ سنڌي شعبي ۾ ليڪچرر مقرر ٿي. سندس خاص دلچسپي شاعري، افسانوي ادب ۽ تحقيق سان آهي. ٻاڻ سنڌ جي نامور شاعره جي حيثيت سان ڄاتي سڃاتي وڃي ٿي. سندس تحقيقي مقالا سنڌي شعبي مان شايع ٿيندڙ تحقيقي مخزن "ڪينجهر" کان سواءِ سنڌ جي مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. ان کان علاوه مختلف شهرن ۾ ٿيل سيمينارن ۽ ڪانفرنس ۾ پڻ تحقيقي مقالا پيش ڪيا اٿائين. شاهه عبداللطيف ڀٽائي، تي مختلف حوالن سان لکڻ کان علاوه سنڌ جي ڪن شاعرن تي پڻ تنقيدي ۽ تحقيقي مقالا لکي چڪي آهي. سنڌالاجي پاران شايع ٿيل ديني ادب جو ڪيٽلاگ به سندس ئي ترتيب ڏنل آهي، ٻاڻ هن وقت سنڌي شعبي ۾ پروفيسر جي حيثيت سان تدريسي فرائض سرانجام ڏيئي رهي آهي.

## ڊاڪٽر آخوند هدايت پريم:

هدايت الله ولد عبدالڪريم آخوند ٢٤ مارچ ١٩٤٦ع تي روهڙي ۾ تولد ٿيو. ابتدائي ۽ سيڪنڊري تعليم روهڙي ۽ سکر جي اسڪولن ۾ حاصل ڪيائين. ڪاليج جي تعليم به سکر ۾ ئي حاصل ڪيائين. سن ١٩٧٣ع ۾ ايم اي سنڌي جو امتحان پاس ڪيائين. سن ١٩٨٩ع ۾ لسانيات ۾ يونيورسٽي آف لنڊن مان ڊپلوما ڪري آيو. سن

۱۹۹۵ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ٿي لسانيات ۾ پي ايچ ڊي ڪري ورتائين. هن وقت هو سنڌ جي چند لسانيات جي ماهرن جي صف ۾ ڳڻيو وڃي ٿو.

ڊاڪٽر هدايت پريم هن وقت سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر جي حيثيت سان پنهنجي ڊيوٽيءَ جا فرائض سرانجام ڏيندو رهي ٿو. پاڻ لسانيات جي حوالي سان مختلف موضوعن تي تحقيقي مقالا لکندو رهي ٿو. هڪ اندازي موجب هن وقت تائين اٽڪل چاليهه مقالا لکي چڪو آهي. جي مختلف رسالن ۽ ڪتابي سلسلن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. سندس مقالن کي ڄاڻو حلقن قدر جي نگاهه سان ڏٺو آهي. انهن مقالن کان علاوه سندس ٻه ڪتاب شايع ٿيل آهن: "سنڌي ٻولي جا محقق"، "آگسٽ ۱۹۹۴ع ۾ سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد پاران ڇپجي ظاهر ٿيو ۽ "ٽر جون ٻوليون" (ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب سان گڏ) سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري پاران شايع ٿي چڪو آهي.

ڊاڪٽر هدايت پريم سن ۱۹۸۱ع کان سنڌ ۽ پاڪستان جي مختلف تعليمي ادارن ۽ شهرن ۾ ٿيندڙ سيمينارن ۽ ڪانفرنسن ۾ ٻه شريڪ ٿي پنهنجا مقالا پڙهندو رهيو آهي. ضرورت اها آهي ته ڊاڪٽر پريم جي مقالن کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايو وڃي. جيئن لسانيات سان دلچسپي رکندڙ شاگرد هن جي تحقيقي مان استفاده حاصل ڪري سگهن.

## ڊاڪٽر تهمينه مفتي:

ڊاڪٽر تهمينه مفتي جون ۱۹۷٦ع کان سنڌي شعبي ۾ ليڪچرر مقرر ٿي. ڪجهه عرصو ملڪ کان ٻاهر رهي ۽ اپريل ۱۹۹۵ع ۾ واپس آئي. ساڳئي عهدي تي فائز ٿي. سن ۱۹۹٦ع ۾ اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿي ۽ هن وقت ايسوسيئيٽ پروفيسر جي حيثيت سان تدريس جا فرائض سرانجام ڏيئي رهي آهي.

ڊاڪٽر تهمينہ مفتي سن ١٩٩٦ع ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي رهنمائي ۾ "سنڌي افساني جو سماجي ڪارج" جي موضوع تي تحقيقي مقالو لکي، سنڌ يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. پي ايچ ڊي جي سند حاصل ڪرڻ کان پوءِ مفتي صاحبہ تحقيق واري عمل کي جاري رکندي اچي ٿي. پاڻ لطيفيات، افسانوي ادب ۽ مختلف موضوعن تي مقالا لکندي رهي آهي جي سنڌ جي مختلف رسالن ۽ ڪتابي سلسلن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. مختلف ڪانفرنس ۽ سيمينارن ۾ بہ تحقيقي مقالا پيش ڪري چڪي آهي. هن وقت سندس مرغوب موضوع جماليات رهندو اچي ٿو. جنهن تي نہ رڳو مطالعو ڪندي رهي ٿي. پر شاهہ لطيف، سچل ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام تي جمالياتي حوالي سان لکندي بہ رهي آهي.

## ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو:

سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽي جو استاد ڊاڪٽر محمد انور فگار ولد محمد صديق هڪڙو، تاريخي شهر شڪاربور ۾ اپريل ١٩٦١ع ۾ تولد ٿيو. ابتدائي ۽ ثانوي تعليم جا مرحلا شڪاربور ۾ طئي ڪري سن ١٩٨٦ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي جو امتحان پاس ڪيائين. اهڙيءَ طرح ١٩٩٦ع ۾ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي جي رهنمائي ۾ "شڪاربور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو" جي عنوان هيٺ تحقيقي مقالو پيش ڪري ڊاڪٽوريٽ جي اعليٰ سند حاصل ڪيائين. شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي سنڌي شعبي مان ڪيس پهرين ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري حاصل ڪرڻ جو اعزاز حاصل آهي.

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو آگسٽ ١٩٩٧ع کان سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ اپريل ٢٠٠١ع ۾ ترقي حاصل ڪري، اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو آهي. پاڻ سنڌ ۾ نوجوان شاعر ۽ محقق طور سڃاتو وڃي ٿو. سندس ڪيل تحقيق کي ٿوري عرصي ۾ گهڻي مقبوليت حاصل ٿيڻ جو هڪ سبب سندس تخليقي نثر ۽ جاذب

بوليءَ جو هٿ ٻـ آهي، هن نماهي مهراڻ ۾ ماهوار نئين زندگي ۾ نهايت معياري مقالا لکيا آهن. انهن کان علاوه سندس تصنيفات ۾ "سمند سمايو بوند ۾"، "جنم جنم جي جيت اياز"، جي تند برابر توريان"، "پَٽَ جون ڳنڍيون ريشم ويڙها"، "سون برابر سڳڙا" شايع ٿيل آهن. تازو شيخ اياز جي ادارت ۾ شڪارپور مان ١٩٤٧ع ۾ شايع ٿيل ماهوار رسالو "اڳتي قدم" نئين ترتيب سان شيخ اياز فائونڊيشن پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. جنهن جي ترتيب، تدوين ۽ مهاڳ لکڻ جا فرائض ڊاڪٽر انور فگار ٿي سرانجام ڏنا آهن. هينئر سندس ڪتاب "شڪارپور جي صحافت جي تاريخ" ڇپائي هيٺ آهي.

## ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري:

ڊاڪٽر عبدالجبار ولد نواب محمد علي خان لغاري مئي ١٩٤٤ع ۾ ڳوٺ تاج پور تعلقو مٽياري ضلع حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم مقامي اسڪول ۾ حاصل ڪرڻ کانپوءِ سيڪنڊري تعليم منصوره تعلقو هالا ۾ ورتائين ۽ ڪاليج تعليم گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ حاصل ڪيائين. ١٩٧٣ع ۾ ايم اي پوليٽيڪل سائنس ۽ ١٩٨٥ع ۾ ايم اي سنڌيءَ جون ڊگريون ورتائين.

١٩٧٩ع ۾ اطلاعات کاتي ۾ ملازمت جي شروعات ڪيائين. ١٩٦٦ع کان ١٩٧٩ع تائين رهبر ڊائيجسٽ نالي هڪ رسالو جاري ڪندو رهيو. ١٩٧٩ع کان ١٩٨٩ع تائين ماهوار "نئين زندگي" جو ايڊيٽر ٿي رهيو. ١٩٨٩ع ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسم جي سربراهيءَ ۾ "تاجپور جي لغاري نواب خاندان جون علمي، ادبي خدمتون" عنوان سان پي ايڇ ڊي سند حاصل ڪيائين. ١٩٨٩ع کان ١٩٩٧ع تائين بحيثيت اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پاڪستان نيشنل سينٽر ۽ انفارميشن آفيسر طور اطلاعات کاتي ۾ ٻـ ڪم ڪندو رهيو. ١٩٩٧ع ۾ سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار طور مقرر ٿيو جتي اپريل ٢٠٠١ع ۾ ترقي ڪري اسسٽنٽ پروفيسر طور ڪم ڪري رهيو آهي. پاڻ شاعري ۽ افسانوي ادب سان گڏوگڏ تحقيقي ڪم پڻ ڪندو رهي ٿو. هن ماهوار نئين

زندگي. سماهي مهراڻ ۽ ٻين ڪيترن ئي رسالن ۾ مختلف موضوعن تي ڪيترائي مقالا ۽ مضمون لکيا آهن.

هن مقالي جي آخر ۾، آءٌ اهو ٻڌائڻ گهران ٿي ته آءٌ خود به اسڪالر آهيان. ١٩٨٣ع ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي سربراهيءَ ۾ "حيدرآباد جي ٽالپرن جو علمي، ادبي ۽ سماجي تاريخ ۾ حصو" جي موضوع تي پي ايڇ ڊي ڊگري حاصل ڪئي اٿم. مختلف رسالن ۾ ڪيترائي مضمون لکي چڪي آهيان، هن وقت سنڌي شعبي ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور ڪم ڪري رهي آهيان.

آخر ۾ اها وضاحت پيش ڪرڻ ضروري ٿي سمجهان ته هي هڪ سرسري مطالعو آهي. پروگرام پٽاندڙ سنڌي سعبي جي تاريخ ۽ تحقيقي خدمتن کان علاوه استادن جي تدريسي ۽ تحقيقي خدمتن تي مقالن لکڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويندو، جنهن ۾ هرهڪ استاد جي خدمتن تي الڳ الڳ مقالو پيش ڪيو ويندو.

ڊاڪٽر نور افروز خواجہ

# آغا سليم: بحيثيت ناول نويس

آغا سليم جنهن جو اصلي نالو آغا خالد سليم ولد آغا عبدالڪريم خان آهي. هو ۷ اپريل ۱۹۴۵ع تي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو.

آغا سليم پاڪستان براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن ۾ اعليٰ عهدي، ڪنٽرولر براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن تان رٽائر ٿيو آهي، ۽ هو ڪافي عرصي تائين جاڳو اخبار جو ايڊيٽر پڻ رهيو آهي.

آغا صاحب هڪ ذهين ۽ صوفي منش شخص آهي. علم ادب کان سواءِ راڳ سان بہ دلچسپي اٿس. هو نهايت ئي حساس طبيعت وارو آهي. خوش مزاج ۽ خوش خلق آهي. قومي جذبو رکندڙ اديب آهي. سندس ڊرامو "دودو چنيسر" جڏهن اڳوڻي اورئنٽ هوٽل ۾ اسٽيج ڪيو ويو، تڏهن وينل ادبين مان مرحوم حيدر بخش جتوئي ايتري قدر تہ متاثر ٿيو جو هڪ نظم لکيائين، جنهن جو رديف هو:

"جيئي سنڌ جيئي سنڌ" دراصل، جيئي سنڌ نعرو، سنڌي نوجوانن ان ڏينهن کان ئي شروع ڪيو هو. جنهن ڏينهن حيدر بخش جتوئيءَ سندس، اهو نظم حاضرين جي سامهون پڙهيو. آغا سليم هڪ قومي جذبو رکندڙ اديب آهي، جنهن نہ صرف افسانہ لکيا پر سندس ڪيترائي ريڊيو ۽ ٽي وي ڊراما پڻ نشر ٿيا.

آغا صاحب شاهہ لطيف جي شاعري، اردو زبان ۾ ترجمو ڪئي آهي، جنهن جو عنوان آهي "لالڻ لال لطيف کهے" سندس اهو ڪتاب لوڪ ورثي جي قومي اداري طرفان شايع ٿيو. اهڙيءَ طرح بابا فريد گنج شڪر جي ڪلام مان سنڌي ڪلام چونڊيائين جيڪو سنڌالاجيءَ طرفان شايع ٿيو. آغا سليم جا لکيل ڪتاب هي آهن:

(۱) اونداهي ڏرتي روشن هٿ (ناول)
(۲) انڻ پورو انسان (ناول)
(۳) همہ اوست (ناول)
(۴) ٻہ ننڍا ناول (ناول)
(۵) ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون)
(٦) چنڊ جا تمنائي (ڪهاڻيون)

آغا سليم جو نالو موجوده دور جي وڏن اديبن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. آغا سليم هڪ وڏو نالو آهي. هن سنڌيءَ ۾ جديد طرز تي ناول بہ لکيا آهن. سندس افسانا ناول ۽ ڊراما قوميت جي رنگ ۾ رڱيل آهن. هن پنهنجن ڪهاڻين ۾ نون نون موضوعن سان گڏ ٽيڪنڪ ۾ بہ نوان نوان تجربا ڪيا. هن جي فن جي باري ۾ هو ٻانڻ لکي ٿو تہ:

"اهو دور اسان جي ڪهاڻين جو عبوري دور آهي. جنهن ۾ ڪهاڻيءَ جي موضوعن سان گڏ ٽيڪنڪ ۾ بہ نوان تجربا ڪيا ويا."[1]

آغا سليم جو تخليقي عمل بہ پنهنجي پهلوءَ ۾ هڪ نئون فني تجربو رکي ٿو.

آغا سليم سنڌي ٻوليءَ ۾ فڪشن لکندڙ هڪ منفرد ليکڪ آهي. هن جو شمار ترقي پسند ليکڪن ۾ ٿئي ٿو. تہ هو رومانوي ليکڪ پڻ آهي. اهڙيءَ طرح ڪي وري هن کي وجوديت واري نظرئي تحت لکندڙ اديب مڃين ٿا. هو حقيقت پسند ليکڪ آهي. هن تقريباً هر نئين نظرئي ۽ رجحان کي اپنائي، انهيءَ ۾ ادب تخليق ڪيو.

آغا سليم هڪ حقيقت نگار اديب آهي. هن سماج جي سچن مسئلن تي لکيو آهي. رومانيت جو ليکڪ يا فنڪار، زندگيءَ جي سادن سودن واقعن، ناخوشگوار موضوعن کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بنائڻ بدران، تخيل جي مدد سان اهڙا منظر، واقعا ۽ ڪردار واضح ڪندو آهي.

هن جي تخيل جو بنياد مشاهدي تي ٻڌل نہ هوندو آهي، بلڪ ان جي بدران هو ان لاءِ تخيل ۽ تصور جو سهارو وٺندو آهي. آغا سليم

وٽ زندگيءَ کان فرار واري رومانيت نہ آهي.، بلڪہ سندس ذهن، شعور جي وهڪري ۾ لڙهندو، زمانن ۽ مڪانن جا تفاوت مٽائيندو، تاريخ جي مختلف تهذيبي دورن ۾ ڀٽڪندو رهي ٿو ۽ سندس تصور انسان جي بلند ترين ۽ ارفع مقامات تائين پهچي وڃي ٿو ۽ نيٺ اهو فن جي مثاليت جو اهڙو روپ ڌاري ٿو، جيڪو ابديت جو ضامن بنجي پوي ٿو. اهڙيءَ طرح محنت جو جذبو، رومانيت جو اهم عنصر بنجي وڃي ٿو. آغا سليم پنهنجن تخليقن ۾ محبت کي مرڪزي جاءِ ڏني آهي. آغا سليم انساني فطرت ۾ محبت جي جذبي کي سطحي طرح نہ، پر هڪ سحر آفرين جذبي جي حيثيت سان پيش ڪيو آهي ۽ محبت انساني تهذيب ۽ هر لطيف فن جي تخليق جو راز ڄاڻايو ويو آهي. هو معموليءَ جي بجاءِ، غير معمولي، ظاهر ۽ واضح شين بدران، پوشيده ڳالهين کي واضح ڪرڻ جو قائل آهي. انهيءَ ڪري جديد سنڌي افسانوي ادب جي تخليقڪارن ۾ ڪيس نمايان حيثيت حاصل آهي.

آغا سليم وٽ هڪ خاص قسم جو تصور يا انداز نظر آهي. هن جون نظرون زندگيءَ ۾ اهڙن پهلوئن کي تلاش ڪري وٺن ٿيون، جيڪي سچائيءَ ۾ ترنديون ۽ رنگيني جي آغوش ۾ پلجنديون رهن ٿيون. سندس فني تجربي جو پنهنجو جداگانہ رنگ آهي، ۽ تخليقي ڪاوش ۾ هن تقليد جي بدران، پنهنجي واٽ ورتي آهي.

آغا سليم جا موضوع بلڪل نوان آهن. هن پنهنجن موضوعن ۾ گهڻو تڻو پنهنجي ديس جي محبوب تهذيبي قدرن جي زوال جو ذڪر ڪيو آهي. هن رومانيت کي، سنڌي تهذيب جي قدرن جي احساس کي منفرد انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

آغا سليم جو مشاهدو تمام گهڻو تيز آهي. هو جيڪي ڪجهہ پنهنجي چوڌاري ماحول ۾ ڏسي ٿو، جنهن سان هن کي خوشي ۽ ڏک حاصل ٿئي ٿو، اهو هو بين سان ونڊڻ چاهي ٿو. هو پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ هن طرح ٻڌائي ٿو:

"جيڪي ڪردار، ارادا، مقصد ۽ آدرش ليکڪ وٽ هوندا آهن، اهي ليکڪ ذهن ۾ تيار ڪري پوءِ پلاننگ سان ويهي

لکندو آهي... هر ڪهاڻيءَ ۾ ڪا نہ ڪا مام، مقصد، ڪو ميسيج ان جي مرڪز ۾ رکيل تہ ضرور هوندو آهي يا اها ڳالهہ ٻيءَ طرح سمجهايان تہ مان پنهنجي لکيل ادب ۾ فڪشن ۾ پنهنجين خوشين، غمن ۽ پيڙائن کي ٻين سان ڀاڱي ڀائيوار ڪرڻ بہ پنهنجو آدرش سمجهان ٿو. مثال طور: رات جو هلندي هلندي چنڊ جو اهڙو روپ نظر اچي، جنهن کي ڏسڻ سان منهنجي دل چوندي آهي تہ مان توکي بہ ٻڌايان... ڏس ڏس چنڊ ڪهڙو نہ سهڻو پيو لڳي... تخليقي عمل ۾ بہ اهوئي آهي تہ ليکڪ ٻين کي حصيدار بنائي' شيئر ڪري، جيڪو هن پاڻ ڏٺو ۽ محسوس ڪيو آهي."(٢)

آغا سليم جي خيال مطابق جيڪو ادب براءِ ادب ۽ ادب براءِ زندگي جيو وچي ٿو. تہ ادب براءِ ادب ٿيندو ئي ناهي. ادب آهي ئي براءِ زندگي. جيڪو ماڻهو حسن جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ اها بہ زندگي آهي. انهيءَ ڪري هو جيڪو حسن ڏسي ٿو، جيڪي حسين شيون سندس آڏو اچن ٿيون، اهو هو ٻين کي ٻڌائڻ ۾ پنهنجو آدرش، اهوئي سندس ارادو ۽ اهوئي سندس ميسيج آهي. هو پنهنجي انهيءَ انقلابي تصور جو جواب ڏيندي ٻڌائي ٿو تہ:

"مون وٽ انقلاب جو تصور روماني آهي. منهنجي آڏو رومانيت ڪان سواءِ فن اڻ پورو آهي. منهنجي فن ۾ انقلاب جو تصور ڳاڙها، جهنڊا، لڙڪيل لاش، يا رت جون نديون ڪٿي اچڻ وارو ڪونهي... مون لاءِ انقلاب جو تصور پرينءَ جي روپ ۾ ٿو اچي، ۽ مان ان لاءِ ائين ٿو چوان تہ منهنجو پرين ايندو، جنهن جي پيشاني پرهہ جهڙي آهي. مون وٽ انقلاب جو اهڙو ئي روماني تصور آهي ۽ سچ تہ رومانيت ڪان سواءِ لکڻ جو تصور بہ ڪري نٿو سگهان."(٣)

آغا سليم پنهنجن ناولن ۽ ڪهاڻين ۾ هڪ نئين نفسياتي رخ "شعور رؤ" کي اهميت ڏني آهي، بلڪ اهو حق تہ بجا ٿيندو تہ آغا سليم سنڌي افسانوي ادب ۾ "شعور

جي رو" (Stream of Consciousness) جو جديد رجحان، سڀ کان اول آندو. شعور جي روءِ. سندس ذاتي تجربي جو جُز بڻجي، ناولن ۾ اپري، ۽ ان مان هڪ انتهائي خوبصورت آهنگ پيدا ٿي، جيڪو سندس فن کي دلڪشيءَ سان گڏ انفراديت به بخشي.

دراصل انگريزي ادب ۾ ورجينا وولف ۽ هڪلي پنهنجي فڪشن جو بنياد شعور جي روءِ کي بنايو ۽ پنهنجي احساسن جو ڪئنواس صدين تائين پکيڙيو. اردو ادب ۾ به انهيءَ نظريي کي قائم رکڻ لاءِ ۽ مقبول بنائڻ لاءِ قرة العين حيدر جون ڪوششون بار آور ثابت ٿيون. اهڙيءَ طرح سنڌي ادب ۾ آغا سليم جو هي فني تجربو، دائمي قدرن جو حامل آهي. انهيءَ نظريي مطابق هو ڪنهن خاص واقعي تي زور ڏيڻ بدران، صرف ڪردار جي ذهن ۽ شعور جون تصويرون پڙهندڙ جي اڳيان آڻڻ چاهيندو آهي.

آغا سليم پنهنجي ناولن ۾ وڏيڪ ڪامياب نظر اچي ٿو. هن پنهنجي فڪر ۽ بيان کي قابوءَ ۾ رکيو آهي، ۽ پيچيده ڳالهين کي اهڙيءَ طرح ته آسان ۽ سولي طريقي سان بيان ڪيو آهي، جو انهن مان هڪ صاف ۽ سلجهيل تاثر ملي ٿو.

آغا سليم جي لکيل ناولن ۽ ناوليٽ پڙهڻ سان، تهذيبي قدرن جو شعور پيدا ٿئي ٿو. هو قومن جي تاريخي لاڳاپن کان آگاهي ڪرائي ٿو. هو قوم يا فرد جي نفسياتي ڪيفيتن يا طبقاتي يا ثقافتي پهلوءَ جو هڪ اهڙو عرفان بخشي ٿو، جنهن جي حيثيت مان ڪامياب يا شڪست جو ذڪر ڪونه ڪو رخ ظاهر ٿيندو رهي ٿو. نصير مرزا عبرت مئگزين ۾ آغا سليم جي باري ۾ لکي ٿو ته:

> "پنهنجي فڪشن ۾ آغا صاحب مون کي اتهاس جو ليکڪ ۽ تاريخ جو ماڻهو لڳندو آهي. هن جي ذهن کي سنڌ جي پنج هزار ساله عظيم تاريخ ۽ تاريخ جي زوال ۽ تباهين، وقت جي اٿل پٿل ۽ پونچال گهڻو هانت ڪيو ٿو ڏسجي...

سندس ناول سنڌ جي لهو لهو تاريخ تي ڳوڙها ڳاڙيندا نظر اچن."(٣)

آغا سليم جو لکيل ناوليٽ ١٩٦٠ع ۾ "روشنيءَ جي تلاش" شايع ٿيو ۽ سندس ٻيا لکيل ناول هي آهن: "اونداهي ڌرتي روشن هٿ"، اڻ پورو انسان" ۽ "همہ اوست"- سندس لکيل ناولن مان ڪن تي هيٺ تبصرو ڪجي ٿو:

## ا- همہ اوست:

آغا سليم جو هي ناول (همہ اوست) نيو فيلڊس وارن شايع ڪيو. هي ناول شاهہ عنايت شهيد جي دور جي پس منظر ۾ لکيل ناول آهي، جيڪو ان دور جي مزاج ۽ وحدت الوجود جي فلسفي جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿو. هي ناول سنڌ جي تاريخ جي پس منظر ارغون دور جي پڇاڙي ۽ مغلن جي دور ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ لکيو ويو آهي. ٻيو تہ هي ناول ان وقت سنڌ ۾ رائج تصوف جي بنيادن تي روشني وجهي ٿو. هن ۾ هندو ڌرم، اسلام ۽ ڪرسچن جي مذهب ۾ ان عنصر کي موجود ڏيکاريو ويو آهي، تہ انسانيت هڪ ٿي، هڪ بين الاقوامي مذهب آهي. هن ناول ۾ بيان ڪيل ٽيون نقطو سنڌ جي سماجي زندگيءَ جي مختلف رنگن روپن جي منظر ڪشي آهي ۽ چوٿون نقطو اهو آهي تہ هن ۾ سنڌ جي سداحيات شاعر شاهہ لطيف جي شعر ۽ شاهہ عنايت شهيد جي تصوف جي نقطي جي اپٽار ڪيل آهي.

آغا سليم جي هن ناول، همہ اوست، جي ڪهاڻيءَ جو مک پلاٽ ٽن سب پلاٽن ۾ ورهايل آهي. اهي هن طرح آهن:

(١) سارنگ جي ڪهاڻي (٢) مائڪ جي ڪهاڻي (٣) الفانسو بارٻوسا جي ڪهاڻي. هن ناول ۾ هر پلاٽ پنهنجي جڳهہ تي مڪمل ڪهاڻي آهي، ۽ ان جي انجام تائين رسائيندڙ بہ آهي.

همہ اوست ناول ۾ ڪيتريون ئي نيون ڳالهيون آهن، جيڪي هن ناول جي اهم خوبين ۾ شمار ڪيون وڃن ٿيون. اهي آهن: پهرين تہ هي ناول (Third person) جي صورت ۾ لکيل آهي؛ ٻيو اهو تہ هي ناول.

تيم تاريخي پس منظر ۾ لکيل آهي ۽ ٽين اهم خوبي اها آهي تہ هي ناول رومانوي ڪيفيت ۾ لکيو اٿس.

جيئن اڳ ۾ ٻڌايل آهي تہ آغا سليم هن ناول ۾ ٽن مختلف ڪردارن هڪ مسلمان، سارنگ، ٻيو هندو مانڪ ۽ ٽيون ڪرسچن الفانسو جي ڪهاڻي پيش ڪئي آهي.

ناول جو مرڪزي ڪردار سارنگ آهي، جيڪو سنڌي مسلمان آهي. هو بهادر آهي، هن ۾ اڳتي وڌڻ ۽ ڪجهہ ٻڌجي ڏيکارڻ جو وڏو جذبو آهي. هو عالم بہ آهي تہ مذهب ۽ فلسفي جي سمجهہ بہ اٿس. وڏن وڏن مسئلن تي عالماڻو جائزو پيش ڪري ٿو. تصوف جي تاريخ ٿو بيان ڪري ۽ ان سان گڏ پنهنجا نظريا بہ پيش ڪري ٿو. پر جڏهن مغلن وٽ وڏو عهدو ماڻي ٿو تڏهن انهن جي حڪم موجب تلوار سان پنهنجن سنڌين ماڻهن جون سسيون لاهي ٿو. نيٺ هڪ وقت اهڙو اچي ٿو، جڏهن هن کي اهو احساس ٿئي ٿو تہ هو انهن ماڻهن جو ساٿ ڏيئي رهيو آهي، جن هن تي ڪيترائي ظلم ڪيا هئا. ٻئي طرف هو سنڌ جو عاشق بہ آهي، ۽ سنڌ سان ڪيس بي حد پيار بہ آهي.

سارنگ جو ڪردار دولت پرست، جاهہ پرست، ماديت ۾ يقين رکندڙ ۽ منڪرالذهب آهي. هو باهہ پرستيءَ ۾ ايترو تہ محو ٿي وڃي ٿو، جو هو اعليٰ انساني قدرن، اخلاق، نياز، نوڙت، حلم ۽ برداشت کي هيچ سمجهي ٿو، جنهن جو ذڪر سندس زباني ناول ۾ هن طرح ٿيل آهي:

"انسان جي عزت لياقت سان نہ پر طاقت سان آهي."

هن ناول جو ٻيو اهم ڪردار مانڪ آهي، جنهن جو واسطو هندو مذهب سان آهي. هو فطري طور تي عيش آرام کان پري، فطرت ۽ انسان جي تعلق تي سوچيندڙ نوجوان آهي. هو صوفي طبيعت جو مالڪ آهي. هو شاهہ لطيف کان ورد وٺڻ لاءِ وڃي ٿو، پر اتي سندس ملاقات شاهہ صاحب سان نٿي ٿي سگهي ۽ پوءِ هو مايوس ٿي روحاني سڪون جي تلاش لاءِ شادي ڪري ٿو، پر تڏهن بہ سندس روحاني تڙپ جو علاج نٿو ٿئي. نيٺ هو دنيا کي تياڳي ٿو، سنياس وٺي ٿو ۽ سفر

ڪندي، جبل ۽ جهر جهنگ جهاڳيندي، اچي صوفي شاهه عنايت جي درگاهه پهچي ٿو جتي روحاني تسڪين حاصل ڪري ٿو ۽ زندگيءَ کان ايترو تہ مطمعن ٿي وڃي ٿو، جو آخر ۾ بخوشي موت قبولي ٿو.

هن ناول ۾ موضوع جي نواڻ سان گڏ هڪ پختي ڪردار نگاري، سيرت نگاري ۽ اسلوب بيان جي خوبصورتي پڻ شامل آهي. آغا صاحب هن ناول ۾ تصوف جو هڪ اهڙو موضوع کنيو آهي. جنهن تي هن کان اڳ ۾ شايد ئي ڪنهن لکيو هجي. هن انساني فطرت ۾ محبت جي جذبي کي هڪ سحر آفرين جذبي جي حيثيت ۾ پيش ڪيو آهي ۽ محبت کي انساني تهذيب ۽ هر لطيف فن جي تخليق جو راز ڄاڻايو آهي. هن معمولي شين جي بدران غير معمولي شين کي ۽ انهن جي پوشيده ڳالهين کي واضع ڪيو آهي. حاصل مطلب هي ناول آغا سليم جو هڪ بهترين ناول مڃيو ويو آهي.

## ۲ - اڻ پورو انسان:

آغا سيلم جو هي ناول ۱۹۸۵ع ۾ نيو فيلڊس وارن شايع ڪيو. سندس هي ناول اعليٰ سوسائٽيءَ جي ماڻهن جي کوکلي زندگيءَ جو هڪ نقش آهي.

هن ناول ۾ هڪ اهڙي ڪردار جي ڪهاڻي پيش ڪيل آهي، جنهن وٽ جسماني عيش و آرام ۽ لذتون، دولت ۽ اختيار هر شيءِ، هر طرح موجود آهي، ليڪن ان هوندي بہ هو اندر ۾ سڪون ۽ آسودگي لاءِ تڙپي رهيو آهي. هن ڪنهن بہ عورت سان سچو پيار نہ ڪيو آهي، پر هن جي خوبصورتيءَ ۾ شوق صرف، جسماني لذت تائين محدود آهي، هن ڪنهن بہ دوست سان دل جي سچائيءَ ۽ خلوص سان محبت يا دوستي نہ ڪئي، ۽ ڪنهن بہ انسان جي ڏک کي، پنهنجي دل ۾ گهرائيءَ سان محسوس نہ ڪيو. هن پنهنجي زال کي بہ ڪڏهن سچو پيار نہ ڏنو، اولاد کي بہ ڪڏهن شفقت نہ ڏنائين، انهيءَ ڪري هو سڀ بگهڙجي ويا، جنهن ڪري بہ سندس زندگي جهنم بڻجي ويئي، ۽ هو هر وقت تنهائي ۽ اڪيلائيءَ جي احساس جي ڪري بي چين رهندو هو. هو

حق ۽ سچائيءَ جي واٽ اختيار نٿو ڪري، هو نفسياتي خواهشن ۾ ڦاسي، دولت ۽ لذت جو غلام بنجي پوي ٿو.

هو اعليٰ ڪلاس جو فرد بنجڻ ڪان پوءِ بہ پاڻ کي ماحول سان هم آهنگ (adjust) نٿو ڪري سگهي. هن تي اها حقيقت واضع ٿئي ٿي تہ اپر ڪلاس جي ظاهري زندگي تہ ڏاڍي چمڪندڙ ۽ مهذبانہ آهي، پر اندروني طور تي اها بلڪل کوکلي ۽ خالي آهي. انهيءَ ڪري هو حالتن کان شڪست کائي، جيئڻ جا عارضي سهارا ڳوليندو، پنهنجي وجود کي پاڻ کان جدا ٿيندو، محسوس ڪري ٿو. بهرحال آغا صاحب جو هي ناول بہ هڪ اهم موضوع تي لکيل ۽ ڪامياب ناول آهي.

## ٣ - اونداهي ڌرتي روشن هٿ:

آغا سليم جو ناول اونداهي ڌرتي روشن هٿ آهي، جيڪو ١٩٨٤ع ۾ نيو فيلڊس وارن شايع ڪيو.

آغا سليم جو هي ناول سنڌ جي پنج هزار سالہ تاريخ جي پس منظر ۾ انساني تهذيب، فرد ۽ سوسائٽيءَ جي ازلي ۽ ابدي ڪشمڪش جو داستان آهي. موهن جي دڙي کان وٺي، نندي ڪنڌ جي ورهاڱي تائين هن ناول جو ڪئنواس پکڙيل آهي.

هن ناول جو پهريون حصو جنهن ۾ موهن جي دڙي وارو عهد، پنهنجي سمورين خصوصيتن سان جڻ تہ زندهہ ٿجي پيو آهي. ناول جو ٻيو دور سومري ۽ سلطان ٻونگر راءِ جي زماني ۾ شروع ٿئي ٿو، ۽ دودي چنيسر جي گهرو لڙائيءَ ۽ تاتارين جي ڪاهن تي ختم ٿئي ٿو. ان کان پوءِ، ميرن، انگريزن ۽ قيام پاڪستان واري دور ۾ شعوري ڳانڍاپو ۽ سلسلو مليل آهي.

آغا سليم . هن ناول ذريعي تاريخ جي چڱاين لڱاين تان بہ پردو کنيو آهي. هن پنهنجي مشاهدي ۽ جذبات ۽ تجربن کي حقيقت جو روپ بخشڻ لاءِ، مختلف زمانن کي هڪ ئي ليک ۾ جڪيو آهي، ۽ مڪمل تصوير سان، هڪ مجموعي تهذيبي احساس پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. منجهس زمان و مڪان جي فاصلن کي مختلف

پائيندو هو ۽ هن کي پڪ هئي تہ هن سال تہ هوءَ ٿي ڏيڻي ٿيندي، پر مرد جي دل ۾ درياهہ تي ڪهڙو ويساهہ . چڙهي تہ لس ليٽ ڪري ۽ لهي تہ ڪنڌيءَ جا ڪانهن سڪائي... پوءِ هن کي داسي بڻجي گذارڻو پوندو. راڻيءَ مان داسي بڻجڻ جي خيال سان ئي، هن جي گلن تي ڳوڙها لڙي آيا."(٨)

هن ناول ۾ آغا سليم جي پيش ڪيل سيرت نگاري ۽ ڪردار نگاري نهايت ئي اعليٰ درجي جي آهي.

سارنگ هن ناول ۾ اهم ڪردار آهي. هو هر دور ۾ محبت ۾ مار کائي ٿو. ۽ سونهن ۽ سر واسطي مري مات ٿئي ٿو. سارنگ، سنڌوءَ ماڻڪ، باربار روپ بدلائي، هر دور ۾ اڀرن ٿا. ان کان علاوه ماڻڪ بہ هن ناول جو اهم ڪردار آهي. ماڻڪ مورتيون ٺاهيندو هو ۽ انهيءَ کي آغا سليم هن ناول ۾ هيئن ٿو پيش ڪري:

"سارنگ، ماڻڪ وٽ رهڻ لڳو. ماڻڪ مورتيون ٺاهيندو هو.۽ هو ماٽ ڪري هن کي مورتيون ٺاهيندو ڏسندو هو. ٿن ڏينهن ۾ ماڻڪ مهاپوڄاريءَ جي مورتي ٺاهي رهيو هو. سارنگ ڏٺو تہ ڪيئن ماڻڪ جي هٿن جي ڇهاءَ سان اڻ گهڙيل پٿر مان مورتي اڀرڻ لڳي، هن بہ مورتيون ٺاهڻ شروع ڪيون. مورتي ٺاهي ماڻڪ کي ڏيکاريندو هو ماڻڪ سندس مورتيون ڏسي منهن ڦيري ڇڏيندو هو. هڪڙي ڏينهن تہ جوش ۾ اچي، تيشيءَ سان سندس مورتيون پڃي ڇڏيائين ۽ چيائين، مورتيون ٺاهہ نہ پر مورتين کي جنم ڏي."(٩)

هو ٻئي هنڌ لکي ٿو ته:

"گذريل سال مهاپوڄاريءَ سنڌوءَ جي مٿي تي تاج رکيو هو، ۽ ان ڏينهن کان سنڌو مها پوڄارڻ بڻجي محل ۾ رهڻ لڳي هئي. هن پنهنجي سونهن، سوپيا ۽ نوڙت سان مهاپوڄاريءَ جي مَن کي موهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي."(١٠)

آغا سليم جو هي ناول هڪ نئين موضوع ۽ نئين ٽيڪنڪ تي لکيل ناول آهي، جيڪو سندس هڪ ڪامياب ناول آهي. انهيءَ کان سواءِ آغا سليم جو لکيل ناوليٽ "روشنيءَ جي تلاش" بہ هڪ نئين ٽيڪنڪ تي لکيل آهي. هن ناول ۾ حقيقي دنيا جا ننڍا ننڍا واقعا پيش ڪيل آهن. هن ناول ۾ هڪ ئي وقت ۽ هڪ ئي مقام جو احوال پيش ڪيل آهي، هن ناول ۾ سيئي ڪردار، هڪ ئي علائقي جا رهواسي آهن. هن ناول جا مرڪزي ڪردار نعيم ۽ شميم آهن، جن ۾ نعيم پنهنجي زباني، آسپاس جي حالتن، واقعن ۽ ماحول جا حالات بيان ڪري ٿو.

آغا سليم جي ناولن "روشني جي تلاش"، "اونداهي ڌرتي روشن هٿ" "پورو انسان" (ٽيئي ناول) سلسليوار شايع ٿيل آهن. ليڪن ٽنهي ناولن ۾ تلازم ،خيالات، زندگيءَ بابت ويچار ۽ تشبيهن ۾ ڪن ڪن هنڌن تي مشابهت پاتي وڃي ٿي.

آغا سليم جي ٽن ناولن ۾ فن جي ارتقا، دراصل سندس ذهن جي ارتقا جي عڪاسي ڪري ٿي. هن انساني زندگي، تاريخ ۽ تهذيب جي شعور کي تخليقي فن ۾ اظهار ڪيو آهي. انهيءَ ڪري ئي هو مهذب اديب جو درجو رکي ٿو. هن زندگيءَ جي مقصديت ان مان پيدا ٿيندر بيزاري، فرد جي تنهائيءَ جي محروميءَ جي شديد احساس کي ناول جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي.

مطلب تہ آغا سليم سنڌي ناول واري صنف جو هڪ مهان ناول نويس آهي.

## ببليوگرافي

(۱) حوالو:- نصير مرزا، آغا سليم جو انٽرويو. عبرت مئگزين، حيدرآباد. ۱۵ مارچ ۱۹۹۴ع. ص ۱۹
(۲) ايضاً ص ۱۹
(۳) ايضاً ص ۱۹
حوالو اڄي ويو آهي.
(۴) نصير مرزا: باقي حوالو نمبر پهريون.
(۵) آغا سليم: همر اوست. ناول.

(٦) آغـا سـليم: اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول). حـيـدرآباد. نيـو فـيـلـڊس پبليڪيشن. ١٩٨٤ع. ص ١٧١
(٧) ايضاً. ص ١٧١
(٨) ايضاً. ص ١٧
(٩) ايضاً. ص ١٤
(١٠) ايضاً. ص ١٤

ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو

# 'غريب' جي سخنوري

سنڌيءَ ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ جن آڪابر انسانن پنهنجي جيءَ ۽ جسي کي جولانيون ڏيئي، سنسار ۾ سُرت ۽ ساڃاهه جا ڏيئا ٻاري، سهائي ڦهلائي، ويچار جي واٽن جي ويڳاڻپ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ پئي ڪئي،، تن اڪابرن ۽ استادن مان ڀيرومل مهرچند آڏواڻي به هڪ هو.

## خاندان ۽ جنم:

ڀيرومل مهر چند آڏواڻي جي آڪهه متعلق سندس ڪتاب "سنڌي جي هندن جي تاريخ" ۾ ذيل هڪ بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته: "هو حيدرآباد جي آڪهه "مگهو ڪتري" نک مان هو. اها نک اصل ملتان سان تعلق رکندڙ هئي. جنهن جو هڪ فرد نالي ديوان آڏو مل بن ڪلومل ٻن جسومل ملتان جي ڳوٺ لوهه پور جو وينل هو. سو ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ ۾ آيو. ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي راڄڌانيءَ ۾ ملتان جوعلائقو به سندس هٿ هيٺ هو. ميان نور محمد ملتان ۽ اُچ جي طرف گشت ڪندي، هڪ دفعي اتان جي ڪن هندن سان متعارف ٿيو. انهن هندن ۾ آڏومل به شامل هو، جو ان زماني ۾ تلوار هلائڻ ۾ تکو هو. ميان صاحب ڪيس ٻانهن وٽ شمشيرزن مقرر ڪري سنڌ جي گاديءَ واري شهر حيدرآباد ۾ وٺي آيو"[1] ڀيرومل آڏواڻي جي هن بيان کي تاريخ جي ڪسوٽين تي پرکجي ٿو ته ان ۾ ڪي جهول ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڇاڪاڻ ته نه ميان نورمحمد ملتان طرف ويو هو ۽ نه وري ان دور ۾ "حيدرآباد" شهر اڃان وجود ۾ آيو هو. البته مطالعي مان اها ڄاڻ

ملي ٿي تہ ميان غلام شاهہ حيدرآباد شهر جو باني آهي. نہ رڳو ايترو پر سندس ملتان طرف وڃڻ بہ هڪ تاريخي حقيقت آهي.

بهرحال آڏومل جي حياتي جي احوال مان اسان کي رڳو اهو پتو پوري ٿو تہ هن جي پهرين زال پنجاب جي هئي، جنهن مان ڪيس ٽي پٽ: چندومل. ڏتومل ۽ لکو مل هئا. جي هو سنڌ ۾ ساڻ وٺي آيو هو. پهرين زال جي ديهانت کان پوءِ هن ٻي شادي تعلقي نوشهري فيروز جي ديهہ "نٿ" مان پنهنجي نالي پائي آڏومل جي ڌيءَ سان ڪئي، جنهن مان ڪيس چار پٽ ٻهارومل، سندرداس، وسايومل ۽ ٺارومل ٿيا. سنڌ ۾ جيئن هن جي آکهہ وڌي، تيئن سندس نالي جي نسبت سان آڏواڻي ٿي سڃاتي ويئي.

ديوان آڏومل جي اولاد مان سندس پهريتي پٽ چندومل کي ٻہ پٽ، چتومل ۽ جيٺمل ٿيا. جيٺمل جي پٽ اجومل جو پٽ آئلمل هو، جو سنڌ ۾ مختيارڪار بہ ٿيو هو. انهيءَ آئلمل کي ٻہ پٽ مهرچند ۽ ٺانورداس نالي ٿيا. مهرچند کي ٻہ پٽ ڀيرومل ۽ ٺانوردس ٿيا. اهوئي ڀيرومل اڳتي هلي سنڌ جي ساهت ۽ اتهاس جو وڏو ودوان بڻيو.[٢]

ڀيرومل مهرچند آڏواڻي جي بقول: "سندس پيءُ سيٽلمينٽ ۾ هيڊ منشي هو. جتان ١٨٨٨ع ۾ رٽائر ڪيائين تہ ويهہ روپيا پينشن ملڻ لڳي. رٽائرمينٽ کانپوءِ سترهن ورهيہ جيئرو رهي، آگسٽ ١٩٠٥ع ۾ گذاري ويو"[٣]

## جنم ۽ تعليم:

ڀيرومل مهرچند آڏواڻي جي جنم متعلق اختلاف آهن. ڪي اديب ١٨٧۵ع لکن ٿا تہ ڪي ١٨٧٦ع. اهوئي ڪارڻ آهي جو ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي عجب وچان لکيو آهي تہ: "ڀيرو مل هڪ تاريخ نويس جي حيثيت ۾ ٻين جي جنم جون تاريخون ۽ سن - سنبت گهڻيءَ کوج بعد هٿ ڪري درج ڪيا آهن، پر پنهنجي جنم جي ٺڙ تاريخ ڪٿي بہ ڪانہ ڄاڻائي اٿس. انهيءَ کي مبهم رکڻ جو ڪهڙو سبب آهي؟ تنهن جي خبر خاوند کي"![٤]

پيرو مل آڏواڻي جي تعليم جي شروعات فارسي سکڻ سان ٿي، سن ١٨٨١ع ۾ سنڌي پهريون درجو ٿورا ڏينهن آخوند صديق محمد جي ختاب ۾ پڙهيو. ان بعد هن اسڪولي تعليم نئين سرشتي وارن اسڪولن مان حاصل ڪئي. سال ٨٦-١٨٨٥ع ڌاري هو انگريزي پهريون درجو پڙهندو هو.(٥) پيرو مل آڏواڻي سن ١٩٤٦ع ۾ ماهوار رسالي 'سنڌو' ۾ 'حيدرآباد جا هاءِ اسڪول' جي عنوان هيٺ هڪ طويل مضمون لکيو هو، جو قسطن ۾ شايع ٿيل آهي. ان مضمون جي ٽين قسط ڊسمبر ١٩٤٦ع جي شماري ۾ شايع ٿي. ان جي پڙهڻ سان پتو پوي ٿو ته هن انگريزي تعليم حيدرآباد جي مشن اسڪول مان حاصل ڪئي هئي، انهيءَ مشن اسڪول جو پرنسپال مسٽر ڪئمپبل مئي ١٨٩٢ع ۾ ڦليلي ۾ هڪ شاگرد نالي خانچند ڪي ترڻ سيکاريندي پاڻ ٻڏي مري ويو هو. پيرو مل آڏواڻي اهو واقعو به پنهنجي اکين ڏٺو هو.(٦)

هدايت پريم لکي ٿو ته: پيرو مل آڏواڻي ثانوي تعليم حيدرآباد سنڌ جي مشهور اسڪول يونين ائڪيڊمي مان حاصل ڪئي. جتي ساڌو هيرانند شيوقرام ۽ سندس ڀاءُ تاراچند شوقيرام کان ٻي تعليم سان گڏ شاه لطيف جو ڪلام ۽ معنائون پڻ سکيون.(٧) انهن ٻنهي ڳالهين کي نظر ۾ رکي چئي سگهجي ٿو ته پيرومل ثانوي تعليم پهريائين مشن اسڪول ۽ پوءِ يونين اڪيڊمي مان حاصل ڪري، ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو هجي.

## شاديون ۽ اولاد:

پيرومل آڏواڻي ٽي شاديون ڪيون. پهرين زال مان ڪيس ڪو به اولاد ڪونه هو، ٻي زال مان هڪ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ ٿيس.(٨) پٽهنس پريداس عرف هرنامسنگهه به پنهنجي پتا وانگر قلم ۽ ڪتاب سان سنبنڌ رکندڙ هو. سندس ليک مختلف مخزنن ۾ ڇپيا هئا. انهي کان علاوه "سالڪ جو سفر" نالي ڪتاب به شايع ٿيس. جنهن تي سنڌي ادب (ساهت) لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ پاران ساڍا ٽي سئو روپيه

انعام طور مليا. اهوئي ڪتاب اڳتي هلي درسي ڪتاب طور منظور ڪيو ويو. پرپداس آگسٽ ١٩٤٣ع تي هي جهان ڇڏي ويو.[٩] سندس ذيءِ جو نالو پاربتي هو. جنهن حشمتراءِ هيرانندائي سان شادي ڪئي هئي. پاربتي سن ١٩٣٢ع ۾ ديهانت ڪيو.[١٠] اهڙيءَ طرح ٿين زال مان ڪيس ٻه ڌيئر خوشحالي عرف پدما ۽ ستي نالي ٿيس.[١١]

## نوڪري ۽ ديهانت:

پيرومل آڏواڻي ٢٩ فيبروري ١٨٩٦ع تي ويهن ورهين جي ڄمار ۾ سالٽ ايڪسائيز ڪاتي اوبيمر ڪاتي ۾ سپرنٽينڊنٽ عهدي تي مقرر ٿيو. ان کان اڳ ۾ پان پبلڪ سروس ڪسٽم ۽ سالٽ ڊپارٽمينٽ جو امتحان پڻ پاس ڪيو هئائين. پهرين اپريل ١٩١١ع تي سکر ۾ سپرنٽينڊنٽ مقرر ٿيو. (The Sindh Official List 1915 - pp-147-146). انهيءَ ڪاتي ۾ اناويهه سال سروس ڪري رٽائر ٿيو ته ڪيس هڪ سَوءِ روپيه پينشن ملڻ لڳي. جون ١٩٢٤ع کان ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ سنڌي جو ليڪچرار مقرر ٿيو. جتي تيرهن سال نوڪري ڪيائين. ائين هن لاڳيتو ٤١ سال نوڪري ڪئي. هو ورهاڱي کانپوءِ ٻه پريا ٻه سال ڪراچي ۾ ئي رهيو. مگر گذران جي تنگي ۽ بنگلي جي نيڪال نه ٿيڻ ڪري مجبور بئي رهيو. آخر نومبر ١٩٤٩ع ۾ بمبئي لڏي ويو. جتي جي آبهوا ڪيس راس نه آئي ته پوني وڃي رهيو. ٣ جولاءِ ١٩٥٠ع تي پوني ۾ رستي تان هلندي، ڪيس ڌڪ لڳو ۽ پنيءَ جو ڪنڊو ڀڄي پيو. ٧ جولاءِ ١٩٥٠ع تي ساسون اسپتال ۾ ديهانت ڪيائين.[١٢]

## علمي پورهيو:

پيرو مل آڏواڻي سنڌي ٻوليءَ جو گهڻ رخو ۽ بختو قلمڪار هو. سندس حياتيءَ ۾ ذهن جو لاڙو ڪنهن هڪ موضوع يا مضمون ڏانهن نه رهيو. هر ڏسا ڏانهن ڏسڻ، سوچڻ ۽ سمجهڻ توڙي غور ۽ فڪر ڪرڻ ئي هن جي اثباتي عمل ۽ پختگيءَ جو ڪارڻ هو. حقيقتن کي پرکڻ ۽ پروڙڻ کان پوءِ نتيجا حاصل ڪري، عام آڏو آڻڻ هن جو.

خاصو هو. اهڙائي ڪي اسباب آهي، جن هن جي تحريرن کي امرتا ۽ دوام بخشي، سندس نالو روشن ڪيو. پيرومل آڏواڻي پنهنجي دور جي ساٿين ۾ هر لحاظ کان پنهنجو منفرد مقام رکندڙ هو. ان ڪري ئي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو تہ: "پيرومل ۾ تحقيق جي قابليت Research Ability ڄيٺمل ۽ لالچند کان گهٽي هئي. ان ڪري هن سنڌي زبان، ان جي گرامر ۽ ادبيات بابت تحقيقي ڪتاب لکيا. سنڌ جي تاريخ بابت بہ ڪوجنا ڪندو رهيو. افسانوي ادب ۾ سندس ناول ۽ ناٽڪ بہ موجود آهن. "غريب" تخلص سان ڪي شعر بہ جوڙيائين. سڄو وقت علمي ڪم ڪي جنبيو رهيو. پاڻئجي ئو تہ پيرومل کي مرزا قليچ بيگ جي ريس هئي. جو هر موضوع تي پئي لکيائين. پنهي ۾ فرق هي هو جو مرزا صاحب تاريخ، لغت ۽ شعروادب جون حدون لتاڙي ٻاهر نڪري ٻين موضوعن تي بہ لکيو، پر پيرومل انهن موضوعن کان ٻاهر سائنس جي دنيا ۾ پير نہ پاتو."(۱۳)

بهرحال پيرومل جون خدمتون بطور محقق، تاريخ نويس ماهر لسانيات، مضمون نگار، ناول نويس، ناٽڪ ڪار، سيلاني، شاعر ۽ مترجم (۱۴) کان علاوه نقاد جي حيثيت ۾ نمايان آهن.

پيرومل آڏواڻي جي سموري علمي، ادبي دور تي نظر ڊوڙائڻ سان اها ڳالهہ بہ آڏو اچي ٿي تہ هن علمي دنيا ۾ پنهنجي ذاتي پسند جي موضوعن کان سواء وقت ۽ ماحول جي گهرجن جي پورائي لاءِ بہ ذميواريون محسوس ڪري، انهن کي خوش اسلوبيءَ سان نباهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

اهڙو سماجي، ادبي رويو ئي اديب جي مثبت ڪردار کي ظاهر ڪري ٿو. انهيءَ مان اهو سمجهڻ ۾ بہ آساني ٿئي ٿي، تہ هو حالتن کان ڪيتري قدر خبردار رهي ٿو. ان بنياد تي اديب جي شعور ۽ علمي ڪردار جي پڻ پرک ٿئي ٿي. اهڙي سوچ سان اسان پيرومل آڏواڻي جي علمي، ادبي خدمتن کي ڏسندا سون تہ منجهس اهي دانشمنديءَ واريون خوبيون اسان کي جابجا نظر اچن ٿيون. انهيءَ حوالي سان ڏٺو وڃي تہ

ويهين صديءَ جي شروعاتي دور ۾ سنڌي ادب ۾ پڙهندڙن ۽ لکندڙن جو ڌيان قصہ ناٽڪ ۽ ناول ڏانهن هو. انهيءَ دور ۾ ماحول مطابق پيرومل آڏواڻي بہ قصہ ناول ۽ ناٽڪ لکيا ۽ ترجمو ڪيا. جن ۾ مثال طور اسان کي "بلبل بيمار" (ناٽڪ)، "علي بابا چاليهہ چور" (ناٽڪ) "آنند سندريڪا" (قصو) "حرص جو شڪار" (ترجمو ٿيل ناٽڪ)، "وريل ۽ نعمت" (ناول)، بزارين جو ناٽڪ (ناٽڪ)، "مڙس جي مڙسي" (ناٽڪ) "مقدمو" (ناٽڪ)، گولن جا گوندر (ناول) ۽ " آزاديءَ جي ڪوڏي" (ناٽڪ) نظر اچن ٿا.

اهڙيءَ طرح علمي دنيا جي نوس ۽ سنجيده عنوانن: لسانيات ۽ لطيفيات ڏانهن بہ هن جو رويو سنجيدو ڏسجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ "غريب اللغات"، "وڏو ويا ڪرڻ"، "الف - بي ڪيئن ٺهي" ۽ " سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" جهڙا قيمتي ڪتاب لکي هن پنهنجي علمي ذميواريءَ کي بہ خوب نباهيو آهي. پيرومل آڏواڻي جي دور ۾ ادبي دنيا ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي زندگي ۽ ڪلام تي عالمن ۾ ويچارڻ ۽ لکڻ جو ذوق بہ زياده رهيو.مرزا قليچ بيگ ۽ ليلا رام وطڻ مل "خاڪي" کان وٺي ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي تائين عالم سرگرم رهيا. پيرومل آڏواڻي بہ جيتوڻيڪ شاهہ جو رسالو ترتيب نہ ڏنو آهي. تڏهن بہ رسالي کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ کان علاوه ان جي اهنجن لفظن جي صحيح معنائن تي خصوصي ڌيان ڌريو آهي. اهڙيءَ طرح شاه لطيف جي زندگي ۽ ان جي سير سفر جي ماڳن متعلق بہ ڄاڻ حاصل ڪيائين. ان سلسلي ۾ "سر سورٺ" (معنيٰ ۽ سمجهاڻي) "لطيفي سير" نالي ڪتاب لکي ڇپايائين.

تنقيد جي حوالي سان جڏهن ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي جي ترتيب ڏنل شاهہ جي رسالي جي شايع ٿيڻ تي ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي مئي ڊسمبر ١٩٢٣ع جي "پارتواسي" اخبار ۾ تنقيد لکي، تڏهن پيرومل آڏواڻي ميان جي ڳوٺ تعلقي شڪارپور مان شايع ٿيندڙ ماهوار رسالي "سنڌو" جي مارچ ١٩٣٨ع کان آڪٽوبر ١٩٣٨ع تائين سلسليوار تنقيدي مضمون لکي. گربخشاڻي جي محنت

جي قدرشناسي ڪئي. سندس ان قابليت کي ساراهيندي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو تہ: "پيرومل جيڪي هي آتَ مضمون لکيا آهن. تن سان ان ساڳئي موضوع تي لکيل، ٻئي ڪنهن بہ عالم جا شايع ٿيل ليک برابري ڪري نہ ٿا سگهن.(۱۵)

**تعليمدان:** پيرومل آڏواڻي کي سنڌ ۾ تعليم جي ترقي جو بہ اونو رهندو هو. پاڻ پنهنجي ٻوليءَ ۾ تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ بہ ڪوششون وٺندو هو. ان سلسلي ۾ پاڻ بمبئي يونيورسٽي جي نصاب لاءِ بہ لکندو رهندو هو. سن ۱۹۰۴ع ڌاري، جڏهن تعليم کاتي جا سنڌي ڪتاب ٺهيا، تڏهن بمبئي کاتي جي ٽيڪسٽ بڪ ڪاميٽي، جنهنجو پريزيڊنٽ مسٽر جي جي ڪاورٽن هو. تنهن هن کان ڪيترائي سبق لکرايا ۽ ڪيترا بيت ٻارن جي ڏانو جا ٺهرايا. (چونڊ سنڌي نثر "جهونو ۽ نئون" ۱۹۳۵ع ڏيارام ميرچنداڻي ۽ جمناداس سڌاڻي) اٿين ٻين ادارن پاران مقرر ٿيندڙ سنڌي ٻوليءَ جي نصاب ڏانهن بہ سندس ڌيان رهندو هو. هيٺين درجن جي نصاب تي بہ خصوصي توجهہ ڏيئي، نصابي ضرورتن جي پورائي لاءِ بہ ڪتاب لکندو رهيو. جهڙوڪ: "جوهر نظم"، "چونڊ ڪلام" "وڏو سنڌي ويا ڪرڻ"، "بهار نثر" "گلزار نثر" يادگار آهن، پاڻ شاگردن جا تعليمي ۽ نصابي اهنج دور ڪرڻ لاءِ ڪن ڪتابن ۾ آيل نثر ۽ نظم جي ڏکين لفظن جون معنائون ۽ تشريحون بہ لکندو هو. ڪي ڪتاب سڌاري ۽ سنواري بہ ڇپرائيندو هو. جهڙوڪ W.A.Shahani جي Guide to New Study ReadThoroughly Revised A Complete کي سڌاري ۽ سنواري شايع ڪرايائين.

پيرومل آڏواڻي کي تعليم جي ان ذوق آخر استاد بڻايو ۽ پاڻ ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ سنڌي جو ليڪچرر بہ ٿيو. سنڌي جي جيڪا قابليت وٽس هئي، تنهن جو مثال گهٽ ملندو. هن جي خوبصورت ۽ جاذب ٻولي ۾ جا سلاست ۽ رواني آهي. سا واقعي هن جي لفظي ذخيري جا ڏسَ ڏئي ٿي. هن جي لفظي ذخيري جي جيڪا واڪاڻ

ڪجي سا ڳهت آهي. هونءَ به پاڻ لغت نويس ۽ ٻولين جو ڄاڻو هو. وقتائتا لفظ استعمال ڪرڻ توڙي تجنيس حرفي استعمال ڪرڻ هن جو خاصو هو. مجال آهي جو عبارت ۾ ڪنهن ثقيل لفظ جو استعمال ملي! عام فهم ٻولي ۾ عام فهم عبارت آرائي، سندس ڪيل ڳالهه جي سڌي سنئين سمجهاڻي، عام ۽ خاص کي هڪدم ذهن نشين ٿيڻ جهڙو اسلوب کيس همعصرن ۽ همڪارن ۾ منفرد مقام تي ٻيهاري ٿو. اڳتي هلي اسان سندس ٻولي جو نمونو ڏينداسون، جنهن مان هن جي خاصن خيالن ۽ ٻوليءَ جي جمالياتي جوڙجڪ جي خبر پوندي. سندس ٻوليءَ کي ڪن عالمن ۽ اديبن ساراهيو به آهي. ايم آر مائيداساڻي لکي ٿو ته: " ڪاڪو ڀيرومل مهرچندآڏواڻي برک سنڌي ليکڪ آهي. جهونن خواه نون ليکڪن ۾ هو سڀني ۾ سرس ۽ اڳرو آهي. سندس سنڌي سهڻي، سليس، چيڀڙي ۽ رس ڀري آهي"[16] اهڙو اعتراف پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي به ڪيو آهي: " ڪاڪي ڀيرومل جي ٻولي، مٺي ۽ سيڪ آهي. درياءَ جي رواني هڪ طرف ته سليس لفظن جو واچوڙو ٻئي طرف ڀيو نظر اچي.[17] ائين ئي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ڀيرومل جي عبارت جي تعريف ۾ چيو آهي ته:" ڀيرومل جي عبارت ئي پنهنجي قسم جي آهي" ٻوپني هيرانندائي کيس "نثر جو ٿنڀو" ڪري سڏيو آهي.

**شاعر:** ڀيرومل مهرچند آڏواڻي هڪ سٺي نثر نويس کان سواءِ چڱو شاعر به هو. هو شعر ۾ "غريب" تخلص اختيار ڪندو هو. سندس تخلص نهٺائي ۽ نماڻائي جوهڪ اظهار به آهي. جنهن لاءِ هيرو ٺڪر لکي ٿو ته: "ڀيرومل هڪ نهٺو ۽ نماڻو شخص هو. پنهنجي ان نهٺي ۽ نماڻائيءَ واري سڀاءَ کي اظهار ڏيندي هن شاعريءَ ۾ پنهنجو تخلص" غريب" رکيو. هيڏي وسيع ڄاڻ جو ڏٺي هوندي به پنهنجي علم ۽ ڄاڻ تي گيرب يا وڏائي ڪانه هئس. هو پنهنجي لکڻين کي آخري حرف ڪري نه ليکيندو هو ۽ "ڄاڻ جيئين تان سک" واري عقيدي ۾ وشواس رکندو هو[18] هن پنهنجي تخلص جي نسبت سان شاهه جي

رسالي جي اهنجن لفظن کي کنو کري جيڪو ڪوش تيار ڪيو تنهن جو نالو "غريب الغات" رکيائين.

ٻيرومل آڏواڻي "غريب" جي شعر ۽ شاعريءَ تي تفصيلي بحث کان اڳ آئون هڪ ڳالهه واضح ڪرڻ چاهيان ٿو ته ڪنهن به ڪويتا جو تاتپرج، تڏهن ئي وڌيڪ تپرس سان ٿي سگهندو، جڏهن ڪوي ۽ ان جي درشــٽي جي ورٿي تي نگاه ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي، ڪوي ڪير آهي؟ ڪوي ڇا کي ٿو چئجي؟ يا هو ڪوتا ڪيئن ٿو سرجي؟ تنهن جي سولي ۽ سلوٹي سمجهاڻي لاءِ جڏهن آءُ ٻيرومل آڏواڻي جي ڪتابن جـو 'ٻـيـاس ڪرڻ لڳيس. تڏهن سندس هڪ ڪتـاب" گلزار نثـر" (١٩٢٩ع) جي مهاڳ ۾ پروفيسـر لالسنگهه هزاريسنگهه اجواڻي جا نهايت وڻندڙ ويچار نظر کان گذريا. جن مان هتي استفاده ڪرڻ سان يقين اسين مستفيد ٿينداسون. اجواڻي لکي ٿو ته :" ڪوي يا شاعر جي پدسان ڪنهن جي به ريس يا برابري ڪانهي. ايشور جي سرشتيءَ ۾ جيڪي وهي واپري ٿو، تنهنجي سڌ جيتري شاعر کي آهي تيتري ٻئي ڪنهن کي ٿي ڪين سگهندي. عالم ۽ فاضل ماڻهو گيان سان ڀرپور آهن، پر شاعر کي ئي اندرين درشٽيءَ جو ورثو عطا ٿيل آهي. شاعر جو ڪم نه آهي پرٻوڌ ڏيڻ، يا شين ۽ جيون بابت گيان پلٽڻ. هن جو ڪم آهي جڳت جي سونهن پسڻ ۽ ان سونهن جو مزو ٻين کي چکائڻ. انهيءَ سونهن جو ڪاٿو دينوي ڪسوٽين سان ٿيڻ مشڪل آهي. هر هڪ شاعر جي پرک پنهنجي پنهنجي آهي ۽ ائين چوڻ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته هر هڪ شاعر پنهنجي سونهن پاڻ ٿو خلقي". اجواڻي وڌيڪ لکي ٿو ته: "شاعر جو شبد، شاعر جي ٻولي انهيءَ ڪري ئي نرالي آهي. بيحد حسن کي قابو ڪرڻ، ساگر کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ، اندر ۾ چولين وانگر ڇلڪندڙ خيالن ۽ جذبن کي پل ۾ پڌرو ڪرڻ، نه هر هڪ منش جي وت ۾ آهي، نه هر ڪنهن شد جي".(١٩)

ٻيرومل آڏواڻي "غريب" جي شاعر واري حيثيت ڪا ڳجهي ته ڪينهي مگر اڄ سنڌ ۾ سندس نثري ادب ۽ تاريخ تي لکيل قيمتي ڪتابن جي گهٽي اشاعت ۽مطالعي سبب نئين نسل آڏو هن جو اهو روپ

اچي ٿي ڪو نہ ٿو. ڪجهہ عرصو اڳ هن جا ڪي نظم ۽ بيت تعليم ڪاتي پاران مقرر ڪيل سنڌي جي نصابي ڪتابن ۾ ڇپيا رهيا. مگر جيئن پوءِ تئين اهي بہ ڪتابن مان ويا خارج ٿيندا. جيڪا ايڪڙ ٻيڪڙ هن جي تخليق بعد ۾ بہ قائم رکي ويئي. تنهن جي هيٺان هن جو نالو بہ ڪانا ڪيو ويو. جنهن ڪري اڄوڪن نوجوانن کي اها ، خبر نہ رهي تہ درسي ڪتاب ۾ آيل نظم ' مون کي ڪنهن ٿي ڪير پياريو، پيار منجهان ٿي گود ويهاريو، خوش ٿي هر هر مون ڏي نهاريو! منهنجي امڙ"! ڪنهن جو آهي؟

پيرومل آڏواڻي "غريب" جو جيترو ذخيرو نثر ۾ موجود آهي، اوترو نظم ۾ ڪينهي. تڏهن بہ جيڪو ڪجهہ موجود آهي، تنهن جومعيار بہ ڪو گهٽ تہ نہ آهي، هو جيئن نثر ۾ سيٺي خوبيون برقرار رکي سگهيو، تيئن شاعريءَ ۾ رکي ٻينو. سندس شعر جي ڪتابن مان ٻن ڪتابن جي خبر پوي ٿي. هڪ "نوبهار،" (آگسٽ ١٩٢٦ع) ۽ ٻيو "وڇن مالا" (ٻچن). ٻئي ڪتاب لڳي ٿو تہ ڏرمي ڪويتائن تي مبني آهي. البت پهريون ڪتاب "نوبهار" ٤٨ صفحن تي ڪرائون سائيز ۾ شايع ٿيل آهي. ان ڪتاب جا سن ١٩٤٥ع تائين ست ڇاپا پڌرا ٿيا. اهو ڪتاب تعليم ڪاتي پاران درسي طور بہ منظور ڪيل هو. ڪتاب جي منڍ ۾ 'غريب' لکي ٿو تہ، انگريزيءَ ۾ ڪيترا نظم جا ڪتاب آهن، جن ۾ جدا جدا شاعرن جا جدا جدا مضمونن بابت عمدا شعر آهن، جي شاگردن کي پاڙهڻ ۾ اچن ٿا. سنڌ ۾ اهڙي قسم جا ڪتاب اڃا اسڪولن ۾ چالو نہ ٿيا آهن، جو انهن جي اٿاڻ آهي. اهڙي حالت ۾ مون هي ننڍڙو رسالو تيار ڪيو آهي، جنهن ۾ ٿورا بيت انگريزيءَ مان ترجمو ڪري ٿورا پنهنجي خيال مان ٺاهي، وڌا اٿم.

انگريزي چوٿين درجي کان وٺي ڇهين درجي تائين شاگردن کي ڪل پنج سئو سٺون پڙهيون آهن تنهن ڪري مون هن ڪتاب ۾ سٺون اوترئيون آنديون آهن. پولي بہ هرهڪ درجي جي مدنظر تي ڪم آندي اٿم. يعني پهريائين سولا بيت ۽ جئن پوءِ تئن ٿورا ڏکيا بيت وڌا اٿم، تہ پل تہ جئن شاگرد مٿين درجي ۾ وڃي تيئن پنهنجي مادري پولي جو

مايو وڏائيندو هلي".

هن مجموعي ۾ آيل شعرن جو وچور هي آهي:

ڏئيءَ جي وڏائي: فرمان علي: نوشهروفيروز
ڪوڏر: مرزا قليچ بيگ
انڌو نينگر The Blind Boy : Cibber
اسين آهيون ست We are Seven: Words worth
جرمني جي جنگ
شهنشاهہ جو مسخرو
اڪيلائي Solitude of Alexander Selkrik: Cowpor
فرمانبردار پٽ Casablanca: Mrs Hemans
عميق جا خزانہ The Treasures of the Deep: Mrs Hemans
سپنو Adream: Anonymous
سچي سوچ
بلبل جو فرياد
سچي خوشي
پتنگ
بهاري موسم
ٽي اهنج The Three warnings- Mrs Thrale
سر ٿامس مور ۽ پاڳو ۱
سر ٿامس مور ۽ پاڳو ۲
سر ٿامس مور ۽ پاڳو ۳
سستي ۽ ماٺس.

'غريب' جي شاعريءَ کي اسان ٻن ڀاڱن ۾ رکي سگهون ٿا. هڪ ٻارن لاءِ ڪيل شاعري، جا گهڻو ڪري نصابي ڪتابن ۾ شامل ٿيندي رهي ۽ ٻي وڏن جي لاءِ، جا مختلف ڪتابي سلسلن، اخبارن ۽ رسالن ۾ پڻ ڇپجندي رهي. هن جي ٻارن لاءِ ڪيل شاعري ۾ نصيحت ۽ سبق سمايل آهن. ڪيس ٻاراڻن ٻولن لکڻ جو وڏو ڏانگ هو.

پاڻ هر عمر ۽ هرهڪ درجي جي ٻارن ڪي نظر ۾ رکي، انهن جي ذهني صلاحيتن مطابق سلوڻا ۽ لطف اندوز لفظ استعمال ڪري، پنهنجي تخليق ۾ ڪشش پيدا ڪندو هو. هن جي ٻاراڻي شاعري ۾ ڪمال جي رواني ۽ موسيقي آهي. جنهن جا مثال انتخاب مان آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهجن ٿا.

پيرومل آڏواڻي 'غريب' جي شعري ذوق ۽ شوق جي شروعات ٻه ٻالڪ اوستا ۾ ئي ڏسجي. پاڻ ان لاءِ چوي ٿو ته: "اسڪول ۾ پڙهندو ئي هوس ته ٿورو ٿورو شعر چوندو هوس. شاه جي رسالي جي سر ڪنيات ۾ چند بابت بيت آهن. انهن جي اوٽ تي پنهنجا بيت جوڙيم. جي 'جوت' حيدرآباد اخبار جي اوائلي پرچن ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا هئا. پوءِ سهڻي ميهار بابت جوڙيم، جن مان ڪي ١٩٠٤ع يا انهيءَ وقت ڌاري ڪاليج ميگزين ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا هيم. نموني لاءِ ٻه بيت هتي ڏجن ٿا.

سهڻيءَ سندو سير ۾، ڪنن ڪي ڪهڪاءُ،
پاڻيءَ پاڻ پڇاڙيو، ٻڙٻڙن ڪيو ٻڪاءُ،
ڏڏيا ڪپر، لرزيون ڪنڌيون، اپ ۾ ٿيو اونڌاءُ،
هت هيس جي ماءُ، هوند نه رنائينس هيترو.

*****

لوهير ٻڏي عاجزا، جيهر ٻيءَ نه ماس،
ڪر سڄي مان ڪونه ڪو، آيو ات اڳيانس،
ٻرٿو، ٻو، ٻوراهي، لذيءَ جو آياس،
مڇين تان ماتام ڪيو، پکين پار ڪدياس،
ٻگها جي ٻيٽن جا، ڪلها تن ڏناس،
ڪفن مليس ڪن ۾، ڪانڌي ڪنگ ٿياس،
مٿي منڊ جو مان ٿيو، ساهڙ سار لڌياس،
جوڙي جاءِ ڏنياس، پرينءَ پنهنجي پيرڪون.

'غريب' جا اهڙا بيت پنهنجي هڪ جيڏن ۽ بزرگن ڪي گهڻو پسند پوندا هئا. ان لاءِ پاڻ ٻه هڪ هنڌ لکي ٿو ته "مرزا صاحب،

ديوان ڪوڙومل ۽ ٻيا بزرگ منهنجو اهڙو شعر گهڻو پسند ڪندا هئا. جو شعر جي ٻولي توڙي رنگ ڍنگ ساڳيو شاه صاحب وارو هوندو هو. انهيءَ ڪري ئي ساڻن سنگت جو ناتو ٿيو هوم."(٢١)

پيرومل آڏواڻي 'غريب' جي شاعري شروعاتي دور ۾ 'جوت' اخبار. "ڏيارام ڄيٺمل ڪاليج مسيلني ۽ پوءِ جي دور ۾ درسي ڪتابن، ماهوار رسالي 'سنڌو' کان علاوه مختلف ليکڪن پاران چونڊيل شعري مجموعن ۾ شايع ٿيل ملي ٿي. 'جوت' اخبار پندرهين ڏينهن پرمانند ميوارام جي ادارت ۾ حيدرآباد مان ڇپجي پڌري ٿيندي هئي. اها اخبار مخزن جي صورت ۾ نڪرندي هئي. اها اخبار سن ١٩٣٨ع تائين شايع ٿيڻ کان پوءِ بند ٿي وئي. ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج مسيلني انگريزي گجراتي ۽ سنڌي زبانن ۾ ١٨٩٩ع کان جاري ٿي. ان جو باني ۽ نگران ساڌو نانورداس واسواڻي هو.

ماهوار رسالو 'سنڌو' جنوري ١٩٣٢ع کان بولچند وسومل راجپال جي ادارت ۾ شڪارپور مان جاري ٿيو. آڪٽوبر ١٩٣٥ع ۾ ميان جي ڳوٺ منتقل ٿيو. اتان آگسٽ ١٩٣٩ع ۾ جيڪب آباد کڄي ويو. جتي چار سال نڪرندو رهيو. مئي ١٩٤٣ع ۾ وري 'سنڌو' ۽ 'سنڌو ساهت منڊل، کي موٽائي ميان جي ڳوٺ آندو ويو. جتان اهو رسالو ڇپيو رهيو. جنوري ١٩٤٧ع ۾ 'سنڌو کي ڪراچي نيو ويو. جتي آگسٽ ١٩٤٧ع تائين شايع ٿيڻ کان پوءِ بند ٿي ويو.

ڏٺو ويو آهي تہ ورهاڱي کان اڳ مختلف عالمن ۽ اديبن پاران ڪيل نثر ۽ نظم جا انتخاب، ڪتابي صورت ۾ شايع پئي ٿيا. اهڙا انتخاب پيرو مل 'غريب' پاران بہ "گلزار نثر"، "جوهر نظم" ۽ چونڊ ڪلام جي صورت ۾ موجود آهن. لال سنگهہ هزاريسنگهہ اجواڻي جيڪو ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج ۾ پروفيسر هو. تنهن گوپي آسودومل رام رکياڻي سان گڏ سنڌي شعر جو هڪ انتخاب "شعر جي سوکڙي" نالي ڇپائي ڪيو هو. انهيءَ انتخابي ڪتاب ۾ پيرومل 'غريب' جو هڪ شعر "مستي" جي عنوان هيٺ شايع ڪيو هو. اهڙي طرح لالچند امرڏنومل جڳتياڻي بہ "مائڪ، موتي، لعل" جي نالي سان

اهڙو انتخاب ڇپايو. جنهن جو ٻيو ڇاپو ۱۹۴۰ع ۾ ٻڻ ڪراچي مان پڌرو ٿيو هو. ان انتخاب ۾ به "غريب" جي ڪجهه بيتن کي شايع ڪرڻ لاءِ منتخب ڪيو ويو. "موتي ماڻڪ" نالي اهڙي ئي هڪ انتخاب ۾ 'غريب' جا ڇهه بيت آيل آهن، جن مان ٽي بيت "ماڻڪ، موتي، لعل" وارا ئي آهن.

'غريب' جي سخن ۾ سخنوريءَ جا سمورا گڻ جابجا پسي سگهبا. ياڻ چند وديا، علم عروض ۽ علم موسيقي جو چڱو چاڻو ٿو ڏسجي. وٽس موضوع جو انتخاب، خيال جي گهرائي ۽ قوت پرواز جهڙيون خاصيتون خاصيون آهن. ٻوليءَ جي سونهن ۽ جماليات سان ته هونءَ ئي مالا مال هو. شعر جي اندر جو اڏمو آهي ته اهڙي اڏمي سان خيال، لفظ ۽ صنف جو سيلاب سرير مان گڙگات ڪندو ظاهر ٿئي ٿو. اهڙي مهل ۽ موقعي تي ذات سان گڏ ڏانو جو امتزاج وڏو اثرائتو ثابت ٿئي ٿو. 'غريب' جي سخنوري ۾ انهن خوبين سان گڏ جيڪا سادگي آهي، سا سندس سونهن کي دوبالا ڪريو ڇڏي. سندس عام فهم ٻولي، دهقاني رنگ، روايتي انداز، ڏيهي صنفون ۽ ٻاهرين طرزن تي طبع آزمائي 'غريب' جي سخن جي سڃاڻپ ۽ انفراديت آهي. هو جيئن نثر ۾ يگانو آهي، تيئن شعر ۾ ٻڻ يڪتا لڳي ٿو. هن جي ڪجهه تخليقن مان سندس اردگرد جي ماحول جو عڪس به پسجي ٿو ۽ سندس ذات ۽ صفات جا پرتوا به پيا ڏک ڏين. هن جي مخاطب ٿيڻ جو انداز به نرم ۽ استادانه آهي. هو جيتوڻيڪ عام طور شاعر جي روپ ۾ گهڻومشهور نه ٿيو، تڏهن به علمي حلقن ۾ خاص طور سندس اها سڃاڻپ رهندي آئي.

'غريب' سنڌ ۾ ٿيندڙ 'ڪجي' جي وڻ جي واکاڻ ۾ ڪجهه بيت لکيا آهن. انهن ۾ هڪ بيت آهي:

ڪڙي سمجهجهه تون ڪجي، سڀني وڻن منجهان،
اوچي ٿي اوءِ ايري، سڪ ۾ سورج ڏان،
ته ميوا، ساوڪ، سونهن سڀ ان وٽ نذر ڏريان،
جڳ ۾ آءٌ جيان، جنهيجي ٿي آسري.

هنديءَ جي مشهور شاعر تلسيداس بريت پائڻ جي هڪ رخ کان ڪناره ڪشي جو سبق ڏيئي، ان کي کجي سان مشابه ڪيو آهي جوي ٿو:

تلسي! ايسي پريت نہ ڪريو، جيسي لنبي کجور،
دهوپ لگي توچهائون نهين، بهوک لگے پهل دور.

غريب جي شاعريءَ تي خيال آرائي ڪندي هيرو ٺڪر لکي ٿو تہ: "هن ۾ مشاهدي جي قوت ۽ تخيل جي اڏام بہ خاص هئي. هڪ حساس دل جو مالڪ تہ هو منڊ کان ٿي هو." وڌيڪ لکي ٿو تہ: "پيرو مل جي شعرن جي ٻولي، عبارت ۽ اسلوب تي سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعرن واري پراڻي لهجي جو گهڻو اثر هو. سندس شعر جو گهاڙيٽو بہ بيتن، دوهن ۽ سورٺن وارو هو. ڪجهہ شعر غزلن ۽ ڪافين جي فارم ۾ بہ لکيو اٿائين.[۲۲]

## خدمت جو اعتراف:

پيرومل آڏواڻي 'غريب' کي پيرسنيءَ ۾ اديبن پنهنجي تحريرن ۾ "ڪاڪو پيرومل" ڪري لکيو آهي. ڪيس همعصرن ۽ بعد جي ڪن عالمن سندس تحريرن تي خيال آرائي ڪري ڪيس ميجتا ڏني آهي. جيئن سنڌي ادب جي ابي مرزا قليچ بيگ سندس ڪتاب "لطيفي سير" متعلق چيو تہ: "سچي ڳالهہ اها آهي تہ جهڙو ڪم آءٌ پاڻ ڪري سگهان ها، تنهن کان مسٽر پيرومل جو ڪم بهتر ڏٺم. گهڻيون ڳالهيون جي شايد منهنجي خيال ۾ نہ اچن ها، سي هن جي خيال ۾ آيون آهن ۽ انهن جي هن پوريءَ طرح جاچ ۽ ڪوجنا ڪري، اهي پنهنجي ڪتاب ۾ آنديون آهن".[۲۳] اهڙيءَ طرح جيٺمل پرسرام سندس تصنيف "سنڌ جو سيلاني" جي مهاڳ ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو تہ: مسٽر پيرو مل مهرچند سنڌ تي عاشق آهي، سنڌ جي تاريخ، ڪهاڻيون ۽ قصا، سنڌ جا راڳ ۽ ڪافيون، ڏاڍيءَ محنت سان پٽي ڪنا ڪيا اٿس. گهميو بہ ڪنڊ ڪڙڇ آهي.[۲۴] هن دور جي عالمن مان اسان محترم محمد ابراهيم جويي صاحب جو رايو مٿي ڏيئي چڪا آهيون. ان کان علاوه تنوير عباسي لکي

ٿو تہ: "ڪاڪو ڀيرو مل سنڌي نثر جو اهم پائو مجيو ويو آهي. هو شاهہ لطيف جي اوائلي نقادن مان آهي. پنهنجي ٻوليءَ جي سادگيءَ توڙي ميناج سببان سنڌي ادبي تاريخ ۾ انوکي جاءِ وٺي بيٺو آهي."(٢٥) ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو تہ: "ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي کي سنڌي نثر نويسي ۾ هڪ نرالو درجو حاصل ٿيل آهي. ويهين صديءَ جي ٻهرين اڌ ۾ جن ادبين سنڌي ٻوليءَ ۾ ساهت کي اوج ڏني، تن سڀني ۾ ڀيرومل مهرچند تحقيق يا کوجنا ڪرڻ جي لحاظ کان اول درجي تي هو. هو مکي ذات ڏٺي هو. جنهن جي ساک سندس لکڻين مان پلي پانت ملي ٿي."(٢٦) غلام محمد لاکي جو رايو آهي تہ: "ڀيرومل جو نالو، پورهيو ۽ قلمي ڪشالو سندس پوري دور تي ڇانيل آهي. ڀيرو مل جي پايي جو عالم سندس همعصرن ۾ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي.(٢٧) آزاد قاضي جي بقول: سنڌ اندر علمي حوالي سان جن عالمن تحقيق ۽ تنقيد جي ميدان ۾ جديد اصولن جو بنياد وڌو ۽ اسان کي عالمي تحقيق وارن بنيادن کان واقف ڪرايو، ڀيرو مل مهرچندآڏواڻي اهڙن عالمن جي ٻهرين صف ۾ شمار ٿئي ٿو. هن سنڌي ادب ۾ تحقيق ۽ تنقيد واري حوالي سان گهڻ پاسائون ڪم ڪيو. علم ادب جو شايد ئي ڪو اهڙو ميدان هجي، جنهن ۾ هن پنهنجي اعليٰ علمي صلاحيتن جا جوهر نہ ڏيکاريا هجن. اهوئي سبب آهي جو اڄ ان ڳالهہ کان ڪو بہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهي تہ هو پنهنجي ذات ۾ گهڻ پاسائين شخصيت هو.(٢٨)

هيرو ٺڪر جنهن ڀيرومل جي شخصيت ۽ علمي- ادبي خدمتن تي نوي صفحن جو قيمتي ڪتاب لکي ساهتيہ اڪادمي دهلي پاران شايع ڪرايو آهي، انهيءَ ڪتاب جي شروعات جن لفظن سان ڪئي آهي، سي 'غريب' جي خدمتن جي اعتراف طور ڪم آندل آهن. هو لکي ٿو تہ: "ڀيرو مل مهرچند جو نالو انهن ادبي معمارن ۾ شامل آهي، جن سِرَ سِرَ رکي سنڌي ادب جي عمارت کي اڏيو ۽ ان کي پختگي ۽ زيب بخشيو. ڀيرومل پنهنجي ڀهوَمکي پرتيا مان سنڌي ادب جا جيڪي گهڙا ڀريا، تنهن لاءِ سنڌ ۽ سنڌي هميشہ سندس ٿورائتا رهندا".

ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي جي ڪتابن متعلق مختلف

ڪتابن ۾ مختلف تعداد ٻڌايل آهي. هيري ٺڪر پڻ هڪ چڱي لسٽ موضوع وار ڏني آهي. مون پڻ ڪجهه ڪتاب مختلف لئبررين ۾ ڏٺا آهن، جن جي مدد سان سال وار لسٽ تيار ڪئي آهي، جا هتي ڏجي ٿي:

## پيرومل مهرچند آڏواڻي 'غريب' جي ڪتابن جي چاڻ

۱- بلبل بيمار: (ناٽڪ) ۱۹۰۲ع.
۲- علي بابا چاليهه چور: (ناٽڪ) ۱۹۰۳ع.
۳- غريب اللغات: ۱۹۰۷ع.
۴- جوهر نظم: پاڳو پهريون ۱۹۰۹ع. ڇپائيندڙ: سنڌ جووينائيل ڪوآپريٽو سوسائٽي.
۵- هندستان جي تاريخ: ۱۹۰۹ع.
٦- آنند سندريڪا (قصه/ ناول) ۱۹۱۰ع.
۷- پريم جو مهاتم: مارچ ۱۹۱۴ع. ڇپائيندڙ: سنڌي ساهت سوسائٽي.
۸- وريل ۽ نعمت (جاسوسي ناول): پاڱو پهريون: ڊسمبر ۱۹۱۵ع. ڇپائيندڙ: سنڌي ساهت سوسائٽي.
۹- حرص جو شڪار عرف شنجر اقبال: ترجمو: شيڪسپيئر جي "ڪنگ جان" جون ۱۹۱٦ع. ڇپائيندڙ: ماهوار ناول اخبار ڪراچي. ڇاپو ٻيو ۱۹۲۹ع حيدرآباد.
۱۰- سر سورٺ. ۱۹۱۷ع.
۱۱- سسئي ۽ ماٽس. ۱۹۱۷ع.
۱۲- سرٺامس مور. ۱۹۱۷ع.
۱۳- ڀاڪن جي پيڙهه ۱۹۱۷ع.
۱۴- موهني ٻائي (ناول) ۱۹۱۷ع.
۱۵- گهرو ڪفايت: (خاص زناني عالم لاءِ) سيپٽمبر ۱۹۱۷ع. ڇپائيندڙ: سنڌي ساهت سوسائٽي ڪراچي.

١٦- هيري سندي هير، ١٩١٨ع.
١٧- عاملن جو احوال: ١٩١٩ع.
١٨- ڏرو پڳت: ١٩١٩ع. پريميئر پرنٽنگ پريس حيدرآباد.
١٩- هيلا يا ۽ ڪينجهر، ڇپائيندڙ: سنڌي ساهتيہ سوسائٽي ڪراچي.
٢٠- هندن جي جيوت ڀهاڪن مان پڌري: ١٩١٩ع.
٢١- ريتين رسمن جو بنياد.
٢٢- هندن جون ريتيون رسمون: ڇپائيندڙ سنڌي ساهتيہ منڊل، سڌار سڀا حيدرآباد.
٢٣- بزارين جو نانڪ، ١٩٢١ع: پرگتي شيوا منڊلي حيدرآباد.
٢٤- جوهر نظم: ڀاڱو پهريون، ١٩٢٢ع.
٢٥- گوپيچند (نانڪ).
٢٦- ڏي ۽ وٺ.
٢٧- سنڌ جو سيلاني: ١٩٢٣ع، ڇپائيندڙ: نئين سنڌي لئبرري حيدرآباد.
٢٨- سوڍن جي صاحبي يا راٺن جو راڄ: ١٩٢٤ع، ڇاپو ٻيو، گلشن پبليڪيشن حيدرآباد، ١٩٩٠ع.
٢٩- وڏو پنگتي مقدمو: ١٩٢٥ع. ڇپائيندڙ: گوبالداس ليکراج.
٣٠- الف بي ڪيئن ٿهي؟ ١٩٢٥ع.
٣١- وڏو سنڌي وياڪرڻ: ١٩٢٥ع، ٻيو ڇاپو.
٣٢- سنڌي ٻولي: ١٩٢٥ع: ڇپائيندڙ: سنڌي ساهتيہ سوسائٽي.
٣٣- اصطلاحن جو بنياد.
٣٤- لفظن جو بنياد.
٣٥- گلقند: ڀاڱو پهريون، ١٩٢٥ع، ڇاپو ٽيون ١٩٤٠ع.
٣٦- گلقند: ڀاڱو ٻيو، ١٩٢٥ع.
٣٧- مڙس جي مڙسي: ١٩٢٥ع.
٣٨- هيري جون ڪٽيون: (ترتيب)، ١٩٢٦ع.
٣٩- نوبهار (شاعري) ڇاپو پهريون ١٩٢٦ع، ڇاپو چوٿون، ١٩٣٨ع ڇاپو ستون ١٩٤٥ع.

۴۰- طلسم: ۱۹۲۷ع (والٽر اسڪاٽ جي ٽلسميس ناٽڪ جو ترجمو)
۴۱- دوارڪا جو درشن: ۱۹۲۷ع.
۴۲- ڪٿن جي ڪانفرنس: ۱۹۲۸ع.
۴۳- ڏيتي ليتي ائڪٽ: ۱۹۲۸ع.
۴۴- لطيفي سير: ۱۹۲٦ع. ڇپائيندڙ: سنڌي ساهت سوسائٽي ڪراچي.
۴۵- سنڌ جي تاريخ
۴٦- گولن جا گوندر: (ترجمو: هئرئيٽ بيچرسٽو جي ڪتاب: انڪل ٽامس ڪئبن: ۱۹۲٦ع. ڇپائيندڙ: اين- ايچ پنجابي ائنڊ ڪمپني ڪراچي.
۴۷- چوند ڪلام: ۱۹۲۸ع. ڇاپو ٻيو ۱۹۲۸ع. ڇاپو ٽيون ۱۹۳۲ع.
۴۸- گلزار نثر: ۱۹۲۹ع. ڇاپو ٻيو ۱۹۴۲ع. ڪوهنور پريس ڪراچي.
۴۹- بهار نثر: ۱۹۳۲ع.
۵۰- جوهر نثر: ۱۹۳۲ع.
۵۱- آزادي جي ڪوڏي: (ترجمو: ٽئگور جي پوسٽ آفيس (ناٽڪ) تان)
۵۲- سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ: فيبروري ۱۹۴۱ع. ٻيو ڇاپو. سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد/ ڄامشورو. ۱۹۵٦ع. ۱۹٦٦ع. ۱۹۷۲ع.
۵۳- اعرابن تي ويچار: ۱۹۴۱ع.
۵۴- اعرابن بابت مونجهاري جي سمجهاڻي: ۱۹۴۱ع.
۵۵- ڀٽائي گهوٽ شاهه: ۱۹۴۲ع.
۵٦- قديم سنڌ: ۱۹۴۴ع. سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد/ ڄامشورو.
۵۷- سنڌ جي هندن جي تاريخ: پاڱو پهريون: ۱۹۴٦ع.
۵۸- سنڌ جي هندن جي تاريخ: پاڱو ٻيو. ۱۹۴۷ع.

٥٩- جاسوس: ياڳو ڀيو. ١٩٤٧ع. ڇپائيندڙ ڪهاڻي ساهتيہ منڊر حيدرآباد.
٦٠- گربخشاڻي وارو شاهہ جو رسالو منهنجي نظر ۾: (تنقيد) فيبروري ١٩٩٥ع. ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.
٦١- شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (هڪ مطالعو): مئي ١٩٩٧ع. مرتب: آزاد قاضي ڇپائيندڙ: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي.
٦٢- موهن جو دڙو (انگريزي) ۽ ٻيا.

هندن جي لڏپلاڻ - سنڌ جون سوڪڙيون - مرزا قليچ بيگ جي حياتي - حڪمتي ماجسٽريٽ، ش.ي ڪرشن - شيطان منجهان انسان - موتين جي مالها، پٽري پستڪ، سورهان سنسڪار، وچن مالا ۽ پارائيون ٻوليون.

## انتخاب:

وضاحت: 'غريب' جا جيڪي شعر جتان بہ ۽ جنهن بہ عنوان هيٺ هٿ لڳا اٿم، سي جيئن جو تيئن عنوانن سوڌا ڏجن ٿا:

### ساجهر ٻاري سور

ساجـــهـــر ٻاري ســـور، ويئي منڊ ملهـــار جي،
ڏول لٽـــڪـــائي لٽ ۾، ڪـــوهي مـــتـــان ڪـــوڙ،
دم دم تنهن کي ڇـــور، مـــتـــان لڄي ڻـــئين لوڪ ۾.

*****

ٻـاريءَ ويجـــهـــو آءُ، ڪـــٿـي ڏمڪ هٿ ۾،
ويٺي منجـــهـــان ويســـلا! هڏ نہ ايندءِ ســـاءُ،
ٻين آهن گـنـد گنديا، تو مـــيـــڙيو نہ آهي پاءُ،
پٽـــڙا! ڪر ســـاءُ، جم جـنـيـون ســهين جـبـريون.

*****

آءُ ابـــا اوري، ڪـــــــــــٿي پـاهـورو هـــٿ ۾،
اڳـــيـــون پنهنجـــون عـــادتون ڇـــڏ ج تون ٻوڙي،
ويندا ســـيـــان توري، جـــيـــڪي جڻ ڪنـــو ڪيـــو.

## ڪجي

ڪڙي سمجهجهہ توکي ڪجي، ڪلر ۾ ايري،
ميوا ماڻهن کي ڏئي، خدمت خير گهري،
وڄثا تي، ڏئي واءُ تت، پن نہ جت چري،
اوچي ٿي اسري، جو نکون ڏئي نئڙت سنديون.

* * * * *

ڪڙي سمجهجهہ تون ڪجي، سيني وٽن منجهان،
اوچي ٿي اوءِ ايري، سڪ ۾ سورج ڏان،
تہ ميوا، ساوڪ، سونهن سڀ ان وٽ نذر ڏريان،
جڳ ۾ آءُ جيان، جنهيجي ٿي آسري.

* * * * *

پلي پانئج تون ڪجي! ماڻهن گهڻن ڪنان،
آجي ور وڪڙ ڪان، توٽي تکا لڳن طوفان،
ڏيندي پنهنجي جان، پر پوري رهندي پرن تي.
(موتي، ماڻڪ تان)

## آفيسر آيا

آفيسر اڄ آيا نِڱهَہ ڪرڻ نمڪ جي،
پنهنجا پورهيا پلو ۾ پورهيتن پايا،
تو تان اڄايا، ڏنگا! ڏينهن وڃايا.

* * * * *

پاري پاڪاري، دم دم تنهنجي دک ۾،
آس انهي کي اڄ ٿي، ساڙ منجهون ساڙي،
نک ڏي نهاري، روئج کي رت ڦڙا.

## ابا! اڪيون پٽ

ابا! اڪيون پٽ، نندن ڪندي نہ وري،
ڏمڪ جهلي هت ۾، پاري وينو ست،

'غريب' چوي هيڪر، ملان شال جيڪر،
پرين ميل پرور، وطن ڏيان واڌائي.
(سنڌو: ڊسمبر ١٩٣٤ع)

## منهنجي امڙ!

مون کي ڪنهن تي ڪير پياريو؟
پيار منجهان تي گود وماريو؟
خوش ٿي هر هر مون ڏي نهاريو! منهنجي امڙ.

ننڍ ڦٽِ مون جڏهن ٿي پيئي،
ڪنهن ٿي سمهاريو لولي ڏيئي،
جڏي نه مون کي ڪيڏانهن ويئي! منهنجي امڙ.

پنڌ ڪندي جي ڏڪو ڪاڏم،
ڪنهن ڪٽي ٿي چاتيءَ لاتم؟
پيار منجهان ٿي پاڪر پاتم! منهنجي امڙ.

ٿيس جڏهن ٿي آءٌ بيمار،
دوا ڪرڻ لئي ٿي، ٿي تيار،
ننڊ ڦنائي رهي هوشيار! منهنجي امڙ.

صبح سانجهيءَ سار لڌائين،
ڪاڏو پيتو ڪين ٿي ڏنائين،
مون تي پنهنجو ساهه جڏيائين! منهنجي امڙ.

تو ڪئي مون سان آه پلائي،
تنهن لئي ڪريان شڪر سدائي،
مور نه وسري تنهنجي چڱائي! منهنجي امڙ.
وڏي جڏهن آءٌ وڏو ٿيندس،
سک سوين آءٌ توکي ڏيندس،
توتي پنهنجو ساهه جڏيندس! منهنجي امڙ.

# وقت چئي آءُ بادشاهہ

شاهائي شاهن جان پهريان نہ پوشاڪ،
ٿلي آءُ ٿلي تي ويهي نہ ڪڍان واڪ،
شاهہ شهنشاهہ جن جي هر هنڌ ٻجهي هاڪ،
چتي ويندين چاڪ، پاٿهين پوندا پيش مون.

*****

هنڌين ماڳي منهنجو قري ٿو فرمان،
تابع مون اصل ڪون سارو هيءُ جهان،
ڏاڍو مون ڪان ڪونہ ڪو آهي ڪو انسان،
ٻچا پوڙهو ٻچا جوان، پاٿهين پوندا پيش مون.

*****

چورن وانگي آءُ چران غافل ڪين ٻجهن،
توڙي گهڙيال تن اڳيان واڄ ڪيو وڄن،
پلڪن مان پهر تي ڏينهڙا ٿا گذرن،
لنگهيو ورهيہ وڄن، پاٿهين پوندا پيش مون.

*****

چورن وانگي آءُ چُران، سمجهو ڪي سمجهن،
پوڙهن جي پيشانيءَ ۾ پيرا مون پسجن،
ڪارن منجهان مون ڪيا اڇا سر سندن،
ڪنيو لٺ ڏڏن، پاٿهين پوندا پيش مون.

*****

گلن جهڙا پارڙا قلن جيئن نپجن،
خيال نہ تر جيترو منهنجو أهي ڪن،
جوين ويندن نڪري، پوندي سڌ پوءِ تن،
هڏ نہ پوءِ هلندن، پاٿهي پوندا پيش مون.

*****

پوڙهي ڇا ڇوان جو قياس نہ ڪريان ڪو،
جامو وني انسان جو جڳ ۾ آيو جو،
پيش مون پاتشاه جي پاٺهين پوندو سو،
بانور ڇاتي تو، ڪيوڙي ڪمزور آه؟

*****

هنيلا! هوڏ ڀئي ڀلي ڪوٽ آڏاءِ،
خرچي خزانا تون ماڙيون محل بناءِ،
پت نہ مڙندي پت ڪي، اي هنئين سين لاءِ،
شاه زمان سان جاءِ بيشڪ ڪنهنجي ناه ڪا.

## مستي

آه دنيا حال پنهنجي ۾ هميشہ يار مست،
جاءِ پنهنجي سڀ ڏٺاسين ڇا ٻيا ڇا پار مست،
بادشاهن مال مستي، سان غريبن حال مست،
سونهن وارن سونهن مستي، سينڌ ۽ سينگار مست.
مست عاشق مست معشوق، رند پنهنجي راز مست،
پير مستي، مير مستي، شيخ منجهہ اسرار مست.
محبتي ماندا ڏٺم، نت ڪلاڪن ڪوءِ ۾،
پي پيالا سي نرالا، مئي ڪيا خمار مست.
مست ماندا محبت ماريا، روز راتيون جي رڙن،
اڄ ڏٺم خوش خيال ۾، سي واعدا ديدار مست.
عشق وارا ٿا اڇن، سي پتنگن جان پڇن،
تورَ تَڪَ سر جي نہ ڪن، سوريءَ مٿي سوءَ وار مست.
ڪي لڙن ٿا نفس سان، ڪي لڙن شمشير سان،
آه مستي زور هر ڪنهن، تيغ ۽ تلوار مست.
جهنگ ۾ جهانگي رهن، سانگ ڪيو سانگي رهن،
جهنگ ۾ سي رنگ لائين، ڪم مٿي ڪمدار مست.
ساه وارن آه مستي، ڇا مرون ڇا ڍور سڀ،

## سچي سڪ

هِنَ هُنَ جي چو ڳالهہ ڳٺين ٿو،
ڳالهہ ڳٺين تان پنهنجي ڳڻ.
ڪاٿون آئين ڪاڏي ويندين،
هيءَ حقيقت دل سان هڻ.
جيئڻ سندو تو مقصد ڪهڙو؟
سوچ ڪپي تو هيءَ سوچڻ"
مفتي پنهنجي من ويهاري،
قدم قدم تون سوچي کڻ.
'غريب' غربت منجهہ گذاري،
شڪر ڪري تون شاڪر بڻ.

(نوبهار)

## پتنگ

پريان پسي پرتوو آيو پروانو،
ڦر ڦر ڪيو پيو ڦري مانجهي مستانو،
ڪڙهہ اندر ڪو تنهن کي لڳو قرب جو ڪانو،
سو سر سمانو، ولييو اڇي وچ ۾.
ڏٺي جي ڏسڻ ري پتنگ نہ پرچي،
شمع جي شعاع سين سوئي ٿو سرچي،
جئن جئن پسي پرتوو تئن تئن مست مچي،
ڪنو نہ قرب ڪچي، ٻڏو سچيءَ سڪ ۾.
پتنگ پسي پرتوو سرت نہ رکي سان،
آئيو جهوکي آڳ ۾ پاسي ڪيو پاڻ،
جيڪس سندس جيءَ ۾ آهي سپ نيڻن نياڻ،
جلي وڃائي جاڻ، سڙي مري مچ تي.
جاڻ نہ ڪٿي پاڻ سين پاڻ نہ ڪٿي سان،
آئيو جهوکي آگ ۾ پرت منجهاران پاڻ،

# شهنشاهه ۽ مسخرو

شهنشاهه هڪڙو هئو خوش مزاج.
ڪچهريءَ ۾ پهري جي ويٺو هو تاج.
اچي مسخرو اٿ سلامي ٿيو،
شهنشاهه تنهن کي تڏهن هئن چيو،
"ميان مسخرا! تو ڏيان ٿو انعام،
مگر ياد رکجانءِ منهنجو ڪلام،
ڏسين پاڻ کان عقل ۾ ڪو به گهٽ،
ڏجان چيز منهنجي تهينکي تہ جهٽ.
شهنشاهه تنهن کي ڏني پوءِ لٺ،
وٺي مسخرو کي سلامن تي سٺ،
هڪي ڏينهن شهنشاهه بيمار پيو،
پڇڻ مسخرو تنهن امالڪ ويو،
چيو شاهه تنهن کي وڃانٿو سفر،
دعا ڪا پڇاڙيءَ ۾ مون کي تہ ڪر".
پڇيو مسخري اٿ پڌي هٿ تڏهن،
"شهنشاهه جي موت ٿيندي ڪڏهن؟"
چيو شاهه وڃانٿو پري کان پري،
وريو ڪونہ جاتان نڪو ڪو وري".
پڇو مسخري پوءِ پڌي هٿ ٻئي،
"سفر جي تياري تان ڪهڙي ڪئي؟"
چيو شاهه "سفر لئہ نہ آهيان تيار،
ڪندو معاف شل مون تہ پروردگار!"
چيو مسخري هي عجب آهه بيان،
"عقل اچ اوهانجو سچو ٿو عيان،
وڃي جو سفر تي نہ ٿو ٿي تيار،
"عقل جو انهيءَ وٽ ڇئبو ڏڪار،

وٺـــو لٺ پنهنجي نہ گـــهـــرجي مـــون کي،
"اوهـان جـي امـــــانـت اوهـان کـي هـجـي."

## اختصار

پيرو مل مـهـرچند آڏواڻي 'غـريب' سنڌي ٻوليءَ جـو نامـور اديب، عالم ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. هن پنهنجي شعور واري حياتيءَ ۾ گهڻـوئي علمي ۽ ادبي پورهيو ڪيـو. مختلف موضوعن تي لاتعداد مضمون ۽ ڪيترا ڪتاب لکي ناماچار حاصل ڪيائين. هن جي تحقيقي ڪم ڪي علمي حلقن ۾ مستند ڄاتو وڃي ٿو. اهوئي ڪارڻ آهي، جـو سندس نـوس بنيادن تي ڪيل ڪم ڪي حوالاجاتي نوعيت حاصل ڪري چڪي آهي. هن پنهنجي دور ۾ رائج قدرن جي پيروي ڪري، جيڪو بہ علمي ڪم ڪيو آهي، تنهن کي اڄوڪي دور ۾ جديد قدرن سان ٻن ڪنهن حد تائين هم آهنگ ڄاتو وڃي ٿو. ان ڪري ئي سندس تحريرن کي دوام حاصل آهي. هو هڪ چڱي نثر نويس کان علاوه شاعر جي حيثيت بہ رکندڙ هو. سندس ڪلام تعليمي ۽ نصابي ڪتابن کان علاوه مختلف رسالن ۽ ڪتابي سلسلن ۾ شايع ٿيل مليو آهي. ان کان علاوه "نوبهار" جي نالي سان هڪ مجموعو بہ ڇپرو ٿيل آهي. هن جي شعر ۾ ٻوليءَ جي پختگي، فني بيهڪ، سادگي، معيار، بلند پروازي، موضوع سان نباهہ، رواني ۽ موسيقيت کان علاوه جاذبيت جهڙيون خوبيون ٻن نظر اچن ٿيون. انهيءَ هوندي بہ هو هڪ شاعر کان علاوه نثر نويس جي حيثيت ۾ وڌيڪ نشانبر رهيو. ڇاڪاڻ تہ سندس علمي شخصيت، ادبي حيثيت ۽ تاريخي پد وڌيڪ وزنائتا آهن.

پيرومل مهرچند آڏواڻي 'غريب' پنهنجي پنجهتر سالہ حياتيءَ مان لڳ ڀڳ پنجاهہ پنجونجاهہ سالن جو طويل عرصو علمي، ادبي جستجو ۽ جدوجهد ۾ گذاريا. سندس شعور واري انهيءَ دور جو علمي حوالن سان مطالعو ڪندي، اها ڳالهہ شدت سان محسوس ٿئي ٿي، تہ هن ڪا بہ گهڙي گينواري ۽ گيسر ۾ ڪين گنوائي. ان ڪري جيڏي جس بہ مليس تہ مٿي بہ ميڄتا ۾ ڪمي ڪانہ ٿيس.

هن مقالي ۾ جتي سندس شاعرانہ حيثيت کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، اتي سندس نثر نويسي واري ڀرپور حيثيت کي بہ مختصر طور چِٽي ڪرڻ جا جتن ڪيا ويا آهن. افسوس! جو هھڙي نامور ڀورهيت اديب ۽ شاعر جو ڪن ٺوس بنيادن تي اسان وٽ ڪو مطالعو موجود نہ آهي. جنهن ڪري اڄوڪي تحقيقي دور ۾ ان جي وڏي ڪمي محسوس ڪئي وڃي ٿي. شال اها ڪمي اسين پوري ڪري سگهون. هن جي تصنيفن، تاليفن ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن کي گڏ ڪرڻ سان هڪ اندازو ٿئي ٿو تہ انهن جو ڳاڻيٽو سٺ ۽ سَتر جي درميان آهي. انهيءَ کان علاوه سندس گهڻائي مضمون ماهوار رسالي سنڌو، قليلي. ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج مسيلني ۽ ڪن ڪتابي سلسلن ۾ ڇپجڻ شايع ٿيل آهن. ان سموري سرمايي کي سهيڙڻ سان اندازو آهي تہ ڪجهہ علمي مونجهارا دور ٿين ۽ تحقيق جي عملي ميدان ۾ ڪا هٿي ملي پوي.

هن مقالي جو مقصد آهي تہ 'غريب' جي علمي رخن مان هن رخ تي بہ روشني پوي، ان سلسلي ۾ ڪوشش ڪري، مختلف هنڌن تان سندس ڪلام کي ڪٺو ڪيو ويو. جيڪي ڪجهہ حاصل ڪيو ويو آهي، انهيءَ مان ڪي نمونا انتخاب ۾ آندا ويا آهن. سندس شعر جو مجموعو "نوبهار" محترم عبدالاحد آزاد قاضي صاحب کان استفاده لاءِ حاصل ٿيو. جنهن جو شڪريو ادا ڪرڻ لازمي آهي.

## حوالا:


١- آڏواڻي ڀيرو مل مهرچند: "سنڌ جي هندن جي تاريخ". ڀاڱو -١، ص ٥٠.

٢- ايضاً. ص ص- ٦٢ ۽ ٦٣.

٣- ايضاً. ص - ٦٣.

٤- آڏواڻي ڀيرومل مهرچند: "گربخشاڻي وارو شاهہ جو رسالو منهنجي نظر ۾" مهاڳ: مرليڌر جيٽلي، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. ١٩٩٥ع. ص - ٨٠.

٥- ايضاً

٦- آڏواڻي ڀيرومل مهرچند: "حيدرآباد جا هاءِ اسڪول" (مضمون) قسط: ٣- ماهوار، "سنڌو". ڊسمبر ١٩٤٦ع.

٧- هدايت پريم: "سنڌي ٻولي جا محقق"، سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد. آگسٽ ١٩٩٤ع. ص - ٢٢.
٨- ايضاً
٩- آڏواڻي ڀيرومل: "سنڌ جي هندن جي تاريخ". ڀاڱو- ١، ص - ٦٣.
١٠- جي ايم سيد: "جنب گذاريم جن سين". سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو. ١٩٧٩ع جلد ٻيو. ص ص ٣٢١ ۽ ٣٣٢.
١١- ڏسو حوالو ٧.
١٢- ڏسو حوالو ١٠- ص - ٣٢١.
١٣- جوتيجو عبدالجبار ڊاڪٽر: "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ". روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. ١٩٩٤ع. ص - ١٥٤.
١٤- ڏسو حوالو ٧. ص - ٢٥.
١٥- ڏسو حوالو ٤. ص - ٦.
١٦- مائيداساڻي ايم - آر: ٻه اکر. جاسوس (ناول) مصنف: ڀيرومل مهرچند ڪهاڻي ساهتيه مندر حيدرآباد.
١٧- ڏسو حوالو ١٣- ص - ١٥٥.
١٨- نڪر هيرو: ڀيرومل مهرچند. ١٩٩٠ع. ص ص ١٨ ۽ ١٩.
١٩- اجوائي لالسنگهه هزاريسنگهه: مهاڳ. "گلزار نثر". مؤلف ڀيرومل مهرچند آڏواڻي. ڇاپو اول. ١٩٢٩ع.
٢٠- آڏواڻي ڀيرومل مهرچند: گربخشاڻي وارو شاهه جو رسالو منهنجي نظر ۾. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. ١٩٩٥ع. ص - ٧٢.
٢١- ايضاً.
٢٢- نڪر هيرو: "ڀيرومل مهرچند". ساهتيه اڪادمي دهلي. ١٩٩٠ع. ص ص ٦٥ ۽ ٦٦.
٢٣- ايضاً. ص ٦٣.
٢٤- ڀيرومل مهرچند: "سنڌ جو سيلاني". مهاڳ. چيتمل پرسرام. نئين سنڌي لائبرري ١٩٢٣ع.
٢٥- آڏواڻي ڀيرومل مهرچند: "شاهه عبداللطيف ڀٽائي" (هڪ مطالعو). مهاڳ: تنوير عباسي. شاهه لطيف چيئر ڪراچي. يونيورسٽي ڪراچي ١٩٩٧ع.
٢٦- آڏواڻي ڀيرومل مهرچند: "گربخشاڻي وارو شاهه جو رسالو منهنجي نظر ۾": مهاڳ. مرليڌر جيٽلي.
٢٧- لاکو غلام محمد: "سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو": مارئي سماجي سنگت. ملير ڪراچي: ١٩٩٧ع. ص - ٢٥٦.
٢٨- ڏسو حوالو ٢٥. مقدمو: آزاد قاضي.
٢٩- ڏسو حوالو ٢٢. ٻه اکر.

حيدرآباد جي آڏواڻي اکهه جو شجرو

ترتيب: ڈاڪٽر انور فگار هڪڙو



گهرا بادل جڏهن تيز هوائن جي ڪلهن تي لڏندا لمندا سير و سفر ڪندا هماليہ جي آسمان سان گسندڙ چوٽين سان ٽڪرائبا آهن تہ اتي جو اتي سندن جهول ۾ پريل رحمت ۽ امرت نما پاڻي ڄلڪي برف جي صورت ۾ هيٺ ڪرندو ۽ ساري جبل ڪي هزارين لکين ميلن تائين پنهنجي سوين ڦوٽن جي تهن ۾ ڍڪي ڇڏيندو آهي. جڏهن اها برف سج جي تپش سان رجڻ شروع ڪندي آهي تہ ڍنڍين ۽ ڍورن ۾ پرجي ڪيترن ئي ندين نالن مان گڙگاٽ ڪندي ٻاهر نڪرندي ڪيترن ئي دريائن جي صورت اختيار ڪندي آهي. انهن لاتعداد وهڪرن مان ڪي پاڻ ۾ گڏجي سنڌو ۽ مهراڻ ۾ سمائجي هن پاڪ سرزمين يعني قديم سنڌ، باب الاسلام ۽ پاڪ وطن کي سائو ستابو ۽ شاداب ڪندا آهن. انهي رحمت ڀرئي آب مان پيدا ٿيندڙ اناج، ڀاڄين ۽ ميون تي اسرندڙ ۽ پلجندڙ لکين ۽ ڪروڙين انسانن مان وري ڪيترا املهہ ماڻڪ پنهنجي سرزمين تہ ڇا پر پوري عالمِ انسانيت لاءِ لعل و گوهر ۽ فخر جا باعث بڻجي حقيقتہ ۾ الله جل شانہٗ جي حقيقي نائب ۽ خليفي هجڻ جو ثبوت ڏيندا آهن ۽ اهڙن ئي عالمن لاءِ نبيءِ آخرالزمان حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآلہ وسلم جو ارشاد آهي تہ، اهي "نائبين انبياءَ" جو بہ درجو رکن ٿا. اهڙن ئي عالمن ۽ مفڪرن جي اڳيان پويان بلڪ هر طرف کان علم جا خزانا ٽڙيا پکڙيا پيا هوندا آهن. پوءِ ڪنهن بہ وقت ڪو علم جو پياسو ڪنهن موضوع تي ڪجهہ حاصل ڪرڻ جي آس ۽ اميد رکي ايندو آهي تہ ان کي سندس ضرورت کان گهڻو ڪجهہ وڌيڪ ملي ئي ويندو آهي.

اسلامي دنيا جي جيد عالمن، مفڪرن، مجتهدن ۽ دانشورن جي باري ۾ ڪجهہ سوچيندي ائين محسوس ٿيندو آهي تہ، ڇا تہ انهن جو علمي قد ڪاٺ هو، ڇا تہ انهن جي فڪري گهرائي ۽ علمي وسعت ۽ بلندي هئي، جنهن جو ڪڏهن ڪو انت ۽ ڇيهہ نظر نہ آيو. اسلام تہ انهن جا اندر اجاري ايڏي تي ڪايا پلٽي ڇڏي جو انهن دنيا ۾ علم جي هر صنف ۾ رهبري ۽ رهنمائي ڪئي. انهن سوين هزارين عالمن ۽ مفڪرن توڙي دانشورن جو عڪس ۽ مطالعو هن دور ۾ سنڌ جي

هو: "رشيدالدين شاھہ جو ڪلامہ". ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، (١٩٧۴ع) موضوع: "بيان العارفين جي تدوين". اياز حسين قادري (١٩٨٢ع) موضوع: "سنڌي غزل جي ارتقا".

جن عالمن جو سنڌ ۽ پاڪستان ۾ وڏو ناماچار آهي ۽ علامہ قاسمي صاحب جي رهبريءَ ۾ ڊاڪٽريٽ جي سَند حاصل ڪئي آهي انهن ۾ غلامہ علي الانا (١٩٧١ع) موضوع: "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ". عبدالجبار جوڻيجو- موضوع: سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر"(١٩٧۴ع). سيد محمود شاھہ (١٩٧٨ع) موضوع: "مولانا تاج محمود امروٽي جون ادبي خدمتون". عبدالخالق راز سومرو- (١٩٧٨ع) موضوع: "علي نواز علوي ۽ سندس شاعري". عزيزالله ميمڻ (١٩٧٨ع) موضوع: "خيرپور جي ادبي تاريخ". محمد جمن ٽالپر (١٩٧٨ع). موضوع: "سنڌ جا اسلامي درسگاه". شمس الدين عرساڻي- موضوع: "آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر" (١٩٨٠ع). عبدالجبار مغل - موضوع: "ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جو علم ادب ۾ حصو" (١٩٨٢ع). محترمہ شمس محسن عباسي، عنوان: "حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي شخصيت ۽ سندس علمي ۽ سياسي خدمتون" (١٩٨٣ع). عزيزالرحمان بگهيو - موضوع: سنڌي صحافت جي تاريخ" (١٩٨٣ع). ميمڻ عبدالغفور سنڌي - موضوع: "اڻويهين صديءَ جا نثر نويس" (١٩٨۴ع). حامد علي خانائي - موضوع: "ساهتيءَ جا علمي مرڪز" (١٩٨٦ع). شاهنواز سوڍر- موضوع: سنڌي ثقافت ۽ شاھہ عبداللطيف رح (١٩٨٨ع). حسن بانو سومرو - موضوع: "شاھہ جي ڪلامہ جي روشنيءَ ۾ سنڌي عورت جو مطالعو" (١٩٨٩ع). خادمہ حسين قريشي - موضوع: "سنڌ جي نثري داستانن جو تنقيدي جائزو" (١٩٨٩ع). عبدالجبار "عابد" لغاري - موضوع: "ٺاڻپور جي لغاري نواب خاندان جون علمي ادبي خدمتون" (١٩٨٩ع). غلامہ قادر سومرو- موضوع: سنڌي ادب ۾ طنز و مزاح (١٩٨٩ع). عبدالرحمان عباسي - موضوع: "شمس الدين بلبل جون علمي، ادبي ۽ پبون خدمتون" (١٩٧٥). الله بخش رند - موضوع:

پنهنجا مقالا لکي سنڌ يونيورسٽي لاءِ ناماچار جو سبب بڻيا آهن. انهن ۾ هيٺين عالمن جا نالا قابل قدر آهن:

عبدالهادي سرهيو- موضوع: سنڌي ادب ۾ قرآني مذهبي تعليمات (١٩٨٠ع). غلام حيدر چنه - موضوع: حيات العاشقين تاليف مخدوم عبدالرحمان بن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (١٩٧۴ع). محمد صالح سومرو - موضوع: اڪبراعظم جي دور ۾ ثقافتي حالتون (١٩٧٦ع). حافظ محمد يوسف ميمڻ - موضوع: وحدت غا. سوانح ۽ علمي ڪارناما (مخدوم فضل الله سنڌي) (١٩٨٠ع). مظهرالدين سومرو - موضوع: تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو ڪردار (١٩٧٦ع). يار محمد قاضي - موضوع: سنڌي ٻوليءَ ۾ فقهي ادب جو ارتقا.- محمد ادريس - موضوع: ديني عالمن جون سنڌيءَ ۾ ادبي خدمتون (١٩۴٣ کان ١٨۴٧ع) (١٩٩٠ع). محمد اشرف سمون - موضوع: "ٻارهين صديءَ جي سنڌي محدثن جون علمي ادبي خدمتون" (١٩٩٠ع). خان محمد لاڙڪ - موضوع: پير محمد راشد روضي ڌڻيءَ جون علمي، ادبي ۽ روحاني خدمتون (١٩٩٠ع). حافظ نظام الدين - موضوع: شيخ الهند مولانا محمود الحسن ۽ سنڌس ديني ۽ علمي خدمتون (١٩٨٦ع). ڪليم الله ساريو - موضوع: "شاهه ولي الله محدث دهلوي جي ڪتاب "حجة الله البالغه جو سنڌي ترجمو". (باب ٧ کان آخر تائين) (١٩٨۴ع). محمد عثمان ٻٽي - موضوع: "قصيده برده ۽ انجا سنڌي ترجما ۽ شرح (١٩٨۴ع). محمد ادريس سومرو ڪنڊياروي - موضوع: سنڌيءَ ۾ لکيل (ديني اسلامي ڪتابن جو تنقيدي تجزيو (١٩۴٧ع کان پوءِ) (١٩٨۴ع). عبدالرزاق سومرو - موضوع: لاڙڪاڻي ضلعي جي ديني عالمن جو دين جي اشاعت ۾ حصو (١٩۴٣ع کان ١٨۴٧ع) (١٩٨٧ع). نظر حسين - موضوع: "مڪتوبات پير محمد راشد روضي ڌڻيءَ جو سنڌي ترجمو ۽ سوانح حيات (١٩٨٧ع). محمد ابراهيم ڪنير- موضوع: مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ جون ديني خدمتون (١٩٨٧ع). حافظ عبدالقيوم - موضوع: الامام ابوالحسن السندي الڪبير" (١٩٨٨ع). حافظ صبغة الله،

موضوع: شيخ حماد الله هاليجوي، ڪامل روحاني ۽ مذهبي رهنما (١٩٨٨)، ڊاڪٽر مخدوم منورالدين - موضوع: ايڊٽ ڪتاب: مظهرالانوار- عربي- تاليف: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي - ترتيب: تحشيہ تفرم (١٩٨٨ع)، علي احمد انصاري- موضوع: سنڌ ۾ سيرت نگاري (١٩٩٠ع)، غلام محمد ڏاهري - موضوع: ڪتاب- سراج المصلي (پارسي) جو سنڌي ترجمو - ابتدا ڪان ونٸ باب "فڪر عمل ڪہ شيرڪہ مفسد غاز ايست" تائين ۽ مصنف ابوالحسن ڏاهريءَ جي حياتي ۽ سندس علمي خدمتن جو جائزو (١٩٩٢ع)، مخدوم روشن صديقي - موضوع: مخدوم فضل الله پاٽائيءَ جون علمي ۽ فقهي خدمتن جو تنقيدي جائزو (٢٠٠٠ع)، مراد علي راحمون - موضوع:، ڊاڪٽر محمود حسين عربي - موضوع: ابن خلدون جا صوفيانہ خيالات (١٩٨٠ع) انهن ڪان علاوه ٻين مختلف شعبن ۾ پي ايڇ. ڊي ڪرڻ وارن عالمن جا نالا ۽ سندن موضوع هن طرح آهن:

ايم ياسين الرماوي، موضوع: "شاهہ ولي الله جي عمرانيات" (سوشالاجي- ١٩٧٥ع)، محمد اسحاق انصاري - موضوع: گوينہ ڳان پارسي در سند تجليات زبان فرهنگ ايشاه در عهد انگلسي (فارسي ١٩٧٦ع)، محمد اسحاق ابڙو- موضوع: "سيد جان الله شاهہ جي ديوان جي ايڊيٽنگ" (فارسي - ١٩٨٦ع)، ڊاڪٽر علي نواز ڦلپوٽو. موضوع: "سنڌ ۾ ڪيليگرافي جي ارتقا (فائن آرٽ- ١٩٧٧ع)، سيخ محمود امبالي امين المصري- موضوع: مخدوم عبدالواحد السيوستاني السندي و فتاواه الفقهيہ" (عربي، ١٩٧٨ع، عبدالمجيد- موضوع: "فلسفة ابن خلدون الاجتماعيت" (عربي- ١٩٨٨ع)، محترمہ ممتاز پٺو- موضوع: سنڌ جي سياسي تاريخ جو تحقيقي جائزو (مسلم هسٽري- ١٩٩٢ع)، خادم حسين ٽالپور- موضوع: احوال و آثار مولانا بهاءُ الدين بهائي (فارسي- ١٩٨٨ع)، حبيب الله صديقي- موضوع: اسلام جي فروغ ۾ پاٽ جي صديقي خاندان جو تاريخي ڪردار (مسلم هسٽري - ١٩٨٨ع).

هي تہ هئا اهي عالم ۽ اسڪالر جن علم ۾ انتهائي ڏگري

سان سندن محقق ۽ ليکڪ اعلي درجي جي ڏگري حاصل ڪرڻ جا مستحق سمجهيا ويا آهن ته پوءِ انهن جي گائيڊ ۽ رهبر جي شخصيت، علم ۽ فضل ڪيترو نه اعليٰ ۽ ارفع هوندو! اهٗ ته اٿين ئي چوندس ته صحيح رهبر ۽ گائيڊ اهو ئي عالم آهي جيڪو هر لکت جي هڪ هڪ لفظ جي حقيقي واقفيت رکندو ۽ معيار جو ضامن آهي. جاڪاڻ ته اهو ئي عظيم المرتبت استاد پنهنجي محقق شاگرد جي تحقيقي مقالي ۾ پنهنجي علميت، فن ۽ فلسفي کي اٿين مخفي انداز ۾ شامل ڪندو آهي جو محقق شاگرد جي هڪ هڪ صفحي ۾ ساڻس گڏ سندس قابلِ قدر رهبر جي تصوير ۽ عڪس پڻ نمايان پيو نظر ايندو آهي.

هي هو علامه صاحب جي تعليمي پهلو جو مختصر خاڪو. جيڪو ڪيترن ئي سالن جي سفر سان تعلق رکي ٿو. اهو اٿين ئي آهي جيئن بقول شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه:

اڪ قصر در لک ڪوڙين منجهس ڳڙکيون
جيڏهن ڪريان پرک، تيڏهن صاحب سامهون.

جنهن به شاگرد محقق جي علمي ڪاوشن کي ڏسبو ته انهن جي علمي قد ڪاٺ جي پيڙهه جو پٿر علامه صاحب جي عظيم ۽ قابلِ تحسين شخصيت نظر ايندي.

## علامه صاحب جون علمي ۽ ادبي ڪاوشون:

سنڌ جي موجوده دور جي چند علمي ادبي ۽ عظيم شخصيتن مان علامه صاحب جي شخصيت پهرين چند نمبرن مان يقيناً هڪڙي آهي. سندن دسترس هڪ ئي وقت چئن اهم ٻولين ۽ انهن جي ادب تي آهي اهي آهن: سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسي. سندن تصنيفون، ايڊيٽنگ، مقدما ۽ پيش لفظ. مضمون ۽ مقالا انهن مڙني ٻولين ۽ انهن جي ادب سان تعلق رکن ٿا.

سنڌيءَ ۾ سندن لاتعداد تحريرن ۾ منو مرسل صلي الله عليه وسلم، قرآن مجيد جا سنڌي ترجما ۽ تفسير خاص طور تي شاهه ولي الله جي حوالي سان. سنڌ درويشن جو ديس تحت هتان جي اولياءِ

۽ صوفياء ڪرام توڙي مشاهير تي مختلف ادبي رسالن خاص طور تي نئين زندگي، مهراڻ، الرحيم، الولي ۽ ٻين ڪيترن مخزنن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. مضمونن جو انداز هميشه محققانہ، عالمانہ ۽ تاريخي انداز جو رهيو آهي. اگر نئين زندگيءَ جي ۱۴- صدي هجري نمبر ۾ سندن طويل مضمون: "سنڌ جا اولياء ۽ صوفياء ڪرام" کي ڏسبو تہ ابو علي سنڌي کان وٺي مخدوم سرور نوح تائين سنڌ جي اوائلي دور جي ڪيترن ئي عظيم انسانن کي ڪيڏي نہ تسلسل ۽ اهم سوانحي خاڪن ۽ فيوضيات جي معلومات سان مزين ڪري پيش ڪيو اٿن. حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو رسالو ترتيب، معنيٰ ۽ سرن جي سمجهاڻيءَ سان نہ فقط اڳي شايع ٿيو پر تازو ٻيهر شايع ٿي منظر عام تي آيو آهي. پاڻ شاهہ جو رسالو، جنهن جو بنيادي ڪم علامہ دائودپوٽي مرحوم جي ڪاوشن هيٺ ۱۲- سرن جي ترتيب تي مشتمل هو، ان کي بہ پنهنجي محنتن سان سينگاريو اٿن، اهو اڻ ڇپيل حالت ۾ موجود آهي.

حضرت خواجہ مخدوم محمد زمان لواري جي ملفوضات: "فتح الفضل" جو سنڌي ترجمو پيش ڪيائون. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، سنڌ جو اهو عالم ٿي گذريو آهي جنهن جون تصنيفون اڄ بہ علماء ۽ فضلاء لاءِ سنڌ ۽ پاڪستان تہ ڇا پر عرب ملڪن ۾ قدر جي نظر سان ڏٺيون وينديون آهن. انهن جا سنڌي توڙي اردوءَ ۾ ترجما ڪيائون، خاص طور تي "ذريعة الوصول الي جناب الرسل ﷺ (عربي) تان، وسيلة الغريب الي جناب الحبيب ﷺ، فضائل تاريخ اهلبيت" ان جي تصحيح سان گڏ مقدمو پڻ لکيائون. جن ٻين قرآني ترجمن ۽ تفسيرن کي سنڌيءَ جو پوش پارايائون، انهن ۾ مولانا محمد مدنيءَ جو تفسير ۽ مخدوم نوح عليہ الرحمة الله جي فارسي ترجمي جي ايڊيٽنگ سان گڏ تفصيلي مقدمو وڏي اهميت جو حامل آهي. علامہ صاحب جيئن تہ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي مڪتبہءِ فڪر سان تعلق رکندڙ آهي، ان ڪري مولانا سنڌيءَ جي ڪتاب "الخيرالڪثير" جو نہ فقط اردو ترجمو

ڪيو بلڪ مقدمو پڻ لکيو ۽ ڪتاب "التمهيد" (عربي) جي تصحيح ۽ ايڊيٽنگ سان گڏ ان جو بہ مقدمو لکيو.

پاڻ جيئن تہ شاهہ ولي الله محدث دهلويءَ جي نالي سان حيدرآباد ۾ قائم ٿيل اڪيڊميءَ جا لائق ڊائريڪٽر وڏي عرصي کان هلندا اچن، تہ ڪين شاهہ صاحب جي ڪيترن ڪتابن جي ايڊيٽنگ ۽ ترجمي ڪرڻ سان گڏ مقدما لکڻ جو پڻ موقعو مليو. بلڪ ائين چوڻ بيجا نہ ٿيندو تہ شاهہ صاحب جي فلسفي کي آسان انداز ۾ هن دور جي ماڻهن لاءِ پيش ڪيو آهي، اهي ڪتاب آهن:

قصص الانبيا- رموز ۽ حڪمتون جو اردو ترجمو. فتح الرحمان (فارسيءَ) جو سنڌي ترجمو. سطعات (فارسيءَ) جو سنڌي ترجمو، انهن کان علاوه شاهہ صاحب جي تمام اهم ڪتابن: الانصاف. جي سنڌي ترجمي سان گڏ تاويل الاحاديث (عربي)، تفهيمات الاهيہ (عربي)، لمحات (عربي)، همعات (عربي) ۽ سطعات (فارسيءَ) جي ايڊيٽنگ تحقيق ۽ تصحيح ڪرڻ سان گڏ انهن جا مقدما پڻ لکيا. ساڳئي وقت مختصر قدوري (عربيءَ) جي ايڊيٽنگ ڪرڻ سان گڏ مقدمو لکيو ۽ حاشيا پڻ ڏنا. قاضي محمد اڪرم نصربوريءَ جي امعان النظر شرح نخبة الفڪر (عربي)، ڪجڪول نامہ (فارسي) ۽ مخدوم جعفر بوبڪائي رح جي "المتانة في مرمة الغزانة" (عربيءَ) جي تحقيق ۽ تصحيح ڪرڻ سان گڏ انهن جا مقدما پڻ لکيا. المتانة جو مقدمو تہ اٽڪل ڏيڍ سئو صفحا آهي. مولانا صاحب عربي ڪتاب: مفيد طلبا. منطق جي باري ۾ لکيو ۽ تحقيقي مضمون: سماجي انصاف اور اجتماعيت شاهہ ولي الله کي نظر مين" لکيو. مخدوم محمد ابراهيم ٺٽويءَ جي ڪتاب غنية البشر (عربي جي تصحيح)، ترتيب ۽ ڪٿليگرافي ڪئي، ساڳئي وقت ابوالحسن صغير جي عربي ڪتاب: بهجة النظر شرح علي نخبة الفڪر" جي تصحيح ڪئي، مقدمو پڻ لکيو.

مٿي جن ڪتابن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اهي ڪتاب پنهنجي موضوعن جي لحاظ کان تمام اهم ۽ مشڪل ترين هئا جن کي ترتيب

ڏئي ۽ مقدما لکي يا تصحيح ڪري ڇپرائڻ جو ڪم علامہ صاحب جهڙو ئي عالم ڪري ٿي سگهيو. اهو ڪم ڪنهن عام ليکڪ جي وس جي ڳالهہ نہ هئي.

سندن اهو بہ هڪ ڪارنامو چئجي جو پاڻ ديني ڪتابن جي ڪئٽلاگ جي ترتيب ۾ قابل قدر مدد ڪيائون. سندن مضمون ۽ مقالن جو هڪ ضخيم ڪتاب "مقالات قاسمي" جي نالي سان شايع ٿي چڪو آهي. جنهن ۾ علامہ صاحب جي پوري علمي، ادبي ۽ مذهبي زندگي جو پورو عڪس سمايل آهي. انهن کان علاوه بہ سندن پيا ڪتاب ۽ مضمون آهن جن جي ترتيب لاءِ الڳ ضخيم ڪتاب جي ضرورت پوندي. جڏهن تہ ريڊيو ۽ ٽي. وي تي سندن تقريرن جو الڳ سلسلو آهي جيڪو هر قسم جي علمي، ادبي، ثقافتي، مذهبي ۽ سماجي موضوعن تي مشتمل آهي. اگر انهن کي گڏ ڪري ڪيسٽن ۾ محفوظ ڪيو ويندو يا اشاعت ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي تہ اهو ڪم بہ وڏي ضخامت يا لاتعداد ڪيسٽن تي مشتمل هوندو.

## تحريڪ آزادي دوران خدمتون

علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي علمي، ادبي ۽ تعليمي خدمتن تي مٿي هڪ طائرانہ نظر وڌي وئي آهي. جنهن مان پڙهندڙن کي سندن علمي تدبر ۽ تعليمي سوچ جي بخوبي پروڙ ملي هوندي. هاڻي آزادي ۽ ورهاڱي جي حوالي سان سندن انهن ڪوشش ۽ خدمتن تي روشني وڌي ويندي، جنهن مان اهو معلوم ٿي سگهندو تہ پاڻ نوجواني ۽ جوانيءَ ۾ وري انهن مجاهدن ۾ شامل هئا جن انگريزن خلاف آزاديءَ جي متوالن جو ساٿ ڏنو ۽ پنهنجو نالو انهن جوشيلن ڪارڪنن ۾ شامل ڪرايو جيڪي سچ پچ سر ڌڙ جي بازي لڳائڻ لاءِ تيار هئا ۽ هر وقت تحريڪي ڪمن ۾ سرگردان رهندا هئا. ڪين سڀ کان پهرين جمعيت العلماءِ هند جي سهارنپور واري اجلاس ۾ اتر سنڌ جي نمائندگي ڪرڻ جو موقعو مليو، جنهن مان سندن شخصيت جي ان دور ۾ ئي اهميت جي پروڙ ملي ٿي. پاڻ سنڌ جي بمبئي کان الڳ ڪرڻ واري تحريڪ ۾ ڪنهن

ڪان بہ پوئتي ڪونہ هئا. جڏهن سنڌ آزاد پارٽيءَ جو قيام عمل ۾ آيو تہ پاڻ ان جو سرگرم ڪارڪن ٿي ڪم ڪيائون. بلڪ ورڪنگ ڪميٽيءَ جا رڪن ايستائين رهيا جيستائين مقصد حاصل نہ ٿيو.

حقيقت هي آهي تہ سنڌ جي بمبئي کان ڌار ٿيڻ جي تحريڪ کي ڪامياب ڪرڻ وارا ئي اصل ڪاميابيءَ جا حقدار ۽ مستحق آهن. جو اهو ئي هڪ اهڙو مضبوط بنياد ملي ويو، جنهن بعد سنڌ مسلم ليگ کي بهترين آزاديءَ جي اهم قرارداد (١٩٣٨ع) پيش ڪرڻ جو بهترين موقعو ڪراچيءَ جي پليٽ فارم تي مليو. ان ڪانفرنس جي صدارت بہ آل انڊيا مسلم ليگ جو صدر قائداعظم محمد علي جناح ڪري رهيو هو. ان بعد ٻيو اهم قدم سنڌ مسلم ليگ جي صدر جي. ايم سيد جو رهيو، جنهن ١٩٤٣ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ اها قرارداد بہ منظور ڪرائي تہ پاڪستان جي قيام بعد سنڌ صوبو ان ۾ شامل ٿيندو. سنڌ جي بمبئي کان علحدگيءَ جو اهو هڪ ڪرشمو آهي جو ١٩٤٦ع جي عام چونڊن ۾ ٻئي ڪنهن بہ مسلم اڪثريتي صوبي کي سئو سيڪڙو سيٽون ڪونہ مليون اهو بہ سنڌ صوبي کي هڪ اعزاز حاصل آهي. تنهن ڪري اهو چوڻ اجايو نہ ٿيندو تہ جن بہ ورڪرن ۽ اڳواڻن سنڌ صوبي جي بمبئي صوبي کان جدائيءَ جي مهم هلائي، جدوجهد ڪئي، انهن حقيقت ۾ پاڪستان جي پيڙهہ جو هڪ مضبوط پٿر رکيو ۽ علامہ صاحب پڻ پنهنجي نوجوانيءَ ۾ انهن ۾ شامل هو.

آزاديءَ جي انهي تحريڪي دور ۾ فلسطيني عربن تي ظلم جا پهاڙ ڪري رهيا هئا. تہ مظلومن جي مالي امداد لاءِ پوري سنڌ ۾ ڪنڊ ۾ خاص ڪميٽيون ٺهيون تہ هن نوجوان کي جمعيت العلماءِ قنبر علي خان (لاڙڪاڻي) جي ڪميٽيءَ جو ناظم مقرر ڪيو ويو. حقيقت هي آهي تہ علامہ صاحب ننڍي هوندي کان ئي پنهنجي مخصوص انداز ۽ طبيعت ۾ سياسي سرگرمين ۾ فعال رهيو. پاڻ جيئن تہ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو تحريڪي ۽ سياسي مريد هو، ان ڪري جيئن ئي مولانا عبيدالله ڏکي جلاوطني ختم ڪري ١٩٣٩ع ۾ واپس موٽي سنڌ ۾ آيو ۽ ايندي ئي

پاڻ انهن چند عالمن ۾ شامل رهيا آهن جن اڪثر طور تي انهن ۾ صدارتي خطبا ڏنا يا مهمان خاص طور شريڪ ٿي پنهنجي مخصوص انداز ۾ مختلف موضوعن کي اجاگر ڪيو.

اهو ئي سبب آهي جو سندن عالمانہ حيثيت کي هر دور ۾ عوام توڙي مڙني حڪومتن تسليم ڪيو آهي. عالمن ۾ سندن عزت ۽ احترام رهيو آهي. بادشاهي مسجد لاهور جي خطيب ۽ پيش امام مولانا عبدالقادر آزاد بهترين لفظن ۾ تسليم ڪيو آهي ۽ اهڙو ئي اظهار غير ملڪي حڪومت روس سرڪار طرفان پڻ ڪيو ويو. جڏهن پاڻ اتان جو دورو ڪيو هئائون.

سنڌ جي هڪ سماجي، ثقافتي ۽ ادبي تنظيم مائٽڪ موتي طرفان ١١ سيپٽمبر ١٩٩٩ع تي سندن خدمتن جي اعتراف ۾ جشن تاج پوشي سيمينار، ممتاز آڊيٽوريم حيدرآباد ۾ ملهايو ويو ۽ کين سونو تاج پارايو ويو. ان موقعي تي ڪيترن سنڌ جي برک عالمن سندن علمي ادبي ۽ مذهبي خدمتن تي فراخدليءَ سان روشني وڌي، راقم الحروف پڻ انهن ۾ شامل هو.

## مددي ڪتاب ۽ رسالا

١- ڊاڪٽر مظهرالدين سومرو "تحريڪ آزادي ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو" (قلمي) علامہ صاحب کان ورتل انٽرويو جي حوالي سان.
٢- ڊاڪٽر عبدالجبار "عابد" لغاري "تحريڪ آزادي مين سنده کا ڪردار-١٩٢١ تا ١٩٤٨ع مع سنده کي بمبئي سي علحدگي (١٩٩٢ع) علامہ صاحب سان سندن باري ۾ گفتگو.
٣- علامہ صاحب جي فرزند پروفيسر نذير حسين کان ورتل معلومات.
٤- ماهنامہ نئين زندگي ۽ ماهي مهراڻ ۾ شايع ٿيل سندن مضمون.
٥- سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽي جي مخزن "ڪينجهر نمبر" ۾ شايع ٿيل پي ايچ. ڊي اسڪالرز جي لسٽ.

هئڻ ڪري، ان صوفياڻي فڪر (مسلڪ) جا ڌار ڌار مڪتبِ فڪر (School of Thought) نظر اچن ٿا. اهڙن مڪتبن منجهان لاڙ جي لواريءَ وارن بزرگن جو مڪتب فڪر پڻ هڪ آهي ۽ اهو فڪر اينترو ته سگهارو ۽ پُر اثر هيو جو حضرت شاهه عبداللطيف جهڙو بزرگ به باوجود وڏي عمر هئڻ جي پنڌ ڪري سندن خانگاهه تي فيض حاصل ڪرڻ ۽ مريد ٿيڻ لاءِ هلي ويو هو. اهو هڪ اهم تاريخي واقعو شمار ٿئي ٿو. ان اهم واقعي ڪان ١٩٣٢ع تائين عوام بنهه اڻواقف هيو. ڇاڪاڻ ته جن ڪتابن ۾ ان ملاقات جو ذڪر آيل آهي اهي ان وقت تائين (انهن منجهان ڪجهه اڄ تائين به) قلمي صورت ۾ هئا ۽ اهي لواري وارن بزرگن جي ملڪيت هئا. ١٩٣٢ع ۾ جڏهن ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ کي اها سڌ پيئي ته اهو مواد لواريءَ وارن بزرگن وٽ موجود آهي تڏهن پاڻ پنهنجا ذاتي تعلقات استعمال ڪري، نه رڳو ان اهم تاريخي واقعي وارن اصل حقيقتن کي عوام اڳيان آندائين پر ان ڳالهه کي بنياد بنائي پوءِ لواري شريف وارن بزرگن جي حالات زندگي ۽ سکيا بابت هڪ تاريخي نوعيت جو ڪتاب "لواري جا لال" نالي لکي پڌرو ڪيائين، جيڪو صوفياڻي فڪر ۾ ڪلاسيڪي نوعيت وارو ڪتاب شمار ڪيو وڃي ٿو. هتي اسين ان تاريخي نوعيت واري ڪتاب تيار ٿيڻ واري محرڪ جذبي، مختلف مرحلن ۽ ان جي اهميت جو جائزو پيش ڪري رهيا آهيون.

## "لواري جا لال" ڪتاب ڪيئن تيار ٿيو؟

ڪڏهن ڪڏهن اچانڪ کي اهڙا به واقعا ۽ حادثا رونما ٿيندا آهن جيڪي ڪنهن نه ڪنهن تخليق جو سبب بنجي پوندا آهن. ڪتاب لواري جا لال جي تخليق ٿيڻ جو پڻ بنيادي محرڪ اهڙوئي هڪ واقعو آهي.

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو سڀ کان اهم ۽ عرق ريزيءَ وارو تحقيقي ڪارنامو، "شاهه جو رسالو" شمار ٿئي ٿو. جنهن جا سندس حياتيءَ ۾ ٽي جلد شايع ٿي سگهيا. البت چوٿون جلد شايع ٿي نه

سگهيو ۽ سندس وفات کان پوءِ موراڳي گم ٿي ويو. شاهه جي رسالي تيار ڪرڻ وقت ڊاڪٽر صاحب قرآن. حديث ۽ تصوف بابت مختلف ڪتابن جي روشنيءِ ۾ جا گهڻ پاسائين محنت ڪئي، ان جو ڪو مثال ملڻ مشڪل آهي. حضرت شاهه لطيف بابت جڏهن پاڻ اها تحقيق ڪري رهيو هو تڏهن ڪيس اهو محسوس ٿيو تہ شاهه صاحب جي، لاڙ طرف ڪنهن اهڙي بزرگ سان صحبت ٿيل آهي. جنهن جو اثر. سندس شعر تي پڻ نمايان نظر اچي ٿو. اُن ڪري ڊاڪٽر صاحب چوندو هيو تہ "منهنجي ڪنن تي پڙلاءَ پيل هو تہ شاهه صاحب ڪنهن بزرگ جي صحبت کان پوءِ سفر ترڪ ڪري ڇڏيو هو ۽ سندس ڪلام ۾ بہ اهڙو اشارو فارمايو اٿس.

ڪال گــڏيوسين ڪاپڙي، بابو رنگ پــيــوت،
سرئوسين سڪوت، جوڳيءَ سندي ذات مان.(٢)

ڊاڪٽر گربخشاڻي مٿي ذڪر ڪيل پڙلاءَ جي وائيءَ واري وَرَ جي تلاش ۾ سالن جا سال سرگردان رهيو. تان جو ١٩٣٢ع کان پوءِ ڪيس ان ڳالهہ جا امڪان نمايان نظر اچڻ لڳا ۽ پاڻ هڪ هوشيار پيراواڊو جيان انهن امڪانن جا پيرا ڪندي وڃي وٺڻ تائين پهتو.

ڊاڪٽر گربخشاڻي ١٩٢٧ع کان ١٩٤٠ع تائين ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ جو وائيس پرنسيپال هيو. ان دوران ١٩٣٢ع ۾ ساڳي ڪاليج ۾ انٽر جي شاگردن کي سنڌي ڪاڪو ڀيرومل پڙهائيندو هيو پر ڪڏهن ڪڏهن ڊاڪٽر گربخشاڻي انهن کي شاهه جا بيت، ڪلاڪن جا ڪلاڪ سمجهائيندو هو. ان ڪلاس جي شاگردن ۾ لواريءَ وارن بزرگن جي خاندان جو هڪ هونهار نوجوان پير سعيد حسن پڻ پڙهندو هيو. جيڪو پنهنجي يادگيرين ۾، ڊاڪٽر صاحب جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ ڊاڪٽر صاحب "هڪ ڏينهن سر سهڻي داستان ڇهين جي پهرين سٽ پڙهيائين.

ساهڙ جا سنگار، اِنَ لکيا اڳي هٿا.

.... ڊاڪٽر صاحب اجا سٽ پڙهي مس پوري ڪئي تہ يڪدم ٿي بيهي چيم تہ سائين انهيءَ سٽ جي صحيح پڙهٽي آهي تہ،

ساهڙ جا سنگار، انَ لکيا اڳي هئا.

ڊاڪٽر صاحب پڙهڻ وارو چشمو لاهي ڪتاب ڏٺي، پيو چشمو پائي، ڪاڏيءَ تي هٿ رکي غور سان مون ڏانهن نهاريندو رهيو ۽ سڄي ڪلاس جون نظرون مون ڏانهن هيون... ڪجهه دير بعد ڊاڪٽر صاحب چيو تہ "ڪلاس پورو ٿيو ۽ مون کي تمام شفقت سان چيائين تہ، مهرباني ڪري مون سان آفيس ۾ ملو... آفيس ۾ وڃُس ويس تہ.. مون کان پڇيائين تہ اها پڙهڻي توهان کي ڪنهن ٻڌائي آهي؟ مون چيس تہ مون پنهنجي مائٽن کان هميشہ ايئن ٻڌو آهي. چيائين تہ اها پڙهڻي وڌيڪ سُٺي ۽ صحيح آهي".[٢]

نوجوان شاگرد جي ان ڳالهہ، سندس خاندان معلوم ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر جي دل ۾ وڌيڪ تجسس پيدا ڪيو. اهڙي ريت ڊاڪٽر صاحب ان معاملي ۾ دلچسپي وٺندي، ان نوجوان شاگرد سان وڌيڪ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. ان جو ذڪر ڪندي پير سعيد حسن لکي ٿو: "پڇيائين تہ توهين ڪهڙي خاندان مان آهيو، مون ٻڌايس تہ آءٌ لواري شريف وارن پيرن جي خاندان مان آهيان". چيائين تہ: "توهان جي خاندان جو شاهہ جي ڪلام سان گهڻو لاڳاپو ٿو ڏسڻ ۾ اچي". مون چيس تہ "رڳو شاهہ جي ڪلام سان نہ پر خود شاهہ ڀٽائيءَ سان بہ". حيرت ۾ پڇيائين تہ "اهو ڪيئن؟". مون ڪيس شاهہ ڀٽائيءَ جي اسان جي خاندان جي اڳواڻ سان ملاقات جو سربستو احوال ٻڌايو ۽ ٻنهي جي بيتن ۾ گفتگو جا بہ ٽي بيت بہ ٻڌايا. پڇيائين تہ "اها ڳالهہ توهان رڳو پنهنجن وڏن کان ٻڌي آهي يا انهيءَ لاءِ ڪا ثابتي بہ آهي." مون پنهنجي خاندان جي قديم فارسي قلمي ڪتابن بابت ٻڌايس، مون کي پنهنجي گهر جي ائڊريس ڏنائين، شام جو آءٌ کيس ڪتاب پهچائي آيس."[٣]

ڊاڪٽر صاحب کي تہ اڳ ئي ان ڳالهہ جا ڀَرون پيل هئا تہ، شاهہ عبداللطيف جي لاڙ طرف ڪنهن وڏي بزرگ هستيءَ سان ملاقات ٿيل آهي. هاڻ جو ان جا ڪتابي ثبوت کيس هٿ آيا تہ ان ڳالهہ سندس تحقيق واري جذبي ۾ ويتر واڌارو ڪيو ڇاڪاڻ تہ تصوف ۽ صوفيائي

شاعري سندس تحقيق جو خاص موضوع هيو. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي تصوف سان لڳاءَ جو اندازو ان ڳالهه منجهان به لڳائي سگهجي ٿو ته پاڻ نه رڳو، سنڌ ۽ برصغير، ايران ۽ عربستان جي تصوف جو گهرو مطالعو ڪيائين پر لنڊن وڃي Ph.D ڪرڻ دوران پڻ تصوف کي اوليت ۽ اهميت ڏيندي Ph.D واري ٿيسز "Mysticism in the Early Nineteenth Century Poetry of England" - "١٩ صديءَ جي انگريزي شاعريءَ ۾ تصوف". لکي هڪ وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنائين. ڊاڪٽر صاحب Ph.D جي اها ڊگري ١٩٢٨ع ۾ حاصل ڪئي. ڊگري حاصل ڪرڻ کان اڳ به ڊاڪٽر صاحب جيڪو علمي ڪم ڪيو آهي. اهو تصوف جي رنگ ۾ رڱيل نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر صاحب جي ڪيل پورهيي تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته سندن سموري علمي اثاثي مٿان تصوف جو اثر نمايان آهي. سندن پاران سالن جا سال، رات ڏينهن هڪ ڪري، تيار ڪيل شاهه جو رسالو. جنهن جو پهريون ۽ ٻيو ڀاڱو سندس ٻاهر وڃڻ کان اڳ ترتيب وار ١٩٢٣ع ۽ ١٩٢٤ع ۾ پڌرا ٿيا هئا، تنهن ۾ پڻ هر هنڌ اهڙا نڪتا نمايان نظر اچن ٿا. سندس تيار ڪيل شاهه جو رسالو اهڙو بحر عميق آهي جنهن بابت لکڻ لاءِ ڌار مهل ۽ موضوع جي گهرج آهي. هتي صرف اسان "لواري جا لال" ڪتاب بابت خيالن جو اظهار ڪري رهيا آهيون.

مٿي ذڪر ٿي آيو آهي ته ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو تصوف ڏانهن خاص لاڙو هيو. ان حوالي سان پاڻ جڏهن "شاهه جو رسالو" تيار ڪري رهيو هيو. تڏهن اها جاکوڙ ڪندي کيس حضرت شاهه عبداللطيف جي هم عصر خواجه محمد الزمان، جيڪو پڻ ساڳي دور جو هڪ وڏو صوفي بزرگ ۽ شاعر هيو ان جي شخصيت بابت فقط ڪي اشارا ٿي مليا جن بابت پاڻ وڌيڪ کوجنا ڪندو رهيو. اڳتي هلي جڏهن لواريءَ وارن بزرگن جي خاندان جي نوجوان پير سعيد حسن معرفت کيس مرغوب الاحباب نالي قلمي ڪتاب مليو. جنهن ۾ ٻنهي بزرگن جي ملاقات جو سربستو احوال آيل هيو. ته ان مواد کي ڊاڪٽر صاحب

ترجمو ڪري شاهہ عبداللطيف ۽ خواجہ محمد الزمان جي ملاقات بابت رسالي ماهوار سنڌوءَ جي آڪٽوبر ۱۹۳۳ع واري پرچي ۾ هڪ مضمون شايع ڪرايو.[۴] جنهن ۾ خواجہ محمد الزمان ۽ شاهہ صاحب جي ملاقات دوران نظم ۾ ٿيل صوفياڻن نڪتن کي ظاهر ڪيو ويو. ان کان پوءِ ساڳي سلسلي کي اڳتي وڌائيندي، رسالي سنڌوءَ جي جنوري ۱۹۳۴ع واري پرچي ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب "شاهہ جو هڪ همعصر شاعر: خواجہ محمد الزمان لواري" جي عنوان سان خواجہ صاحب جي شخصيت تي هڪ مضمون لکيو، جنهن ۾ خواجہ صاحب جي شخصيت، صوفياڻي زندگي ۽ شاعريءَ بابت پڙهندڙن کي وڌيڪ معلومات ڏني ويئي.[۵] معلوم ائين ٿو ٿئي تہ ان وقت تائين ڊاڪٽر گربخشاڻي، خواجہ محمد الزمان ۽ سندس خاندان بابت ڪافي مواد گڏ ڪري چڪو هيو، ان ڪري سندس زيربحث ڪتاب "لواري جا لال" جيڪو دراصل خواجہ محمد الزمان جي خاندان جو تذڪرو آهي. ساڳي سال يعني ۱۹۳۴ع ۾ شايع ٿي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهتو.

## ڪتاب جو موضوع:

هي ڪتاب تقريظ، ديباچي ۽ مقدمي کانسواءِ هيٺين پنجن حصن تي مشتمل آهي. جن جو مواد ذڪر هيٺ آيل بزرگن جي حالات زندگي ۽ صوفياڻي فڪر بابت آهي.

پهريون: ابا ڏاڏا

ٻيو: حضرت سلطان اولياء

ٽيون: حضرت محبوب الصمد

چوٿون: حضرت غوث عالم

پنجون: حضرت شاهہ مدني

پهرين حصي ۾ هن خاندان جي سنڌ ۾ آمد ۽ حسب نسب جو تفصيلي ذڪر ڪيو ويو آهي. جيڪو حضرت سلطان اولياء کان اڳ ٽيهين پيڙهيءَ ۾ حضرت ابوبڪر صديق جن سان وڃي ملي ٿو. سندن خاندان جي سنڌ ۾ آمد واري حوالي سان ظاهر ڪيو ويو آهي تہ

"خليفي هارون رشيد جي صاحبيءَ ۾ يعني قريب سنہ ٧٨٦ع ۾ هي بزرگ سنڌ ۾ تشريف فرما ٿيا".[٦] اهڙي ريت نُتي ۾ آمد، پوءِ نائين صدي ۾ سومرن ۽ سمن جي گهرو لڙاين واري دور ۾ ڪچ طرف هليو وڃڻ ۽ پوءِ سنہ ٩١٠ھ ڌاري سنڌي مريدن جي ميڙ منٿ تي واپس ورڻ ۽ شيخ حاجي عبداللطيف نقشبنديءَ کي خواجہ محمد الزمان پيدا ٿيڻ تائين جو ذڪر هن حصي ۾ آيل آهي.

ٻئي حصي ۾، حضرت سلطان اولياءُ خواجہ محمد الزمان جن جي زندگي، فڪر ۽ فلسفي بابت ڄاڻ ڏنل آهي.

ٽئين حصي ۾، خواجہ صاحب جن جي فرزند حضرت محبوب الصمد جن جي حالات زندگي پيش ڪئي ويئي آهي.

چوٿين حصي ۾ حضرت محبوب الصمد جي فرزند حضرت غوث عالم جن جو تفصيلي ذڪر ڪيو ويو آهي.

پنجين حصي ۾ حضرت غوث عالم جن جي فرزند، حضرت شاھ مدني جي حالات زندگي بيان ڪئي ويئي آهي.

اهڙي ريت هن ڪتاب جو مواد سلطان اولياءِ خواجہ محمد الزمان ۽ ڪانئس پوءِ مسند تي رونق افروز ٿيندڙ ٽن گادي نشين جي ترتيب وار سوانح ۽ سڪيا تي مشتمل آهي. حضرت شاھ مدني کان پوءِ وارن بزرگن جي حياتي ۽ سڪيا بابت ڪتاب جي ديباچي ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي لکيو آهي تہ "افسوس جو حضرت خواجہ محمد سعيد جن جي سوانح عمري ڪنهن بہ ڪتاب مان ملي نہ سگهي.[٧] جنهن ڪري لاچار هن ڪتاب ۾ درج نہ ڪئي ويئي آهي. پر اميد تہ اها بہ ٻئي ڪنهن موقعي تي ڇپائي ظاهر ڪبي.[٨]

ڊاڪٽر گربخشاڻي هن ڪتاب ۾ لواريءَ وارن بزرگن جو ذڪر ڪندي اعتراف ڪيو آهي تہ "هر هڪ بزرگ جي حياتي ايڏي تہ وسيع ۽ وچٽر آهي، جو هرهڪ لاءِ خلاصو ڪتاب گهرجي.[٩] مون هرهڪ جو جدا مجمل احوال ڏنو آهي." اهڙي ريت ان ڳالهہ جي اهميت کي سمجهندي بہ ڊاڪٽر صاحب جو اهو ڪمال چئجي جو ٻاڻ هن مختصر تصنيف ۾ انهن بزرگن جي زندگي، فرمان ۽ رشد و هدايت وارن نڪتن

ڪي اهڙي نموني تہ بيان ڪيو آهي، جو اهي مختصر هوندي بہ جامع محسوس ٿين ٿا.

ڪتاب جي مقدمي ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي، تصوف جي فڪر بابت دل کولي لکيو آهي. پاڻ جيتوڻيڪ تعصب کان پاڪ صوفياڻي فڪر جو مالڪ هيو، ان ڪري سندس لکڻيءَ ۾ اهڙي ڪائي بوءِ بہ محسوس نہ ٿي ٿئي پر اڳتي هلي مذهبي تفرقي سبب جڏهن هتان جي ماحول ۾ فرقي پرستيءَ جنم ورتو تڏهن ڊاڪٽر صاحب جي ڪيل هڙئي بي بها تحقيق کي پڻ مسلم ۽ غير مسلم واري اک سان ڏسڻ شروع ڪيو ويو ۽ سنڌ جي هڪ وڏي عربيءَ جي عالم ڊاڪٽر عمر بن دائودپوٽي ١٩٣٩ع ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو نالو وٺڻ ڪانسواءِ، سندس مٿان جلهہ ڪندي لکيو تہ "ڪي سنڌيءَ جا چاٽو جي ٿياسافي (حڪمت الاهي) جا قائل آهن جن کي اسلامي تصوف جي ڪا بہ خبر ڪانهي ۽ ان جي رازن کان بلڪل نا آشنا آهن، سي مسلم شاعرن جو ڪلام سمجهائيندي پنهنجا من گهڙت تاويل ڏيندا آهن. انهن کي ڀهريائين اسلامي تصوف جو اڀياس ڪرڻ گهرجي ۽ تنهان پوءِ مسلم شاعرن جي تعبير جي دعويٰ ڪرڻ جڳائي."(١٠)

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جهڙي صوفي منش لاءِ اهڙي قسم جي خيالن جو اظهار ڪرڻ عجيب ڳالهہ آهي. ڇاڪاڻ تہ ڊاڪٽر صاحب "ٿياسافسٽ خيالن جو هو، جيڪي سڀني مذهبن کي سچو سمجهندا آهن جئن صوفيائي ڪرام قوم، رنگ، نسل، مذهبن ۽ ذات پات جي نفرتن کان مٿي چڙهي ويندا آهن ۽ سڀني انسانذات کي هڪ ئي نظر سان ڏسندا آهن. تئن ڊاڪٽر صاحب جا خيال بہ وسيع هئا ۽ ڪٽرپڻي کان پري هو".(١١) سندس اهڙي صوفياڻي سوچ جي جهلڪ مقدمہ لطيفيءَ منجهان پڻ ملي ٿي، جنهن جي ويدانت ۽ تصوف واري بابت ۾ مذهب جي ٻن پاسن جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو "جيڪڏهن غور سان ڏسبو تہ هرهڪ مذهب ۽ دين کي ٻہ پاسا آهن. هڪڙو ظاهري ۽ ٻيو معنوي. جيتوڻيڪ مذهب گهڻا ۽ جدا جدا آهن، تڏهين بہ سندن معنوي پاسي جا اصول اڪثر ڪري ساڳيائي آهن. انهن معنوي اصولن

جـو ڪنهن خـاص دينَ يا ڌرم، يا ان جي ڪرياڪرم ۽ ريتن رسـمن سـان ڪو بہ واسطو ڪونهي. انهن جو مقصد آهي. حق جي حقيقت پروڙڻ ۽ ان سـان هيڪڙائي حاصل ڪرڻ، مگر نہ حواسن ۽ عقل جي رستي، پر ايقان ۽ عمل جي رستي".[١٢] عمل واري ان اهميت جو ذڪر ڪندي علامہ اقبال بہ چيو آهي:

عـمل سے زندگي بنـتي هے، جنت بهي جـهنم بهي،
يہ خـاڪي اپني فطرت مين نہ نوري هے نہ ناري هے.

مـذهب جي ٻن پاسن يعني ظاهري ۽ مـعنوي هئڻ واري حـوالي سـان ذڪر ڪيل راءِ رڳـو ڊاڪـٽر گربخشـاڻيءَ جي ڪونـهي پر سڀني حقيقت پسند مذهبي ماڻهن جي ساڳي سوچ ٻڌي رهي آهي.

عَـارف ۽ عَـشَـاقَ، پَسَـڻَ گُـهـرَنِ پِريءَ جـو،
جَنَـتَ جـا مُـشـتـاقَ، اجـا اوراهـان ٿـئـا. (خـواجـہ محمـدالزمان)

عـارفن ۽ عـشـاقن جي نظر ۾ اول ۽ آخـر پرينءَ جـو پسـڻ ئي سڀوڪجهہ آهي. ان جي ڀيٽ ۾ ٻي هر ڳالهہ ايتري قدر جو جنت جي حاصلات واري خواهش کي ٻڻ پاسي تي رکيو ڇڏين. ان ڪري ئي چيو ويو آهي.

مِلت عـشق از همہ دينها جداست،
عاشقان را مذهب و ملت خداست.

غـور ڪري ڏسـجي تہ جنهن جـو دين و دنيـا، مـذهـب و ملت صرف خدا ئي هجي ان کي ڪنهن مخصوص ماڳ مـڪـان ۽ ريت رسم واري پابنديءَ جي ڪهڙي ضرورت آهي. اصل ۾ بنيادي ڳالهہ تہ حق لاءِ حُب واري آهي. جيـڪـڏهن حقيقي حُب ناهي تہ پوءِ بقول شـاهہ صاحب " ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوٺاءِ" - پر "جيڪـڏهن انسان جي اندر ۾ حق لاءِ حب آهي تہ پوءِ حـرڪت نہ آهي تہ ڪـهـڙي بہ ريت، ڪهڙي بہ نموني، يا ڪهڙي بہ زبان ۾، يا ڪهڙي بہ مـڪـان ۾، خدا جي بندگي ڪري سگهجي ٿي".[١٣]

صـوفي ان اصـول جـو قـائل هئڻ ڪري، زمـان ۽ مـڪـان جي پابندين کـان پري هوندو آهي، جنهن ڪري ئي ڪـيـس صـوفي لاڪوفي

چيو ويندو آهي. صوفيءَ جي چوڻ تہ دنيا ٿي ڏار هوندي آهي. "هو نڪي هندو هوندو آهي نہ ڪي مسلمان، نڪي مومن، نہ ڪي ڪافر. مسجد ۽ مندر، دئارو ۽ ديول صوفيءَ جي نظر ۾ هڪ آهن".(١٤)

هتي پنهنجو مقصد تصوف بابت ڪو تفيصلي بحث ڪرڻ ڪونهي. پر محض سرسري طور سمجهڻ لاءِ مٿين ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ ضروري هو. ورنہ حقيقت اها آهي تہ جهڙي طرح صوفي سڳورا جلالي ۽ جمالي واري حيثيت ۾ ورهايل رهيا آهن. ساڳي طرح تصوف بابت تحقيق ڪندڙ محققن جو پڻ پنهنجو پنهنجو اندازِ بيان پئي رهيو آهي. جيتوڻيڪ تصوف واري حوالي سان سڀني جو مرڪزي نقطو هڪڙوئي آهي پر هر ڪنهن جي سمجهڻ ۽ تشريح ڪرڻ جو ڏار ڏار طريقو آهي. جنهن جو واسطو مسلم ۽ غير مسلم واري ورهاست سان بنهہ ڪونهي. انڪري ڪن مسلم محققن جو اهو چوڻ صحيح نہ آهي تہ. "مسلم صوفي شاعرن جي ڪلام جي روحاني رمزن سمجهائڻ جو حق انهن مسلمانن محققن کي آهي جن تصوف جي ميدان ۾ رياضتون ڪيون ۽ ڪشالا ڪڍيا، جن رات ڏينهن پنهنجو آرام قنائي رب جي يادگيري ڪئي، جن دنيا ۾ ماسوا کي ترڪ ڪري پنهنجو من واحد جي وقف ڪيو، جن دورنگي ۽ دوئي کي ميٽي هيڪڙائيءَ جي واٽ ورتي".(١٥)

حقيقت اها آهي تہ هتان جو تصوف ڪنهن بہ مذهبي فرقي جو محتاج ناهي رهيو. هتي هندن ۽ مسلمانن جا مشترڪ مرشد ۽ اوتار پئي رهيا آهن. شاهہ، سچل ۽ سامي هڪ ئي لڙهيءَ جا مٺيادار موتي آهن جن کي سڀئي ماڻهو ساڳي عقيدت واري اک ۽ اندر واري اکير سان ڏسن ٿا. جتي حضرت شاهہ لطيف، صوفي شاهہ عنايت ۽ ٻين مسلمان بزرگن جا غير مسلم عقيدتمند آهن، اتي سامي چينراءِ، پير پٺو ۽ ٻين جا مسلمان معتقد پڻ نظر اچن ٿا. نہ رڳو ايترو پر سنڌ جي صوفيائي مٺيادار مٽيءَ جو اهو ڪمال آهي جو هتان جو صوفيائو رنگ، دين ڌرم وارين حد بندين ۽ فرقي بازين کان پاڪ پئي رهيو آهي، جنهن جو

نمايان مثال خواجہ محمد الزمان جي هينئين فرمان منجهان ملي ٿو. روايت آهي تہ هڪ پيري "هڪڙو هندو وٽن لڪ چوريءَ لنگهي آيو، ۽ وينتي ڪري چيائين تہ "قبلا هن بندي کي اسم اعظم جي هدايت ڪريو". حضرت جن هن کي هڪدم هدايت ڏني. جڏهن هو موڪلائڻ تي هو، تڏهن فرمايائونس تہ "ظاهر ظهور تون بيشڪ هندو ڌرم جي ڪريا ڪرم تي قائم رهندو اچ، پر باطن ۾ اسان جا توکي امانت عطا ڪئي آهي، سان حفاظت سان سانديندو اچج" اهي حرف ٻڌي، حافظ پنهوره نالي اصحاب اعتراض ڪيو تہ "قبلا، هي وري ڪهڙي قسم جي مسلماني آهي؟" حضرت جن ٻاجهہ پريون اکيون مٿي ڪئي فرمايو تہ "ميان مسلمانيءَ جي توکي ڪهڙي خبر؟"[١٦]

عدم اوتارون، نامرادي سمرو،
ڪفر ۽ اسلام کان لنگهي هوت لڌون،
ڇڏي خوف اميد کي، سڄڻ صحي لڌون.
رضا راج سَندون،مُورا مَگَن نہ ڪي ٻئو.

پير سعيد حسن ان جي شرح بيان ڪندي لکي ٿو: "عارف ڪامل جي منزل مقصود فقط الله تعاليٰ ئي آهي. انهن جو اوتارو ۽ مقام، عدم يعني نفس کي فنا ڪرڻ هوندو آهي ۽ انهيءَ سفر جو سامان نامرادي يعني ڪا بہ طلب نہ رکڻ آهي. هو بهشت ۽ دوزخ، ڪفر ۽ اسلام، جزا ۽ سزا، خوف ۽ اميد، طلب ۽ غير طلب، اهي سڀ ڳالهيون لنگهي الله تعاليٰ کي لهندا آهن. هو فقط الله تعاليٰ جي رضامندي چاهيندا آهن ۽ انهيءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ گهرندا آهن. صوفياءِ ڪرامن وٽ رضا جو مقام روحاني درجن ۾ سڀ کان اعليٰ مقام آهي".[١٧]

اهوئي خواجہ محمد الزمان جي زندگيءَ جومقصد هيو جنهن جي علمي طرح نہ رڳو پرچار ڪندا رهيا پر سندن ذاتي زندگي پڻ ان ڳالهہ جو عملي نمونو هئي.

## ڪتاب جو مددي مواد

ڊاڪٽر گربخشاڻي هن ڪتاب جي ديباچي ۾ لکي ٿو "پڙهندڙن کي معلوم هجي ته هيءُ ڪتاب فقط لفظي ترجمو نه آهي... ڪتابن مان ذخيرو گڏ ڪري، ان کي سلجائي سليس سنڌي عبارت ۾ آندو ويو آهي ۽ مقدمي وارو مضمون اڪثر منهنجي تصنيف آهي."[١٨]

هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته اهي ڪهڙا ڪتاب هئا. جيڪي سنڌس مددگار ثابت ٿيا ۽ اهي ڪيس ڪيئن حاصل ٿيا. ان سلسلي ۾ به پاڻ ئي لکي ٿو "شاهه عبداللطيف سان ڪيل ملاقات واري قصي کي ترجمو ڪرڻ بعد، "ڪم لٿو ڏکڻ وسريو". ڪتاب (مرغوب الاحباب) پاسيرو ڪري رکيم، چيم ته سانگي سان مالڪ کي موٽائي ڏيندس. هڪ ڏينهن اوچتو اچي خيال پيو ته سچوڪتاب اٿلائي ڏسان ته پيا ڪهڙا خزانه منجهس سمايل آهن. مطلع ڪرڻ سان معلوم ٿيو ته لواريءَ وارن بزرگن جون سوانح عمريون ٿي گوهرن جا گنجي نا آهن، جن جي شايع ڪرڻ سان سنڌ جو وايومنڊل ونهيو ٿي پوندو. جئن جئن ويس وڌيڪ غور ڪندو، تئن تئن اها نيت ويم وڌيڪ زور پوندي... پوءِ ته توڪل جو سندرو ٻڌي، وينس هيءُ ڪتاب لکڻ اگرچه 'مرغوب الاحباب' مان گهڻو ذخيرو مليو، ته به ڪيترين ڳالهين لاءِ ٻين حوالن ۽ سندن جي سخت ضرورت معلوم ٿي. پر پير سعيد حسن ۽ سندس معزز سوٽ پير حسن بخش اچي پورائي ڪئي. ڪيترائي قلمي نسخا، پارسي توڙي عربي، آڻي مون وٽ حاضر ڪيائون. جن مان دل گهري مدد ملي".[١٩]

اهي ڪتاب جن منجهان ڊاڪٽر صاحب کي هن ڪتاب لکڻ ۾ مدد ملي انهن جو تفصيل پاڻ هن ريت ڏنو اٿن.

(١) لطيفة التحقيق: جنهن ۾ لواريءَ وارن بزرگن جو حسب ۽ نسب بيان ڪيل آهي اُن جو مصنف سيد رفيق علي حسيني پشنگي هو... ڪتاب ١١٢٠ هجريءَ ۾ جوڙي تيار ڪيائين.

(٢) فردوس العارفين: هن جو خاص مضمون سلطان اولياءُ خواجہ محمد الزمان جي سوانح عمري آهي جنهن جو مصنف مير بلوچ خان ٽالپر هو... هي ڪتاب سنہ ١٢٠١هجري ۾ تيار ٿيو.

(٣) الجواهر البدائع: هن ۾ حضرت سلطان الاوليا، خواجہ محمدالزمان ۽ حضرت محبوب الصمد جا ڪي ملفوضات ۽ سندن بابت ڪي روايتون ڏنل آهن هن جو مصنف بلال آهي، هي ڪتاب سنہ ١٢٢١هجريءَ ۾ جڙي راس ٿيو.

(٤) مرغوب احباب: هن ۾ لواريءَ وارن بزرگن جون سوانح عمريون آهن. مصنف جو نالو نظر علي بلوچ آهي... هي ڪتاب سنہ ٢٦٢هجريءَ ۾ لکجي تيار ٿيو.

(٥) صفائل الضمائر: هن ۾ حضرت شاہ مدني جو ذڪر ڏنل آهي جنهن کي ان جي فرزند حضرت خواجہ محمد سعيد سنہ ١٣٠٣هجريءَ ۾ تصنيف ڪيو.

مٿي ذڪر ڪيل سمورا ڪتاب فارسيءَ ۾ هئا جن جو ذڪر ڪندي حضرت خواجہ احمدالزمان[٢٠] (جنهن لواريءَ جا لال ڪتاب جي مواد جي تصديق ڪئي هئي) هن ڪتاب جي تقريظ ۾ فرمايو اهي "حضرات اقطاب عظام لواريءَ جا حالات پاڪ ۽ سوانح عمريون ۽ ارشادات و هدايت جا سڀئي ڪتاب ۽ احوال پاڪ ۽ ڪلام مبارڪ حضرت خواجگان سلطان الاولياءُ صاحب، لواري صاحب جا سمورا ڪتاب بالاڪثر فارسي ۽ عربيءَ ۾ اڳوڻن عارفن جا تاليف ٿيل آهن جن مان فقط هڪ ڪتاب "صفائل الضمائر" فارسي مصنف حضرت امام الاولياءُ مڪي جو ڇپيل آهي، باقي سڀ ڪتاب مثلاً: "لطيفتہ التحقيق في نسب آل صديق" - "فتح الفضل" - "ڪلام حضرت سلطان اوليا"، "لذت الوصل، شرح فتح الفضل" ۽ "تحقيقات لواري" مصنف امام الاوليا، مڪي ۽ "فردوس العارفين" ۽ "جواهر بلالي" ۽ "مرغوب الاحباب" ۽ سوال و جواب خواجہ ابراهيم" وغيره مان ڪو بہ ڇپيل نہ آهي، اگرچہ اهڙن انوار بخش ڪتابن جو سنڌيءَ ۾ ترجمون ٿيڻ ۽ ڇپجي وڃڻ تمام ضروري ۽ سعادت ابدي آهي. جڏهن جڏهن مولي

هادي جي منشا پاڪ ٿيندي، تڏهن تڏهن خودبخود اهڙا سبب پيدا ٿيندا، جنهن جي ڪري مٿين ڪتابن مبارڪن جو ترجمو سنڌي ۽ ٻين قلمن ۾ ٿي ويندو، ڇاپي هيٺ به اچي ويندا."(٢١)

مٿي ذڪر ٿي آيو آهي ته ڪتاب لواريءَ جا لال جيئن جو تيئن ترجمو ڪونهي، پر گربخشاڻي صاحب طرفان لواريءَ وارن بزرگن جي حياتيءَ سڪيا بابت مٿي ذڪر ڪيل عربي ۽ فارسي ڪتابن جي ڳوڙهي اڀياس ڪان پوءِ، تخليقي انداز ۾ لکيو ويو آهي ۽ اها ان وقت واري دوري ۾ وڏي ڪارگر ڳالهه هئي." اهڙي صورتحال جنهن ۾ سنڌيءَ ۾ ڪو مواد نه هجي. اتي گربخشاڻي صاحب پاران تاليف ڪيل هن ڪتاب جي اهميت جو ان ڳالهه منجهان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ان ڪتاب جي ڇپجڻ ڪان اڳ ئي اينتري شهرت ٿي، جو ماڻهن اڳواٽ بڪنگ پئي ڪرائي. ان صورتحال جو ذڪر ڪندي پير سعيد حسن لکي ٿو:
"جڏهن لواريءَ جا لال ڇپيو تڏهن ڊاڪٽر (گربخشاڻي) صاحب ڏٺو ته جملي ڇپيل تعداد ڪان بڪنگ جو انگ گهٽو وڌيڪ ٿي ويو. انهيءَ ڪري جن گهٽيون ڪاپيون بڪ ڪرايون هيون انهن کي گهٽ ڪتاب ڏنا ٻيا. منهنجي ڄاڻ موجب هن وقت تائين ٻيو ڪو به اهڙو سنڌيءَ ۾ ڪتاب ڪونه ڇپيو آهي جنهن جون سڀ ڪاپيون ڇپجڻ ڪان اڳيئي وڪامي چڪيون هجن." (٢٢)

هن ڪتاب جو هڪ (ٻيو) ناقص ڇاپو انتظاميه جماعت درگاهه لواري شريف پاران ١٩٧٤ع ۾ شايع ڪيو ويو پر انتظاميه جي مخصوص مفادن سبب ان ڪتاب جي پهرين (اصل) ڇاپي ۾ آيل ڪجهه سٽون خارج ڪيون ويون. جنهن ڪري اصل حقيقت پڙهندڙن اڳيان آڻڻ لاءِ لواري شريف ادبي ڪميٽي پاران ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري ڇاپي جو عڪسي ڇاپو ١٩٨٧ع ۾ ٽئين ڇاپي طور شايع ڪيو ويو. ١٩٧٣ع ۾ شايع ٿيل ٻئي ڇاپي جو ١٩٧٥ع ۾ "اولياءَ لواري شريف" عنوان سان پروفيسر عبدالڪريم ٽالپر پاران ترجمو ڪيل اردو ڇاپو ٻڻ شايع ٿي چڪو آهي.

اهڙي اهم ڪتاب لاءِ موجوده دور ۾ اهو چوڻ تہ "اهو هڪ گمراه ڪندڙ ڪتاب آهي."(٢٣) ڏاڍي افسوس وارو عمل آهي. جنهن ۾ سنڌ جي مخصوص سيڪيولر ۽ رواداريءَ ڀريي صوفياڻي فڪر کي متنازع ظاهر ڪرڻ واري ڪوشش ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نظر ڪونہ ٿو اچي. ورنہ سنڌ جي صوفين جو فڪر ڪنهن بہ طرح اسلام جي بنيادي اصولن خلاف ناهي. ان سلسلي ۾ پير سعيد حسن ابيات سنڌيءَ جي اردو ڇاپي جو پيش لفظ لکندي، ظاهر ڪيو آهي تہ "عام تصوف جي اصطلاح جي ناواقفيت سبب ڪي ماڻهو صوفي بزرگن جي تلقين کي اسلام جي احڪامن موجب نہ سمجهندا آهن ۽ وري جڏهن حضور صلعم، صحابہ ڪرام ۽ اولياءِ ڪرام جي زندگين ڏانهن نظر ڊوڙائيندا آهن تہ انهن سڀني ٻين ماڻهن وانگر دنياوي زندگي گذاري هئي يعني شادي ڪيائون، اولاد پيدا ڪيائون ۽ گهر هلايائون ۽ روزگار جي ذريعي لاءِ ڌنڌو ڪيائون. تڏهن ڪن ماڻهن کي خيال ايندو آهي تہ شايد بزرگن جي ڪهڻي سندن رهڻي مطابق نہ هئي، مگر جيڪي صوفي اصطلاح کان واقف آهن ۽ ڪلام کي انهيءَ صحيح معنيٰ ۾ وٺندا آهن تہ انهن کي اولياءِ ڪرام، جي رَهڻي ۽ ڪهڻي ۾ ڪو بہ تضاد نظر نہ ايندو آهي".(٢٤)

مٿي ذڪر ڪيل صورتحال، ڪائي اڄ جي پيدا ڪيل ڪينهي پر اهڙي قسم جا مختلف خيال، رجحان ۽ لاڙا قديم دور کان هلندا پيا اچن، جن کي نظر ۾ رکندي خواجہ محمد الزمان هڪ پيري عقيدتمندن کي تلقين ڪندي فرمايو هو: "اسان جي طريقت موجب هٿ ڪم ۾ رڌل هجي ۽ دل يار سان".(٢٥)

## ڪتاب ۾ ڪي ڪمزوريون:

هن ڪتاب جون جتي ڪيتريون ئي خوبيون بيان ڪري سگهجن ٿيون، اتي ڪن جاين تي ڪتاب اندر ڪي ڪمزوريون بہ نظر اچن ٿيون ۽ انهن جي رهجي وڃڻ جو بنيادي ڪارڻ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو تحقيقي بنيادن ڏانهن بي ڌياناڻي هئڻ وارو سبب ئي

ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ جن ڪتابن تان ڊاڪٽر صاحب هي ڪتاب تيار ڪرڻ جي سلسلي ۾ مدد ورتي هئي. اهي سڀ جو سڀ خواجہ محمد الزمان جن جي معتقدن ۽ خاص الخاص مريدن جا لکيل هئا. اها تہ هڪڙي واضح حقيقت آهي تہ جتي عقيدتمنديءَ وارو سوال سامهون هوندو آهي. اتي تحقيق ۽ تنقيد وارا اصول اورانگهجي ويندا آهن. ان ڪري اها ڳالهہ جيڪڏهن خواجہ صاحب جي معتقدن ڪئي بہ هئي تہ ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب بحيثيت محقق جي هر معاملي جي تحقيق واري نظر سان ڇنڊڇاڻ ڪري ها تہ هي مواد وڏيڪ مستند ۽ جامع سمجهيو وڃي ها. مثال طور: ڪتاب جي ص ٦٣ تي لکيو ويو آهي تہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو خواجہ محمد الزمان جي مرشد خواجہ ابوالمساڪين جي گلا ڪئي. سو خواجہ صاحب کي هڪ محلي ۾ اڪيلو ملي ويو. "مرشد جي ملامت ۽ گلا ڪائڻ سني نہ ٿي. سو رستي تان هڪ هڏو اٿ جو کڻي. مولويءَ جي مُنهن ۾ ڦهڪائي هنيائون ۽ بہ چار لتون هڻي چيائيونس تہ "اهي اڪر موناڻي وٽ".[٢٦]

مٿيون واقعو بقول مولانا دين محمد وفائي در حقيقت ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پاران مواد جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ واري حوالي سان بي ڌيانائيءَ سبب لکجي ويو آهي. جنهن لاءِ مولانا جي لکت موجب "ڊاڪٽر گربخشاڻي معذرت پيش ڪئي... تہ هن کي (مواد لکڻ وقت) اها قطعي خبر نہ هئي تہ ان (لکت واري) محمد هاشم مان مراد ڪو مشهور مخدوم علامہ محمد هاشم ٺٽوي آهي".[٢٧] مٿين ڳالهہ جي تصديق طور مولانا دين محمد لکي ٿو "ڊاڪٽر گربخشاڻي مون سان روبرو بيان ڪيو تہ جنهن ڪتاب تان مان اهو نقل ۽ ترجمو ورتو آهي ان ۾ تہ مرڪوئي لفظ ملا هاشم لکيل هو جنهن مان گمان ئي نہ ڪري سگهيس تہ ڪو اهو ڪو حضرت مولانا مخدوم محمد هاشم ٺٽوي تمام گهڻن ڪتابن جو مصنف آهي".[٢٨]

مٿي ذڪر ڪيل معاملي ۾ نہ رڳو اها ڳالهہ تہ ڊاڪٽر گربخشاڻي کان تحقيق دوران سَهوَ ٿي ويئي پر جنهن بہ صاحب اهڙو واقعو خواجہ محمد الزمان جهڙي بلند پايہ بزرگ ۽ درويش صفت

انسان لاءِ بيان ڪيو آهي ان پنهنجي اهڙي عمل سان خواجہ محمد الزمان جي عظمت ۾ ڪوئي اضافو تہ ڪونہ ڪيو آهي بلڪ اهي تہ اهڙيون ڳالهيون آهن جن سان ڪنهن حقيقي ۽ سچي صوفي درويش جو پري ڪان بہ پالو نہ هوندو آهي. نظر ائين اچي ٿو تہ معروضي حالتن موجب بہ مٿي ذڪر ڪيل واقعي جي صحت ڪمزور آهي. ڇو ڪاڻ تہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جهڙي عالم (جنهن جو نالو هنڌين ماڳين مشهور هجي) مٿان اهڙي ريت حملو ٿيو هجي ۽ اهو واقعو زبان زدِ عام نہ ٿيو هجي. ان وقت بہ ٺٽو ڪو ايڏو وڏو گوناگون شهر بہ ڪونہ هيو جنهن ۾ ايڏو وڏو واقعو ظاهر نہ ٿي سگهي.

اهي ۽ اهڙي قسم جون ڪجهہ ٻيون ڳالهيون عقيدي سبب اهڙي تہ انداز ۾ بيان ڪيون ويون آهن جو اهي هن ڪتاب جي مرڪزي شخصيت خواجہ محمد الزمان جن جي بزرگانہ عمل ۽ ڪردار واري اثر کي موراڳو متاثر ڪرڻ جو سبب بڻجن ٿيون.

## حوالہ ۽ حاشيا

١- پير سعيد حسن: يادگيريون. ٽہ ماهي رچنا ڪلڪتو انڪ ٢٠ آڪٽوبر- ڊسمبر ١٩٨٣ع. ص ـ ١١.
٢- ايضاً - ص - ١٠.
٣- ايضاً - ص - ١٠.
۴- گربخشاڻي. هوتچند مولچند ڊاڪٽر: شاهہ جي حياتيءَ تي نئين روشني. ماهوار سنڌو ميان جو ڳوٺ آڪٽوبر ١٩٣٣ع.
۵- گربخشاڻي. هوتچند مولچند ڊاڪٽر: "شاه جو هڪ هم عصر شاعر خواجہ محمد الزمان لواري" ماهوار سنڌو. ميان جو ڳوٺ. جنوري ١٩٣۴ع.
٦- گربخشاڻي. هوتچند مولچند. ڊاڪٽر: "لواريءَ جا لال" ڇاپو ٻيون. لواري شريف: لواري ادبي ڪميٽي ١٩٨٧ع. ص - ٢۵.
٧- ايضاً. ص - ٽ.
٨- ڊاڪٽر گربخشاڻي کي سنڌس زندگيءَ ۾ ان ڪم کي اڳتي وڌائڻ جو موقعو ملي ڪين سگهيو. پر ان سلسلي ۾ بعد ۾ ٻيل هيٺيون ڪم قابل ذڪر آهي.
(الف) پير سعيد حسن جو "ديوان سعيد" جيڪو حضرت خواجہ محمد سعيد قدس سره جن جي فارسي غزلن جو مجموعو آهي. جنهن جي تمهيد لکندي پير

صاحب. خواجہ محمد سعيد بابت معلومات پيش ڪئي آهي. هي ڪتاب ١٩٦٥ع ۾ شايع ٿيو.

(ب) محمد پناهہ ڦرڙي جو تيار ڪيل "لواري جا لال" حصو پيو: هن ڪتاب ۾ لواري وارن باقي ٻين بزرگن جو تذڪرو آيل آهي. جنهن ۾ خواجہ محمد سعيد سرفهرست آهي. هي ڪتاب ١٩٨٢ع ۾ شايع ٿيو.

(پ) عبدالرحمان نقاش ۽ آسو مل چاندوائي جو تيار ڪيل "ڏکڻ ڏٺو چنڊ" هي ڪتاب ٻن لواري جا لال ڪتاب ۾ آيل بزرگن کان سواءِ باقي ٻين بزرگن جو تذڪرو آهي. جنهن ۾ خواجہ محمد سعيد جو ذڪر سرفهرست آهي. هي ڪتاب وڏيڪ جامع ۽ مستند آهي. جيڪو لواري ادبي ڪميٽي پاران ١٩٨٩ع ۾ شايع ٿيو.

٩- گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر: لواري جا لال، ايضاً، ص - ٿ.

ڊاڪٽر گربخشاڻي واري ان راءِ جي حيثيت، اهميت ۽ افاديت جو اندازو هيٺين مثال منجهان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو. سائين غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب کان روايت آهي تہ ٢٠-٢٥ سال اڳ هارورڊ يونيورسٽيءَ جو ريڪٽر علمي دوري تي سنڌ ۾ آيو هيو. سائنس سنڌس ليڊي بہ گڏ هئي. انهن کي سنڌ يونيورسٽيءَ پاران ڊاڪٽر نبي بخش قاضي ۽ قاسمي صاحب مهمانن جي خواهش تي ڪين پير جهنڊي جي علمي لائبريري ڏيکارڻ ويا هئا. اتي پير محب الله شاهہ "جڏهن ڊاڪٽر موصوف کي مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جو ڪتاب عربي ۾ فتح الفضل ڏيکاريو تہ موصوف ان جي مطالعي ۾ اهڙو محو ٿي ويو جو همہ تن ٿي ان جو مطالعو ڪندو رهيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ليڊي صاحبہ کي بہ ان جي مطلب کان واقف ڪندو رهيو. مان جڏهن تہ سنڌ يونيورسٽي ۾ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق پي- ايچ - ڊي لاءِ گائيڊ هوس ان ڪري مون کي ۽ ڊاڪٽر قاضي صاحب کي فتح الفضل ڪتاب جي تعريف ڪندي فرمايو تہ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو عربي، پارسي جو مستعد شاگرد هجي تہ اسان ان کي هارورڊ يونيورسٽيءَ لاءِ اسڪالرشپ ڏيون تہ هو اتي اچي فتح الفضل ڪتاب تي ريسرچ ڪري". (فتح الفضل سنڌي ترجمو ص - ١١)

مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب سلطان اولياءِ خواجہ محمد الزمان جن جي ملفوظات تي مشتمل آهي، جنهن کي مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي عربيءَ ۾ آندو. هو ۽ ان جو فارسي ترجمو خواجہ محمد لواريءَ واري "الوردالمحمديہ" عنوان سان ڪيو هيو. جنهن کي ١٩٨٨ع مٿين ٻنهي ڪتابن کي سامهون رکي ساڳي نالي فتح الفضل سان علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب سنڌي ٻوليءَ ۾ آندو آهي.

١٠- دائودپوٽو، عمر بن محمد. ڊاڪٽر: ابيات سنڌي. ڇاپو پهريون. ڪراچي، ايڊيوڪيشنل پبلشنگ هائوس، ١٩٣٩ع، ص – و.
١١- پير، سعيد حسن: يادگيريون. ٽه ماهي رچنا. ڪلڪتو، انڪ ٢٠ آڪٽوبر-ڊسمبر ١٩٨٣ع، ص – ١٢.
١٢- گربخشاڻي، هوتچند مولچند ڊاڪٽر: مقدمه لطيفي. ڇاپو ٽيون. حيدرآباد: سنڌي ڪتاب گهر. ١٩٥٠ع. ص – ٦٣.
١٣- ايضاً. ص- ٥٩.
١٤- ايضاً. ص – ٦٠.
١٥- دائودپوٽو. ايضاً. ص – و.
١٦- گربخشاڻي، هوتچند مولچند ڊاڪٽر: لواريءَ جا لال.ڇاپو ٽيون. لواري شريف: لواري ادبي اڪيڊمي،١٩٨٧ع. ص – ١٠٣.
١٧- پير سعيد حسن: ابيات سنڌي. بار اول. ڪراچي. انجمن پريس ١٩٨١ع. ص ١٠٦.
١٨- گربخشاڻي. هوتچند مولچند ڊاڪٽر: لواريءَ جا لال. ايضاً. ص – ٽ.
١٩- ايضاً. ص – ٿ.
٢٠- خواجہ احمد الزمان جن جو شرف ملاقات پير علي محمد شاهہ راشديءَ کي نصيب ٿيو هو. اهو پنهنجا تاثرات قلمبند ڪندي لکي ٿو: "سائين احمد الزمان رحمة الله جي شخصيت بلڪل نياري هئي. پنهنجي دور جي وڏن عالمائن ۽ علامن کان مناهين مقام جو مالڪ هو... اڌ ڪلاڪ جي گفتگو بعد بلڪل واضح ٿي ويو تہ علم ۽ روحانيت جو هڪ پريل ۽ ڍڪيل مَٽُ آهي". اهي ڏينهن اهي شينهن. حصو ٢-١٩٩٣ع. ص – ٤٦٨-٤٧٠.
٢١- اچ تائين "لطيفت التحقيق في نسب آل صديق" ڪتاب لطيف التحقيق عنوان سان ١٩٥٠ع واري ڏهاڪي ۾. "سوال و جواب خواجہ محمد ابراهيم". مقولات تصوف عنوان سان ١٩٧٢ع ۾ عبدالڪريم ٽالپر جي سنڌي ترجمي سان- مرغوب الاحباب" جواهر بدايع ۽ رسالہ ابراهيم جو گڏيل اختصار "آئينہ اولياء" عنوان سان. پير ميان فيض محمد ۽ محمد ابراهيم عباسيءَ جي ترجمي ۽ عبدالڪريم ٽالپر جي تصحيح سان ١٩٧٤ع ۾ شايع ٿيو. فتح الفضل ۽ ان جي فارسي ترجمي الوردالمحمدي کي سامهون رکي علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ جو سنڌيءَ ۾ تيار ڪيل "فتح الفضل" ١٩٨٨ع ۾- صقائل الضمائر جو سنڌي ترجمو "پاتيو تن ملير" عبدالرحمان نقاش ۽ عبدالرشيد

صابر جو ترجمو ١٩٩٦ع ۾. جڏهن تہ ساڳي ڪتاب جو محمد آدم اسحاقانيءَ جو اردو ترجمو ڪيل ١٩٨٨ع ۾ پڌرو ٿي چڪو آهي.
٢٢- پير، سعيد حسن، يادگيريون، تہ ماهي رچنا، ڪلڪتو، انڪ ٢٠ آڪٽوبر- ڊسمبر ١٩٨٣ع، ص - ١٢.
٢٣- خالد، ڪريم بخش؛ صوفين صاف ڪئو، ماهوار پيغام، ڪراچي، سيپٽمبر- آڪٽوبر ١٩٨٢ع.
٢٤- پير سعيد حسن: ابيات سنڌي، بار اول ڪراچي: انجمن پريس ١٩٨١ع. ص-٨٦.
٢٥- گربخشاڻي، هوتچند مولچند ڈاڪٽر؛ لواريءَ جا لال، ڇاپو ٽيون، لواري شريف؛ لواري ادبي اڪيڊمي، ١٩٨٧ع، ص - ٨٧.
٢٦- گربخشاڻي، هوتچند مولچند ڈاڪٽر؛ لواريءَ جا لال، ڇاپو ٽيون، لواري شريف؛ لواري ادبي اڪيڊمي، ١٩٨٧ع، ص- ٦٣.
٢٧- وفائي، دين محمد مولانا؛ تنقيدات؛ لواريءَ جا لال، ماهوار توحيد ڪراچي، جولاءِ ١٩٣٤ع، ص - ٢٨.
٢٨- ايضاً.

هي ڪتاب شيخ طارق اشرف ڪمپوزر ڪيو ۽ سنڌ يونيورسٽي پريس حيدرآباد ۾ ڇپيو.



سنڌي شعبي جون شاگرديائيون مڪليءَ جي دوري تي



سنڌي شعبي جا استاد ۽ شاگرد پروفيسر سحر امداد، شازيہ
ميمڻ، ڊاڪٽر هدايت پريم، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو، ڊاڪٽر
عابد لغاري، مهتاب آخوند ۽ نظير عباسي



سنڌي شعبي جو چيئرمين ڊاڪٽر هدايت پريم، گورنر سنڌ
محمد ميان سومرو کان سچل ايوارڊ وٺندي